



گوبند مالهي ـ پشپا مالهي جنم اُتسو تي ▲

ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ جو سنڪار ڪندي
گوبند مالهي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي ▼



سِنڌو جوتِ

(سِنڌي آڪادمي، دهليءَ جو ٽِماهي رِسالو)

سرپرست

شري سُريش ڪيسواڻي

(ميمبر پارليامينٽ، راجيہ سڀا،

وائيس چيئرمن، سنڌي اَڪادمي، دهلي)

سمپادڪ

لڇمڻ ڀاٽيا ”ڪومل“

سمپادڪ منڊل

ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي، شري هيرو ٺڪُر

ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي



سِنڌي آڪادمي، دهلي

مالھيءَ جي زندگيءَ ۾ ھُن بابت ڪجھ رچنائون

مالھيءَ جون ڪجھ چونڊ رچنائون

پسيو آسڻ اُن جا - اَچي نہ آرام

موت، زندگيءَ جو سچ بہ آهي تہ شُهائپ پڻ. پر پوءِ بہ پنهنجن پريتوانن جي وڇوڙي تي وشواس ڪرڻ تي منُ نٿو وري. خاص ڪري وڇوڙو هڪ اهڙي اديب جو، جنهن تي ادب کي ناز هجي ۽ هڪ اهڙي دوست جو، جنهن تي دوستيءَ کي ناز هجي.

گوبند مالهي، جنهن ڪڏهن بہ ادب ۾ چاهي دوستيءَ ۾، ڪي درجا مقرر نہ ڪيا، اَسان لاءِ اديب وڏيڪ هئو يا دل گهريو دوست وڌيڪ هئو. اِن جو جواب تلاش ڪرڻ لاءِ اَسان کي هُن جو رچيل ساهتيہ ورائي پڙهڻ سان گڏوگڏ هن سان گڏ گذاريل گهڙيُن ۽ ماڻيل صحبتن جي رل مل احساس سان گڏوگڏ هلڻو آهي.

نظرين ۽ سوچ جي سطح تي مارڪسواد ۾ تصوف جي تلاش يا تصوف ۾ مارڪسواد جي تلاش جي باوجود، گوبند مالهي ان ٻانڌاپي مان ظاهري طور مطمعن هئڻ جو پاڻ وٽ پلي پرم پاليندو رهيو هجي، پر باطني طور پنهنجيءَ قوم سان مڪمل واسطيداري، ان جو دک - سک، ان جا مسئلا ۽ مجبوريون، ان جون خوبيون-خاميون ۽ ان جون نيڪيون-بديون، مالهيءَ لاءِ مارڪسواد جي محور ۽ تصوف پرستيءَ جي پنڪين کان اوليت ۽ اهميت حاصل ڪنديون رهيون. ادب ۾ نظريا هوندا بہ آهن، نہ

دهليءَ جي اهڙي هڪ ڪچهريءَ ۾ شامل سيمي دوستن زوردار نهڪ ڏنا، جڏهن ماليءَ ٿي پيگ پيئڻ کان پوءِ معصوميت سان اِها دعويٰ ڪئي : ”نوجوان ڪي خبر آهي ته سنڌي ساهتيه ۾ مان هڪ ’جلاد نقاد‘ جي نالي سان سڃاتو ويندو آهيان.“

۽ اسان جو هيءُ ’جلاد نقاد‘ موت جهڙي جلاد جي ور چڙهي ويو ۽ اسين ڏسندا ئي رهجي وياسين!

ساهت سرجڻ جي سلسلي ۾، ناسازگار ماحول هئڻ جي شڪايت ڪا نئين نه آهي – اديب ۽ ڪلاڪار کي سدائين ناقدري ۽ بي-رُخيءَ سان مُنهان-منهن ٿيڻو پئي پيو آهي. ڪنهن به دؤر ۾ ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن کي گُلن جي سيج نصيب نه ٿي آهي. پر اڄ اسان آڏو جيڪي مسئلا ۽ مشڪلاتون آهن، اُنهن جو نوعيت ۽ اهميت بنهه الڳ آهي، نه رڳو لکندڙ پر اسان جو سڄو ساهتيه ۽ قوم هڪ اجاتي خوف ۽ خطري سان منهن مقابل آهي.

گوبند ماليءَ پنهنجيءَ پنجن پائن ۾ قطليل ’آتم ڪٿا‘ ۾ اسان کي نه رڳو اهو احساس ڏياريو آهي، پر انهن مسئلن کي منهن ڏيڻ جي عملي واٽ پڻ ڏيکاري آهي ۽ اِها عملي واٽ ڏيکاريندي هن ڪجهه به ’لڪايو‘ نه پر سڀ ڪجهه ’پڌايو‘ آهي.

گوبند ماليءَ جي ياد ۾ هيءُ پرچو شايع ڪندي اسين اهڙن روايتي عملن کان پرهيز ڪري رهيا آهيون ته سنڌو جوت جو هي پرچو ڏاڍيءَ ڏُکي دل سان شايع ڪري رهيا آهيون، ۽ ماليءَ جو وڇوڙو اسان جي ادب ۽ ادبي برادريءَ لاءِ هڪ اهڙو الميو آهي، جنهن مان اسين عرصي تائين آجا نه ٿي سگهنداسين، ۽ نه ئي اهو اُپديشي رُخ اختيار ڪنداسين – ’جيڪا مالڪ جي مرضي!‘ پر ان حقيقت کان اِنڪار به نه ڪنداسين ته گوبند مالهي جسماني طور ڀلي اڄ اسان جي وچ ۾ نه آهي، پر ذهني

۽ روحاني طور اسان جي ساهتڪ ۽ سنڌيت جي سفر ۾ اسان سان
گڏ آهي ۽ گڏ رهندو.

ظاهري طور، اسان اڳيان اڄ گوبند مالهيءَ جون اکيون
پلي بند ٿي ويون آهن، هن جو لکڻ وارو هٿ پلي بيهجي ويو
آهي، پر اسين هن سان اِهو اقرار ٿا ڪريون تہ ”مالهي جڏهن
تنهنجيون اِهي پوتيل اکيون کلنديون، تہ تنهنجي نئين گهر ۾
تنهنجا همسفر تنهنجيءَ پرِ ۾ تو سان گڏ بيٺل هوندا ۽ انهن
وٽ ’ءِ بس‘ نہ هوندي.


لڇمڻ ڪومل

مان پتر

[سنڌي اڪادمي، دهليءَ جي اوارڊ ڪميٽيءَ جي چيئرپرسن شريمتي رڪمڻي ڪيسواڻيءَ طرفان، گوبند مالهيءَ جي اوارڊ سنمان جي موقعي تي پيش ڪيل.]

اڄ جي جلسي جا مکيہ مهمان، مانئور شري گوبند مالهي، جلسي جا سڀاپتي - سنڌي اڪادميءَ جا نائب صدر مانئور شري سريش ڪيسواڻي صاحب ۽ هن جلسي ۾ حاضر پيارا سڄڻو —

اڄ اسان لاءِ تمام گهڻي خوشي ۽ فخر جو موقعو آهي، جو اسان جي وچ ۾ هڪ اهڙي شخصيت موجود آهي، جنهن سنڌي



سنڌي اڪادمي، دهليءَ جو اوارڊ وٺندي - گوبند مالهي

ساهت، سنڌي سنگيت ۽ سنڌيت جي هلچل ۾ گذريل ست سالن
ان پنهنجيون گهڻيون شيوائون پٺي پيش ڪيون آهن. سنڌي
ڪادمي، دهليءَ طرفان، اڄ اسان جي مانائتي مهان ساهتڪار
شري گوبند مالهيءَ جو، سنمان ڪرڻ لاءِ، ”سچي حياتيءَ جي
خدمتن لاءِ“ آوارڊ سان ڪين نوازيو ويو آهي. اسين سڀ جن منهنج
تي سنڌن دلي سواڳت ڪريون ٿا ۽ هنن کي ۵۱۰۰۰ روپين جو
آوارڊ ڏيئي ڪين سنمانت ڪيون ٿا.

انعامن اڪرارن سان ڪنهنجي به شخصيت جو رُتبو ڪٿي
نٿو سگهجي، پر جڏهن اهڙين هستين جو سنڌن جاتي جي مانڻن
يا سنستائن پاران سنمان ٿئي ٿو تڏهن سچ پچ سنڌن مان ۽
مرتبو مٿاهون ٿئي ٿو.

شري گوبند مالهيءَ کي اڄ سنڌن سنڌي ساهتيہ، سنگيت ۽
سنڌيت جي واڌاري لاءِ ڪيل شيوائن کي مدنظر رکندي، ڪين
سچي حياتي جي خدمتن واري انعام سان نوازيو ويندو. اهو
انعام سچ پچ ته سنڌن لاءِ تيچ آهي، ڇاڪاڻ ته هنن سنڌيت جي
وڌاري لاءِ جيڪي شيوائون ڪيون آهن اُنهن جي قيمت ڪٿي نه
ٿي سگهجي. شري گوبند مالهي اهو سنڌي ليکڪ آهي، جنهن
ملڪ جي آزاديءَ کان اڳ، پنهنجي جوانيءَ جي دور ۾، سنڌي
ساهتيہ ۾ نئين ڌارائن جي دور جي شروعات ڪئي. هنن سنہ
۱۹۴۲ کان ان ترقي پسند ڌارا جي شروعات ڪئي جيڪا ان وقت
نئي لهر ٻڌجي آئي هئي.

مالهي صاحب ڪراچيءَ ۾ سنڌي ساهتيہ منڊل برپا ڪري
ان وقت جي نوجوان سنڌي ليکڪن کي هڪڙي پليٽ فارم تي
گڏ ڪيو ۽ ان ساهتڪ تحريڪ اڳتي هلي سنڌيءَ ۾ نامور ساهتڪار
پيدا ڪيا. ان جو سچو جس شري گوبند مالهيءَ کي ملي ٿو.

آزاديءَ کان پوءِ، ڀارت ۾ اچي، اوهان مشهور ساهتڪار
شري منگهارام ملڪاڻيءَ سان گڏجي، بمبئيءَ ۾ سنڌي ساهتيہ
منڊل برپا ڪري، سنڌي ادبي ڪلاس شروع ڪيا جتي سنڌيءَ ج
سڀ ساهتيڪار هر هفتي گڏجي پنهنجيون رچنائون پيش ڪندا
هئا ۽ ساهتڪ بحث ۽ خيالن جي ڏي-وٺ پڻ ڪندا هئا.

شري گوبند مالهي هند-سنڌ جو هڪ اهڙو ليکڪ آهي جنهن سنڌيءَ ۾ گهڻي ۾ گهڻا ناول لکيا آهن. اِن ڪري سنڌي ساهتيڪارن جن کي 'ناول سمراٽ' جو خطاب ڏنو آهي. هنن جا ناول ورهاڱي جي درد جا اهڙا داستان آهن جيڪي اڄ به پڙهندڙن جي دلين کي گهرائيءَ سان ڇهن ٿا. سندن هڪ ناولُ 'پيار جي پياس' لاءِ کين ساهتيه اڪادميءَ طرفان اوارڊ سان نوازيو ويو آهي. اِن کانسواءِ گوبند مالهيءَ کي ٻين به ڪيترن ئي اوارڊن سان سنمانت ڪيو ويو آهي، جن هن جو سيني ساهتيڪارن ۾ مانُ مٿي ڪيو آهي. سنڌي ساهتيه ۾ شري گوبند مالهيءَ جو درجو ۽ رتبو اهڙو رهيو آهي جيڪو اڄ تائين سنڌيءَ جو ڪو به ساهتيڪار حاصل نه ڪري سگهيو آهي.

ساهتيه کان سواءِ سنڌي سنگيت جي ڦهلاءُ ۾ پڻ شري گوبند مالهيءَ جو تمام گهڻو يوگدان آهي. چاليهه سال اڳ هنن ڪلاڪار منڊل برپا ڪيو، جنهن جا روح روان سنڌي سنگيت جي ڪوئل ڀڳونتي ناواڻي ۽ شري مالهي هئا. انهن ٻنهي سنگيتڪارن گڏجي پنهنجي سنگيتڪار ساٿين سان ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سنڌي سنگيت جو ڦهلاءُ ڪيو. هوُ اهڙن ڳوٺن ۾ به ويا جتي رڳو 60-50 سنڌي گهر هئا. هندستان کان سواءِ هنن دنيا جي ٻين ملڪن، جيئن ته سينگاپور، هانگ ڪانگ، دبئي، يورپ، آمريڪا ۽ ٻين گهڻن ئي ملڪن جو دورو ڪري سنڌي سنگيت جو ڦهلاءُ ڪيو. هن ڏس ۾ شري مالهيءَ جون سيوائون نه وسرنديون.

ساهتيه ۽ سنگيت کان سواءِ سنڌي ناٽڪ جي ترقي ۾ به پڻ مالهي صاحب جو يوگدان آهي. هنن جا ڪيترا ناٽڪ هندستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ تمام ڪاميابيءَ سان پيش ٿيا آهن. شري مالهي هڪ اهڙو ٻهڀڃڻو ڪلاڪار آهي، جيڪو هڪ ئي وقت ساهتيه ڪار، سنگيت ڪار، ناٽڪ نويس ۽ سنڌيت جي هلچل جو روح روان رهيو آهي. اوهان ويهه سال اکل ڀارت سنڌي ساهتيه سڀا جا پريزيڊنٽ رهيا ۽ هن سڀا طرفان اکل چاليهه ساهتڪ سمِلن ۽ سيمينار آيوجت ٿيا آهن ۽ سڄي هندستان ۾ ساهتڪارن ۽ سنگيتڪارن جون گڏ جاڻيون ٿيون آهن.

انهن سيني خدمتن کان سواءِ شري مالهيءَ سنڌي ٻوليءَ ”سنڌوءَ جي ڪناري“ نالي هڪ ڪامياب فلم پڻ تيار ڪئي آهي جنهن جي پروڊڪشن، هدايتڪاري، ڪهاڻي رچنا شري مالهيءَ اڪيلي سر ڪئي آهي. انهيءَ فلم ذريعي اوهان سنڌيت جو جيڪو پيغام پهچايو، ان کي سڄي سنڌ ۽ هند ۾ تمام گهڻي عزت ۽ شرڌا جي نگاهه سان ڏٺو ۽ قبول ڪيو ويو آهي.

هن وقت شري مالهي زندگيءَ جي اهڙي مقام تي پهتل آهي جتي پنهنجي جاتيءَ لاءِ ساهتڪ ۽ ٻين شيوائن جو جيڪڏهن تفصيلوار ذڪر ڪجي ته هڪ وڏو داستان ٿي ويندو! ان ڪري انهن جو ذڪر هتي رڳو مختصر ۾ ئي ڪيو ٿو وڃي.

هڪ ٻي ڳالهه، مان اوهان کي اها ٻڌائڻ ٿي چاهيان ته شري مالهيءَ پنهنجي پاڻ ۾ پنهنجي آتم ڪٿا لکي آهي جنهن ۾ هنن پنهنجي سڄي زندگيءَ جا آزمودا ۽ تجربا قلم بند ڪيا آهن. مان اوهان سيني کي وينتي ٿي ڪريان ته اوهان شري مالهيءَ جي شخصي ۽ ساهتڪ زندگيءَ بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ اها آتم ڪٿا ضرور پڙهندا.

هيءُ خطبو پورو ڪرڻ کان اڳ مان هڪ دفعو وري ورجائيندس ته اسان سيني لاءِ اڄ جي هيءَ شام هڪ يادگار شام ٿي رهندي. اسان لاءِ اها تمام فخر ۽ خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو شري گوبند مالهي جهڙي مهان شخصيت اسان جي وچ ۾ آهي ۽ اسان کي سندن سنمان ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو آهي.

مان اڪادميءَ جي وائيس چيئرمن شري سريش ڪيسواڻي کي وينتي ٿي ڪريان ته هُو منچ تي اچن ۽ شري گوبند مالهيءَ کي سندن سڄي حياتيءَ جي خدمتن جي اوارڊ طور ايڪونجاهه هزار رپين جي ٿوڙي ڏين ۽ ڪين شال پهرائي ۽ ڪين سنڌي اڪادمي، دهليءَ طرفان سنمان جي مومينٽو ڏئي ڪن. مهرباني.

◬◬

پولارن جو پنڇي

توں بہ آسان کي ڇڏي هليو وئين !
پولارن ۾ پنڇيءَ جيان.

اسان تہ توسان گڏ هئاسين
اڳتي وڌندڙ ڪاروان ۾.
توکي ڪهڙو حق هئو — جو
قطار ٽوڙي — ڪنڌ ورائي،
اِئين اڪيلو — بنا ٻڌائي،
ڪن اڻ-ڄاتل راهن تي،
نڪري وئين!

پويان پنهنجن پيرن جا —
ناهيل گهاٽن گهيرن جا —
ڇڙا نشان ڇڏي ويو آهين!
گهرو گهرو گهاءُ ڏيئي —
صدين جو سوڍاءُ ڏيئي —
پنهنجي پويان اَڻ-پورا
ڪي ارمان ڇڏي ويو آهين!

زخم جڏهن ناسور بڻي،
قڙو- قڙو تي ٽيڪڻ لڳندو -
وري نئون هڪ سُڏڪو بڻجي
پولارن جي گهراين ۾
پنهنجي 'ماڪيءَ' کي ڳولهيندو.

''اڃان تہ ڳوڙها سُڪا نہ آهن
اڃان تہ ڦٽ بہ ڦُٽا نہ آهن
اڃان تہ ناڪا ٽُٽا نہ آهن.''


لڇمڻ ڪومل

گوبند مالهي : ٻه ترائيل

– ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي

[illegible] تقرير ڪانپوءِ "...۽ بس" آکيائين،
[illegible] مضمون هوءُ رچيندو رهيو!
[illegible] ايترو ڇوٽو هو، ڇپائين،
[illegible] تقرير ڪانپوءِ "...۽ بس" آکيائين!

[illegible] "۽ بس" ڪيائين،
[illegible] جا پنج پاڳ سرجيندو رهيو!
[illegible] تقرير ڪانپوءِ "...۽ بس" آکيائين،
[illegible] مضمون هو رچيندو رهيو!



[illegible] حصو زندگيءَ جي ويو،
[illegible] پُشپا جي حلي وڃڻ سان!
[illegible] "۽ بس" ڇٽي ڇپ تي ويو،
[illegible] حصو زندگيءَ جي ويو!

[illegible] پاڻ پيي تيو،
[illegible] جي ڇاڻو ڪرڻ سان!
[illegible] حصو زندگيءَ جي ويو!
[illegible] حلي وڃڻ سان!

(٢٦ مارچ ٢٠٠١ جي [illegible])

شرڌانجلي منهنجي

— پوپٽي هيراننداڻي

مالهي تنهنجي مؤت تي شرڌانجليون انيڪ،
رت روئي تي شويا، جو پتا ڳئين تون نيڪ.
جن کي آهي ڏنُ گهڻو، تن جي عزت ٿئي گهڻي،
پر تو پنهنجي ٻوليءَ سان، محبت رکي گهڻي.
تنهنجا دلبر دوست چوَن، مالهي هلي ويو!
پر سنڌيت جا پريمي چون، ٻوليءَ جو عاشق هلي ويو.
ديش-وديش سنڌي-لوڪ جو تو پرچار ڪيو،
ماڻهو چون هڪ ساهتڪار، سنڌي ڪلا جو پرچار ڪيو.
سفر ڪندو هئين ٿرڊ ڪلاس ۾، ڪُرونڊڙو ويهي سڄي رات
بيڙي-چانهه تي ئي ڏينهن گذر ڪيئهِ تنهنجي ڪهڙي ڪريان بات!
ماڻهو ڏِسن عهدو، يا صورتَ ماڻهوءَ جي،
مون ڏٺا گُڻ تنهنجا، ۽ لگن سنڌي ماڻهوءَ جي.
منهنجا گهڻيئي دوست، پر تون هئين حال ياڻي،
زال ذات جي لائقيءَ جو، ڪن ٿورا قدر ياڻي!
تو تي لکيم گهٽو ئي، پر هاڻ ڪجهه ليي نٿو!
لفظ چپيا اٿم ٿورڙا، پر اندر هاءِ ڪري ٿو.

سنڌيت جو مالهي

— ڊاڪٽر يشودرا واڌواڻي

باغبان سوئي سڄاڻُ

جو — زمين، پاڻي، محنت، ٻاڻُ
ٻن جو ميڙئي صحيح پرماڻُ
توڻ بہ ڪئي جتارڻ ڪاڻُ
راتيون-ڏينهن رکي پيو ڌيان.
باغبان سوئي سڄاڻُ.

اهڙو ئي 'مالهي' گوبند نانءُ
سنڌيت کي بچائڻ ڪاڻُ
پيڙهيءَ کي وٺي ساڻُ
هلندو رهيو سدائين پاڻُ.
باغبان سوئي سڄاڻُ.

نہ رکي ناواڻي، نہ شانُ
ڏيءِ پڙهيا، پڙهيان جو پاڻُ
رهندو رهيو ڪيڏانهن، نہ ڄاڻُ
نا پيو آ سُکي، تَڪَڻُ ڇاڻُ!
باغبان سوئي سڄاڻُ.

ڪيرُ ٿيو جاڻي اُن جو نانءُ
جنهن 'مالهي' سنڌيت، گوبند نانءُ.

گوبند مالهيءَ سان ملاقات

_ ملاقي : شيام جئسنگهاڻي

[اوهان جي ملاقات هڪ اهڙيءَ نرالي شخصيت سان ڪرائي
وڃي ٿي، جنهن کي الڳ الڳ ڪُنڊن تان ڏسڻ سان سندس ڀِن
ڀِن روپ ڏسي سگهجن ٿا: هڪ نهايت ئي ڏٺل، ٻڌل، سڃاتل
شخصيت، خاص قسم جي ويس وڳي ۽ ادا وارو- سنڌي گُلشن جو
يار ويس مالهي، ها سدا بهار گوبند مالهي؛ ناٽڪڪار، ناول
نويس، هدايتڪار، ڪهاڻي نويس، ڪلاڪار ۽ سنڌي تحريڪ جو
هڪ مڃيل اڳوان مالهي..... ....]

شيام : مالهي صاحب، اوهان جي فن ۽ شخصيت جي الڳ
الڳ حصن تي ڳالهائڻ کان اڳ اوهان جي جوڳيئ
طبيعت ۽ رولاڪ فطرت بابت ڄاڻڻ جو ارادو آهي
بينگال جي شرت چندر چٽرجي ۽ مهاراشٽر جي گوپ
نيلڪنٺ داندیکر) جهڙن ليکڪن جو رولاڪپڻو جنه
ريت مشهور آهي، سنڌي جڳت ۾ گوبند مالهيءَ جي
بدوشيءَ بہ ساڳيءَ ريت مشهوري حاصل ڪئي آهي

مالهي : رُلڻ ۽ رُلڻ معرفت ڪجهہ نئون ڄاڻڻ، منهنجي ف
جو انگ بڻجي ويو آهي. ننڍپڻ کان وٺي، اسڪو

ڪالهجي تعليم کان سواءِ، ماڻهن کي سمنڊ فطرتي ماحول ۾ ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي چاهنا سانپر ۾ اچڻ کان ولي رهي آهي. سڄو پيچ ته مقصد سان عمر ڀر آواره گردي ڪندي، ڳهڻو ڪجهه پرايو آهي — ائس ته مان اڄ به زندگيءَ جي اسڪول جو وديارٿي آهيان!

شيام: شروعاتي دؤر ۾ اوهانجي دلچسپي ساهت ۽ ڪلا کان وڌيڪ سماجواد ۽ انقلابي هلچل ۾ هئي. اسين اوهان جي ساهت کان انقلابي هلچل طرف ۽ واپس سنڌي ساهت طرف ياترا جي ڪٿا ٻڌڻ چاهينداسين ...

مالهي: ساهت، سياست ۽ انقلاب کان وڌيڪ منهنجي لاءِ اهميت رکندڙ آهي انساني زندگي. بنيادي طور، منهنجي رُچي انساني زندگيءَ ۽ اُن کي بهتر بڻائڻ ۾ رهي آهي. اِن ئي مقصد کي اڳيان رکي، شروعاتي دؤر ۾ ڊرم ۾ دلچسپي هُئي، پوءِ صوفيزم ۾ رهي، جا اڄ به سلامت آهي. جوانيءَ ۾ مارڪسواد ڏانهن مائل ٿيس. سدائين ساهت ۽ سياست وچهر پُل جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مقصد اِهو ئي ته طبقن جو تفاوت ميٽجي، اميري-غريبيءَ جو فرق ختم ٿئي ۽ هر اِنسان کي لائقيءَ موجب اُسرڻ جا وجهه ۽ مُناسب معاوضو ملي. لتي پتي، تحرير کي تقدير مٿان ترجيح ڏني آهي ۽ سڄ اِهو آهي ته ساهت ۽ ڪلا سان وڌيڪ نباهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

شيام: سنڌي ناٽڪن جي وڪاس ۾ اوهان جي رول کي نهايت ئي اهم ليکيو ويندو. اپٽا (انڊين پيپلس ٿيئيٽر) ۽ رتوڪ گهٽڪ جهڙن فلمڪارن سان گڏجي ڪيل اوهان جو سنگهرش، ايڪانڪي ناٽڪ لکڻ ۽ سنڌي اسٽيج ۾ نئين طرح جي شُروعات آڻي جان ڦوڪڻ ... وغيره. اِن

کيتر ۾ حاصلاتن بابت اوهين ڇا ٻڌائڻ چاهيندا؟

مالهي : اِئين تہ، جيئن تو شروعات ۾ چيو، مون ساهت جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي، ۽ گذريل پنجيتاليهن سالن کان لڳ ڀڳ هر نثري شاخ ۾ بنياد وجهندڙن يا اَوائلي ڪوششون ڪندڙن مان رهيو آهيان. ناٽڪ، خاص طور ايڪانڪيءَ طرف، منوج تيڻ ۽ اُن کي اوچ ڏيڻ لاءِ شروعاتي ڪوششون ڪيم. تنهن جا مکيہ ڪارڻ آهن : (۱) ماڻهن سان سِڌو سمپرڪ ٿئي ٿو. ريڊيو تان ناٽڪ ٻڌندڙ يا رنگ-منچ سِڌو ڏسندڙ، ذهن ۾ يا سامهون موجود رهن ٿا؛ (۲) ناٽڪ معرفت گهٽ ۾ گهٽ 'آوازي سنڌي سنسڪرتي' (ووڪل سنڌي ڪلچر) جي وڪاس جو ذريعو ميسر ٿئي ٿو. ۽ حاصلات؟ ڪنهن زماني ۾ سنڌي ايڪانڪيءَ جي اَبي، مرحوم منگهارام ملڪاڻيءَ سنڌي ناٽڪ کي 'ويچارو' سڏيو هو ۽ اڄ اُهو ئي سنڌي ناٽڪ، گوناگونيت ۽ لوڪپريتا ۾ وڌي ويو آهي. مونکي فخر آهي تہ اِن حاصلات ۾ منهنجو پنهنجو بہ يوگدان رهيو آهي.

شيام : سنڌي ناٽڪ جي لوڪپريہ کيتر ۾ ڪيترائي فنڪار-ڪلاڪار اَوهان جي همت آفزائي پائي اُبريا آهن، جن وقت بہ وقت پنهنجي ڪاميابيءَ پُنيان اَوهان جي رهنُمائيءَ کي داد ڏنو آهي ....

مالهي : اِها ٿنن جي قدرشناسي ۽ ذره نوازي رهي آهي. هونئن بہ ساهتڪار ۽ منچ جي ڪلاڪار وچهہ فرق آهي. ساهتڪار اِنفرادي ٿي سگهي ٿو، پر ڪلاڪار بنيادي ريتا مجموعي نقطہ نظر وارو رهي ٿو ۽ اُتي رهبر، اُستاد ڏياريندڙ ۽ روبرو مُسلسل قدرشناسي ڪندڙ کي عزت ڏني وڃي ٿي ۽ ڪانئس داد حاصل ڪيو وڃي ٿو. ظاهر آهي تہ

مون همعصرن کي داد ڏنو آهي ۽ هنن مون کي عزت ڏني آهي. اها اوٽ-موٽ اڄ به جاري آهي، جيتوڻيڪ ناٽڪي جڳت ۾ منهنجو هن وقت ڪجهه گهٽ پوڻدان نه رهيو آهي.

شيام : ناٽڪ ڪيتر ۾ اڻ-ويرنڌڙ رول سعد، ناول-نويسيءَ ۾ اوهانجو خوب نالو آهي. اوهان جا لکيل ڪيترائي ناول لوڪ پريه ثابت ٿيا آهن جيئن 'ڏيهي پرڏيهي'، 'ديسي سيڻ ڪٿي'، 'شرم بولي'، 'پکيئڙا ولر کان وڇڙيا'، 'پيار جي پياس' وغيره. 'پيار جي پياس' لي اوهان کي ساهتيه اڪادمي اوارڊ به مليو آهي. مالهي صاحب، سنڌيءَ جي اڪثر ليکڪن هاڻ ناول نويسيءَ کان پاڻ کي دور رکيو آهي. اتي اوهين ڪيئن درنن جي حساب سان ناول لکي سگهيا آهيو؟

مالهي : شيام لوڪي ته ڄاڻ آهي ته مون اصلوڪا ناول تڏهن لکڻ شروع ڪيا هئا جڏهن سنڌيءَ ۾ اصلوڪا ناول آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس هئا. مون پيڙهه جو پٿر ٻڌي انهي اوڄ ۽ لوڪ پريتا ۾ اضافو آڻڻ چاهيو. مون 'آسون' جي مهاڳ ۾ صاف لکيو هو ته جن ناول جي ڪاميابي ۾ ليکڪ ۽ آتاهه ٻئي ۽ هن ناول جي ناڪاميابي ۾ ته للڪار ٻئي.

شيام : ائين ته اوهان ناولن ۾ الڳ الڳ رنگن جو ماحول، مختلف قسم جا ڪردار چٽيا آهن، پوءِ به ڪٿي ڪٿي نج سنڌي ڪردار ۽ سنڌي دنيا پيش ٿي آهي، اتي اوهان کي وڌيڪ ڪاميابي مليو ويو آهي مثل اوهان جا ناول 'آسون' ۽ پکيئڙا ولر کان وڇڙيا'......

مالهي : اها ڳالهه برابر آهي. مون سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌي

ڪردارن ڪي ناولن ۾ وڌيڪ آندو آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ جي ڌري ڪي مون نزديڪيءَ سان ڏٺو آهي، زمين ۽ ماڻهن سان محبت ڪئي آهي، اِن ڪري ئي اِنهن ڪي چٽڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهيو آهيان.

شيام : اوهان جو ڪهاڻيِ سنسار بہ اَهم آهي، ليڪن منهنجي راءِ موجب اِن طرف اوهين گهٽو ڇڪجي نہ ويا آهيو. شايد اوهان وڏن دائرن، ڦهليل ڪئنواس، گهٽنائن جي وستار ۽ ڪردارن جي ميڙاڪي ڪي پسند ڪري، چونڊي، وَڌيڪ تقاضائن جو چئلينج قبول ڪرڻ ئي وَڌيڪ بهتر سمجهيو آهي؟

مالهي : منهنجي پنهنجي جيوت، گهر، ڪٽنبين، سنبنڌين ۽ مترن تائين محدود نہ رهي آهي. ساڳيءَ ريتِ منهنجو ساهت سنسار يا رچنا سنسار بہ ڪهاڻيءَ تائين محدود نہ رهيو آهي. زندگيءَ پر مون للڪارون قبول ڪيون آهن. ڪهاڻيءَ کان ناول طرف متوج بہ اِنڪري رهيو آهيان جو منهنجي پنهنجي زندگيءَ جو ڪئنواس بہ ڪافي وڏو رهيو آهي. اِنجي ڊيگهہ، ويڪر ۽ ڪنهن حد تائين گهرائي نهايت وسيع رهي آهي. اِن هوندي بہ ڪهاڻيءَ کان مان بلڪل دور نہ ٿي ويو آهيان. ويجهڙائيءَ ۾ اِن صنف طرف بہ وري ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو اٿم.

شيام : منهنجي ذهن ۾ هڪدم اوهان جي اها ڪهاڻي ٿي تري اچي جنهن ۾ رات جي وقت اُلهاس نگر اسٽيشن جو بيان آهي. ڪهاڻيءَ جو عنوان وسري ويو اٿم [illegible] اثر باقي آهي.

مالهي : [illegible] ان ڪهاڻيءَ جو عنوان ’دل ڏجي دل وارن

کي' آهي ۽ اِها ررڙو ٽينڪ سنڌي سيا طرفان نڪرندڙ ساليانئ رسالي 'ألڪا' ۾ ڇپي ٿي.

شيام : اوهان ٻڌليل نالي ۾ فلمن ۾ ٿا لکيو آهي يعني 'ٻيوسٽ رائيٽنگ' به ڪئي آهي. هڪ فلم ميڪر طور اوهان کي 'سنڌوءَ جي ڪناري' فلم ٺاهڻ ۽ پاڻ کي مالي طور پٽڻ ڪرڻ جو شرف آهي. زندگيءَ جي اِن ڪساري اُنيتو مان اوهين ڇاٿي-واٽي چو لنگهيا؟

مالتي : اِهي ڳهٽا دفعا لکيت ۾ دهرائي چڪو آهيان ته منهنجي زندگي اِتفاقن جي ڪهاڻي رهي آهي، گڏوگڏ سنڌيت بچائڻ جو جنون به سر تي سدائين سوار رهيو آهي. اِها چاهنا هردم پربل رهي آهي ته جي منهنجي جاڻ ۽ وقت ڏيڻ سان سنڌي ٻولي، ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جو پلو ڀيٽو آهي، ته مون کي راهه ۾ ايندڙ تڪليفون برسر آهن. فلمن ۽ ناٽڪن سان پالو مشهور بينگالي فلم ميڪر رِتوڪ گهٽڪ سان اِتفاقي ملاقات ۽ اُن بعد ساڻس مسلسل صحبت ڪري پيو. سنڌي فلم 'سنڌوءَ جي ڪناري' جي شروعات هڪ سنڌي سنسڪرتيءَ جي ٻيڻگهڙي جي شروعاتي مالي مدد ۽ زوربار هيٺ ڪيم. هوءَ سچڻ ته جلد ئي ڪنارو ڪري ويو، ۽ ڪنهن به ڇيز کي اُڏ ۾ ڇڏڻ، منهنجي للڪار-قبوليندڙ سڀاءُ سان ٺهڪندڙ نه آهي — فلم پوري ڪيم، نقصان ته سَٺم ئي، مگر مونکي اِج به اَرمان ڪونهي. سنڌي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جي ڏس ۾ ڪجهه ته سِڏ ڏيوا منهنجي ٿا اِهو ئي ڪافي آهي.

شيام : ڦن ۽ رندگيءَ ڏا ڪيئي پتراڻان لڪ لنگهي ڪرستاني پادريئن شهان زندگيءَ جا سڪ-سنجنو تماڻي، اڄ اوهان وري شادنڊوش رندگي اَپنائي آهي. هندستان

جي ڪُنڊ-ڪُڙڇ ۾ ڦهليل دور-دور سنڌي ڪالونيُن ۾ بسنين ۾ رهندڙ سنڌي لوڪن تائين سنڌي سنگيت جي اَلڳ - اَلڳ روپن جي ڦهلاوَ کي اوهان مقصد-زندگي بڻايو آهي. ڀڳونتي ناواڻي ۾ بين سُريلن ساٿين سان گڏ اوهين جوڳين جيان رٽن ڪندا رهيو ٿا. اِن مان اوهان کي ڪهڙو سُڪون مليو آهي؟

مالهي : گهڻوئي سُڪون مليو آهي، جسماني سُڪوُن کان آتمڪ سُڪون کي وَڌيڪ اهميت آهي. حالتن جي مد نظر سنڌيت بچائڻ لاءِ اسان کي پنهنجو 'ووڪل ڪلچر' بچائڻ جو يتن ڇڏڻ نه کپي. مون به اِهو يتن ڪيو آهي. خانابدوشيءَ ته منهنجي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي ٿي، سنڌي سنگيت جي بچاءَ، واڌاري ۽ ان کي گوناگونيت ڏيڻ ۾ اَگر منهنجي اِن خانابدوشيءَ کا اَهميت پاتي آهي ته اِن تي فخر اٿم ۾ اِن فخر ۾ ڀڳونتي ناواڻي ۾ ڪلاڪار منڊل جا اڳيان ۾ هاٿوڪا ڪلاڪار ساٿي به ڀاڱي ڀائيوار آهِن.

شيام : ورهين کان ائين محسوس ٿيو آهي ته ' مالهي صاحب سنڌي تحريڪ سان مڪمل ريت جڙيل آهي'، سنڌي بوليءَ جي تسليميءَ کان اڳ ۾ پوءِ اوهانجي لڳاتار اَدا ڪيل رول بابت به اسين ڄاڻڻ چاهينداسين....

مالهي : مارڪسوادي هوندي به ڌرم کان بلڪل منڪر نه رهيو آهيان. مارڪسواد مونکي ناستڪ بڻائي نه سگهيو آهي، اِها ڳالهه مون اڳ ۾ به قبول ڪئي آهي. ساڳيءَ طرح 'زندگي سجائي ڪرڻ جي ڀاونا'، ڌرم، صوفيزم ۾ مارڪسواد ۾ به هِڪ جهڙي اهميت رکي ٿي. اِن ڪري مون پنهنجي ڄاڻ ۾ صلاحيت انوسار سنڌي ساهتيه ۾ سنسڪرتيءَ جي ڏس ۾ جيون

سڪيارتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جڏهن ته
بہ ٻالھہ آهي، مون 'جماعت ۾ ڪرامت'جي سڏائنت
کي مجيبو آهي ۽ جبلمل پروگرام جي نقش قدمن
تي هلندي، سنڌي ٻوليءَ ساهتيہ جي ٻچاءَ ۽ واڌاري
جي تحريڪ کي سنستائي روپ ڏيڻ جي ڪوشش
آهي. ورهاڱي کان گهڻو اڳ مارڪسوادي هجڻ جي
ڪري جماعتي طرح سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ ۾ وشواس
رکيو آهي يعنيٰ 'جماعت جي ڪرامت' کي گهٽي ۾
گهٽي اهميت ڏني اٿم.

شيام : لڳ ڀڳ 1940 کان پوءِ ترقي پسند ڌارا سان سنڌيءَ
اصلوڪي اُدب زور پائڻ جي ڏس ۾ وڪون ڪنيون،
اوهان ۽ اوهان جي ساٿين — سوڀي گيانچندڻيءَ،
ڪيرت ٻاٻاڻيءَ، ڪرشن کٽواڻي وغيره وغيره اِن دور
۾ سرگرم بحرو ورتو. ان بعد ساهت ۾ لڳ ڀڳ ٿي
پيون پيڙهيون اُچي چڪيون آهن. ساهت جي نون
رُخن، تبديلين ۽ ڌارائن جي، باوجود اختلاف جي،
اوهان مرحبا ڪئي آهي! 'لهر لهر مان لهي ڪو ساگر'....
اهڙو صادق جذبو رکڻ وارا اوهان جي پيڙهيءَ ۾ ٿيا
نهايت ٿي ٿورا آهن.

مالحي : ڏس، شيام! زندگيءَ ۾ هڪ ئي ته چيز آهي تبديل.
تبديل زندگيءَ جو چنهہ آهي (چينج از د ٽ آف
ٽيف). جي نئون نہ هجي تہ ترقي نہ رهي. خود
پراڻي ۽ بچائڻ ٽائق چيز کي نئين جي سهاري ولڻ
جي ضرورت آهي، جيڪڏهن اِن کي بچائي رکڻو
آهي تہ مارڪسواد ۽ صوفيزم جي مرڪب هجڻ
ڪري مخش مراد آهي مون ٽيءَ هر شئيءَ ۽ بوئہ
چيز کي مون جوٽو داد ڏنو آهي ۽ اِن طرح پنهنجو

فرض نباهيو آهي.

ام : زندگيءَ جي تلخ ۽ بيرحم حقيقتن جي آڌار تي،
هن ملاقات جو آخري سوال بہ پڇي وٺان ....
ساهت جي باغ ۾ رنگت رچائڻ يا راڳ ۽ سرور جي
محفل سجائڻ پنيان اوهان پنهنجي سموري زندگي
اَرپت ڪئي آهي. سنڌي ادب، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي
جاتيءَ جي موجوده مزاج جي مدِنظر اوهان کي ائين
نٿو لڳي تہ اوهان ريگستان ۾ باغ-و-بهار آڻڻ جي
غلط سپني عيوض سڀ ڪجهہ اَرپي ڇڏيو آهي؟

مالهي : ائين نٿو مڃين تہ ريگستان کي ئي بوستان جي
ضرورت رهي آهي - ۽ ائين بہ تہ نہ آهي تہ
منهنجين ڪوشش کان سواءِ ريگستان ۾ قول ئي پيدا
نہ ٿين ها. مون پنهنجي شروعاتي ڪهاڻي مجموعي
'ريگستاني قول' ۾ ظاهر ڪيو هو تہ سنڌ جي ريگستان
۾ بہ قول پيدا ٿيندا آهن. مون ريگستاني قولن کي
چونڊيو، اُنهن کي ماڻهن اڳيان آندو ۽ اڄ ڏينهن
تائين ريگستاني قولن کي هڪ مالهيءَ طور اُڳتي
وڌائڻ، ويجهائڻ جي ڪوشش ڪندو ٿو رهان ۽
اَهڙي ڪوشش ڪندي پنهنجي جيون ۽ ڪاريہ سان
نڀائي رهيو آهيان.



ديو-قد مفڪر: گوبند مالهي

– ڪيرت ٻاٻاڻي

هيءَ سٺ سال اڳ جي ڳالهه آهي. مان ١٩٤٢ واري ”ڀارت ڇوڙو“ هلچل ۾ سرگرم ڀاڱ وٺڻ ڪري ’دفينس آف انڊيا ائڪٽ‘ هيٺ جيل موڪليو ويو هوس. ٻارهن مهنن جي نظربنديءَ بعد آزاد ٿي، حڪمن مان پياري شهر نواب شاهه پهتس، ته مون کي مڪاني ڪانگريسي اڳواڻن وٽان معلوم ٿيو ته گوبند مالهي اسان جي شهر ۾ اچڻو آهي. اِن ڳالهه ٻڌڻ ۾ مون کي ڪا به هڇڪ يا لڄ محسوس ڪانه ٿي ٿئي ته اُن زماني ۾ پوري نوابشاهه ضلعي جي ڪانگريسي نيتائن جو مان ٻلو هوس. مون کي پتو پيو ته ضلعي ۾ پيو به هڪ ٻلو هئو، جنهن سان منهنجي ڳالهائي رٿي ويئي هئي.

شهر جي وچ تي، موني بازار ۾، هڪڙي ننڍڙي پبلڪ لئبريري هئي، جتي روزانو صبوح جو اخبارون پڙهڻ ويندو هوس. هڪڙي ڏينهن اوچتو هڪڙي جوان کي منهنجي سامهون آلي، هڪڙي ننڍڙي ڪانگريسي نمتا چيو: ”ڪيرت! هن کي سڃاڻين ٿو؟“ مون اکيون مٿي ڪئي گوبند کي ڏٺو. پڇريون ٿي هئي. سنڌس پهچائيءَ واري مُرڪ مون کي

گوبند مالهيءَ جي شخصيت ڪرائي ويئي؛ ائين، گويا اسين هڪ ٻئي کي يُگن کان ڄاڻندا هئاسون ۽ ايندڙ ڪيترن يگن تائين اِها شخصيت قائم رهندي! مچيان ٿو ته اِهو مبالغو آهي، پر اُهڙو مبالغو، جيڪو ساهه ۾ سُرهاڻِ ڀري ڇڏي، سو اکين تي!

اسان پهرين ملاقات ۾ خوش خيرعافت ڪئي، اکين اکين ۾ ڪي نياپا ڏنا، مُرڪ مُرڪ ۾ ڪي راز سلياسون ۽ آتمڪ سنبنڌ جا پيچ پائي ورتاسسون. ڪراچيءَ ۾ وري ملڻ جو واعدو ڪري الوداع ڪئيسين.

مان سوچيندو ئي رهجي ويس، مالهيءَ جي پتڪڙي قد-ٻت بابت! مون کي جيڪا سندس بابت ڄاڻ ڏني ويئي هئي، سو ته ديو-قد شخص معلوم ٿي ٿيو. مون کي ڀرم جو احساس ٿيو. ضرور ڪا خطا ٿي ويئي ٿي ڏسجي. مون کي لڳو، منهنجين اکين جي بلورن (شيشن) مون کي ضرور ٺڳيو آهي. مون اکيون بند ڪري گوبند جي ڪايا کي پنهنجي تصور جي پردي تي چٽڪي بيهاريو. واقعي، مان ڪنهن ڏنڌلائيءَ سبب، ڀُل ڪري رهيو هوس. جئن ئي من جي سجاڳ استِتيءَ سان گوبند جي ڪايا کي چتائي ڏٺم، ته سندس آڪار منهنجي ذهن جي پردي تي ويو وڌندو .... ويو وڌندو .... جيئن ڏند ڪٿائن ۾ ديون جو آڪار پکڙجندو ۽ ڦهلجندو ويندو آهي! ۽ ڪڏهين ته وڃي آسمان سان لڳندو آهي .... مون اکيون کولي ڇڏيون ....

اڄ مان ڏسان وينو ته منهنجي تصور ڪيترو نه سچو درشن، مون کي مالهيءَ جي ذهني ۽ تخليقي قدبت جو ڪرايو هئو. سنڌي ساهت جي اندر هو واقعي هڪ پربت جيڏو ٻڌيمان شخص هئو.

پوءِ جڏهن ۱۹۴۳ ۾ اسين ڪراچيءَ ۾ ملياسين، ته اسان جو ڪرم-کيتر بدلجي چڪو هئو. جيل کان اڳ اسين پڪا گانڌيوادي / قومي-وادي هئاسين. جيل کان نڪتاسين ته اسين پڪا سماجوادي /

مارڪسوادي ٿي پياسون. مٿان سنڌي انقلابي شخصيت سوڀي گيانچنداڻيءَ جو اهو پرتاپ هئو. سوڀي اسانجي ويچاردارا جو وڌيڪ فرانس ۾ پڙهيو هئو. اسين سماجوادي-انقلابي فلسفي ڄاڻڻ وڃي-پڙ ٿي پڪا هئاسون. اسان جي اکيان، هڪ طرف هئو سماج مان نابرابري، انياءَ ۽ لوٽ-کسوٽ واري نظام کي ختم ڪرڻ ۽ ٻئي طرف هئو نئين ويچاردارا جو عام خلق ۽ خاص ورڳن ۾ ڦهلاءُ. ساهت، ڪلا ۽ پرچار جي ساڌنن معرفت، ماڻهن کي انساني تاريخي سلسلي بابت جاڻ ڏيڻ ۽ صحيح راهه ڏسڻ.

پڇريون ميز، جنهن ۾ اسين نيئي پنهنجو اوچ مقصد حاصل ڪرڻ ڏي مليا سون (بيا به ڪي شاڳرد ۽ سرگرم ساٿي موجود هئا) ته پنهنجين خاص ورتين جي حساب سان ڪرم-ڪتر ورهائي ڪنيا سون. سوڀي جو سياست طرف لاڙو هئو. هو ڪراچيءَ جي مزدور تحريڪ ۾ وڃي شامل ٿيو. مالهيءَ جو رجحان ساهت ۽ ڪلا طرف هئو. مٿس 'نئين دنيا' سرڪل جي ذميواري ڏني ويئي، جنهن ۾ ليکڪن جي جماعت-بندي ۽ تخليقي ادب جي اشاعت جون ذميواريون شامل ڪيون ويئون. مان اُن وقت ڊي-جي-سنڌ ڪاليج جو شاگرد هوس، ته منهنجي مٿان وديارٿي هلچل کي سنگٺت ڪرڻ ۽ سماجوادي ويچارن جي ڦهلاءُ جون جوابداريون رکيون ويئون....

اهو ئي سمو هئو جو گوبند مالهيءَ جي جماعتبندي ۽ تخليقي قوتن جو نکار ٿيو. ڪراچيءَ ۾ سنڌي ساهت سنگت تي اشاپنا جو سوال اُٿيو ته سڀني جون اکيون وڃي گوبند مالهيءَ تي کُتيون اديس جو ميز آگسٽ ١٩٣٧ ۾ 'بائرس-ڇپرس چئمبر' ۾ گڏرايو ويو، جنهن ۾ ڪراچيءَ جي بزرگ توڙي جوان ساهتڪارن شرڪت ڪئي. مٿس جماعت کي وجود مليو. سيڪريٽريءَ جون جوابداريون گوبند مالهيءَ مٿان رکيون ويئون. [illegible] خوڙا بر-ڊنٽ، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي نائب-

پريزيڊنٽ، شيخ اياز ۽ ٻڌاري ڇابڙيا جائنٽ-سيڪريٽري مقرر ٿيا.

ملڪ جي بدبخت ورهاڱي ڪارڻ، جماعتبنديءَ جون ڪوششون اڌوريون رهجي ويئون. مالهي اڳي پارت ۾ پهتو. هت پهچڻ سان، هن وري ڪُڙي تپائي. ٻڌاري ڇابڙيا، ڳل آسنانڻي ۽ ٻيا دوست ڳڏجي ادبي محفلن جي ڳيري ۾ آيا ۽ باقاعدي اپياسي ڪلاسن جي شروعات ٿي، جنهن اڳتي هلي نئين ساهت منڊل ۽ پوءِ سنڌي ساهت منڊل جي صورت ورتي. سيڪريٽريءَ جون جوابداريون گوبند مالهيءَ مٿان هموار ڪيون ويون. منڊل کي بزرگ ۽ ناميازي ناٽڪ نويس، پروفيسر ايم.يو ملڪاڻيءَ جو ساٿ، سهڪار ۽ سرپرستي ملي. مالهيءَ جي اڳوانيءَ هيٺ سالن جا سال ساهتڪ ڪاريہ ٿيندو رهيو، جنهن کان متاثر ٿي، ٻين ڪيترن شهرن ۾ سڀائون ۽ سنستائون برپا ٿيون ۽ سنڌيت جو ڪاروان اڳتي وڌيو....

گوبند مالهي هڪ بيقرار دِل جو مالڪ هئو. ۽ ٻيو به هڪ اعليٰ گڻ هوس، جن ٻنهي لياقتن گڏجي سندس شخصيت کي اُپار ڏنو، جئن هو زندگيءَ جي اعليٰ مقصد جي ڏاڪڻ تي ويو ٿپا ڏيندو. بيقرار دل ڪيس سانت سان وهڻ ڪانہ ڏيندي هئي ۽ ٻئي طرف پنهنجن اُديشن سان ايڏو وچن-بڌ هئو، گويا جنون جي حد تائين! دراصل اسان کي هن تي رشڪ ٿيندو هئو. سندس هڪ-ڏينهن جي مشغولين کي ڏسجي تہ حيرت وني وڃي! شروعاتي دور ۾ آجيوڪا لاءِ ماستري ڪيائين. ڪانديوليءَ مان ڏوٻي تلاو تي (اٽڪل سٺ-سٺر ڪلوميٽر پري) هر روز گاڏيءَ ۾ سفر ڪري، صبح جو سويل پهچندو هئو. منجهند جي ماني آسپاس جي ڪنهن ايراني ريسٽارنٽ ۾ گهٽو ڪري قيمو-ڊبل روٽي کائي، ڪنڊ واريءَ ڪنهن ٽيبل تي پنهنجي بٺڪ لڳائي ويهندو هئو. نوجوان اديب سندس اِردگِرد اَچي وهندا هُئا. پنهنجا سوال،

پنهنجا مسئلا ۽ پنهنجا مونجهارا ۽ پنهنجا ڏکڙا اچي مالهيءَ سان اوريندا هئا. هو کين هر قسم جي مدد، سونهپ ۽ صلاح ڏيندو هئو. هو نوجوان نسل جي اديبن لاءِ مسيحا هئو. گُرو، دوست ۽ فلاسافر هئو. درد تي مرهم لڳائڻ وارو هئو. گويا پتنگ همدرد شمع مان روشني جي لاٽ ماڻيندا هجن.

سڀ ڄڻا ڄاڻن ٿا ته ڪيفي ڊي ريز جو ڪوپ ٽيبل تي وٽ سان ٿي ملي وڃڻ هئو. اجازت هئي. مالهيءَ جي ٽيبل تي اگر ڪو آڇي وڃي ته ويٽر خود نه خود چانهه جي ڪوپ جي نوازش ڪندو هئو. اهو مالهيءَ جو حڪم هئو. اُتي وقت ٽيبل تي ڪنهن دوست چانهه جي ڪوپ جي عوض آنڪ (حڪ آنو) رکي ته واهه، نه ته مالهي اُٿڻ وقت سمورو بل چڪائي ٻاهر نڪرندو هئو. ايراني سيٺ جو پڻ پنهنجن مالڪن کي فرمان هئو ته ماسٽر جي ٽيبل تي ٻئي ڪنهن گراهڪ کي وهڻ نه ڏنو وڃي، جيسين هو ٽيبل ڇڏي نه وڃي.

گوبند مالهيءَ کي گهڻو ڪجهه حاصل ڪرڻ جو وڏو موهه، زبردست خواهش ۽ تمنا هئي. سنڌس اندر جي اِها پڪار هئي ته ساهت-ڪلا-سيتا جي کيتر ۾ هو آرنيڪ (Pioneer) رول ادا ڪري. ناول جي ميدان ۾ ورهاڱي کان پوءِ مالهيءَ ئي سنڌي ساهت کي پهريون ناول ”آسون“ ڏنو ۽ آخر ۾ ٻن درجنن کان نه وڌيڪ ناول لکي سنڌيءَ ۾ ناول سمراٽ جو خطاب حاصل ڪيو. پوءِ ناٽڪ جي کيتر ۾ ٽپو ڏنائين. انڊين پيپلس ٿيئٽر ايسوسيئيشن (IPTA) ڪميونسٽ پارٽي سطح جي ناليري آداري سان وڃي شامل ٿيو. پارٽي جي چونڊيءَ جي ناٽڪ هستين سان ڪلچو ڳسايائين- رتوڪ گهٽڪ، بلراج ساهني، آر. ايم. سنگهه، اي. ڪي. هنگل، سنيل چوڌري، سنجيو ڪمار ۽ ٻيا به کيترا رنگ منچ جا ڪلاڪار مالهيءَ جي صحبت ۾ آيا ۽ انهن مان پريرڻا ملي. مالهي سنڌي ناٽڪ ۽ رنگمنچ ڏانهن لڙي آيو. خاص طور

بلراج ساهنيءَ منجهس چٽنگ باري. کيس چيائين،”مالهي صاحب، هندي منچ کي گهڻائي مالهيءَ جهڙا عاشق ملي ويندا، پر مون کي شڪ آهي تہ تو جهڙو، سنڌي رنگ منچ کي ملندو يا نہ!“ هِن چٽنگ مالهيءَ جي من ۾ ينيت پيدا ڪيو. هن آچي ڪلاڪار منڊل جو پايو وِڌو ءَ سنڌي ناٽڪ ءَ رنگمنچ کي ايترو ڪجهہ ڏنو، جو اِتهاس ان جي شاهدي ڀريندو.

مالهيءَ جي روزاني مشغولين جي ڳالهہ پئي هلي. ٢-٣ بجي تائين دوست دِلدارن سان ڪچهريون ڪري، سنڌي ٻوليءَ ءَ جاتيءَ لاءِ سونهري سپنا اُڻندي، ڪنهن نہ ڪنهن فلمي اِسٽوڊيو ۾ هليو ويندو هئو. کيس پردي پٺيان ڊائِلاگ لکڻ(ghost writing) جو ڪم ملڻ شروع ٿيو هئو. هنديءَ جي ڪيترين ناميارين فلمن جا ڊائِلاگ مالهيءَ جي قلم جو ڪرشمو هئا پر سندس اِهو ڪرتب گمناميءَ جي پردي ۾ ڍڪيل رهيو. اِسٽوڊيو مان نڪري هو اپٽا(IPTA) جي هلندڙ ناٽڪن جي ريهرسل تي آچي پهچندو هئو. رات جو گهڻي دير تائين اِن مشغوليءَ ۾ ٻُڏو پيو هوندو هئو. آڌي رات جو مس گهر جي چائونٺ اندر پير رکندو هئو. جتي سڄي ڏينهن جي ڏکوئيندڙ اِنتظاريءَ کان پوءِ سندس ٻہ ڪکيون، سوڙ يا چادر مان چار اکيون ٻاهر ڪڍي، چوويهن ڪلاڪن بعد پهريون دفعو پيءُ جي شڪل ڏسي گد گد ٿي، ورِي چادر تاڻي سمهي پونديون هيون يا ڪڏهن اُٿي اچي پيءُ جي ياڪُر ۾ وهنديون هيون. پر ڍڪڙو اهڙو بہ اِنسان هئو، جيڪو بنا اکيون ڇنڀڻ جي، بنا جهوٽو کائڻ جي، اکين ۾ گهري اِنتظاريءَ جا ياؤ ڀريندي، ڪٽ تي ويهي اکيون دروازي ۾ وجهي ويٺو هوندو هئو — اُها هئي ڀيڻ ديوي، گوبند مالهيءَ جي اَڌ شرير، جيڪا سچ پچ ديوي هئي، جنهن ڏينهن جا ڏينهن، مهنن جا مهنا ءَ سالن جا سال- اهڙي ”جواب قرباني ءَ تپسيا ڪئي هئي ءَ زبان تي اُف بہ نہ آندي هئي! هن مهان ڀيڻ جي اَگيان آسان

جو سِرُ شرڙا وڄان جهلڪي نه ڏني.

گوبند مالهيءَ جي سفر ۽ ڪاريه جي ڪهاڻي نه تمام رنگين، اُديت دل لُباڻيندڙ ۽ اُتساهه بخشيندڙ آهي. خاص طور پوين ٽيهارو سالن ۾ مالهيءَ جو سنڌي سنگيت جو سفر هڪ وڏو الڳ ڪارنامو هئو. گوبند مالهيءَ جي آتم ڪٿا ”اُدب ۽ اُديب“ مان سُڌ پوي ٿي ته ننڍپڻ ۾ کيس سنگيت سان ڏاڍو چاهه هئو. سنڌس ڳوٺ ناروشاهه ۾ — جتي سنڌي سنگيت جو رکن، ماسٽر چندر به پيدا ٿيو — رات جو دير تائين سنگيت محفلون يا سنڌي ڀڳتِ جا ميڙ لڳندا هئا، ته ننڍڙو گوبند لڪي لڪي وڃي انهن ۾ شامل ٿيندو هئو. دير دير تائين عاشقاڻين مجلس ۾ گوبند جو وڃڻ، سنڌس پتا پوهومل کي بلڪل پسند نه هئو، پر هو پنهنجيءَ ڀيڻ جي مدد سان، پوهومل کي گجري ننڊ اچڻ کان پوءِ لڪچوريءَ نڪري ويندو هئو ۽ وڏي صبح جو اچي وري چادر تاڻي سمهي پوندو هئو. سنگيت لاءِ اِها جي عشق سندس دل ۾ هئو، صرف موقعي لاءِ ترسيل هئو.

سنڌي ساهت منڊل جو حڪڙن مان جنرل سيڪريٽري ٿيس ته مون اُن جي پليٽفارم تان سنڌي ناٽڪ ۽ سنگيت جا مڪاني سطح تي ننڍا پروگرام ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو، جنهن ۾ گوبند مالهيءَ پنهنجي اسڪول جي هڪ ٻجهُڻي ڳائڪا ڪماري ڀڳونتي ناواڻيءَ کي اُڀيان آندو. لوڪو هيمراجاڻي به سنڌ جو جهونو سريلو ڳائڪ هئو. ٻنهي جي جوڙي واهه جي هُئي! وري اسان ... اِپٽا (IPTA) جي سنگيت منڊليءَ جو جبرو ساٿ مليو. مشهور ...ار سليل چوڌريءَ جو نائب ڪنوُ گهوش پنهنجي سازيندڙن ،آسان جي باندرا واري گهر ۾ وڃي ڪلاڪارن کي ريهرسل ڪرائيندو هئو. ٻئي طرف داس، طالب، ڪرشن راهيءَ ۽ جيءَ ... نندي ناٽڪن جي تياري ڪرائيندا هئاسون. لڳاتار ڪمترا جي پروگرام سنڌي ساهت منڊل جي جهنڊي هيٺ ٿيندا

يا. شروعات ۾ تہ مُربي ڏرمداس جي سحڪار ۽ ساٿ سان اِهي
وگرام سندس سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول جي مِني هال ۾ تيندا هئا.
ر پوءِ قدم اڳتي وڌائي، ڪي.سي.ڪاليج جي هال ۾ معزز سنڌي
يٽرن ۽ پائرن اڳيان اِهي پروگرام پيش تيندا هئا ۽ درشڪن
ي خوب پسند پوندا هئا. آخر مان چوان تہ ساحت منڊل جا
رهي پروگرام پارٽ ۾ سنڌي سيپتڪ سڄاڳيءَ جا پيش-رُو
(precurser) هئا تہ اِهو وڌاءُ ڪونہ تيندو.

گوبند مالهيءَ کي پڻ اِنهن پروگرامن مان پريرڻا ملي ۽
هُو بہ قدم اڳتي وڌي ويو. سيپتڪ سرگرميءَ کي اڳتي وڌائڻ
لاءِ سنڌي ڪلاڪار منڊل جو پايو وڌائين ۽ پوءِ ’ڪلاڪار منڊل‘
جي نالي سان سنڌي سنگيت کي اُها اوچ ڏنائين، جو پارٽ تہ
ڇڏيو پر ولائت کي بہ سنڌي سنگيت سان واسي ورتائين. تيڏهن
سال پاڻ، ڀڳونتي ناواڻي ۽ ٻيا ڪلاڪار جوڀڻ وانگر رتن
ڪندا، سنڌيت جي سئن هڻندا، لکن کي سنڌي سنگيت جو رس
وناٺيندا، ٻوليءَ لاءِ پيار پيدا ڪندا رهيا.
مالهيءَ سان جڏهن ٿي مون سن سال اڳي آخر مائي در
بڏي تہ اُن کي وري آسان ڪڏهين ڪين ڇوڙيو. جيتوڻ
ڪيترن بدخواه ۽ حاسد شخص اسان جي دوستيءَ جي ڪير جي
پياليءَ ۾ موري وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سواءِ پشيمانيءَ جي
ڪين ٻيو ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو. اِن جو مکيہ ڪارڻ اِهو ٿي هئو جو
آسان جو پاڻ ۾ پورن وشواس هئو ۽ هڪ ٻئي جي ايمانداريءَ
ڪڏهين بہ شڪ نہ پيدا ٿيو. آسان جو پاڻ ۾ هڪ آڻ-لکيل واعد
هئو؛ ڪهڙي بہ ڪارڻ من ۾ شنڪا پئدا ٿئي، تہ هڪدم سڌ
ٽيليفون تي ڳالهائي، غلط فهميءَ کي اُتي ٿي نِڙيءَ تي نند
ڏيئي ڇڏجي. ۽ پاڻ ۾ وشواس ايترو، جو مالهيءَ کي ڪ
ڪرڻ لاءِ چوندو هئو تہ هُو آکيندو هئو: ڪيرت ڪان پڇ

لي وشواس ۽ عزت ڪيس ڏيندو هوس. مان چوندو هوس ، جيڪو ليمنو مالهي ڪندو، اهو مون کي قبول آهي. اسان جي الڳ نہ ٿيندڙ جوڙي هئي.

مون کي فخر ۽ خوشيءَ سان قبول ڪرڻو ٿو پوي تہ ٺاهين بہ سنگت شمي سنڌي ٿاتيءَ جي رهبري ڪرڻ، عوام ۾ اُتساهہ، همت، وشواس جي ڀاونا پيدا ڪرڻ، ٿاتيءَ مٿان آيل آپدائن جو مقابلو ڪرڻ جي تاريخ لکي ويندي، نڌهن اِتهاس سڀس اول نمبر جي مُهر لڳائيندو. گوبند مالهيءَ جهڙا شخص آهن، جيڪي تاريخ جي ريتيءَ تي پنهنجي پيرن جا نشان ڇڏي ويندا، جن مان ايندڙ نسلن کي پريرڻا ملندي، تہ هوُ ٿاليءَ ٿيءِ ساهہ صدقي ڪن، جئن گوبند مالهيءَ هڪڙو اعليٰ ۽ سُندر مثال قائم ڪيو آهي.



مالهيءَ جو يگانو يوگدان

ـ ڪرشن راهي

گوبند مالهيءَ سان سنڌ ۾ منهنجي واقفيت نئين دنيا ۾ چپيل سندس فوٽي معرفت ٿي. جناح ٽوپي ۽ شيرواڻي! مالهي ان لباس ۾ سنڌي هندن تہ ڇا، پر مسلمانن ۾ بہ مختلف لڳندو هوندو! پڙهيل-ڳڙهيل سنڌي مسلمان بہ ڏٺهي قميص ۽ سلوار پهريندا هئا ۽ ڪي ٿورا فيض ڪئپ پائيندا هئا، جيڪا جناح ڪئپ کان علحدي هوندي هئي.

ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ جڏهن مالهيءَ سان منهنجي شخصي واقفيت ٿي، تڏهن هن جناح ٽوپي لاهي ڇڏي هئي ۽ صرف شيرواڻي پائيندو هو. اها شيرواڻي هو پڇاڙيءَ تائين پائيندو رهيو ۽ اِن لباس ۾ ئي سڄانو ويندو هو.

مالهيءَ جي نِرالائپ سندس لباس تائين محدود نہ هئي. هو ٻيءَ طرح بہ نرالو هو. سياسي طور هو مارڪسوادي هو، پر زندگيءَ ۽ ساهت ۾ هو صوفي هو. سنڌين جو اهو مذهبي ايڪي ۽ رلي-ملي حلڪ وارو سماجڪ شياءُ، نہ صرف سندس شخصي زندگيءَ بلڪ ساهت رچنا ۾ بہ جهلڪندو نظر ايندو هو.

ترقي-پسند ليکڪن ۾ به مالهي ٻين ليکڪن کان مختلف هو. مارڪسوادي به هو، پر هُنن ٻين جيان مالهي اُن متصوديت (motivation) سان نه پر پنهنجي ساهتڪ سُوجهيءَ سان لکندو هو. سندس لکڻين ۾ زندگيءَ جي سياويڪ تصوير هئي؛ سياسي انقلاب سان سماج بدلائڻ ۽ نئين صبح آڻڻ جا سرح سپنا نه هئا. پولي چاهي ادب جي تحريڪ ۾ مالهي به اڳرو هو، پر هن تحريڪ جي زور تي ادب ۾ نالو ڪمائڻ جي ڪوشش نه ڪئي. ساهت ۾ هُو پنهنجي ساهتڪ ليکڻيءَ جي ٻل تي ئي بيٺل هو. اهوئي سبب آهي جو مالهي اِن ليکڪن ۾ ساهتڪ سطح تي ٻين ٻين کان وڌيڪ اُپريل هو.

موهن ڪلپنا، ناول کان وڌيڪ ڪهاڻيءَ ۾ ڪامياب هو. مالهي ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ ناول ۾ ڪامياب هو. ناول ۾ ڪُشادو ڪئنواس ۽ زندگيءَ جو گهرو اڀياس ڪرڻو آهي، جيڪو مالهيءَ وٽ هو. سندس ناول ۾ وشيه، ڪٿاوستو، ڪردار ۽ زندگيءَ جي عڪاسيءَ جو هڪ مرڪب نمونو هو، جيڪو پڙهندڙ جي رُچي ۽ دلچسپي قائم رکي سگهندڙ آهي. اِئين آهي ته ناول جو اِهو ٽيڪنيڪ پراڻو آهي، پر ساهت مان اجان ويو ناهي ۽ اڄ به مروج آهي.

مالهيءَ ناولن سان گڏ ڪي سٺيون ڪهاڻيون به لکيون آهن. سندس سٺين ڪهاڻين ۾ ”هيءَ نه ڪا آکاڻي آهي“ بهترين آهي، ۽ سندس سٺن ناولن ۾ ”پکيئڙا ولر کان وڇڙيا“ بهترين آهي.

مالهي نوجوانن ۾ بزرگ ۽ بزرگن ۾ نوجوان ليکڪ هو. ورهاڱي کان پوءِ، سنڌي ادب ۾ زندگيءَ جون حالتون ساڳيون سنڌ واريون نه رهيون هيون، بلڪل بدلجي ويون هيون. بزرگ ليکڪ لڳ ڀڳ سڀ ديوناگري لپيءَ جا حمايتي ٿي ويا هئا. ساهت بابت سندن نظريو ساڳيو ئي پراڻو مکتبي (academic) هو.

نئون هنن ڪجهه لکيو نٿي. هڪ دفعي ”الچند امرڏني مل مالهيءَ ۾ مون کي چيو هو: لپيءَ جي معاملي ۾ مان توهان جو مَتَ-وروڌي آهيان، ۽ توهين جيڪو لکو ٿا، اُن جو اَت-وروڌي آهيان. ٻئي دفعي، ”ادو عبدالرحمان“ جي ليکڪ اَمرلعل هنگوراڻيءَ ادبي ڪلاس ۾ ٻي ڪا ڪهاڻي پڙهي هئي، جنهن تي تنقيد ٿي ته ان ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جي چاشنيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪونه هو. انهيءَ تي امرلعل بگڙجي چيو هو ته توهانکي ڪهڙي خبر ته Art lies in concealment of art ۽ ٻاهر نڪري رمارڪ پاس ڪيو هئائين ته قلندر جي پنيان ڪُتا ڀونڪندا آهن. اجواڻي ۽ آسانند مامتورا ته نوجوان ليکڪن کي ’ليکڪ‘ ئي نه ليکيندا هئا! ان ڪري بزرگ ۽ نوجوان ليکڪن ۾ ساهتڪ سنبنڌ نه جهڙو هو. مگر مالهي، ٻنهي پيڙهين جي ليکڪن وچ ۾ پُل هو. اُن وقت سيا وجود ۾ نه هئي. ساليانا سميلن سنڌ ساهت منڊل سڏائيندو هو. مالهي منڊل جو سيڪريٽري هئو. انهن سميلنن جي صدارت اهي ئي بزرگ اديب ڪندا هئا. لپيءَ جو سوال جاڳي ٻجهي نه اُٿاريو ويندو هو، جيئن سميلن ۾ واد-وِواد ۽ تُرشي نه ٿئي. نوجوانن مان ڪي ان کي مالهيءَ جي ڪمزوري ته ڪي سمجهوتي-بازي سمجهندا هئا. ڪي ته کيس ”ناهگُرو“ به ڪوٺيندا هئا. حقيقت اها هئي ته مالهي مانيٽي سياو جو هو ۽ جهگڙو نه چاهيندو هو. نوجوان دوست ليکڪ سان به جي مت-ڀيد يا واد-وواد ٿيندو هوس، ته ’Let us agree to disagree‘ چئي ڳالهه ختم ڪندو هو.

ساهت کان پوءِ مالهيءَ جو يوگدان سنڌي ناٽڪ ۽ رنگ منچ ۾ هو. ورهاڱي کان پوءِ ڪجهه سال سنڌي ناٽڪ جڻ هئو ئي ڪونه. هيڪڙ-ٻيڪڙ ڪو مذاقي ڇچڇتو (skit) ڪيو ويندو هو، جنهن ۾ ناٽڪ جو رنگمنچي فن ۽ جوهر ته هوندو ئي نه هو، صرف

[illegible]

منورنجن ڪيو ويندو هو. اِهو شرف مالهيءَ کي هو جنهن سنڌي
ناٽڪ کي سنئين پير تي بيهاريو. سالن جا سال هو I.P.T.A (انڊين
پيپلس ٿيئٽر) جو ممبر ٿي رهيو. ناٽڪ ۽ رنگ منچ جي اها
سنسٿا آزاديءَ کان اڳ جي برپا ٿيل هئي، جنهن سان خواجه
احمد عباس، بمل راءِ، باسو ڀٽاچاريه، بلراج ساهني ۽ سندس ڀاءُ
ڀيشم ساهني، شبانا اعظمي ۽ سندس ماءُ شوڪت اعظمي جڙيل
رهيا هئا ۽ فلمن ۾ وڃڻ کان پوءِ به وقت به وقت ايندا رهندا
هئا. جنهن وقت مالهي ميمبر هو، اُن وقت اي-ڪي هنگل، دينا
پاٺڪ، ستين ڪپو ۽ سنجيو ڪمار اڃا IPTA ۾ هئا ۽ پوءِ فلمن ۾
ويا. انهن اداڪارن ۽ هدايتڪارن جي صحبت ۾ مالهيءَ ناٽڪ
تيندا ڏنا ۽ ناٽڪ خواه رنگ منچ جي هرڪا ڄاڻ حاصل ڪئي.
IPTA جي ٽاءِ جن مئڪسم گورڪيءَ جو ناٽڪ Lower Depths هنديءَ
۾ ”مسافرون کي ليئي“ نالي سان انواد ڪيو، جنهن جي
هدايتڪاري بينگالي رنگ منچ جي ماهر، رنوڪ گهٽڪ ڪئي.
اِنهيءَ ناٽڪ ۾ مالهيءَ پاڻ به اداڪاري ڪئي. ’مسافرخانه‘ جي
مئنيجر جي رول ۾ اڇي رنگ جي مبري ٽيبل ڪُرتي ۽ ناسي رنگ
تي پيلن پٽن واري گوڏ ۾ مالهي جيئرو جاڳندو ڪردار لڳي رهيو
هو. ناٽڪ ۽ رنگ منچ جي اِن ڄاڻ سان ئي مالهيءَ سنڌي ناٽڪ ۽
رنگ منچ کي سواريو سنگاريو. اِها ڄاڻ هن پاڻ تائين نه رکي،
بلڪ ٻين سان به ونڊي ورهائي. هن گهڻن کي اُتساهيو ۽ سنڌي
رنگ منچ کي نوان ڪلاڪار ڏنا. پهريون سنئو ٻير مالهيءَ جو هو،
پوءِ ته گهڻيئي ناٽڪ منڊليون ٺهيون ۽ ڪيترا ئي نوان ڪلاڪار
سنڌي رنگ منچ تي ايندا ويا ۽ پنهنجي جوهر سان پاڻ موکيندا
رهيا.

مالهيءَ جو اهڙو يوڳدان اهو نه هئو ته هن تزيل-پڪزيل
’استري ويل سنڌين کي سنڌي سنگيت جي سٽي ۾ پروئي هڪ
... وڪنو آسو ... سدا هدا ڪٽرن ۽ ڪالوس ۾ ...

سنڌين وٽ وڃي ڪين سنڌي سنگيت جا پروگرام ڏيندو هو. انهن پروگرامن ۾ سنڌي سنگيت سان گڏ پاڻ سان سنڌ ڪٺي ويندو هو. ساڳيو سنڌ وارو ماحول پيدا ڪري ويندو هو. پروگرام ڏسندي ٻڌندي، ماڻهو ٿڪجندا ئي نه هئا. سنگيت سان گڏ مالهي سنڌي ناٽڪ به ڏيندو هو، جن ۾ سنڌي جيون جي جهلڪ هوندي هئي. پروگرام پيا به ڏيندا هئا، پر اُهي شخص پنهنجو شخصي ڏاڪو جمائيندا هئا. مالهي جاتيءَ کي جاڳائي ايندو هو. پروگرام جي وچ وچ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ جي اپيل به ڪندو هو، ۽ سنڌين ۾ پنهنجي ٻولي، ڪلا ۽ ڪلچر لاءِ پيار، اُنهن کي بچائڻ لاءِ آتم وشواس پيدا ڪندو هو. سنڌي ٻولي ۽ ساهت، سنگيت ۽ ناٽڪ، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ مالهيءَ جهڙو ۽ جيترو يوگدان، مان نٿو سمجهان ڪنهن ٻئي جو رهيو هوندو!

مالهي اڄ سرير ۾ حيات ڪونهي، پر اسانجي دلين ۾ هميشه حيات رهندو ۽ سندس ديهانت تي مون جيئڻ چيو هو، يا شايد مالهيءَ مونکان چوايو هو :

زندگيءَ تائين تہ زندہ هوس ئي،
مان گهڻو جيئندس، مرڻ کان پوءِ پيي.



مالهي ـ سنڌي اَدب جو اَجات شَترو

ـ آنند کيماڻي

ٻڌم مالهي سنڌي ادب جو اَجات-شترو هو، يعني هڪ اهڙو شخص جنهن جو ڪوئي دشمن نه هو. ڪميونسٽ ويچارڌارا جو اهو اڪيلو سنڌي ليکڪ آهي، جنهن ڪڏهن به ڪنهن سان ذاتي دشمني نه رکي ۽ هر فرقي - درجي جي ليکڪ سان پيار-دوستيءَ جو ناتو رکيو.

مان پنهنجي اَدبي زندگيءَ جي شروعات کان اڄ تائين اَدب ۾ ڪميونواد، جنهن کي ترقي پسندگيءَ جو نالو ڏنو ويو آهي، جي سخت وروڌ ۾ رهيو آهيان، ۽ اِن ڌارا جي ليکڪن کي ليکڪ ئي نه مڃيندو آهيان، خواه ترقي پسند ڳڻ کي سنڌي اَدب جو شوبهه ڪال مڃيندو آهيان. اهڙي شخص سان مڌر دوستانا رشتا، صرف مالهيءَ جهڙو اُهلو ۽ اُدار شخص ئي رکي سگهي ٿو. مالهيءَ جي خوبي اها هئي ته هو پنهنجي راءِ تي قائم هوندي به پنهنجي وروڌ ۽ وروڌي، ٻنهي جو احترام ڪندو هو.

سڄيندار پريمس ۾ جڪ قسم جو سمجهوتو هوندو آهي ته [illegible]رڳي وچ ڪا نه اهڙي ڳالهه نه آڻيندا جنهن سان رشتي ۾ [illegible] ڪشيدگي [illegible] طرح جو عبر-طئه ننڌ سمجهوتو مالهيءَ ۽

ون ۾ هو. هو جڏهن دهليءَ ۾ ايندو هو ته مون وٽ گهر ۾
ٽ، پارليامينٽ ۾ وڌيڪ، جتي مان ملازم هوس. ٿوري وقت
ءَ ايندو هو. چانهه-ڪافيءَ جي هڪ پيالي تي، ڏهن پندرهن
نٽن جي مختصر ملاقات ۾ اسين چرچا گهٻا ڪندا هئاسون ۽
ڪ ٻئي جي صحت خواه خيريت وغيره تي نوٽس ايڪسچينج
ڪندا هئاسون. ڪيس خبر هئي مان ڪيس هڪ سنو سوشل ورڪر،
ستر انسان، ۽ هڪ رواجي ليکڪ سمجهندو هوس ۽ هو مونکي
واجي ليکڪ ته ڇا، ليکڪ ئي نه سمجهندو هو. ان ڪري اسين
ب تي ڳالهائڻ کان پرهيز ڪندا هئاسون.

مونکي ياد آهي ته هڪ دفعي مالهي دهليءَ ۾ شيام
ڳيا جي گهر اچي لٿو هو. شيام ڀاڳيا سروجني نگر ۾ هڪ
رڪاري ڪوارٽر جي آلاٽيءَ وٽ ڪرايي تي هڪ ڪمري ۾
ندو هو. منجهند جي وقت مان مالهيءَ سان ملڻ ويس. ڀاڳيا
سندس پتني آفيس ويل هئا. مالهيءَ سان گڏ ڀڳونتي ناواڻي
، هئي. مالهيءَ ڀڳونتي ناواڻيءَ کي منهنجي واقفيت ڏني–
ڻيءَ آهي آنند ڪيماڻي.'' ڀڳونتيءَ جي اکين ۾ سڌو سوال
و : آنند ڪيماڻي ڪير؟ ان اڻ-پڇيل سوال جو جواب جڏهن
ڳونتيءَ کي نه مليو، ته هن اِهو اندازو لڳائيندي ته مان به
رقي پسندن جو ڪو خاصخيلي هوس، جن جي فوج ڪُنن
نڌيت جي نالي ۾، هر شهر ۾ سنسٿائون ٺاهي، ڪن کي
سدن تي ٽاڪاڙائي، ڪڙي ڪٽي هئي، مون ڏانهن هڪ
نزيه مسڪراهٽ اُڇلي. هونءَ اُن وقت مون لنچ جي شروعات
س ڪئي هئي.

مالهيءَ پڇيو : 'چانهه هلندي؟' جواب ۾ مون چيو هو :
تهنجا ميزبان ته آهن ڪون. هوٽل مان ٿا گهرايون.' چيائين:
'نه، مان آهيان ته ترقي پسند، ليڪن چانهه مونکي عزت جي
دت جي نحيل وٺندي آهي.'' ۽ ڀڳونتي چانهه ٺاهي آئي. مونکي

اکثر لڳندو آهي ته پڳونسيءَ جي سات، مالهيءَ کي ٻُڌڻو بدليو هو ۽ ترقي پسندن کان الڳ ڪري بيٺاريو هو.

جڪ روح رهاڻي ملاقات ۾ حڏهن ڳڏايائين ته سندس ناناڻا سڌوجن جي ڳوٺ ۾ جتا ۽ سي به اسان جا سؤٽ، نه مون کيس چيو ته اِن حساب سان مان تهنجو نانو ٿيس، يلي ٿوڪار پندرهن سترهن سال ندو آهيان. نه هڪدم چيائين؛ ”پو خرچي ڏي.“ مون نه کيسي مان پنج رپيا ڪڍي کيس خرچي طور ڏنا، جي ڏلي کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. ڳويا اِهو رشتو پڪ ڪري ڇڏيائين. پوءِ جڏهن به ملاقات ٿيندي هئي ته مار پاليجي کيس پنج رپيا ڏيندو هوس يا هو پاڻ ڳهري وٺندو هو

آديپور سيمينار ۾ ڪيترن اَدبي دوستن جي سامهون جڏهن خرچي ڳهريائين ۽ ڳڏو ڳڏ چيائين نه هاڻي مهانڱائي وڌي ويئي آهي ۽ مان ڏهه رپيا وٺندس، نه ايم-ڪمل ٻوڪ ڏڏ Beggars cannot be choosers. ڪمل سٺو شاعر يلي هجي، پر اِر موقعي تي هو رشن جي خوبصورتيءَ کي محسوس نه سگهيو، اِر ڪري مونکي کيس ٻڪه ۽ خرچيءَ جي وچ فرق ياد ڏيارڻو پيو

ڪنهن وقت سنڌيءَ جي ڪمبوسٽ ليکڪن نحروءَ کي ’جيولو دماغ‘ ڪوٺيو هو. پر مالهي پنهنجي ڄبوبي ”اَدب ۽ اَديب“ جي چوٿين پاڱ ۾ لکي ٿو:”مونکي اِهو مڃيندي فخر جو احساس ٿيندو آهي نه شاهه ۽ مارڪس کان پوءِ مون ني نحروءَ جو ٻُڌڻي ۾ ٻُڌڻو اثر رهيو آهي.“ (ص. ٨٥) اِن ڪري ئي مالهي مونکي سنڌي ڪميولسٽ ليکڪن (پرهو ترقي-پسندن) ۾ ساڄي ڌارو شخص خواه ليکڪ لڳندو آهي.

جڪ دفعي مالهي محڪمي آفس ۾ آيو ۽ چيائين ته پارليامينٽ جي سينٽرل هال ۾ شري جيرام داس دؤلترام سان appointment آهي، بون مون سان ڳڏ هل. شري جيرامداس سان ٻُڌڻي ڳالهه بوله نحروءَ سي ٿي، شڪو ويچدر ۾

گذاري ويو هو. شري جيرامداس ڪافي دير تائين اهو ٻڌائيندو رهيو ته هن صاحب پارليامينٽ ۾ نهروءَ بابت ڇا ڇا چيو هو. جڏهن ٻاهر آياسين ته پڇيومانس - ''هونءَ ته اوهين شري جيرامداس تي ڏوڙيا وسائيندا رهندا آهيو ۽ وري هن سان ملڻ به وڃو ٿا! اِهو بهروپ ڇو؟ چيائين : ''شري جيرامداس آخر سنڌي نيتا آهي. عقيدا پنهنجي جڳهه تي آهن ۽ رشتا پنهنجي جڳهه تي.''

مالهيءَ سان ڪڏهن ڪڏهن شخصي ملاقاتن کي ڇڏي اسان ٻنهي وچ ۾ خط-و-ڪتابت خير ڪا ٿيندي هئي. جڏهن مان سنڌيءَ جي تازه ادب تي وهنوارڪ آلوچنا جو ڪتاب ''چيتنا'' ايڊٽ ڪري رهيو هوس، تڏهن مون سوچيو ته ترقي پسندن جي باري ۾ منهنجا شخصي رايا کهڙا به تلخ هجن، چيتنا جهڙي گرنٿ ۾ انهن جو عيوضي پٽو هئڻ گهرجي. اِن ڏس ۾ ترقي پسندن ۾ 'ليڪڪ' لفظ جي ويجهو وري به ڪو شخص نظر آيم ته اُهو مالهي هئو. اِن ڪري مون ڪانئس ملڪاڻي صاحب جي ناٽڪن تي سندس ڪيل آلوچنا ''هڪ وار فنڪار هميشه فنڪار'' کي چيتنا ۾ ڇپڻ جي اِجازت لاءِ خط لکيو. جواب ۾ اِجازت سان گڏ اِهو به لکيائين ته کيس خوشي ٿي هئي جو ڪنهن بهاني سان ئي، مون کيس خط ته لکيو هو. اسان ٻنهي وچ ۾ اهو پهريون ۽ آخري خطوتعلق هو.

اَدب ۽ مارڪسواد تي مالهيءَ جا تبصرا شايد سيني کان وَڌيڪ آهن ۽ ٻيدار عبارت ۾ آهن. اِن ڪري مان کيس ترقي پسند دوَر جو نظريه ساز (Ideologue) مڃيندو آهيان، حالانڪ شخصي سطح تي، هو سيني ترقي پسندن جي مقابلي ۾ ثابت ترقي پسند نظر ايندو هو. شايد اهو مالهي ئي آهي جنهن کُليو کُلايو قبوليو هو ته ترقي-پسندن پنهنجين تصنيفن ۾ فن کي قربان ڪيو آهي، پر سائنٽي وقت هو اِهو به مڃڻ لاءِ تيار نه هو

نہ ئي ڪي آواز ۾ تصنيفون آدب نہ ھون.
ھڪ ٻيءَ مالڪي پرم آسپنداڻيءَ سان گڏ منھنجي آفيس ۾ آيو. پرم ٻڌايو تہ سي. آءِ. ڊيءَ (CIID) جي سنڌي صاحڪار منڊل جو نئون وائيس چيئرمين موتي جوتواڻيءَ کي ڪيو آھي ۽ مالڪيءَ جھڙي معياري ليکڪ اِن ۾ ميمبر ٿيڻ قبوليو آھي. مالڪيءَ ٻڌايو. 'اسان جي (يعني ترقي پسندن جي) اسٽراٽيجي اھا آھي تہ موتيءَ کي ڇوٽ ڪونہ ڇڏينداسين تہ ٺيڪ وڃيس سو ڪري. ھن کي روڪڻ لاءِ ميمبر ٿي رھڻو ٿي پوندو.' مون صرف ايترو چيو ھو تہ مارڪسواد پنھنجو پاڻ ۾ ايترو عراب ڪونہ آھي جيترو ترقي پسندن ان کي اسٽراٽيجين جي گهيري ۾ آڻي خوار ڪيو آھي. ليڪن مالڪي اِن سوال تي پنھنجي ترقي پسند ڪُرم سان گڏ رھيو.

آدي پور سيمينار ۾ ھيري شيوڪاڻيءَ سان منھنجي ادبي ڇيڙڇاڙ ٿي. تن ڏينھن پرم ملير ۾ رھندو ھو ۽ سنڌالاجي لاءِ سنڌي اديبن جو Who's Who تيار ڪري رھيو ھو. سيمينار ختم ٿيڻ کان پوءِ مان پرم وٽ ملير ۾ ويس. سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ آيل گنو ساماڻي ۽ مالڪي وٽس لٿل ھئا. سيمينار ۾ شيوڪاڻيءَ سان ڇيڙڇاڙ جي دوران مون موجوده تنقيد جي عالم ديردا جي Deconstruction جو ذڪر پڻ ڪيو ھو. مالڪيءَ پرم جي گهر ان باري ۾ ڪجھہ ڄاڻڻ جي اِڇا ڏيکاري. ٿورو گهڻي ٻڌايس ۽ ڪجھہ وضاحت مون ڪئي. ليڪن اسان جي ان چيٽ منٽ جي وضاحت ۾ ئي لڳو تہ مالڪي صاحب جي چھري تي ناپسنديءَ جون ريکائون اُڀري آيون. اِن ڪري ان وشيہ کي باقي ھڪ اڌ منٽ ۾ ئي اُڪليو. دنيا جي ادب ۾ مھاڪٿائون Grand Narratives پلي مري رھيون ھجن، ليڪن سنڌي ترقي پسندن لاءِ مارڪس کان ٻاھر ڪجھہ نہ ڏسڻ جڻ ڪُفر آھي.

، کان اڳ، آدي پور ۾، ساھت اڪادميءَ طرفان سڏيل تي

ڪوناڻل سيمينار ۾ مان به وڃي پهتو هوس. هڪ بيٺڪ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ، ڪجهه دوستن جي وچ ۾ گهيريل مالهيءَ کي، الائجي ڇو اوچتو مون چيو : ''اَوهين پنهنجيون پڳون لاهي ڦٽيون ڇونه ٿا ڪريو.''

مالهي اَواڪ رهجي ويو ته مون چيو ڇا ٿي! اِن ڪري مون وضاحت ڪئي ـ ''نيتائن جون گديون ڇڏيو ۽ نَوَن نؤجوانن کي ڏيو ته اُهي به پنهنجي سارتڪتا سِڌ ڪن.''

پاسي ۾ ئي هڪ ڇوڪرو بيٺو هو ـ سورهن سترهن سالن جو. پڇيومانس: ''ڇا ڪندو آهين؟'' چيائين: ''ٻارهون پڙهندو آهيان.'' مان مالهيءَ ڏانهن مخاطب ٿيس ۽ چيومانس: ''هنئڙن ٻيرن کي پنهنجي سيا جا سيڪريٽري، صدر وغيره ڪيو.'' مالهي صاحب ڪجهه سمجهي نه سگهيو ته ڪهڙيءَ ڳالهه مون کي اوچتو ڪيس 'پڳون لاهي ڦٽيون ڪيو' چوڻ لاءِ آماده ڪيو هو. پر ڏٺم ته ڪيس ڪجهه بي-عزتيءَ جهڙو احساس ٿيو هو، حالانڪ ظاهرا هلڪي کل کل ڪري رهيو هو. ٿوري دير کان پوءِ مون کي اڪيلائيءَ ۾ پاسيرو وٺي چيائين: ''تون ايترو ڦاٽوڙو ڏهل ڇو آهين؟ ۽ بنا ڪنهن provocation جي؟''

مان ماضيءَ ۾ کوهجي ويس. ڪافي اڳ ۾، مان ڪجهه وقت لاءِ ڪنهن ڪاليج ۾ پڙهائيندو هوس. هڪ ڏينهن ڪلاس هلندي، ڪنهن شاگرد غلط سلط چيو ۽ مون پاڻ کي اَپمانِت محسوس ڪيو. ڪلاس بعد مون ڪيس پاسيرو وٺي پڇيو هو: ''تون ايترو گستاخ ڇو آهين؟'' هن شريف زادي ترت 'sorry' چيو هو.

هن وقت منهنجي من ۾ اُهو گستاخ ڇورو منهنجو Role Model ٿي لٿو، ۽ مون هڪ دم ٻئي هٿ جوڙي مالهي صاحب کان معافي گهري. منهنجن ٻنهي هٿن کي پنهنجن هٿن ۾ جهليندي چيائين، ''ڇريو نه ٿيءُ. ساٿين ۾ معافي ٿيندي آهي ڇا؟'' سندس چهري تي خوشي نمايان هئي. پر ڪانٽس وڌيڪ

خوش مان خوش ٿو ملهي صاحب Forgive and Forget جو ”ٿ مون کي ڏنو هو، جنهن کي مان زندگيءَ جو اعليٰ سڏائب محمدو آهيان.

هتي ڏينهن نارائڻ ’شيام‘، جنهن کي پڙهي پائي ڪنهن دوست مان خبر پيئي هئي، مون کان پنهنجي مخصوص مسڪراهٽ ۾ توري طنز جي ڇٽَ ڏيئي، خدائي خوشيءَ سان پڇيو، ”سو تون چاهين ٿو ته ترقي-پسند پنهنجون پڳون لاهي بيوڪرانس کي ڏيڻ؟“

نارائڻ ’شيام‘ ۽ مان، پنج سال مرڪزي ساهت اڪادميءَ ۾ گڏ هئاسون ۽ ساڳيءَ ڪالونيءَ ۾ رهندا هئاسون. هر سال دهليءَ کان بمبئيءَ ۽ بمبئيءَ کان دهليءَ، سورهن ڪلاڪن جو سفر گڏ ڪندا هئاسون، اڪادميءَ جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ. ان ڪري اسان ٻنهي جي وچ ۾ بي-لاڳ دائلاگ جو هڪ رشتو قائم هو.

شيام جي مُرڪ ۾ طنز جي چُٽڪيءَ ڪري، سندس مسڪراهٽ جي ذرا تيزي ٿيڻ، سندس فقري جي ٽون ۽ ان جي اَرٿ جي پن-پن ڏسائي ۾ پرسار ٿيڻ کي مان ترت de-code ڪري نه سگهيس، ته ڇو محنتي چسپائيءَ تي ڪلي رهيو هو يا ترقي-پسندن جي ڪرسيون نه ڇڏڻ جي ٻنرائيءَ تي، يا مائِٽين پوري اِستِتيءَ جي بي-سودپٽي ڏانهن اِشارو ڪري رهيو هو! ان ڪري جواب ۾ مون ڪيس محض مسڪراهٽ ڏني، ته ٻڌ هڻؤ نه مون وانگر پڻو پرولي پڇي!

ان ۾ شڪ ناهي ته پارٽ ۾ سنڌين کي لپيءَ جي سوال تي ورهائي، شيرامداس دولترام هڪ نه بخشڻ جهڙو ڪم ڪيو هو. ليڪن ترقي-پسندن شيرامداس کان نه وڌيڪ خراب ڪم ڪيو. جو جنهن اِن جو مقابلو ادب ۽ منطق جي سطح تي ڪرڻ جي بدران پنهنجي ۾ ’شيرامداس سان نفرت‘ جي هڪ طويل مهم ... ڇيڙي ۾ نيٺ اثر، ڪيتري قدر پهچيءَ تي

جنهن جي اِنتها 'جيرامداس-پوپٽي ڪانڊ' ۾ ٿي. اِن
ند جي دؤران، دهليءَ جي چند غير-سياسي سنڌي اديبن
ن، پرم ابيچنداڻي ۽ ايشور گرمُکاڻي بمبئيءَ ويا هئا. اُنهن
چيو هو ته ترقي-پسندن ۾ بهتر انسان مالهيءَ سان ملاقات
ري ڏسجي ته هو ترقي-پسندن جي حمايت ۾ آهي يا ادب
انسانيت جي حق ۾ آهي. لعل پشپ جي گهر هڪ بينڪ تي
ٽي هڪ ٽيپ رڪارڊر لِڪائي رکيو ويو، جيئن اِن ڳالهه کي
يقيني ڪجي ته جيڪڏهن مالهي ڪجهه صاف صاف ڳالهائي ته
پوءِ اڳتي هلي هوُ ترقي پسندن جي زور بار تي آلي نه وڃي.
اِتفاق سان رڪارڊنگ muffled رهي، جنهن ڪري پرم، ايشور
وغيره اِهو ثابت ڪري نه سگهيا ته مالهيءَ اِن مسئلي تي ترقي
پسندن جي خلاف ڪجهه ڳالهايو هو، ۽ مالهي پنهنجي گروپ ۾
پنهنجيءَ ساک کي بدستور قائم رکيو. ٽيپ رڪارڊر لڪائي رکڻ
جي ڳالهه کي ادبي حلقن ۾ صحيح ئي خراب مڃيو ويو ۽
مالهيءَ تي ڪائي آنچ اچڻ جي بجاءِ، هن سان اڪثر اَديبن—
غير ترقي-پسندن جي به — همدردي رهي. ڪجهه وقت کان پوءِ
مالهي دهليءَ آيو. اسان ٻنهي جي وچ ۾ چانهه جي هڪ پيالي
تي، جڏهن اِن وشيه تي ڳالهه ٻولهه ٿي، ته مون مڃيو ۽ بنا
جهجهڪ جي مڃيو، ته ادب ۾ ڪا به ڳالهه لِڪ-لِڪاو سان ڪرڻ
سازش جي برابر آهي؛ يلي پوءِ اهڙيءَ ڪنهن ڳالهه سان
منهنجا دوست ئي چونه وابسته هجن. ليڪن......
مالهيءَ اِهو ڀانپيندي ته مان ترقي پسندن مان به اِن
'ليڪن' جي اوٽ ۾ ڪا مين-ميک ڪڍڻ وارو هوس، مون کي
ست پوري ڪرڻ ئي نه ڏني ۽ چيائين : ''مان خوش آهيان، ج
گهٽ ۾ گهٽ تون اِن بدعنوانيءَ کي approve نٿو ڪرين.''
مالهي پرم وغيره سان خاصو ناراض رهندي به، آخر ت
اڳ جيترو ئي پرم جي ويجهو رهيو، جنهن مان هن جي درگ

خوش مان خوش ٿو مالڪي صاحب Forgive and Forget ٿو آپ مون کي ڏنو ٿو، جنهن کي مان زندگيءَ ۾ جواعليٰ سڏائت محمد و آسمان.

ٻئي ڏينهن نارائڻ 'شيام'، جنهن کي پرم يا ٻئي ڪنهن دوست مان خبر پيئي هئي، مون کان پنهنجي مخصوص مسڪراهٽ ۾ ٿوري طنز جي ڇٽ ڏيئي، حقائقي شوخيءَ سان پڇيو: ”سو تون چاهين ٿو ته ترقي-پسند پهنجهون پڳون آهي نوڪرانن کي ڏيئي؟“

نارائڻ 'شيام' ۽ مان، پنج سال مرڪزي ساهت اڪادميءَ ۾ گڏ هئاسون ۽ ساڳيءَ ڪالونيءَ ۾ رهندا هئاسون. هر سال دهليءَ کان بمبئيءَ ۽ بمبئيءَ کان دهليءَ، سورهن ڪلاڪن جو سفر گڏ ڪنداهئاسون، اڪادميءَ جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ. اِن ڪري اسان ٻنهي جي وچ ۾ بي-لاگ ڊائلاگ جو هڪ رشتو قائم هو.

شيام جي مُرڪ ۾ طنز جي چُٽڪيءَ ڪري، سندس مسڪراهٽ جي ذرا تيزي تيڻ، سندس فقري جي نون ۽ ان جي اُرت جي پن-پن ڏسائن ۾ پروسار تيڻ کي مان ترت de-code ڪري نه سگهيس، ته هو مهنجي ڇسپائيءَ تي ڪلي رهيو هو يا ترقي-پسندن جي ڪرسيون نه ڇڏڻ جي ينرائيءَ تي، يا ماڳهين پوري اِسٽيٽيءَ جي بي-سودپٽي ڏانهن اِشارو ڪري رهيو هو! اِن ڪري جواب ۾ مون ڪيس محض مسڪراهٽ ڏني، ته پل هڙ نه مون وانگر پهو پرولي پئي!

اِن ۾ شڪ ناهي ته پارت ۾ سنڌين کي لپيءَ جي سوال تي ورهائي، جيرامداس دولترام هڪ نه بخشڻ جهڙو ڪم ڪيو هو. ليڪن ترقي-پسندن جيرامداس کان به وڌيڪ خراب ڪم ڪيو، جو هُنن اِن جو مقابلو ادب ۽ منطق جي سطح تي ڪرڻ جي بجاءِ ديس پر ۾ 'جيرامداس سان نفرت' جي هڪ طويل مهم هلائي. اُ مُهم جو نُتيجي ۾ نُڪتو اثر، ڪشوردس پوپٽيءَ نے

تيو، جنھن جي اِنتھا ’جيرامداس-پوپٽي ڪانڊ‘ ۾ ٿي. اِ
ڪانڊ جي دؤران، دھليءَ جي چند غير-سياسي سنڌي اديب
مان، پرم ابيچنداڻي ۽ ايشور گرمُکاڻي بمبئيءَ ويا ھئا. اُنھ
سوچيو ھو تہ ترقي-پسندن ۾ بھتر انسان مالھيءَ سان ملاقات
ڪري ڏسجي تہ ھو ترقي-پسندن جي حمايت ۾ آھي يا ادب
۽ انسانيت جي حق ۾ آھي. لعل پشپ جي گھر ھڪ بيٺڪ ٿي
جتي ھڪ ٽيپ رڪارڊر لِڪائي رکيو ويو، جيئن اِن ڳالھ کي
يقيني ڪجي تہ جيڪڏھن مالھي ڪجھ صاف صاف ڳالھائي تہ
پوءِ اڳتي ھلي ھوُ ترقي پسندن جي زور بار تي اَلي نہ وجي.
اِتفاق سان رڪارڊنگ muffled رھي، جنھن ڪري پرم، ايشور
وغيره اِھو ثابت ڪري نہ سگھيا تہ مالھيءَ اِن مسئلي تي ترقي
پسندن جي خلاف ڪجھ ڳالھايو ھو، ۽ مالھي پنھنجي گروپ ۾
پنھنجيءَ ساک کي بدستور قائم رکيو. ٽيپ رڪارڊر لڪائي رکڻ
جي ڳالھ کي ادبي حلقن ۾ صحيح ئي خراب مڃيو ويو ۽
مالھيءَ تي ڪائي آنچ اچڻ جي بجاءِ، ھن سان اڪثر اَديبن —
غير ترقي-پسندن جي بہ — ھمدردي رھي. ڪجھ وقت کان پوءِ
مالھي دھليءَ آيو. اسان ٻنھي جي وچ ۾ چانھ جي ھڪ پيالي
تي، جڏھن اِن وشيہ تي ڳالھ ٻولھ ٿي، تہ مون مڃيو ۽ بنا
جھجھڪ جي مڃيو، تہ ادب ۾ ڪا بہ ڳالھ لِڪ-لِڪاو سان ڪرڻ
سازش جي برابر آھي؛ پلي پوءِ اھڙيءَ ڪنھن ڳالھ سان
منھنجا دوست ئي ڇونہ وابستہ ھجن. ليڪن ....

مالھيءَ اِھو ڀانپيندي تہ مان ترقي پسندن مان بہ اِن
’ليڪن‘ جي اوٽ ۾ ڪا مين-ميک ڪڍڻ وارو ھوس، مون کي
ست پوري ڪرڻ ئي نہ ڏني ۽ چيائين : ”مان خوش آھيان، جو
گھٽ ۾ گھٽ تون اِن بدعنوانيءَ کي approve نٿو ڪرين.“

مالھي پرم وغيره سان خاصو ناراض رھندي بہ، آخر تاءِ
اڳ جيترو ئي پرم جي ويجھو رھيو، جنھن مان ھن جي درگذر

ڪرڻ جي عادت جو پتو ٿو پوي.

تازو دهليءَ سنڌي اڪادميءَ طرفان مالهيءَ کي پنجاهه هزار رپين جو اوارڊ مليو، جنهن لاءِ هو دهليءَ ۾ آيل هو. اِن ميلڪ ۾ اچڻ لاءِ پڇرين پرم ڪان مون کي فون ڪرايائين ۽ پوءِ خود پاڻ ڪمائيس. چيائين، ”مون (مالهيءَ) ۾ ۽ تو (آنند) ۾ هڪ ڳالهه ڪامن آهي. توکي اِهو ڏسي عجب لڳو هوندو ته اسان ٻنهي ۾ ڪامن ڇا ٿو ٿي سگهي؟ ڪامن اِهو آهي ته اسين ٻئي گنجا آهيون.“ ۽ هاڻي ته مونکي اِن فنڪشن ۾ هر حالت ۾ وڃڻو هو. اُتي وڃي مون سندس دوستاڻه گرم جوشيءَ کي آخري پيرو پاتو. سنڌي اديب عجيب جانور آهي. پنهنجي ساٿي اديب جي سنمان ۾ ٿيندڙ ميلڪ ۾ اچڻ لاءِ به ڪيس استدعا ڪرڻي پوندي آهي.

سنڌي سماج ۽ سنڌي ادب ۾ مالهيءَ جو جيڪو رُتبو آهي اُن جي مدنظر مون هڪڙي ٿلو-پنجوءَ جي مالهيءَ بنسبت ڪا به سٺي/خراب راءِ اهميت نٿي رکي. ليڪن ته به مان مالهيءَ جي چاٽلي بعد اِها انڌانجلي ڪونه ڏيندس ته مالهي سنڌي ادب جو مهان ساهتڪار هو. اِها منهنجي ذهني بي ايماني ٿيندي خواهه اگر ديس ۾ مالهيءَ جو روح (جيڪڏهن ڪو اگر ديس آهي ۽ ڪي روح ٿيندا آهن ته) منهنجي پاڪنڊ تي ناراض ٿيندو. مالهيءَ جي موت ۾ مون هڪ درياهه-دل دوست وڃايو آهي.

اَدب ۽ اَديب : هڪ آلوچنا

— آلوچڪ : پرم ابيچنداڻي

ادب ۽ اديب، گوبند مالهيءَ جي آتم ڪٿا آهي. هي رچنا پنجن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جيڪي ۱۹۸۷ کان وٺي ۱۹۹۱ تائين شايع ڪيا ويا آهن. ”ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون“ عنوان سان پهريون ڀاڱو ۱۹۸۷ ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ مالهيءَ جي ننڍپڻ ۽ ساماڻيل عمر جو بيان آهي. ٻئين ڀاڱي جون عنوان آهي ”سنڌڙي منهنجي جندڙي“، جيڪو ۱۹۸۸ ۾ شايع ٿيو ۽ جنهن ۾ سنڌ ڪاليجي جيون ۽ راڄنيتڪ مشغولين جو ذڪر آهي. ٽيون ڀاڱو ”نِرواس ۾ آس“ ۱۹۸۹ ۾ ڇپيو، جنهن ۾ ورهاڱي کان سنڌين جي پُنرواس جو ذڪر آهي. چوٿين ڀاڱي جو عنوان آهي ”زندگي هڪ سفر“، جيڪو ۱۹۹۰ ۾ ڇپيو ۽ جنهن ۾ سنڌس سنسڪرتڪ ۽ ساهتڪ مشغوليُن جا بيان آهن ۽ ۱۹۹۱ ۾ ”هي رشتا ناتا“ عنوان سان ڇپيل پنجين ڀاڱي ۾ ديس-پر ۾ وسيل سنڌين جي واتوڻي سنسڪرتيءَ جي مشغولين جا بيان آهن. گوبند مالهي هڪ ڪلاڪار منڊليءَ جو پرمک رهيو ۽ ٿن سنڌي تمدن ڦهلائڻ ۾ اهم ڀومِڪا نِباهي آهي.

مالهيءَ جي لکيل ’ادب ۽ اديب‘ جا پنج ڀاڱا جن ۾ هُو پنهنجيءَ جيوَن ڪٿا جو ورڻن تو ڪري، ساڀارت جي سنڌي ادب ۾ نه فقط لنبي ۾ لنبي آتم ڪٿا آهي، پر اُها سندس زندگيءَ ۽ اُن جي وڪاس ۽ ڪاريہ جي اِظهار کان سِواءِ پنجاھ سالن کان بہ

وڏيڪ عرصي جي ڦھلاءُ اندر سماجڪ، سنسڪرتڪ ۽ راڄنيتڪ پس-منظر جو پٽنر-پرچڻ آھي، ھن جي جيون، ھن جي ٻالڪپڻ ۽ ھن جي تعليم، سنڌي سنسڪرتيءَ جي ھڪ پوڙھي جي روپ ۾ ھن جي ڪاريہ شيون جو ليکو چوکو رکڻ کان سواءِ، ھي ڪتاب پڙھائي ٿو تہ ڪھڙي نموني ۾ ڪِن ۾ ھڪ سمويدن شيل ۽ نيڪ ڀاو جو وڪاس ٿيو، جنھن ساحت جي گھڻو ڪري سڀني شاخن جي مختلف قسم جي اھم ڪتابن ۾ پاڻ کي اِظھاريو.

آتم ڪٿا جو پھريون ڀاڱو ھڪ دلچسپ آپياس آھي، جنھن ۾ مالھي ٻالڪپڻ جي مٿڙ پلن جو ورڻن ٿو ڪري ۽ سنڌس کي قدر ٻولائي پر سچ ٻوليءَ ۾ ھڪ ٻار جي معصوميت جيٽي سامھون ٿي اچي. ليکڪ آتم ڪٿا جي شروعات وچولي سنڌ ۾ پنھنجي ڳوٺ لاڙوشاھ ۾ گذاريل ٻالڪپڻ جي ڏينھن جي ورڻن سان ٿو ڪري، حتي ڳوٺ جا سماجڪ قدر وشواسن کي روپ ٿا ڏين. پنھنجي پيءُ جي اثر ھيٺ ھو اُدارواديءَ صوفي مانوتاواد طرف جھڪيو جنھن ھن کي non-conformist بڻايو ۽ ساڳئي وقت سنڌس پيڻ، مريادائي وشواس جي لامحدود شڪتي، ھن جي من ۾ پيري ڇڏي. منظر ۽ آوازن ڪيئن ھڪ ٻالڪ جي من ۾ چڪ پيدا ڪئي، ڪھڙي نموني اُڏامندڙ پکين ڦحلبل دوڙيئن طرف ھن جي من ۾ السا جاڳائي، ڪھڙي نموني شاھ عبداللطيف جي مٿڙ ۽ وَھڪ واري لئہ جو ھن تي رد-عمل ٿيو، اِھي سڀ ھن ڀاڱي جا مکيہ اَنسَ آھن. پنھنجي ڪاريہ جيون جي اَنت ۾، پڪاسو محسوس ڪيو ھو تہ ڪيس ھڪ ٻار وانگر چتر ٺاھڻ سکڻ ۾ پوري زندگي گذري ويئي! ١٩٢٩ ۾، نِڪولس نڪلباءِ پڙھندي، ورجينا وولف نوٽ ڪيو ھو تہ ڊڪنس جي پنھنجن پاترن کي جيئرو جاڳندو ٺاھي پيش ڪرڻ جي شڪتي ان سچ ۾ سمايل آھي، تہ ھو اُنھن کي البت ڏسندو ھئو، جئن ھڪ ٻار ڏسندو آھي. دراصل، ھر ھڪ [illegible] نعي ٻالڪپڻ جي اُنھن شڪتين کي ياد ڪندو آھي،

جڏهن اصلي سنسار جي پنَتا ۽ اَنيڪتا چمتڪارن سان ڀريل هوندي آهي، جڏهن نِرجيو شيون ڳالهائينديون آهن ۽ جڏهن سپنا رات جي ڀيٽ ۾ لنبا ٿي ويندا آهن. ليڪن سمرڻ ڪرڻ ۽ پُنَر-سِرجڻ ڪرڻ ٻه الڳ ڳالهيون آهن ۽ فقط ٿورا ليکڪ ئي بالڪپڻ جي اُٿاوت ۽ اَچرجن کي واپس آڻي سگهندا آهن. آتم ڪٿا جي هن ڀاڱي ۾ مالهي اِهو ئي ڪجهه ڪري ٿو. جڏهن هوُ وڏو ٿو ٿئي، تڏهن هوُ اُنهن شڪتيُن کي سمجهي ٿو سگهي، جن هن جي چرِيتر کي گهَڙيو آهي. ليڪ پنهنجي پريوار جي ڀاتيُن ۽ اُنهن ماڻهن جو تفصيل ۾ ذڪر ڪيو آهي، جن سان هوُ گهيريل رهيو آهي، ۽ اٿين ڪندي سندس گيان، سؤندَريہ ۽ پرگتيشيل درشٽيءَ طرف جهُڪاءُ ظاهر ٿي بينو آهي. هڪ ٻار جي روپ ۾ هُن کي اِن ڳالھ تي عجب ٿو لڳي تہ هن جي گهر جي ڀيٽ ۾ سندس سؤٽن وٽ نندو گهر ڇو آهي ۽ هوُ غربت ۾ جيوَن ڇو ٿا گهارِين، جڏهن ڏِنو وڃي تہ سندس پريوار وٽ خرچ ڪرڻ لاءِ گهٽو ئي ڪجهہ آهي! جڏهن هوُ وڏو ٿو ٿئي، تڏهن (آتم ڪٿا جي ٻئي ڀاڱي ۾) هوُ سنسار کي هڪ ڀِن درشٽيءَ سان ٿو ڏِسي. هوُ اُهو شئِليڪار آهي، جيڪو دنيا کي هِڪَ ڦِرندڙ لينس ذريعي ميري روپ ۾ ٿو ڏسي. اُن وقت طاقت جا سياسي دلالَ ڌيڄاريندڙ خاموشيءَ ۽ ڏنڊ سان ڀريل ٿا لڳن ۽ هوُ پاڻڪن کي اِن مونجهاري جي ذهني آگهائيءَ واري بصارت تي رهڻ لاءِ مجبور ڪندي، پنهنجي لاءِ هڪ گهرو آدرياءُ پئدا ڪري ٿو وني.

آتم ڪٿا جي ٻئين ڪنڊ ۾ مالهي پاڻڪن آڏو هڪ عام آدميءَ جي منودشا ۾، آساڌارڻ سَمويدَن-شيلتا سان پيش ٿو اچي. زندگيءَ طرف هُن جي آشاوادي درشٽي، جاچنا، هن جي چُست عبارت، پاٺڪ کي ٻڌيِ ٿي رکي. تنهن هوندي بہ ڪيترن هنڌَ، سچ سان وفاداريءَ کي هڪ طرح جي ڪلپناشيل اِظهار ڏٺارا، بدليو ويو آهي. هوُ ناول ۽ آتم ڪٿا کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ٿو

ڇڏي، خاص ڪري ٻئين ڪنڊ ۾ اهو سڏ ڪرڻ ۽ ته ساهت ۾ جي هيءُ صنف هڪ ڪٽ آهي، ۽ وڳيان نه آهي. مالهيءُ آتم ڪٿا کي ٻرشٽاتمڪ ٺاهيو آهي. سوچيو وڃي ته ڇا آتم ڪٿا، آنتم ڪٿا- ساهت نه آهي؟

هتي مالهيءَ جي ڪٿا، ساهس وارن ڪارنامن سان ڀري پيئي آهي، پوءِ ڀلي ته اُهي حقيقي يا ڪالپنڪ ڇو نه هجن. اِن ۾ رنگين پاتر ٻه اچي ٿا وڃن. پنهنجي شروعاتي جيوَن، جواني ۽ پبلڪ مشغولين جي ليکي چوکي جو ذڪر ڪندي، هوُ هڪ لحڪندڙ اِيحاس جو ماحول پئدا ڪري ٿو ڇڏي. هوُ قبول ٿو ڪري ته پنهنجي جيوَن ۾ هميشه پڇتائيءَ جو شڪار ٿيو رهيو آهي ۽ صحيح وقت تي صحيح فيصلا ولڻ ۾ اَسَڦل رهيو آهي. هوُ چوي ٿو ته پڇتائيءَ جي لنبي زنجير ئي سندس زندگي رهي آهي ۽ اِن ڪارڻ فيصلا هن جي هٿان مڙهيا ويا آهن ۽ هڪ دفعو اُنهن کي سويڪار ڪرڻ کان پوءِ، هوُ اُنهن سان ٻڌو رهيو آهي.

مالهي اُنهن سياسي حالتن جو ورڻن ٿو ڪري، جن سنڌي جندُن کي ڀارت ۾ لڏي اچڻ لاءِ مجبور ڪيو هو. اُپ-محاوريو جي اِيحاس ۾ هيءُ هِڪ وياپڪ لڏپلاڻ هئي. هتي مالهيءُ هو، پنهنجي دوويڌا کي ڪناري رکندي کيل جي اِظهار، ڪنهن ليڪڪ ڏٺارا سنڌي ساهت جي اِيحاس ۾ تمام مشڪل سان پراپت کيل هڪ اَساڌارڻ حاصلات آهي. هيءُ ذهن لکن کان نه وڌيڪ مالڪن جي لڏپلاڻ هئي. پنهنجيُن پاڙُن کان ڪٽجي جو اُکڙجڻ، ڪنن جو پُنرواس، ڪنن جي قياس جوڳي آرٿڪ حالت، ڪنن جا ٿليل ڳهاڙ ۽ اُنهن مان ٻمندڙ عون، ۽ سڀ کان وڌيڪ نراسائيءَ جي اِسٿتي ۽ آپدا، اِنهن سڀني ڳهٽنائن کي مالهيءُ جي آتم ڪٿا جي ڪنڊ ٿئين ۾ جڳهه ملي آهي. لکن اُن کان پهرين، ٿئربل صديءُ جي پنجين ڏهاڪي دؤران، هوُ سياسي هنگامي ۾ ۽ ۾ پارٽي ڪميونسٽ پارٽيءُ جي سنڌ شاخ جي

سيڪريٽريءَ جي روپ ۾، چاليهن واري ڏهاڪي ۾، سِنڌ ۾ راڄنيتڪ اِستِتِيُن جو هن ورڻن ڪيو آهي. پنهنجي ورڻن ۾ هن سنڌ جي سَماجڪ اِستِتِيُن، سنسڪرتِڪ ڪَڙيُن، آرٿِڪ حالتن، قيمتن ۾ واڌِ، بين مهاياري لڙائيءَ جي پرڀاءَ ۽ سياسي پارٽِيُن جي ڪلابازين کي بہ هُن سهيڙيو آهي. ساميَوادي راڄنيتِڪ فلسفي طرف پنهنجي آزاد ڳنڍِ ۽ هڪ ناول نويس جي روپ ۾، پنهنجي وچن-بَدتا تي ويچار ڪندي، هن سنڌ جي طوفاني راڄنيتيءَ ۾ پنهنجي پنجاهہ سالن جي راڄنيتيءَ واري تجربي جو هڪ وِوادي ۽ صاف چِٽ ڪيو آهي. راڄنيتي ۽ ساهتِڪ ڪلا جي سنبنڌ جي باري ۾، هن جا ويچار جينوٽيڪ ڪيترن پاٺڪن کي مباحث لڳي سگهن ٿا، پر تڏهن بہ سندس هيءَ رچنا باسٽي لکتِ جي جيت تي سگهي تي. آتم ڪٿا جو هيءُ حصو، ليکڪ جي شُڌتا ۽ اهميت تي زور ٿو ڏئي ۽ ٻڌائي ٿو تہ ڪِئَن مالهيءَ جهڙو صوفي ۽ ماستر، ساميَوادي سِياست طرف مُڙيو.

تواريخي ٽوٽڪن ۽ هينئين وچولي طبقي ٿوڙي غريب طبقي جي سماجڪ زندگيءَ جي روپ-ريکا کان سواءِ، هن ڪتاب ۾ آيل ٻي جيڪا اَهميت ڀري ڳالهہ آهي، سا آهي ليکڪ جي عبارت ذريعي ظاهر ٿيل اِتِهاس جي ويچار جو ورڻن ۽ سنڌي سماج جو چِٽ، جيڪو سندس، ڪِن اڳ ڇپيل ڪتابن ۾ بہ موجود آهي. اتهاس جي سِڌانتن ۽ ويچارن مطابق، اِتِهاس جي پکپاتي يا غير پکپاتي هئڻ جي باري ۾ ڪڏهن سوچي بہ نٿو سگهجي. اِتهاس تہ وڪاس جو مظاهرو ٿو ڪري ۽ اُن جي سببن کي پيش ٿو ڪري. اِهو سوچ هُن کي وِمُکتا جي حالت طرف وٺي ٿو وڃي. ليکڪ جي آتم ڪٿا مان هيِ مثال ڏسو :

” سنڌ ۾ راڄنيتيءَ جو روپ تيزيءَ سان بدلجي رهيو هو. مان ڪراچيءَ ۾ هوس ۽ مارچ ۱۹۴۰ ۾ منزل ڳاهہ فرقيوار فسادن واري واقعي تي الله بخش سومري جي ٻچتائي جو

”پ ولندي، ڪانگريس ۾ جي منتري منڊل کان پنهنجي حمايت واپس ورتي ۽ اِن طرح سنڌ ۾ مسلم ليگ کي سرڪار ٺاهڻ جو موقعو مليو. پاڪستان ٺاهڻ جي سلسلي ۾ ڪانگريس جو مسلم ليگ کي اِهو هڪ قسم جو نذرانو هو، سنڌ جو اِتهاس ٽڪڙو بدلجي رهيو هو ۽ جيءُ ڪجهه اِهڙو هو، جو منهنجي ويچار جي دائري ۾ نٿي آيو.“

اِن اِتهاسڪ تبديليءَ مالهيءَ جي اندر هڪ ذهني دوري پيدا ڪئي، جيڪا اڳتي هلي وڏيڪ اونهي ٿيندي ويئي. ادب ۽ اديب جو هيءُ ڀاڱو، آزاديءَ کان اڳ سان وابسته ڪيترن ئي منجهائيندڙ حقيقتن ۽ گهٽنائن سان پريو پيو آهي. ليڪڪ جي بيباڪ اظهار ۽ اندرينءَ سوچيءَ جي ڀاڱي کي يادگار ڀاڱو بڻائي ڇڏيو آهي. حتي پاونائن جي سنبا ۽ نِرملتا جو تعلق آهي، اُتي جي آتم ڪٿا کي هڪ خاص ڏارا جي استاپنا جو درجو ڏيئي سگهجي ٿو. اِن ۾ پريم پرسنگ ۽ ساهسي قسوليتون پريون پيئون آهن، جيڪي جي ڪتاب ۾ ڪنهن حد تائين نواڻ جا عناصر آڻي ٿيون ڇڏين ۽ سنڌي آتم ڪٿا جي رچنا لاءِ اِهي عناصر نوان آهن.

مالهيءَ جي آتم ڪٿا جي لِکين ۽ ڇوٿين ڀاڱي ۾، ۱۹۳۸ کان ... ٽالبن واري عرصي جي ساهتڪ، سماجڪ ۾ سنسڪرتڪ ... ذڪر آهي، جڏهن هوُ پاڪستان مان هميشه لاءِ لڏي ... رهيو. ليڪڪ پنهنجن آزمودن کي جنهن بحو-قداؤ ... تي پيش ڪيو آهي، سي ڪنهن لاءِ به حيرت جي ... لي. اِن ۾ رنگ منچ، فلم ۽ سياست کان وني ... ساهتڪ سنستائن، ساهتڪ رسالن جي اشاعت ۽ ... ڪيترن کي جوڙيو ويو آهي. سنڌي ساهت ۾ سموري ... ڏارا جي باني، ترقي-پسند ويچارن واري پحرئين ... دنيا، جي پحرئين سمپادڪ، مالهيءَ، پُراڻي ۽ نئين

يڙهيءَ جي لاءِ هِڪ پُل جو ڪاريہ ڪيو. هن جي آتسُڪتا جو
ڪو انت نہ آهي. هن پري پري تائين ياترائون ڪيون، مُلڪ ۾
جتي جتي سنڌي رهن ٿا، اُتي هوُ ويو ۽ هُن اُنهن آستانن ۽
ماڻهن جو پنهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ ريکاچتر چٽيو آهي. هن جو
ظهار ڪڙو تڙو ۽ سچيو آهي.

خاص ڪري مذڪور ڀاڱن ڪي، هن جي آزمودن ۽ ساهتڪ
سنسڪرتڪ پروگرامن جي تجربن جي هڪ ڪهاڻي چئي
سگهجي ٿو. اِها ليکڪ جي اندر جي کوج ۽ اُن جي ڪٿ آهي.
نهن ڀاڱن ۾ هڪ اُن ناٽڪڪار جي ٻڻجڻ جو چٽرڻ آهي، جنهن
جي شروعاتي زندگيءَ جي تجربن هڪ باغي ۽ پاکنڊي رَوَيي
خلاف وِدروھ پيدا ڪيو هو. جن گهٽنائن جو هن تي اثر رهيو هو،
نهن جو ورڻن ڪندي ۽ اُنهن تي سوچيندي، ليکڪ جو مقصد
خود جي شڌي ۽ اڳتي واڌ سان ٻنڌ ڪين آهي. هوُ فقط سمجهڻا
سان پنهنجي اُها زندگي آسان جي اڳيان پيش ٿو ڪري، جيڪا
ڻ-گهڙي ۽ سَرَل توڙي تضادن سان ڀريل هئي. هن خاص ڪري
١٩٥٠ کان ١٩٧٠ تائين وارن سالن دؤران گهٽيل گهٽنائن کي اهڙو
نہ سچائيءَ سان پيش ڪيو آهي، جو اُهي اسان کي روسو، هيولاڪ
يلس ۽ گانڌيءَ جي قبوليتن جي ياد ڏيارين. جيتوڻيڪ
مالهيءَ جي آتم ڪٿا جو هنن جي آتم ڪٿائن سان ڪو جوڙ نہ
آهي، پر سنڌي ادب ۾ مالهيءَ جي آتم ڪٿا جو ڪو جوڙ نظر
نٿو اچي. خانگي توڙي پبلڪ زندگيءَ ۾، هن جي چڪتاڻ ۽
ڀيچڙن جي سلسلي ۾ هوُ مُڪت ڀاونا سان ڪي ڳالهيون قبول
ڪري ٿو وٺي ۽ ڪٿي ڪٿي جذباتي بيان بہ ڏئي ٿو. ڪتاب ۾
پنهنجي ڪٿ ۽ آتم-آلوچنا جا ڪيترا ئي انس موجود آهن.

پنجون ڀاڱو هوُ گائڪن ۽ سنگيتڪارن جي ماڌيم سان
وڪل سنسڪرتيءَ جي ڦهلاءَ، هن جي ڪيل ڪوشش سان سمرپت
ٿو ڪري. ملڪ ڀر ۾ ڦهليل مختلف سماجڪ سنستائن سان هنجو

ميل-ميٽاپ، عليمائي ۽ اظهار جي ڌُڌنا ۾ لبڪ بين سيني آ
ڪتا جي ليڪڪن کي پليتي ڇڏي تو اڇي. هوُ درج ڪرڻ لاءِ اُ
واقعا تو چوندي، جن ڪيس آندرئين سوجهه ذريعي ڪجهه حا
ڪرڻ لاءِ اُتساهه ڏياريو آهي. هوُ اظهار لاءِ سرَل عبارت
استعمال تو ڪري ۽ واقعن ۽ ماڻهن جا حقيقي چتر پائيبنديءِ
سان تو چلي. هن چترڻ ۾ سندس 'سينس آف پروپورشن' غ
جو تو رهي. جيتوڻيڪ ليڪ پنهنجن ٻبانن کي شخصي اتها
کان وڌيڪ قومي اِتهاس قرار تو ڏئي، پر پوءِ ٻه اُنهن ج
اتهاسڪ پهلو ڪجهه ووادي تو رهي. ليڪن اِن ۾ ماڻهوءَ
سندس ماحول جي چترڻ ۽ استعمال ڪيل عبارت ڪتاب کي ذري
گهٽ ڪلاسڪ جو درجو ڏيئي تا ڇڏين.

جيتوڻيڪ مالهي چوي تو ته هن هيءَ آتم-ڪتا پنهنجيءَ
يادداشت جي آڌار تي لکي آهي، پر پوءِ ان ۾ سندس ٻالڪپڻ
کان ولي چڙهيل عمر تائين، هن جي من جي ڳالهين جو وچوڙ
ڏيکاري تو ته هن مواد جي چونڊ ۾ ڪيتري نه خبرداريءَ کان
ڪم ورتو آهي. هوُ آديت صاف گوئيءَ ذريعي پنهنجي جيون
جي ڪتا تو ٻڌائي ۽ هيءَ ڪتا سائُئي وقت آزاديءَ جي هلچل
داران ۽ اُن کان پوءِ ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي جاتيءَ
جي ڪتا آهي، جنهن ۾ لکين ودوانن، ديس ڀڳتن، سماجڪ ڪاريه
ڪرتائن ۽ ڪلاڪارن جي چترن جي پوري گئلري سڄيل آهي.
اِنهيءَ سيني سان گڏ هڪ اهڙي شخص جي شخصيت اُڀري
نڪري تي اچي، جنهن پنهنجي جاتيءَ ۽ ساهت جي شيوا
ڪندي محروم ڀاو سان ڪئي. ليڪ نه فقط پنهنجي زندگيءَ
جي ڪهاڻي تو ٻڌائي، بلڪ پنهنجي وقت جي اهم
مشغولين جو ورڻن تو ڪري، جن جي تواريخي،
۽ سنسڪرتڪ اهميت آهي. 1921 کان ولي
آندر گهتيل ڪترين ئي جاتل ۽ الجاتل

يتنائن تي به هوُ روشني تو وجهي. هوُ پنهنجي وقت جي سنڌي
اتيءَ جي سماجڪ ريتين-رسمن جي باري ۾ به ٻڌائي ٿو ۽ اِهو
ي سبب آهي، جنهن جي ڪري هِن پستڪ جي اهميت وڌي ٿي
جي ۽ اِهو هڪ سماجڪ دستاويز جو روپ ٿو وٺي.

پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۽ سرگرمين جو وفاداريءَ سان ليکو
وکو پيش ڪندي به ليکڪ پنهنجن پريم پرسنگن وغيره جي
عاملن جو اظهار ڪرڻ کان پرهيز ڪئي آهي ۽ پنهنجين اندرين
اونائن کي عوام اڳيان نه آندو آهي.

پنهنجي جنم، ٻالپڻ، دوستن سان ميل-ميلاپ، سماجڪ
رگرمين ۽ ساهتڪ ڪاريه وغيره جو صحيح صحيح بيان ڏيڻ لاءِ
ن خوب جاکوڙ ڪئي آهي. بيجوڙ هئڻ جو جوکم کڻڻ کان پوءِ
، هو پنهنجين حقيقتن تي اڏول ٿو رهي. مثال طور، سماجڪ
ڌارن ۽ بُت پرستيءَ جي باري ۾ سندس ويچار، سندس پتا سان
ڪراءُ (ويچارڌارا جي سلسلي ۾) جي ذڪر ڪرڻ ۾ هوُ بلڪل
بباڪ ٿو رهي. اهڙي شخصيت جي خاصيت جو اولڙو هن جي
نري عبارت تي لهي ٿو اچي، جيڪا، جيتوڻيڪ ڪجهه اڻ-گهڙي
تي، پر تڏهن به شڪتيشالي ۽ پرڀاوشالي آهي. هيءَ آتم ڪٿا
١٩٩ تائين محدود ٿي رهي، پر تڏهن به هيءَ رچنا سنڌي آتم
ٿا جي صحيح ڏِسا جي وڪاس ۾ هڪ مظبوط بنياد آهي.

□ □

گهٽگهرو

— آرجن حاسد

ورهاڱي کان پوءِ جو اُهو وقت، اُهو دؤر، جڏهن آسان جي سنڌي جاتي، پاڻ کي ڪِٿي قائميڪو ڪرڻ لاءِ حيران-پريشان هئي، تڏهن پنهنجي ڪُٽنب لاءِ روٽي ميسر ڪري سگهڻ، ڪو روزگار هٿ ڪرڻ ئي، هر ڪنهن سنڌيءَ جي پهرين خواهش هئي. اُن وقت به سڄيءَ ڦڙوڇڙ ٿيل جاتيءَ لاءِ سوچڻ، اخلاقي بل بخشڻ، سُرڪي مُرڪي حالتن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ همت ۽ اُتساهه-پريا به لفظ ڏهرائڻ، ڪن ننڍڙن-وڏڙن ليکڪن پنهنجو فرض سمجهيو هئو. گوبند مالهي به ان وقت اُنهن مان هئو، جيڪي مئچوئرڊ (matured) ليکڪ هئا. ورهاڱي کان اڳ، ڪراچيءَ ۾ ئي، ڪاليج جي پڙهائيءَ وقت، ڪيترا نوجوان، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن ريت، آزاديءَ جي هلچل سان جُڙيل رهيا هئا، جاتيءَ لاءِ نئين سوچ جا چشما بڻجي پيا هئا. انسان ذات لاءِ پيار، سماجواد، سڀني ۾ هڪ جهڙا حق، هڪ جهڙا وجهه. اُهي نوجوان سمجهڻ [illegible] ته ساهتيه ئي هڪ اُهو ذريعو آهي، جنهن وسيلي انسان [illegible] سوايماني، محنتي ۽ ايماندار بڻائي سگهجي ممڪن [illegible] ذاتي فرض، جنهن لاءِ همدرديءَ جي جذبي کي جنم [illegible] اهو ساڳيو رستان ۽ قدر ڪٿي، سنڌي جاتيءَ جي

اُها نئين تهي، پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ کي سلام ڪري، هِت ڀارت ۾ اچي پنهنجي سمجهداريءَ ۽ محنت کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويئي. اِها سنڌيت جي هلچل هئي، هڪ تحريڪ هئي. سڏ کي سڏ ملندو ويو ۽ نؤجوانن جو هڪ ٽولو، نوَن ليکڪن جو آواز بڻجي، جاتيءَ کي وري نئين سري سان جيئڻ جو پيغام ڏيندو رهيو. مالهي صاحب بہ اُن ٽولي ۾ هئو؛ ٽولي جي انهن اڳوانن مان هئو، جِن وٽِ اِنساني قدرن جا ماڻ هئا. ساهتڪارن جو هڪ ڪٽنب بڻجندو ويو. اِهو ڪٽنب اڄ هڪ بئي ڏانهن ڀائپيءَ، برادريءَ وارين ڀاونائن کي دلين ۾ سمائي سڏ ۾ ڏئي پيو.

اهو لڳ ڀڳ ۱۹۵۴ وارو سال هئو، ساهتڪار دوستن گڏجي 'سندو ڌارا' هفتيوار اخبار شايع ڪرڻ شروع ڪئي هئي. ڪٽنب جي هرڪنهن ڀاتيءَ کي اِن لاءِ هِڪ سوَ رپيا ڏيڻا هئا. اِها رقم اُن وقت هڪ وڏي رقم هئي. مُمبئيءَ ۾ پرنسيپال شري ڌرمداس ڪشنريا جي سنڌي هاءِ اِسڪول ۾ ساهتڪارن جو ميڙ سڏايو ويو هئو تہ سندو - ڌارا لاءِ هڪ هڪ سؤ رپيا جيڪي گڏ ڪرڻا هئا، سي ڪيئن گڏ ڪجن، اخبار جي مالي حالت خراب هئي، بند ٿي وڃڻ جا آثار هئا، ميڙ ۾ رٿ آئي تہ پنجويهن رپين جون چار قسطون ٺيڪ ڪرجن. پهرين قسط ٽُرت اُنهن وٽان ملڻ گهرجي، جِن اڄا ڪجهہ بہ نہ ڏنو آهي، نہ ڏيئي سگهيا آهِن؛ اخبار چالو رهڻ گهرجي. مان بہ اُن ميڙ ۾ حاضر هوسِ. اِها هئي اسان ساهتڪار دوستن جي، اُن وقت جي، ويچاري حالت. قسطن ۾ سؤ رپيا پرڻ ڪان پوءِ بہ اڳتي هلي 'سندو - ڌارا' مالي مشڪلاتن سبب بند ٿي ويئي. اسان سڀ دوست تڏهن بہ خوش هئاسين تہ ٿورو وقت ئي سهين، اسان اخبار هلائي هئي. سنڌي جاتيءَ کي ٻاٽ اونچو رکي هلڻ سيکاريو هئو. مالهي صاحب هر مشڪلات ۾ سيني سان گڏ،

اڳيءَ قطار ۾ هلندو هليو هئو. سنڌيت جو قافلو هلندو رهيو هئو. ساهتڪار دوست، اُن قافلي سان هڙندا رهيا هئا.

١٩٨٦ع ۾ ڪندوا ۾، مڌيه پرديش سنڌي ساهتيه اڪادميءَ طرفان، مالهي صاحب جي ساهتڪ يوگدان تي، ٻن ڏينهن جو سيمينار رکيو ويو هئو. مڌيه پرديش اڪادميءَ جو روح روان، اُن وقت شري ڪرشڻ کتواڻي هئو. موهن ڪلپنا کي اُن وقت اِن سيمينار ۾ نيئڻ نه هئي، تڏهن به هو پنهنجي خرچ تي اِن سيمينار ۾ اچي شريڪ ٿيو هئو. هن جو چوڻ هئو ته مالهي صاحب تي سيمينار ٿي رهيو هجي ۽ مان حاضر نه رهان، اِهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي! مالهي صاحب جي ساهتڪ يوگدان تي دوستن پيپر پڙهيا هئا ۽ گرم بحث ٿيو هئو. اُن وقت تائين موهن ڪلپنا جو ”نظرياتي ڪشمڪش“ به شايع ٿي چڪو هئو. ساهتيه ۾ ڪيترين ئي نين ڌارائون آيون هيون. نوان سوچ-ويچار ۽ نوان مُلهه حاوي پوڻ لڳا هئا. ساهتڪارن جا الڳ الڳ گروپ ٺهي پيا هئا. هت، هتي سان مليل هئا، پاڪُر به هئا ته ويچار ۽ نظريا الڳ الڳ. دوستيون به قائم هيون، شڪائتون به برقرار هيون. سيمينار ۾ بحث هلندي مون چيو هئو ته مالهي صاحب هڪ ’رچ مرس‘ تي، توهان البت گهڻا ادبي چوهه چنڊيا آهن، هوُ هر ڏِس ۾ لائق اِنسان آهي.

مالهي صاحب بيحد خوش ٿي ويو هئو. سندس چوڻ هئو ته سندس لاءِ اِهو ’رچ مرس‘ لفظ وڏو خطاب هئو. سيمينار ۾ ڀڳونتي ناواڻي نه آئي هئي. پهرين رات ڪوي سميلن هئو، ٻين رات ڀڳونتي ناواڻي ۽ ٻين ڪلاڪارن جو پروگرام هئو. مالهيءَ ۽ ڀڳونتي ناواڻيءَ سنڌي جاتيءَ سان وڏا وڙ ڪيا آهن. شروعاتي دؤر ۾ ڪرشن راهيءَ سان گائي، ڀڳونتي هر ڪنهن ٻڌندڙ کي ماڻ ۾ آڻي ڇڏيندي هئي، اڪثر ۾ لڙڪ هوندا هئا! ”سنڌين جان نه ... ڳهوري آئيا.“

مالهي صاحب لاءِ چيو ويندو هئو تہ هوُ هر ڪنهن سان نهي هلڻ جو ڏانءُ تو رکي، هوُ ڪميونِسٽ نہ، ''واهہ-گروُ'' بہ آهي. اِهو سچ آهي تہ سنڌ ۾ اَسان گهڻا سنڌي نانڪ پنتي هئاسين، گروگرنت صاحب لاءِ اَسان کي گهڻي شرڌا هئي. ٽِڪاڻن ۾ گرنٿ صاحب رکيل هوندو هئو. گرنٿ صاحب مان وچن ونبو هئو ۽ اُن وچن کي ست ڪري مڃيو ويندو هئو ۽ 'واهہ-گرو' چئبو هئو. مالهي صاحب صوفِي مت ۾ بہ وشواس رکندو هئو. هندو مسلمان ۾ فرق نہ، ''صوفِي مت'' سِيني ڌرمن کي آدر لائِق سمجهي هلڻ وارن لاءِ هو. مالهيءَ کي سندس ڳوٺ نارو شاهہ جي ڳوناٽيِ-جيون، اِهو سيکاريو هئو. صوفِي مت اِنسانيت ۽ اِنسان دوستيءَ ۾ آستا رکڻ وارن لاءِ آهي.

مالهيِ صاحب اُن دؤر ۾ اِهو ضروري ٿي سمجهيو تہ اَسان سنڌين کي پاڻ نهي هلڻو آهي، هر ڪنهن کي، هر ڪنهن جي ويچارن کي مانُ ڏيڻو آهي، هڪ ٻئي کي سُري-پُري جاءِ ڏيڻي آهي، گڏ هڻو آهي. مالهيءَ کي اِن سبب هرڪو پاڻ ڏانهن ڇڪيندو هئو. تو سيني ۾ ناهہ ڪرائي ڇڏڻ ۾ ماهر هئو ۽ ائين 'ناهہ-گرو' ٿجي پيو. سچ تہ مالهيءَ آسان کي جيئڻ جي راهہ ڏيکاري آهي. اِن هوند ڪيس 'راهہ-گرو' بہ چوان. مالهيءَ لاءِ هر ڪنهن جي دل آدر هئو تہ پيار پڻ هئو؛ هوُ سيني جي چاهہ سان جڙيل هئو، چاهہ-گرو' هئو.

تمام ٿورا اِنسان پنهنجي سڄي زندگي پنهنجي جاتيءَ ۾ سمرپت ڪري سگهندا آهن، مالهيِ اُنهن مان هِڪ هئو. اسان ڪمانيہ بال گنگادر تِلڪ کي ''لوڪمانيہ'' جو خطاب ڏنو آهي، دار وَلڀ ڀائي پٽيل کي ''سردار'' جو خطاب ڏنو آهي ۽ کيس وهہ-پُرش'' (iron - man) چوندا آهيون. انهن ٻنهي وٽ ماڻهن ڪم ڪرڻ جا گهڻا وسيلا هئا، ڪيترا سِروت(Sources) ا، پاڻ کي حرڊل عزيز بڻائڻ جا. عام جنتا جو اَٿاهہ ساٿ

سنڌن ٻانهن ٻيلي هئو، مالڪيءَ وٽ اعزا ڪي نہ وسيئا نہ هئا.
ڳوٺيءَ ۽ پنهنجن ڪلاڪارن ذريعي هو هر عام و خاص سنڌيءَ
ي ويجهو پهچي سگهيو، پنهنجي ڌرتيءَ نان اُکڙيل سچي
نڌي حاتيءَ لاءِ سوچي سگهيو. هو هرڪنهن جو گهٽگهرو هئو،
نڌي حاتيءَ پڻ ڪيس اِهو ننڍڙو خطاب تہ ڏيئي سگهي ٿي، تہ
۽ حاتيءَ جو ”گهٽگهرو“ هئو!



گوبند مالهيءَ سان آخري ملاقات

— هري موٽواڻي 'سنڌي'

مون گوبند مالهيءَ جا ناول پڙهيا هئا. سندس هڪ ناول ''پيار جي پياس'' ڇپايو هوم، جنهن تي کيس ساهتيه اڪادميءَ جو اِنعام ۽ مهاراشٽر گوؤرو-پُرسڪار مليو هو. مونکي سندس ''ديسي سيڻ ڪجن'' ناول وڌيڪ وڻيو هو، جنهن تان هڪ عاليشان فلم ٺهي سگهي ٿي. مون کان جڏهن ڪنهن هڪ پروڊيوسر اهڙي ڪنهن هڪ ناول جي گهُر ڪئي، جنهن تان هو هندي فلم ٺاهي سگهي، تہ مون کيس بہ ناول ڏنا هئا - هڪ آسانند مامتورا جو ''شاعر'' ۽ ٻيو گوبند مالهيءَ جو ''ديسي سيڻ ڪجن''. ٻنهي ناولن ۾ سُٺي فلم جون سڀ خوبيون موجود هيون- ''ديسي سيڻ ڪجن'' ۾ توريون وڌيڪ، ڇو تہ اُن ۾ ڪلا پڪش وڌيڪ آهي، اُن ۾ ممبئيءَ جو سمنڊ اهم ڀوميڪا نڀاهي سگهي ٿو ۽ وڏي ٻالهہ تہ اُهو ممبئيءَ جي سمنڊ ڪناري، ڊانڊا جي پسمنظر ۾ فلمائي سگهجي ٿو.

مون جڏهن گوبند مالهيءَ کان ڪونج پبليڪيشن لاءِ ناول جي گهُر ڪئي تہ ڇپائين مان مفت نہ ڏيندو آهيان، اُجورو وٺندو آهيان، منظور هجيئي تہ ٻڌاءِ. مون پُڇيس، ڪيترو اُجورو؟

ڇپائين ڏيڍ سؤ رپيا، مون پروف ڪس ڏيڍ سؤ رپيا ڪڍي ڏنا. مالحيءَ ڏاڍو خوش ٿيو ڇپائين: اينڊز مڪمني ناول جو مسودو وٺي اچج.

اُنهن ڏينهن گوبند مالحي ڏوبي تلاءَ تي ايراني هوٽل ۾ بيٺڪ ڪندو هو، جتي دوست سائنس ملندا هئا ۽ چانهه پاڻي پيئندا هئا.

وعدي موجب مالحي صاحب مونکي ”پيار جي پياس“ ناول جو مسودو ڏنو ۽ ڇپائيم ته پروفن ۽ گيٽ-اَپ تي ڌيان ڏج. جڏهن ناول ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو ته ڇپائي ۽ گيٽ-اَپ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ناول جي پبلشر جي حيثيت سان مان چئي سگهان ٿو ته مالحيءَ جو اُهو ناول هاٽ-ڪيڪ وانگر وڪاميو. ڏوبي تلاءَ تي ديال آهوجا جو ”بوڪ لورس ڪارنر“ ڪتابن جو اسٽال هو، اُتان سؤ ڪاپيون وڪاميون. سُندر بوڪ اسٽال تان هڪ سؤ ڪاپيون وڪرو ٿيون ۽ باقي بچيل پنجاهه ڪاپيون به ولي رکيائين.

اِن ڪتاب تي گوبند مالحيءَ کي ساهتيه اڪادميءَ جو اِنعام مليو ته ڪنهن کي به نه پيو ماڃي. عجب ۾ پئجي ڇپائين، هن ناول کان اڳ منهنجا هيترا ناول ڇپيا آهن، پر اِنعام هن ناول تي مليو آهي، جيڪو ڪجهه پاران ڇپيو آهي! اڳتي هلي اِن اِنعام بدولت ئي کيس مهاراشٽر جو گورو-پرسڪار مليو، جنهن ۾ کيس هڪ لک رپيا ڏنا ويا هئا. اڳتي هلي ڪجهه جو گوبندمالحي شخصيت پرچو نه ڪڍيم، جيڪو اَڄ ناياب آهي، جيئن ته ناول آئوٽ-آف-اِسٽاڪ آهي.

ايتري هوندي به گوبند مالحيءَ سان منهنجي نزديڪي ڪونه هئي، ٿوري ٿوري دوري هئي، اِها دوري دور ٿي تڏهن، جڏهن مهاراشٽر راڄيه سنڌي-ساهتيه اڪادميءَ جي سالياني مئٽن ”ساهتڪار“ جي هڪ پرچي جي سمپادڪيءَ جي جوابداري

گوبند مالهيءَ مٿان پيئي. مالهيءَ هِڪ شرط وڌو : هُرِي موٽوائي مونکي ٻاهَرَ بيليءَ طور ڏنو وڃي!

مون ۾ وشواس ڏيکاري مالهيءَ منهنجي دِل جيتي ورتي. اُن بعد اسان ۾ قرب جو پيچ پڪو ٿي ويو. فيصلو ڪيوسون تہ روزانو هِڪ ٻئي کي فون ڪنداسون. مالهي صاحب فون ڪري صبح جو ساڍي-اٺين بجي ۽ مان ڪريان نوين بجي — هِڪ ڏينهن هُوءَ ۽ ٻئي ڏينهن مان! اِهو سِلسِلو آخر تائين هليو...

ڪلڪتي جي هِڪ اَدبي سنستا پنهنجي اِنعامي پروگرام ۾ سنڌيءَ کي بہ شامل ڪيو. پهريون اِنعام شايد ڪرشڻ کتوائيءَ کي ڏنائون. هِڪ سال بعد مون وٽ بہ سوال-نامو آيو، جنهن ۾ مون شري گوبند مالهيءَ جي ساهِتڪ يوگدان جو اَهڃاڻ تہ چِٽو ۽ بايوڊيٽا ڀاڻي موڪليو، جو اُن سال جو اِنعام ڪيس ملڻ پيو. گوبند مالهيءَ فون تي ٻڌايو تہ ”اڳي پڻ هِڪ ليکڪ مون بابت لکي موڪليو هو، پر اِنعام نہ مليُم. تو ڇا لکي موڪليو، جو فورن اِنعام ڏنائون؟“ مون کلي وراڻي ڏني : اِهو فني فارمو توهان کي نہ ٻڌائيندس! اَوهان جو ڪم اَنب کائڻ سان، وڻ بابت ڄاڻي توهان ڇا ڪندا!!

جئپور ۾ گوبند مالهيءَ جو سنمان ٿيڻو هو. اِنعام ۽ سنمان [illegible]ڱ هو. وڏيءَ عمر سبب وِهڻ کان ڪيٻائي رهيو هو. مونکي [illegible]چيائين، ”تنهنجو ڀاڙو ۽ ٻيو خرچ مان ٿو ڀريان، تون مون سان [illegible]نڏجي جئپور هلُ.“ اِها ڳالهہ مالهيءَ اهڙي تہ هجائتي نوع ۾ [illegible]ٿي جو مان ناڪار ڪري نہ سگهيس ۽ ساڻس گڏ جئپور هليو [illegible]يس. اِن مان مونکي فائدو اِهو ٿيو تہ جتي بہ گوبند مالهيءَ جو [illegible]نمان ٿئي، منهنجو بہ ٿئي. اِئين نہ هئو تہ مان مصروف نہ [illegible]اسِ، ڪونہ مونکي هرهنڌ پرسڌ ڪري ڇڏيو هو. پر مالهيءَ [illegible]ب هوندي، مونکي بہ ڄَهڙَس ٿي عزت ٿي ملي.

منهنجي ڪهاڻي-ڪتاب ’خوددار‘ جي تمام سني سمالوچنا لکيائين جيڪا هندستان روزاني ۾ ڇپي هئي. ٻن ڪهاڻين- ”خوددار“ ۽ ”بند ٿيل ڪمري جي ڪلبل جڪ دري“ لاءِ لکيائين ته سنڌيءَ جو عاليشان ڪهاڻيون آهن.

مون پڪو فيصلو ڪيو ته پنهنجي نئين ناول ”ڪوڙو سچ“ جو مهاڳ گوبند مالهيءَ کان لکائيندس. مون ڪيس وينتي ڪئي، هن قبول ڪئي ۽ مون پڙرائي ڪري ڇڏي. ناول ڇپجي ويو ته مان مهاڳ لکڻ لاءِ وٽس ڪٺي ويس. پندرهن ڏينهن جو مدو گهريائين. پندرهن ڏينهن گذري ويا. مون فون تي پڇيومانس، مهاڳ لکجي ويو؟ چيائين اڃا پندرهن ڏينهن ٻيا به گهرجن. پڇيائين ٽائيٽل پنيان تنهنجي مراد ڪهڙي آهي؟ مون مطلب ۽ مراد ٻڌائيمانس. چيائين ٺيڪ آهي. پندرهن ڏينهن بعد ڪٺي ويجهو. پر هو وري بيمار ٿي پيو ۽ مخنو نڪري ويو. ٿورو ٺيڪ ٿيو ته چيائين جيئن ئي ٺيڪ ٿي لکي ورتو اٿم، تون آرتوار ڏينهن گهر اچ، ماني به کائينداسون ۽ مهاڳ به پڙهنداسون.

مان اُن آرتوار تي ٻارهين بجي سندس گهر پهچي ويس. ڪافي وقت اوپاريون لهواريون ڪندا رهياسون. مان مهاڳ لاءِ آتو هوس ۽ مالهي صاحب جو چوڻ هو ته پهرين ماني تا کائون، پوءِ مهاڳ پڙهون. ماني آئي، کاڌيسون، مٺاڻ ڊاک به کاڌيسون، پوءِ مالهي صاحب جڪ بدڙي (پرس) کولي ۽ اُن مان مهاڳ وارا پيج، جيڪي رف نه هئا ته فيئر به هئا، مون طرف وڌايائين. پوءِ ڪا طور چيائين، مون تنهنجو ناول ٽي دفعا پڙهيو آهي ۽ سوچ-ويچار بعد مهاڳ لکيو آهم، منهنجو توکي ايترو چوڻ آهي ته مهاڳ پڙهڻ بعد ڇپڻ نه ڇپڻ لاءِ تون آزاد آهين. ڪو نڪرو، ڪي سوال ڪڻڻ يا حوڙڻ لاءِ به منهنجي توکي موڪل آهي. مون طرفان ڪنهن نه ڳالهه جي بندش ڪان رهندي.

مون محاڳ پڙهيو. ڪي اکر يا جُملا سمجهه ۾ نه آيا ت
ڪانئس پڇي ڪري درست ڪيم. پوءِ ٻيهر محاڳ پڙهي، پن
ويڙهي پرس ۾ رکيم ۽ چيم محاڳ جيئن جو تيئن ڇپبو. جِڪ
ٻه اکر نه ڪٽبو، اِن ڳالهه جو مان توهان کي پورن وشواس ڏ
ڏياريان. ۽ مون ان محاڳ مان جِڪ ٻه اکر نه ڪٽيو، جيئن جو
تيئن ڇپيو.

مان سمجهان ٿو مالهي صاحب جي اِها آخري ادبي
تصنيف آهي جيڪا منهنجي ناول ''ڪوڙو سچ'' جي محاڳه جي
روپ ۾ ڇپي آهي جنهن لاءِ جِڪ اديب فون تي چيو : اِهو
محاڳ پڙهي ڪيس گورڪيءَ جي لکٽي ياد اچي ويئي !



گوبند مالهي

- ڪلا پرڪاش

تاريخ ۾ سمراٽن جو ذڪر ٿيندو آهي. سنڌي ساهت جي تاريخ ۾ به هڪ سمراٽ جو ذڪر ٿيندو — هڪ ناول سمراٽ جو. اُهو ناول سمراٽ هو گوبند مالهي. هُن ناول سان گڏ ساهت جي ٻين صنفن تي به ڀرپور قلم هلايو. پوءِ به ورهاڱي بعد سنڌس ٢٢ ناول — گوناگون وشين تي لکيل — ڀن مالهيءَ جو ساهتڪ قد ايڏو ته اوچو ڪيو، جو کيس 'ناول سمراٽ' جي لقب سان نوازيو ويو.

ناول نويس مالهي - ناٽڪ نويس ۽ ناٽڪ هدايتڪار مالهي - ڪهاڻي نويس مالهي، سنگيت جي دنيا ۾ ڪيئن پهتو؟ پاڻ نه راڳبندز هو نه سنگيتڪار، پوءِ به هو هڪ سنڌي سنگيت منڊليءَ جو روح روان ڪيئن بڻيو؟ اهو ڪرشمو هيئن ٿيو جو ماستري ڪرڻ جي دوران، هڪ ننڍڙيءَ شاگردياڻيءَ جي سُريلي سُٺي ۽ دردمند آواز کي هن سڃاتو. اُها ننڍڙي شاگردياڻيءَ جي پِئونتي ناواڻي. ڀڳونتيءَ کي راڳ جي دولت قدرت وٽان [illegible] ٿي هئي. ٻر هن ۾ تهذيبي شناخت اُڀاري ڪري پنهنجو [illegible] آواز سنڌي ڌاتيءَ جي مٺڪيب سڪتبي، سنڌي سنگيت

جي دنيا آباد ڪري، اِهو جذبو هن ۾ مالهيءَ پئدا ڪيو. ڀڳونتيءَ مالهيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ، ديس-پرديس ۾ سنڌي سنگيت جا جيڪي پروگرام پيش ڪيا، اُهي سنڌين کان ڪڏهن وسرندا ڇا؟ ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي سنگيت جي هڪ دور جو نالو آهي 'ڀڳونتي ناواڻي.' ڀڳونتي ناواڻي ۽ مالهيءَ جيان، هڪ تاريخي ڪردار آهي.

مالهيءَ پنهنجي تخلص 'مالهي' سان خوب نڀاهيو. سنڌي ساهت جي باغيچي ۾ ٻه گهڻن ئي گُلن جي نگهباني ڪيائين، پرورش ڪيائين. اسين سنڌي ليکڪ ۽ ليکڪائون، جن جي عمر ١٩٤٨-١٩٥٠ ڌاري ويهن ۽ ٽيهن ورهين جي وچ ۾ هئي، اُنهن سڀني تي هٿ رکيائين، رهبري ڪيائين. اَديٽ پيار ۽ پنهنجائي ڏنائين. ساهتڪ ڪيتر ۾ ساڻس گڏ ٻين ٻه ڪن رهنمائي ڪئي، جن ۾ سڀني کان بزرگ هو عالم اديب، سنڌي ناٽڪ جو اَبو ۽ نهايت ئي ٻاجهارو انسان، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي. ٻيا آهن: ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ اي.جي.اُتم. اسين هنن سڀني جو قرض چڪائڻ کان قاصر آهيون.

مالهيءَ هڪ ٻيو ٻه رول اَدا ڪيو. عجيب نياري قسم جو رول. هن هڪ مِني اَدبي ڪلاس کولڪيو. مالهي پنهنجي ماستريءَ جي ڊيوٽي پوري ڪري، ڌوٻي تلاءَ جي هڪ ايراني ريسٽارنٽ ۾، ٻارهين-هڪ ٻجي کان وٽي موجود هوندو هو. اُتي هڪ هڪ ڪري سنڌي ليکڪ آچي ساڻس شامل ٿيندا هئا. هر ڇنڇر تي پيڊر روڊ واري ادبي ڪلام کان اڳ، منجهند جو هڪ ۽ ساڍي-ٽين ٻجي جي وچ ۾، ايراني ريسٽارنٽ ۾، مالهيءَ سان گڏ اڪثر ايشور 'آنچل'، ڪرشن 'راهي'، موتي پرڪاش، سگن آهوجا، جڳوير ۽ ٻيا، چانهه جي هڪ ڪوپ مان ٽي-چار حصا ڪري، پيا چانهه پيئندا هئا. سگريٽ يا پن جي ٻيڙين مان ڪش ڪڍندي، گنڀير ڳُوڙها بحث

ڦنديون ڇيون. ڇنڻ ليڪڪ-فلسوفن جو عقيو دنيا بدلائڻ جا
سُپنا لڌندو هو. جنهن جڪ اهڙي دنيا اَڏڻ پئي چاهي، جنهن ۾
غريبي-اميري، رنگ، ذات-پات ۽ مذهب جو ڪوبه ڀيد نه هجي.
هوُ اِن رنگ ۾ رڱيل شعر لکندا هئا. جڏهن ڪو شاعر پنهنجو
نئون شعر ٻڌائيندو هو، تڏهن مالهي آسمان ۾ اُڏامندو هو!

سادي ٽين ۽ پڙهي-ڇڻن جي وچپ، ايراني ريسٽارنٽ کي
الوداع چئي، هوُ سڀ ڏوبي تلاءُ جي 02 بس جي اِسٽاپ تي اچي
قطار ۾ بيهندا هئا. پيدر روڊ تي ادبي ڪلاس ۾ وڃڻ لاءِ. اُتي
جو صدر هئو پروفيسر منگهارام ملڪاڻي. سالن جا سال، مالهي
دادا ملڪاڻيءَ اڳيان سيڪرات وانگر وهندو هئو.

سنڌي ساهت سميلن ٽين، سيمينار ٽين، ورڪشاپ ٽين يا
ٻوليءَ ۽ ساهت کي بچائڻ جي سلسلي ۾ هلچل هجي، مظاهرا
ٽين يا ٽڪ هڙتالون، مالهي هر هنڌ حاضر. هوُ جنميو ئي
سنڌي جاتيءَ لاءِ هو! پنهنجو سڀ ڪجهه جاتيءَ کي ڏنائين ۽
تاريخ تي تنوير عباسيءَ جي شعر موجب :

ڪجهه ڏيئي ويندا سين، ڪجهه نه ڪٺي ويندا سين،
ٻوُر آهيون، ڏيئي ميوو ۽ ڇٽي ويندا سين.

مالهي رخصت ولي ويو.

سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي خدمت ۾ مالهيءَ يگانو
رول ادا ڪيو. هوُ اسان کان ڪڏهن ڪين وسرندو!



گوبند مالهيءَ جون ڪهاڻيون

– ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي

موجوده سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ مطابق، 'سنڌي ڪهاڻي'
معنيٰ سنڌيءَ جي اصلوڪي ڪهاڻي. ۾ اِن جي شروعات سال
١٩١۴ع ۾ ڪاڪي لالچند جڳتياڻيءَ جي لکيل ''حُر مکيءَ جا''
سان ٿي ڪئي وڃي. ڪي سمجهن ٿا ته سنڌيءَ جي پهرين ڪهاڻي
جي شروعات ''پنيي زميندار'' ڪهاڻيءَ سان ٿي. ڪاڪي لالچند
بيون به ڪهاڻيون لکيون آهن، پر سندس ۾ سنڌيءَ جي پهرين
اصلوڪي ڪهاڻي ''حُر مکيءَ جا'' ليکي ٿي وڃي. جيتوڻيڪ
پرنسيپل لال سنگهه اَجواڻيِ اِن کي مضمون تو سڏي، پر تنهن
ماني ۾ يا سنڌيِ ڪهاڻيءَ جي شروعاتي دؤر ۾ ڪهاڻيِ لکڻ جو
نگ اِن نموني جو هو – اڄ ڪهاڻيِ ڪلا ڪافي اڳتي وڌي آئي
هي.

شو روپ ڏيو ۽ ان مان ڪو پڇمتي ۽ سن شي محسب ڪوڙڻ
لڳا. اج اها جڪ ٿئي پاڻي آهي. ڪو وقت ايندو جڏهن
اها صرف پاڻي رهجي ويندي. اِهو ڪهاڻيءَ جو اصلي روپ
هوندو. ڪهاڻيءَ جو اصلي روپ اها باقي آهي....."
(آرسي - ٥ جنوري ١٩٨٦ع)

سنڌي ڪهاڻي ڪنهن اُڀتي وک وڌائي ۽ اُن کي وڌائڻ جو شرف
سنڌي ڪهاڻيءَ جي پهرين نمؤرتيءَ کي آهي. آسانند مامتورا،
اَمر لال هنگوراڻي ۽ مرزا نادر بيگ، سنڌي ڪهاڻيءَ کي منورنجن
واري دؤر کان ڪڍي، حقيقي دؤر ۾ آندو، اِهو، سال ١٩٣٠ع کان
شروع ٿو ٿئي ۽ ويندي سال ١٩٣٦ع تائين ٿو هلي. ان وچ ۾ ڪيترن
ئي سنڌي ليکڪن، ڪڏهين ڪڏهين اصلوڪيون ڪهاڻيون پڻ
لکيون، جيئن تہ ريگستاني ڦول، پره ڦٽي، سنڌي ڪهاڻيون،
سوشلسٽ پاڪستان، سرد آهون ۽ سفيد وحشي، ڪهاڻين جا مجموعا
آهن. ١٩٣٣ کان وٺي وري بي نمورتي آئي، جنهن ۾ هنا تروشري
گوبند مالهي، گوبند پنجابي ۽ ڪرشن کٽواڻي، جن سنڌي ڪهاڻيءَ
کي وک اڳا ڀ اڳتي کڻائي. انهن ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي
چٽر کان سواءِ سوشلسٽ ويچارڌارا کي بہ آندو ويو، جنهن کي
ترقي-پسندي سڏيو ويو ٿو. ان ڪڙيءَ ۾ ڪيرت باباڻي،
سڳن آهوجا، اُتم ۽ سندري اُتمچنداڻي اچي ٿا وڃن. بعد ۾ موهن
ڪلپنا-ٿنو-امتاڻي- لعل پشپ جي ٽين نمورتي ٿي آچي. ۽ ائين
سنڌي ڪهاڻي اڳتي وڌندي رهي ۽ وڌندي رهي ٿي. ان سڄي
دؤر ۾، سنڌي ڪهاڻين جي رفتار گهٽ نظر آئي.

سنڌي ڪهاڻيءَ سان منهنجو مطلب آهي، جنهن ڪهاڻيءَ
۾ سنڌي سماج، سنڌي رهڻي ڪهڻي جو چٽر چٽيل هجي.

بينگالي ليکڪ شرت بابوءَ جي ڪهاڻين ۽ اُپنياس پڙهڻ
سان اُسان جي آڏو بينگالي ڪُٽنب، بينگالي ڳوٺ، ريتون-رسمون
۽ بينگالي هلڻ-چلڻ جو نقشو ملي ٿو. بينگالي ڪٽنب ڪيترو نہ

غريب ڇوڪرو هوندو، پر وٽس ڪم ڪرڻ واري مائي ضرور هوندي، جيئن ڪِ شرت بابوءَ جي ناول ''پڳل ڇوڙيون'' ۾ ڊيڪاريل آهي.

تازو ڪلڪتي وڃڻ تي، شرت بابوءَ جي جنم آستان ديواندپور ڏسڻ جو موقعو مليو. اَڄ بہ توهان کي ديوداس ناول ۾ ڊيڪاريل اسڪول ۽ ندي - جتي ديوداس ۽ پارو اسڪول مان ڀڄي وڃي لڪندا هئا - موجود نظر اچن ٿا. تہ ليکڪ جي رچنائن ۾ وقت جو، سماج جو، چٽر تہ ملي. مرهٽي ليکڪ، وي.ايس. کانديڪر جي ڪهاڻين ۾ مرهٽي سماج جي ڇاڻ تي پوي. ۽ جڏهن اَسان چئون بہ اِهو ٿا تہ ساهتيہ پنهنجي وقت جي سماج جو هڪ چٽر آهي، هڪ تصوير آهي، تہ اها صحيح معنيٰ ۾ هئڻ بہ گهرجي.

هاڻ مان اِن بنياد تي گوبند مالهيءَ جون ڪهاڻيون بيهاريندس، تہ سندس گهڻيون - يعني ڪن چند ڪهاڻين کي ڇڏي - باقي ڪهاڻيون سنڌي سماج، سنڌي ڪٽنب ۽ پنهنجي وقت جو نقشو ٺيون پيش ڪن.

سنڌي ڪهاڻي هنديءَ ۾ ترجمو ٿئي يا مرهٽيءَ ۾ يا اَنگريزيءَ ۾، ۽ جي مٿس اِهو لکيل نہ هجي تہ سنڌي ڪهاڻي آهي، پوءِ بہ پڙهندڙ ڪردارن جي نالن مان، ڪهاڻيءَ ۾ ڊنل وايومنڊل مان، ڄاڻي سگهندو تہ هيءَ سنڌي ڪهاڻي آهي.

ڪوبہ ليکڪ پنهنجي واتاوَرڻ کان - جن حالتن ۾ هوُ رهي ٿو، جنهن تحرڪ ۾ آهي، اُن کان پنهنجين لِکڻين ۾ منهن نٿو موڙي سگهي. پنهنجا ۽ ٻين جا آزمودا هوُ پنهنجين رچنائن ۾ آڻي ٿو. شرت بابوءَ جو ناول 'شريڪانت' هجي يا 'چرترهين'، اُن ۾ برما جو ذڪر آهي. شرت بابو برما (اڄوڪو نالو ميامار) ويو هو ۽ اُتي ڪجهہ وقت نوڪري بہ ڪئي هئائين. اُهو ذڪر سندس هڪ ٻئي ناول ''آزاديءَ جا اُپاسڪ'' ۾ بہ آيل آهي.

اَهڙيءَ طرح گوبند مالهي، آزاديءَ جي هلچل سال ١٩٤٢

کان پوءِ، سوشلسٽ يا ڪميونسٽ ويچاردارا جي اثر هيٺ. هارين نارين ۽ مزدورن جي ويڄهو آيو ۽ سندس پهرين ڪهاڻي ''هاري مقدار'' ان اثر/واتاورڻ جي اپج آهي. هيءَ ''هاري مقدار'' ڪهاڻي ١٩٣٦ ۾ لکيل آهي ۽ شايد سندس پهرين يا پس ڪهاڻي آهي.

گوبند مالهي هڪ ٻوٽ جو رهاڪو آهي. پر پڙهڻ سانگي ڪراچيءَ ۾ آيو ته، جيئن عام طور سنڌ جا سرندي‌ءَ وارا جوان اوچ تعليم لاءِ ڪراچيءَ يا حيدرآباد ڏانهن ويندا هئا. خاص طور اُتر سنڌ جا رهواسي، ڪراچيءَ ويندا هئا. ليڪڪ جي هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليائو وايومنڊل جيئن جو تيئن آهي. پر هڪ ڳالهه ضرور آهي ته ڪهاڻيءَ جو سڄاڻ هاري، رحيم، صحيح نموني رحيم نه، بلڪ خود گوبند مالهي آهي. هيءَ ڪهاڻي برابر اُن وقت جو — جنهن وقت ۾ لکي ويئي هئي — آئينو آهي. سال ١٩٤٣ع ۾ ئي سوشلسٽ تحرڪ شروع ٿي ويو هو. ناسڪ جيل ۾ جئه پرڪاش نارائڻ، اڇيٽ پٽوردن، رام منوهر لوهيا، يوسف محر علي ۽ ٻين گڏجي ڪانگريس اندر هڪ گروپ 'سوشلسٽ' نالي ٺاهيو ۽ اُن دؤر ۾ گهڻا سنڌي ليکڪ ۽ ٻيا نؤجوان جهڙوڪ ليمڻ راجپال، آسن پيروائي، سخاوت چونوائي وغيره ان تحرڪ سان وابسطه هئا ۽ اهو دؤر سال ١٩٤٧ع تائين چڱو زور هئو. مالهي اُن وقت جي ووڻي واري دؤر (سال ١٩٣٦) جو ذڪر ڪيو آهي. يعني هن ڪهاڻيءَ سان اُن وقت جي هڪ نئين تحرڪ جو چتر ته مليو. پر ڪهاڻي ڪلا جا عناصر هن ۾ ڪونه آهن. ليکڪ هڪ نظريو ڪٽي اشاري ڏانهن ۾ هيءَ ڪهاڻي لکي يا چئي آهي. پر تڏهن به هي مبارڪ قدم هئو، جو سنڌيءَ ۾ اصلوڪي ڪهاڻي لکي ويئي هئي؛ نه ته ان قسم جون ڪهاڻيون اُردوءَ ۾ خواجه احمد جون اشاري سوچ ۾ لکيل هونديون هيون. هاري مقدار اُن نرتيل هڪ مجموعي ''پرد قتي'' ۾ ڇپي هئي ۽ اُن وقت

چڱي پسند ڪئي ويئي هئي.

ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريل آهي تہ رحيم پنهنجو ووٽ نہ س
ٿو ڏئي نہ مير کي، پر هاري حقدار، هاري اُميدوار عبدالقا
ٿو ڏي. عبدالقادر هارائي ٿو ۽ هُن جي هار ۾ رحيم پنهـ
هار ٿو محسوس ڪري.

گوبند مالهي هاري حقدار تحريڪ سان همدردي رکي ٿـ
تحريڪ ۾ ڪي قدر ڪم بہ ڪري ٿو، پر رهي تہ اُن سماج ۾
جتي ننڍ-وڏائيءَ جا فرق آهن. ڏيتي-ليتيءَ ڪري گهرن
نينگريون وينل آهن. مالهي اِنهن حالتن کان بہ ڪو اڻ-واقِ
ڪونہ آهي. ''همدرديءَ جو احساس'' ڪهاڻي، جا هُن سال ١٩٤٦
۾ ٿي لکي هئي، جنهن سال ۾ هُن ''هاري حقدار'' ڪهاڻي لکي
''همدرديءَ جو احساس'' ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ هِڪ
وڏي ڇوڪري، جوانيءَ جي جوش ۾ اچي، ناروءَ سان رستو ٿي
رکي، جو سندس سؤٽ جي دڪان تي پگهاردار آهي، ۽ دڪان
تان سيڌو پاڌو ڪٽي گهرن ۾ ٿو پهچائي. موهنيءَ کي ان پگهاردار
مان پيٽُ ٿو ٿي پوي. مائٽ پريشان آهن ۽ هوُ ڪراچيءَ ۾
وڃي موهنيءَ جو آپريشن ٿا ڪرائڻ چاهين، يعني بار ڪيرائڻ ٿا
چاهين.

موهني ڪراچيءَ ۾ پنهنجي مائٽن سان گڏ هڪ فلم تي
ڏسي، جنهن ۾ بہ اِن ٿي قسم جي ڪهاڻي آهي، ۽ فلم جي
نائڪا گِلا کان ٻڌجي، سمنڊ ۾ پاڻُ ٿي ٻوڙي. ليکڪ بہ پنهنجي
ڪهاڻيءَ ۾ اِها ٿي ٿو صلاح ڏي ۽ موهنيءَ کي فلم جي نائڪا
ـان همدردي ٿي حاصل ٿئي ۽ هوءَ فلم پوري ٿيڻ بعد مائٽن
ـان ڪسڪي وڃي سمنڊ تي ٿي پهچي ۽ سمنڊ ۾ ٻُڏي آپگهات
ـ ڪري.

ـين ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ ترقي پسند نہ، بلڪِ حالتن ۽
ـبقتن کان منهن موڙيندڙ ٿو لڳي. هوءُ ڇوڪريءَ کان سماج

متاثر نمايان ڪرڻ بدران، آپگهات تي ڪرائي ٿو ته اِن ڪي همدرديءَ جو احساس ته ملي!

تنهن زماني ۾ حالتن آهوسار لڳڪ نمام تورين حالتن ۾ سماج جو مقابلو ڪيو آهي - شرت بابوءَ به پنهنجي وقت جي سماج جو ڪو کُليو مقابلو ڪون ڪيو هئو. ''وڏي دادي'' ۾ ماڙوي وڏوا آهي. سُريندر کي چاهي به ٿي، پر کُلئي طور سُريندر سان پيار جو اظهار نٿي ڪري ۽ آخر ۾ سُريندر جي مرڻ بعد، هوءَ به مري ٿي وڃي.

گوبند مالهيءَ ''ڏياريءَ جي رات'' ڪهاڻيءَ ۾، اُن وقت جي سنڌي سماج جي ٻن طبقن - عامل ۽ پائيبند - جو فرق ڏيکاريو يا ٻُڌايو آهي. ساوتري عامل گهر جي ڇوڪري آهي ۽ ڪهاڻيءَ جو نائڪ پائيبند گهر جو آهي. وشن، ساوتريءَ جو پاڙ، نائڪ جو گهرو دوست آهي. هن کي نائڪ ۾ پورڻ وشواس آهي، پر تڏهن به هوُ پاڻ کي عامليڻي جي ليڪن کان ٻاهر ڪڍي نٿو سگهي. وشن نائڪ کي چوي ٿو:-

''.... مونکي تنهنجي باري ۾ نهايت سُٺو اُثر ويٺل آهي. مان هر وقت تنهنجي آچار-وهنوار کي ساراهيندو آهيان. ليڪن اسان کي پنهنجي نيات جي دستور موجب هلڻو آهي ۽ اسان جي نيات اِها ڳالهه هرگز برداشت نه ڪندي ته ڪو ساوتري ڪنهن پائبند گهر ۾ پرڻائي وڃي، پوءِ اُهو گهر ڀلي ئي ڇونه هجي ۽ اُهو ڇوڪرو نهايت شُشل ۽ ٺٺوان ڇونه هجي.

دنگوراڻيُن ۾ هن کان اڳ اهڙو مثال نه ٿيو آهي ۽ نه وري هن کان پوءِ ئي ٿيندو.''

اڳتي وشن صاف لفظن ۾ چوي ٿو:-

''.. سماج جي سمر لورڻ جي مون ۾ همت ڪانهي. تر طرح سوس آهيان....''

"... بلڪل، هيڪاري مان توکي اِها وينتي ڪندس تہ ساوتريءَ کي پيڻ ڄاڻي سندس لاءِ ڪو لائق ور ڳولي ڏي. تنهنجو اِهو اَحسان اَسين عمر ڀر وساري نہ سگهنداسين ..."

۽ ليکڪ ڪهاڻيءَ جي آنت ۾ چوي ٿو تہ :-

"... مونکي خبر نہ آهي تہ ساوتريءَ جي ماڻتن هِند جي ڪهڙي ڀاڱي کي (ورهاڱي بعد) پنهنجو وطن ڪيو آهي. ڪاش! مون کي سندن ايڊريس ملي وڃي، تہ هوند ديوان وشنداس ڍنگوراڻيءَ کان لکي پڇان تہ عاملڪي-پائيبندڪيءَ جي باري ۾ هينئر هن جا ڪهڙا خيال آهن ..."

هيءَ ڪهاڻي ليکڪ سال ١٩٤٨ع ۾ لکي آهي. ورهاڱي کان هڪُ سال پوءِ. شايد کيس اِها خبر ڪانہ آهي آهي تہ اِها عاملڪي ۽ پائيبندڪي ورهاڱي بعد بہ ڏهہ-ويهہ سال قائم رهي ۽ ڪن حلقن ۾ اَڃا سوڌو موجود آهي. نہ فقط عاملڪي-پائيبندڪيءَ جو سوال، پر هِتِ تہ ٿَرَ جو سوال بہ ليکيو ويندو آهي! 'هي لاڙڪاڻي جا آهن، اسان قنبر جا آهيون، پنهنجي ٿَرَ جا آهن" وغيره.

پر گوبند مالهيءَ اُن وقت جي سماجڪ حالتن جو چِٽر خوب چٽيو آهي. پر مان وري بہ چوندس، تہ هن پنهنجي ترقي-پسندي ڪانہ ڏيکاري آهي؛ يعني ڪو اِنقلابي حل ٻڌائي يا ڏيکاري. ڇُن کان اڳ وارو ليکڪ، شرت بابوُ، (ديهانت ١٩٣٦ع) "آخرين اِلتجا" جي نائڪا وِجَيا، جيڪا برهم سَماج ۾ پلي-نِپني هئي، اُها ريتين-رسمن کي نوڪر هٽي، نَرين سان، جو سَناتَني آهي، هلي ٿي وڃي؛ راءِ سَهاس ۽ سندس پُٽ جي ڪابہ پرواهہ نٿي ڪري. عامل تہ پڙهيل-ڳڙهيل طبقو هو (جيئن برهموُ سماجي)، اُن جي ڇوڪري ساوتري، اِن ديوار کي ٽوڙي نہ سگهي آهي! ۽ نائڪ ورهاڱي بعد چوي ٿو : ...ڪاش! ايڊريس هجي، تہ هُوءِ ڪان

پڇي تہ ڪيس ڇا ڇوڻو آهي؟ هن جي تفاوت سماج سان، حالتن سان آهي؟

مان ڪيس ٻڌايان تہ اسان جي برک شاعر، پريوُ ڇُگاڻي ’وفا‘ پنهنجي سماج سان تفاوت ڪئي هئي، سو بہ سال ١٩٢٨ کان اڳ. ليکڪ جو ڪم فقط چتر نگاري ڪرڻ آهي، بلڪ ڪا راهہ ڏيکارڻ بہ آهي؛ سو بہ ترقي-پسند ليکڪ گوبند مالهي! هن اڳتي هلي، اِها همت ڏيکاري آهي، ڪهاڻين ۾ نہ، پر ناولن ۾ ... شالني ۽ جيوَڻ جي حالتن ۾ (ديسي سيڻ ڪاجن ۾)؛ ۽ رام جي پاتر دواران (شرم پوڻي ۾).

’پاپ جو گهڙو‘ ڪهاڻيءَ جو ليکڪ، گوبند مالهي، هڪڙو آهي ۽ ’همدرديءَ جو اَحساس‘ ڪهاڻي ليکڪ گوبند مالهي ٻيو آهي. هت هڪ وڏوا(جهمي) گريونتي آهي، پر هوءَ نہ ٻار تي ڪيرائي ۽ نہ آپگهات تي ڪري، چوي ٿي :-

”... مان هن کي (ٻار کي) مرڻ نہ ڏينديس، مان
هن کي سماج سان لڙڻ لاءِ تقويت ڏينديس. پوءِ
ڇا بہ ٿي پوي.....“

۽ هيرو يا نائڪ ڪٿي آهي؟ هوُ چوي ٿو :-

”... مامو جهميءَ کي گهران لوڌي ڪڍندو تہ مان هن کي شرن ڏيندُس. مان نوڪري ڪندس، منهنجا مائٽ ڇا بہ چوڻ، سماج ڪهڙا بہ اِلزام لڳائي ....“

پيدي تائين پهچندي، هن جي دردتا پرتيگيا بڻجي پيئي. سنڌي ليکڪن تي اِهو اِلزام آهي تہ هُنن جي رچنائن ۾ ’ورهاڱي جو درد‘ ڪونہ آهي، جيترو ڪِ ٻين ٻولين جي رچنائن ۾ آهي. سون ٻوليون ڪهڙيون؟ پنجابي، اُردوُ، بنگالي، بس؟ اُردوُ ۾ رامانند ساگر جو ناول ”اور اِنسان مر گيا“ ۽ پنجابيءَ جو ”آزادي“ (منگت جس نحال) - جي ۽ ڪتاب انگريزيءَ ۾ اورينٽ وارن ڇپايو آهي جنهن، کي ١٩١١ ۾ ساهتيہ اڪادمي انعام بہ مليو آهي. پر

لڳي ٿو تہ الزام ھڻندڙن سنڌي ڪھاڻيون شايد غور سان س
پڙھيون آھن، جن ۾ ورھاڱي جي ڏک جو چٽو چٽيل آھي. مان
گوبند مالھيءَ جي اُنھن ڪھاڻين جو ذڪر ڪندس، جن ۾ ورھا
بعد يا ورھاڱي ڪري ڪھڙي حالت ٿي آھي، يا ورھاڱي
ڪھڙو اثر پيو آھي. مالھيءَ جون اھي ڪھاڻيون آھن: ”غ
جي ڪھاڻي“، ”شرڻارٿي“، ”سورن جي ڪھاڻي.“ اِنھن ڪھاڻين
۾ ورھاڱي ڪري، ورھاڱي بعد جو نقش ڏنل آھي. ”غم جي ڪھاڻيءَ“
۾ ھڪ مسلم پناھگير جو ذڪر آھي. ھُو چوي ٿو تہ ڪيئن حيدرآباد
رياست جي ھڪ ننڍي ڳوٺ ۾ سندس ساٿين کي رياستي پوليس
ختم ڪيو ھئو. ھن ڪھاڻيءَ ۾ ليکڪ اُن وقت ١٩٤٧ع جي سنڌ
جي مسلم اڳواڻن جو ذڪر، اوڙيسا مان آيل اُن پناھگير واتان
ڏيئڻ ٿو ڪرائي-

”.... سنڌ جي مسلم اڳواڻن وٽ لفظي ھمدرديءَ جي
ڪا کوٽ ڪانھي. باقي عملي طرح ھو وڏن سرمايدارن جي
خاطرداري زيادہ ٿا ڪن. مان پندرھن ڏينھن کان دربدر
ڦريُس، سيني ليڊرن وٽ جُتي گسايم، مگر ڪنھن بہ ڪا
سھوُليت ميسر ڪرائي نہ ڏني. تنھن کان تہ پنھنجو وطن
چڱو، اُتي ماڻھو جرڪو-مرڪو تہ پيو آھي ....“
...تين ڪھاڻيءَ ۾ اوڙيسان مان آيل پناھگير جو ذڪر ھو تہ ’شرڻارٿي‘
...ڪھاڻيءَ ۾ ھڪ سنڌي شرڻارٿي، ٽوپڻداس يا ٽوپڻءَ جو ذڪر آھي،
...ڪو ڳوٺ ۾ مُسلم ھوم گارڊس ءَ ٻئي اثر ڪري سنڌ ڇڏي ٿو.
...ءَ ڪھاڻي سال ١٩٤٨ع ۾ لکيل آھي، جڏھن سنڌ مان لڏپلاڻ
...ھئي، ءَ ڪيئن سنڌي ھندو، نہ چاھيندي بہ، حالتن ڪري
...جا اَچيا ڇڏي، اَڌ-ڏنل شھرن ڏانھن وڃي رھيا ھئا، جن ۾
...ڪوبہ ڪونہ ھئو.
...اھڙيءَ طرح مالھيءَ جي تين ڪھاڻي، ”سورن جي ڪھاڻي“
...ڱي جو اثر ڏيکاريل آھي. سندس ڪھاڻي ”شرڻارٿي“

مون پاڻو آهي ”سورن جي ڪهاڻي“. اُهو ئي مُک پاٽر ٿوپٽنداس، ٿوپُو، پحرين ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ جوتو جڏي جو ذڪر آهي، ته ٻِين سورن جي ڪهاڻيءَ ۾ هندستان ۾ هُو ڪٻئن ٿو گذر ڪري، جو بيان آهي. جيءَ ڪهاڻي ١٩٣٩ ۾ لکيل آهي. اُهوئي عرصو، جڏهن سنڌي پناهگير سنڌ مان اُچي رهيا هئا، ڪي اڳ ۾ آيا هئا ته ڪي اُچي رهيا هئا. جي اڳ ۾ آيا هئا، اُهي ڪئِس ٿي اُنهن حالتن ۾ رهيا ۽ جيڪي اُچي رهيا هئا، اُنهن جي آڏو ڪهڙيون ٿي مشڪلاتون آيون، اِنهن جو هڪ سچٽو چِتر آهي هنن ڪهاڻين ۾. پر وري به سائِي شڪايت نه بولي، ڪهاڻي لکڻ جو ڍنگ اهو ئي اخباري طور طريقي وارو! اِها به ڪا آکاڻي آهي؟ ۽ گوبند مالهي نه سوشلسٽ آهي ۽ نه سماج سُڌارڪ، پر هڪ رومانوي اديب آهي. مالهيءَ جي ڪهاڻي مون کي ڪافي وڻي آهي. نائڪ، جو ورهاڱي بعد پنهنجي دوست سان گڏجي ٿو، دوست کي گهر ٿو ولي وڃي. دوست جي پتني سدس ننڍپڻ جي پريتما آهي، جنهن کي هُن اُنجام ڏنو هو ته سائِس شادي ڪندو ۽ ڇوڪري ان لاءِ انتظار ڪندي رهي. ٽنهن وچ ورهاڱو ٿيو، نائڪ هڪ طرف ته نائڪا ٻئي طرف لڏي ويا ۽ گڏيا ته اوچتو احمداباد ۾، ۽ نائڪا هن جي دوست جي پتنيءَ جي روپ ۾ – ۽ نائڪ وڏيڪ هڪ پل اُن گهر ۾ بيهي نٿو سگهي. هُو سمجهي ٿو ته هُو آرام سان رهي نه سگهندو، ۽ نه هُن پاڻ ۾ همت پائِس ته هُو نائڪا جو منهن مقابل ٿي سگهندو. اِن ڪري هُن اِهو بهتر حاتو ته ڪانئس پري هلِو وڃي، ۽ هُو هلي ٿو وڃي.

نائڪا پنهنجيءَ ڌيءَ کي پڏائي ٿي ته نائڪ سنڌ ۾ ڪمبر حاڻ پيئندو هو، پر جِتِ ڪير نٿو پيئي. نائڪا پنهنجي ڌيءَ کي آکالي ٿي بڌائي. لنڪ هڪ نئين نموني آکاڻي پيش ڪئي آهي. جونءَ بئي ڪهاڻين ۾ فرسٽ پرسن ئي ٿو ڳالهه ٻڌائي ته ڪٿي سيڪنڊ پرسن. پر جن ڪهاڻيءَ ۾ فرسٽ پرسن ئي ڪهاڻي ٻڌائي ته نو، پر ڪهاڻيءَ جو جهڪو سياد آهي، اُهو هڪ ننڍري بالڪا پنهنجي

ماءُ کان بدِل ڪھاڻي تي ٻڌائي.

ياد نہ آهي ڪھڙي فلم ۾ نرگس نائڪا آهي. ھوءَ گيت ۾ پنھنجي پريم جي ڪھاڻي پنھنجيءَ ڌيءُ کي ٻڌائي ٿي. ايڪ تا ھنسون ڪا جوڙا ـ گيت جو ٽُلڊ آهي. اِها فلم سال ١٩٦٢ـ ١٩٦٤ع ۾ نڪتي ھئي. گوبند مالھيءَ جي ھيءَ ڪھاڻي سال ١٩٥٥ع ۾ لکيل آهي. تڏھن لڳي ٿو تہ مانو ھرديہ ھڪ آهي. شريڪانت رئيس وٽ راجلڪشميءَ سان گڏجي ٿو. راجلڪشمي سُڃاڻي وڃي ٿي تہ ھيءُ شريڪانت آهي، ۽ شريڪانت کي ياد ٿو اچي تہ راجلڪشمي سندس ڳوٺ جي ڇوڪري آهي؛ ننڍي ھوندي ھوُ ھڪ ٻئي کي پيار ڪندا ھئا، ۽ راجلڪشمي اوچتو گم ٿي وڃي ۽ ورھين بعد شريڪانت سان پياريءَ جي روپ ۾ ٿي گڏجي.

ھن ڪھاڻيءَ ۾ من کي ڇھندڙ ڪا چيز آهي، جا پڙھندڙ کي ڪھاڻي پوري ڪرڻ بعد ڪجھہ سوچائي ٿي ۽ ھر شخص ناسودو نہ پر پيار جي دل رکندڙ سوچي ٿي پنھنجي ننڍپڻ جي ڪنھن پريتما بابت ۽ دادلن جي رانديڻ بابت.

ھن ڪھاڻيءَ ۾ لڳي ٿو تہ گوبند مالھي فقط سنڌيءَ جو ڪھاڻيڪار نہ، بلڪ ٻين ٻولين جي ڪھاڻيڪارن سان برميچيندڙ ڪھاڻيڪار آهي.

ذڪر نڪتو آهي ورھاڱي بعد جي ڪھاڻين جو. گوبند مالھي
ي ڪھاڻين ۾ ورھاڱي بعد سنڌي سواءِ ڪن شھرن جي ٻين ھنڌن
ي ڇڙوڇڙ ٿي رھيا آھن. جنھن کي جتي رھڻ جي جاءِ ملي، اُھو
ي رھيو، گھر ڪري وينو. ڪو سنڌي مرھٽن جي پاڙي ۾ رھيو،
تيءَ ۾ پاسن کان، آمھون سامھون مرھٽن جا گھر، اُنھن وچ ۾ ھڪ
ـہ سنڌين جا گھر، جيئن ڪولھاپور ۾. مسلمانن جي پاڙي ۾ ھڪ
گھر سنڌين جا، جيئن برھانپور ۾، ڀوپال ۾ ۽ ٻين ڪن ھنڌن تي.
ءِ اِھو سياويڪ آهي تہ اُنھيءَ سنڌي گھر جي ڀاتين جو "ڳاپو،
يت اُنھن پاڙي وارن سان ٿي وينديءَ. ڪن حالتن ۾ سنڌي گھر

جو ڇوڪرو يا ڇوڪري پاڙي واري ڪنهن غير-سنڌي ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي پيار ۾ اچي وڃي! ان حقيقت کان ليکڪ گوبند مالهي ڪو اڻ-واقف ڪونه آهي. اهڙو ذڪر سندس ڪهاڻي ''اڳتي قدم'' ۾ آهي.

نائڪ گوپال وٽ وڃي ڪجهه ڏينهن لاءِ رهي ٿو، جنهن جي گهر سامهون کوهه هو. نائڪ اُن کوهه تان پاڻي ڀرينڊڙن کي ڏسندو ۽ نظارو پسندو هو. گوپال جي گهر لڳ جمنا رهندي هئي، جنهن جي پاءُ وٽ پيڻ کي شادي ڪرائڻ لاءِ ڏيتي-ليتي ڏيڻ لاءِ پورو پئسو ڪونه آهي. اِن ڪري جمنا بنان شاديءَ جي وڃي پئي عمر ۾ وڌندي. پڇرين ڳُڻ سيڌي واري نيڻين سان نبهن رکيو، نيڻين جمنا جي ٻانهن ٻه گهري، پر اُهو ئي ننڍ-وڏائيءَ جو ڀيد، تبقيوار تفاوت، جمنا جي ٻانهن نيڻين کي نه ڏني ويئي ۽ آخر جمنا گجراتي زميندار جي مرهٽي منشيءَ گنپت سان پڇي وڃي شادي ڪئي. ۽ ليکڪ پنهنجي تصور ۾ جمنا کي لانگ واري مرهٽي ساڙهي پهريل ٿو ڏسي.

ليکڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ آڪاهتي بي-آڪاهتي جي پاونا تي چوٽ هنئي آهي ۽ نه فقط ايترو، بلڪ سنڌين جي غير سنڌين ۾ شاديءَ کي به همٿائي ٿو ۽ آخر ۾ چوي ٿو ته- ''.... منهنجي تصور ۾ جمنا کوهه تان پاڻي ڀري رهي هئي، ڇهري تي ڪا خوشي وري آئي هيس. منهنجو ڪنڌ شرڌا وچان جهڪي ويو. سو ڇبر، جمنا جو جريت ڀريو قدم ممڪن آهي گهڻين سنڌي ڀينرن لاءِ للڪار بڻجي....''

يعني ليکڪ چاهي ٿو ته سنڌي ڇوڪريون يا ڇوڪرا پڻ غير- سنڌين سان شادي ڪن.

گوبند مالهيءَ جا اِن وشيه تي اِهي رايا آهن، ته سندري اُتمچندانيءَ جو اِن ساڳئي وشيه تي الڳ رايو آهي. هوءَ چوي ٿي ته سنڌي ڇوڪرين کي سنڌين ۾ ئي شادي ڪرڻ گهرجي. سندس

ڪهاڻي مجموعي ”بنڌن“ ۾ ڪهاڻي ”مان ترسنديس“ ۾ ڇوڪري چوي ٿي تہ مان پنهنجي ذات واري ڇوڪري لاءِ ترسنديس.

مان هيءَ پيٽ اِن ڪري ٿو ڪريان تہ ڏيکاريان تہ بہ ترقي-پسند ليکڪ الڳ الڳ ويچار رکي سگهن ٿا، سو بہ هڪ اهم سوال تي. مان مالهيءَ جي سمجهاوَ جي حمايت ٿو ڪريان. شادي ٻن دلين جو ميل آهي. مان اِن کي ڏيتي-ليتيءَ جو حل ڪونہ ٿو سڏيان، بلڪ ٻن هڪ ويچار رکندڙ شخصيتن جو ميل ٿو سمجهان. خير، هي سوال وڏي بحث جو آهي، جو اِن لاءِ هيٺ ميدان ڪونہ آهي. مان جيڪر گوبند مالهيءَ جي ڪهاڻين کي ٽن حصن ۾ ورهايان - هڪڙيون سماجڪ، ٻيون پيار پريون يا جن ۾ پيار جو ذڪر آهي، جيئن ڪوٺو آنو، ۽ ٽيون سنڌ جي ياد، سنڌ وارن جي سڪ جو ذڪر يا گڏ ڪو سنيهو بہ آهي، جيئن ڪِ ”اي نہ مارن ريت....“، شڪيءَ ڪان شوم پلو...“ (ٽيڻ گهرجي سخيءَ ڪان شوم پلو...). پيڻ جي مٽڻي ڪري آيا آهن، بعد ۾ خبر ٿي پوي تہ ڇوڪرو سُنو نہ آهي؛ لوپي آهن؛ ساهرا ڪنهن نہ ڪنهن بهاني ڇوڪريءَ وارن کي تنگ ڪرڻ ٿا چاهين. ڇوڪريءَ جو پيءُ چاهي ٿو تہ مائٽي ٽُٽڻ گهرجي. ڇوڪريءَ پيءُ چوي ٿو: جيڪو ڇوڪريءَ جو نصيب، زبان ڪري ڦري وڃڻ نہ گهرجي. ۽ آخر ۾ ڇوڪري ساهرن ۾ تنگ ٿي آپگهات ٿي ڪري. ليڪ جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن پهرين ئي حالتن جي ڄاڻ هوندي بہ مائٽي نہ ڪجي ها، تہ هيءُ پوءِ جو ڏک سهڻو نہ پوي ها.

برابر، ڪڏهن ڪڏهين اسين اُن وقت ڪو فيصلو نہ ڪري اگهني لاءِ، يا نصيب تي ڇڏي ڏيندا آهيون ۽ جي ڪا نتيجي طور غلط ڳالهہ ٿئي ٿي، تہ پنهنجي تسليءَ لاءِ اُن لاءِ ذميوار نصيب کي ٻڌايون ٿا. ليڪ گوبند مالهي هن ڪهاڻيءَ ۾ تمام صاف ۽ سهڻي نموني اِن ويچار کي رد ٿو ڪري ۽ چوندو ٿو تہ ڏني مڪ ٻيهڻ نہ گهرجي.

گوبند مالهيءَ جي ڪهاڻين جي اَڀاس مان مون کي لڳو نہ هيءُ ليکڪ لکير جو فقير نہ آهي، اُتم وانگر يا پنهواڻيءَ صاحب وانگر. بلڪ هن اڪيون ڪولي جيڪي ڪجهہ ڏنو آهي، اُن کي ڪلانمڪ نموني پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ”رڪ چپٽي“ ڪهاڻي اِن جو مثال آهي.

هڪ نوڳي درويش آهي، جو سار ڏي ٿو ۽ اِهو وشواس پيدا ٿي چڪو آهي تہ ڪيترين زالن بار نہ ٿيڻ ڪري هن ڪان دعا لاءِ رڪ چپٽي وني بار پيدا ڪيا آهن. پر حقيقت ۾ درويش پنهنجي ڪوليءَ ۾ آيل عورتن سان سنيوڳ ڪندو هو. زالون شرم جون ماريون، اِها ڳالهہ ظاهر نہ ڪنديون هيون. پر هڪ ڪرشچين عورت درويش کي پنهنجي من ماني ڪرڻ نٿي ڏي ۽ اُها رڪ چپٽي نٿي ولي، ۽ ٻار حاصل ڪرڻ جي تمنا جو گلو گهٽڻ ئي بهتر ٿي سمجهي. تڏهين سنڌي عورت چوي ٿي ”آدرمي عيسائي ڇو ڪري ! ... هن کي يوڳ بل ۽ سادنا جي ڪرامت جي ڪهڙي ڪلَ...“

احسانمندي : هيءُ هڪ اهڙو لفظ، هڪ اهڙو احساس آهي، جو جيڪر اُن تي ڪو سوچي ۽ ويچاري، تہ هڪ پوتر ۽ اهم احساس آهي، احسانمندي.

ڪنگوءَ پنهنجي مسلم دوست کي چونڊن ۾ مدد ڪئي ۽ هن جي بلي خوشيءَ سان ڪنگوءَ کي پنهنجي زمين مقاطعي تي ڏني ۽ پاڪستان ٺيڻ سان مسلم دوست علي مراد، بٺئي ڏيڻ لاءِ تيار نٿي ٿيو. هڪ بٺي مسلمان صوبيدار، عطاالله - جنهن تي ڪنگوءَ ڪنهن وقت احسان ڪيو هو - تنهن اُن احسان جي عوض ڪنگوءَ کي مدد ڪئي. نہ فقط ڪپس زمين جي بٺئي وني ڏني، بلڪ سُک سان هندستان ڏانهن بہ روانو ڪيو.

گوبند مالهي هن ڪهاڻيءَ ۾ جٽڪ چوندو هجي : احسانمندي
ڪو هڪ ڌرم يا جاتيءَ جي جڪَ-هڻي نہ آهي. سائنسي مذهب جا
علي مُراد ۽ عطاالله آهن. هڪ علي مراد احسان فروش آهي ۽
عطاالله احسانمند آهي.

اڄ جي زماني ۾ ڪنهن مان احسانمنديءَ جي اُميد رکڻُ
ڏاڍو ڏکيو آهي، تڏهن گوبند مالهيءَ جي هيءَ ڪهاڻي ھنَ ڪين
جي دلين ۾ ڪا روشني پيدا ڪري! هڪ ليڪ بئي ليڪ کي
جيل وڃڻ کان بچايو، هڪ ليڪ بئي ليڪ کي احسانمنديءَ جو
بدلو اِهو ڏنو جو هن خلاف مظاهرا ڪرايا، اخبارن ۾ گار گند
ڪرائي. تڏهن تہ چوان ٿو تہ اڄ جي زماني ۾ احسانمنديءَ جي
ميد رکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

گوبند مالهيءَ جي تازي ڪهاڻي ”ڀرپور عيوضو“ ۾ جٽڪ
ن احسانمنديءَ جو ٿورو اثر ڪٿي ٿي اچي – شامون ٻوڙي گونگي
منا سان شادي ٿو ڪري، نہ پئسي لاءِ نہ سونهن لاءِ، بلڪ من جي
حبت خاطر ۽ اندر ۾ لڪل احسانمنديءَ جي ڀاونا وَس. ۽ بس.

□□

٠٠٠ مالهي : ڪجهه يادون

— تارا ميرچنداڻي

شري گوبند مالهيءَ سان منهنجي پهرين ملاقات ١٩٤٩ ۾ سنڌي ساهتيه منڊل ۾ ٿي هئي. دادا منگهارام ملڪاڻيءَ کان پوءِ، گوبند مالهيءَ ۾ مون منڊل کي هڪ ڏاڍي ۾ پوئي رکڻ جو ڏانءُ ڏٺو. شروع شروع ۾ منڊل ۾ ڪڙي نڪتهچيني ٿينيدي هئي. وقتي اڪرن جي ٽوچار بہ ٿيندي هئي. پر گوبند مالهيءَ منڊل ۾ شانتي برقرار رکڻ جي پوري ڪوشش ڪندو هئو.

١٩٥٠ ۾ منهنجي شادي ٿي. مان بنارس هلي ويس. بمبئي ۽ بمبئيءَ جي ساهتڪ ماحول کان بلڪل ڪٽجي ويس. گهڻن سالن کان پوءِ ٻڌم تہ گوبند مالهي، ڀڳونتي ناواڻي ۽ گروپ بنارس اچي رهيا آهن. اُتي جي سينڌين کين دعوت ڏيئي گهرايو هو. وڏي پيماني تي سنگيت جو بندوبست ڪيو ويو هو. سنڌين جي ڀيڙ اچي ڪٺي ٿي هئي. مان ڪنهن طرح سان اسٽيج جي پٺيان وڃي گوبند مالهيءَ سان مليس. هيترن سالن پڄاڻان بہ هُو ڏاڍي فرب وچان مليو ۽ ڀڳونتي ناواڻيءَ کي سڏي چيائين، ”هيءَ اٿيئي لکڪا تارا ميرچنداڻي.“ اُن بعد جڏهن بہ سندن بنا... ـــ ٠٠١ ...مندو هئو، ۽ ضرور ڏٺا هئاسين.

١٩٨٨ ۾ بنارس ۾ 'سنسڪرت-پالي-سنڌي سنبنڌ' تي سيمينار
رکيو ويو هو، جنهن جو چيئرمن هو گوبند مالهي ۽ ڊائريڪٽر هو
ڊاڪٽر نارائڻ سامتاڻي. ڊاڪٽر نارائڻ سامتاڻيءَ ۽ مون سيمينار
جي جوابداري پاڻ تي کنئي هئي، پر افسوس سان لکڻو ٿو
پوي ته اسان کي بنارس جي سنڌي ڀائرن-ڀينرن وٽان تڪي
جو به سهڪار ملي ڪونه سگهيو — نه پئسي جي مدد، نه
والنٽيئرس، نه ٻي ڪا سيوا. اسين ٻئي اڪيلي سر ايڏي وڏي
جوابداري سنڀالڻ ۾ ڪي قدر ناڪامياب وياسين. اسان جا عزيز
ساهتڪار، جن کي پريم ڀري نيند ڏيئي گهرايو هئوسين، تن جو
پوريءَ طرح ستڪار ڪري نه سگهياسين. پر هنن ڀائرن دل ۾
ڪرڻ بدران ايتري پنهنجائي ڏيکاري ۽ دل ورتي، جو بيان
ڪرڻ کان ٻاهر آهي. پر اها چپ-چپ مون کي اڄ به محسوس
ٿيندي رهندي آهي. اُتي جي سيٺين کي سنگيت پسند هئو.
ڀڳونتي ناواڻيءَ جي نالي هزارين به گهورڻ لاءِ تيار هئا، پر
ساهتيه ۽ ساهتڪارن ۾ سندن رُچي ۽ ڄاڻ نه هجڻ سبب،
پنهنجي کيسي ۾ هٿ وجهڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. وري به ڊاڪٽر
سامتاڻيءَ جي ٻُڌسٽ اِنسٽيٽيوٽ وارن ساهتڪارن کي گهرائي
سندن سُٺو آءُ-ڀاءُ ڪيو.

پڇاڙيءَ واري ڏينهن، پنچائت وارن ساهتڪارن کي ڪاڏي
ي ڪوٺ ڪئي. منهنجي دل ۾ ڪيتري وقت کان جا ڪسڪ
بيل هئي، سا ڦٽي ٻاهر نڪتي. ٻه اکر ڳالهائيندي نڪري
ئُم، ''... منهنجا ليکڪ ڀائر ... منهنجا پيڪا، پهريون ڀيرو
منهنجي ڀيڻ جي ساهري گهر آيا، پر هنن سندن مانُ نه ڪيو!''
ر گلي ۾ اٽڪي پيا ۽ وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيس. اُن وقت
وبند مالهيءَ اُٿي اچي ڀاڪُر ۾ ڀريو ۽ پاڻ سان گڏ وهاري،
ت ڏيندي چيائين، ''اسان کي ڪا به شڪايت ڪانهي. اسين
هن سيمينار لاءِ آيا هئاسين، سو ڪيتري نه سُٺي نموني ٿيو

تي ٿيان پڙهي سارنات ۾ پورو ٿيو.“

اُن وقت پاڻ ٽحلرام آزاد مائيڪ پڪڙيو ۽ ڪن ڪا تقرير ڪئي، تنهن اُتي جي سنڌين ڪا واڇن وڃائي ڇڏيا. ڪبن چيائين، ”.... توهين ليکڪن کي ڇا ٿا سمجهو؟ ڇو بيڪار آهن؟ جاهل آهن؟ ڪير ڪاريون ڇڏي پيا سيمينارن ني پلڪن؟“ هڪ هڪ ڏانهن اشارو ڪندي، هڪ هڪ جي واقفيت ڪرائيندي ۽ سندن ڊگريون ٻڌائيندي چيائين – هي پروفيسر آهي ... هيءُ ڊاڪٽر آهي ... هيءُ انجنيئر آهي. هي سڀ سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي شيوا ڪري رهيا آهن. سنڌيت کي بچائڻ لاءِ گهر-ٻار ڇڏي ٿا نڪرن...“ وغيره وغيره. فضا ۾ اهڙي ڏهڪائيندڙ سانت ڦهلجي ويئي، جو ڪنهن جي ساهه کڻڻ جو آواز نه ٻڌڻ ۾ نه اچي!

گوبند مالهيءَ اُن رات مون کي چيو، ”تارا! هڪ ٻيرو صرف چوين ها ته توهان کي فنڊ جي ڪمي آهي، ته منهنجي هڪڙي اشاري تي سيٺين وٽان پاڻ مُرادو توهان کي مدد پهچي وڃي ها.“

ٻڙودي ۾ سيمينار هو. گوبند مالهيءَ جي ڌيءُ شوپا مالهيءَ پيپر پڙهندي، پنهنجي ننڍي پڻ جي ڳالهه ڪندي چيو ته ڪيس لکڻ جو ڏاڍو شؤق هو. هوءَ سٺو لکڻ لڳي هئي، هڪ ڏينهن تمام سٺي ليکڪا بڻجي سگهي ها. پر ڪن طعنو هنيس ته اهو سڀ توکي تنهنجو دادا لکي ڏيندو آهي ۽ نالو تنهنجو پوندو آهي. ڪن جي نازڪ دل کي ايتري چوٽ رسي، جو هن لکڻ ئي ڇڏي ڏنو. ٽين ڏينهن ۾ ئي منهنجي ناول ’ڪٿا يوگي‘ تي واد-وواد هلندڙ هو. منهنجيءَ دل کي جهوپو آيو. منهنجو درد ۽ ڪن جو درد مِلي ڄڻ هڪ ٿي ويا. مون ان تي ڪهاڻي لکي ورتي ’ٿُل ڪومائجي ويو.‘ مالهيءَ اها ڪهاڻي مخزن ”مُرڪ“ ۾ ڇپي هئي.

منهنجن سڄڻن جي لسٽ ۾ گوبند مالهي به هڪ هو، جڏ
منهنجي دل ورتي هئي، جڏهن منهنجي دل ٽتل-ٽتل رهند
هئي.

جڏهن هٿ يوڳيءَ تي مونکي ساهتيه اڪاديميءَ جو انعام
مليو، ته پهرين تار مونکي گوبند مالهيءَ وٽان پهتي هئي.
اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا پاران ساهتيه اڪاديميءَ
ڪان انعام ملڻ جي سنمان ۾، گوبند مالهيءَ جي هٿان ئي پڪڙ
پهرائڻ جو شرف مون کي حاصل ٿيو.

مان نه سنيران ته ڪو گوبند مالهيءَ پنهنجي حياتيءَ ۾
ڪڏهن ڪنهن کي ڏکويو هوندو. هن جو اِهو اُصول هوندو هو ته
تون به خوش رهُه، مان به خوش رهان.

مالهيءَ زندگيءَ ۾ به وڏيون ڇوٽيون ڪاڏيون – ڀڳونتي
اواڻيءَ جو وڇوڙو ۽ پنهنجي پياري ڏيءُ پشپا جو وڇوڙو. پشپا
ن پوءِ هوُ ڍرڪي ويو ۽ سندس صحت باقي به ٽُٽي پيئي. ٻر
ءَ به، بهادريءَ سان زندگيءَ سان نِباهيندو رهيو ۽ پڇاڙيءَ
ن سنڌي ٽائيمس ۾ ليک لکندو رهيو. ۽ بس ....!

مالهي ۽ مالهي

— نند جويري

پلا اِن کان ڪيئن اِنڪار ڪري سگهجي ٿو تہ گوبند 'مالهي'
نہ هوا هوُ پڪ سان مالهي هو... هوُ مالهي هو ۽ پڪ سان آخر
تائين مالهي رهيو. شاه لطيف تي لکندي، مون کي ڪڏهن بہ،
ڪاہوليءَ جي نسبت ۾ مونجهہ ٿيندي هئي، تہ مان جهٽ پٽ
هن جو اِسلامي لپي وارو سٽوڊرو ٽيليفون نمبر - ۸۰۱۱۷۸٦ -
گهمائيندو هوس ۽ منهنجي رهبري ٿي ويندي هئي. هن
ڪڏهن بہ مون کي اِنڪار نہ ڪيو، جيتوڻيڪ هن وٽ مون کي
اِنڪار ڪرڻ لاءِ ڪافي سبب هئا.

هوُ هميشه پاڻ کي ''صوفي ڪميونسٽ'' چوائڻ پسند ڪندو
هو، جنهن تي منهنجو اعتراض رهندو هو. منهنجو چوڻ اِهو
هوندو هئو تہ ڪميونسٽِ صرف ڪميونسٽ ٿي سگهي ٿو، جيڪو
سماج کي ٻن طبقن ۾ وراهي، اُنهن ۾ آڻ-ٽر جنگ ڏسي ٿو. ۽
صوفي تہ صرف صوفي ئي ٿي سگهي ٿو، جيڪو نہ سماج کي
طبقن ۾ وراهي ٿو ۽ نہ ئي طبقن ۾ ڪو ويرُ ڏسي ٿو، جيئن شاه
چيو آهي :

صوفي لاڪوفي، ڪونَ پانئيس ڪيڻ،
منجهيان ئي مجهہ وڙهي، پنڌر ناهيس پيڻ،
جنين سائُس ويڻ، تئي تنين جو واهڙ.

مان شايد ڪنهن وقت هن سان وير رکيو هوا ١٩٦٠ جو زمانو هو، جڏهن نام نهاد تِمورتيءَ سنڌي ساهت منڊل ڪي 'ڪميونسٽ' ۽ 'غير-ڪميونسٽ' اديبن ۾ ورهائي رکيو هو، تہ سُرڳواسي موهن ڪلپنا، گني سامنائيءَ، لوڪنات جيٽلي ۽ حيات آنند گولائيءَ، راجن چاولا، لعل پشپ، چترو ناگپال ۽ ٻين سان ملي تِمورتيءَ ڪي سنڌي ساهت منڊل مان تڏي ڇڏيو هو. مون سان مالهي اَسهڪار ڪري، اِن لاءِ هن وٽ اِهو هڪ سبب هو. اِن ڪان سِواءِ هوُ مون سان نفرت ڪري ۽ وير رکي، اِن لاءِ هن وٽ هڪ ٻيو بہ سبب هو، جنهن سبب ڪي باقي بہ مورتيءَ برابر پڪڙي رکيو آهي. سوپي گيانچندائيءَ تي هڪ خاڪي لکڻ جو حڪم ٿيو، جنهن لاءِ مون ڪي ڪجهہ اَيياس ڪرڻو پيو. اَيياس ڪندي مون ڪي شيخ اياز جي لکت مان ڄاڻ پئي تہ برابر سنڌ جي ڪميونسٽن مُسلم ليگ سان ملي پاڪستان برپا ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون هيون، جنهن ڪي سنڌ جي ڪميونسٽ اَڳوان نورالدين سرڪيءَ، تازو تازو هڪ اِنٽرويو ۾ صحيح نهرايو آهي.

مون ١٩٨٧ جي 'سنڌو' پرچي ۾ ان جي اوگهڙ ڪئي. ان پرچي ۾ مان صاف صاف لکيو آهي تہ ١٤ آگسٽ ١٩٤٧ تي پاڪستان برپا ٿيڻ جي ڏينهن، ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ جي ڪاران هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو، جنهن ۾ 'پاڪستان زنده آباد' ۽ هندستان مُرده آباد' جا نعرا هنيا ويا. 'محمد علي جناح زنده آباد' 'مهاتما گانڌي مُرده آباد' جا نعرا هنيا ويا. آخر ۾ ان جلوس ڪراچيءَ جي عيدگاه ميدان تي عام ميڙ جي شڪل ورتي. هن جلوس ۾ ڪيرت باباڻي، سوبو گيانچندائي، گوبند مالهي، فلم

ايڪٽر اي.ڪي.هنگل، رام آمرلعل پنجواڻي ۽ هندستان جو اڳوڻو پردان منتري اِندر ڪُمار گجرال پڻ شامل هئا.

منهنجي هن ليک تي تنقيد ڪندي، اُن وقت گوبند مالهيءَ هندواسيءَ جي پرچي ۾ پنهنجي ڏوهه جي قبوليت پڻ ڏني هئي. اُن کان پوءِ، ۱۹۹۰ ۾ سنڌ جو ڪميونسٽ اڳوان، جام ساقي، هڏهن ممبئيءَ آيو هو، ته ممبئي جرنلسٽ ايسوسيئيشن جي عام ميڙ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي گناهه کي پڻ قبول ڪيو هو، ۽ تازو، انڪل چه مهينا اڳ، باندرا ڪاليج ۾، سنڌي ساهت منڊل جي هڪ ميڙ ۾، انڪل ويهارو اديبن اڳيان پڻ، مالهيءَ پنهنجي غلطيءَ تي پڇتاءُ ظاهر ڪيو هو. پر ڪن جي ڪنهن به ساٿيءَ اڄ تائين اهو ڏوهه قبول ڪونه ڪيو آهي، ۽ نه ئي ڪو پڇتاءُ ظاهر ڪيو آهي.

مالهيءَ وٽ سچ کي قبول ڪرڻ جي سگهه هئي ۽ پڇتاءُ ڪرڻ جي همٿ هئي، جيڪا هن جي ڪنهن به ساٿيءَ ۾ ڪانه ٿي ڏسجي. مالهي بهادر ۽ سُچيتو هو، اِن ۾ ڪو شڪ رکڻ نه گهرجي.

مالهيءَ کي سلام ... سدا حيات مالهيءَ کي سلام.



گوبند مالهي - ۽ بس

— وشنو ڀاٽيا

”۽ بس....!“ گوبند مالهيءَ جو تڪيہ ڪلام بڻجي ويو هو. تقرير جي آخر ۾ يا ڪنهن ليک-ڪالم جي آخر ۾ يا موڪلائڻ وقت ”۽ بس...“ چوڻ سندس عادت هئي. يعني وڏيڪ ٻئي دفعي يا پوءِ ملنداسين يا في الحال ايترو ئي...

هاڻ مالهيءَ جو قلم بہ سندس ناسونت سرير جيان خاموش ٿي ويو آهي، پر مالهي سنڌي ساهت ۾ هميشه اَمر رهندو. ماضيءَ جي ڪهاڻي - سنڌيت، سنڌي ساهت، سنڌي ٻوليءَ جي سنگهرش ۽ جياپي جي ڪهاڻي آهي. سنڌي ٻولي جڏهن اسڪولن ۽ ڪاليجن مان نڪري ويئي، تہ مالهيءَ منتر ڏنو: سنڌي ٻولي اورَل ڪلچر ذريعي survive ڪري سگهي ٿي. اِهو رُڳو منتر يا نعرو نہ هئو، ساڀيا هو، جيڪو مالهيءَ ڪلاڪار منڊل ذريعي ڪلڪتي کان ڪنياڪُماريءَ تائين، پنهنجي گروپ دئاران سنڌي سنگيت رستي سنڌيت جو سنديش ڦهلايو.

گوبند مالهيءَ پنهنجي جيون جا ۳۰-۳۵ سال گاڏين ۾ سفر ڪندي گذاريا. ڪيس گهر ۾ بستري تي سمهڻ جو موقعو بہ مشڪل نصيب ٿيو هوندو. جيون جي آخري ڏينهن تائين، ’سنڌي ٽائيمس‘ ۾ ريگيولر ڪالم لکندو رهيو. سنڌي سماج کي هن صرف ڏنو ئي ڏنو، موٽ ۾ ورتو ڪجهہ بہ ڪونہ. پهرين سنڌ ۾ ’نئين دنيا‘

۽ پوءِ هند ۾ 'مُرڪ' رسالو، سندس ڇپيل ڇوڪريون ۽ ترڪيو ديور آهن. سنڌي فلم ''سنڌوءَ جي ڪناري''، ڀڳونتي ناواڻيءَ جو موت ۽ سندس ڌيءَ پشپا جو ٻي-وقتائتو اِنتقال. بس، مالهي وڃائبندو ئي رهيوا سندس دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويئي هئي.

ڀڳونتي ناواڻي، سنڌين جي لتا منگيشڪر هئي. هن پنهنجو سمورو جيون سنڌي سنگيت کي اَرپڻ ڪيو هو. پشپا مالهي، نه فقط سلي اِسٽيج ڪلاڪار هئي، پر ريڊيو تي سندس آواز ڪرسٽل ڪليئر هوندو هو. پشپا منهنجن ڪن اسٽيج کيل ناٽڪن ''ٻيٻو او ٻيٻو'' ۽ ''آک مرڪي'' ۾ نائڪا جو ڪردار ادا ڪيو. ٻنهي ناٽڪن سلور جُبلي ملهائي. تنهن کان سواءِ، هن منهنجن ريڊيو ناٽڪن ۾ به ڀاڱ ورتو هو.

منهنجي پهرين ملاقات گوبند مالهيءَ سان تڏهن ٿي هئي، جڏهن اَشوڪ، ايشور 'مفلس' ۽ مان، گڏجي مُلند ڪالونيءَ ۾ سنڌي ادبي ڪلاس هلائيندا هئاسين، جتي اسان ڪلاڪار منڊل جو پروگرام رکيو هئو.

مالهيءَ ۽ منهنجي وچ ۾ ٽن پيڙهين جو فاصلو هو. پر جڏهن به ملندا هئاسين، تڏهن اهو احساس ئي نه رهندو هئو ته مالهي وڏو ۽ مان ننڍو آهيان. ڄڻ ٻئي ساڳيءَ عمر جا دوست هئاسين. اُن بعد دهلي، گانڌيڌام، ناگپور، احمدآباد ۽ مائونٽ آبوءَ جي ساهتڪ سيمينارن ۾ ۽ ريل ۾ گڏ سفر ڪرڻ جو موقعو مليو. مالهي صاحب جو سڀاءُ رِلڻو-ملڻو هو. چرچن-ڀوڳن، بحث مباحثي ۾ وقت گذري ويندو هو. جڏهن مان هندستان اخبار جو سب-ايڊيٽر بڻيس، ته مالهي صاحب اڪثر آفيس ۾ ايندو هو. فون تي به اڪثر گفتگو ٿيندي رهندي هئي. ڪيس منهنجا ناول وڻندا هئا. مسمسبون ڪي ڪهاڻيون به پسند هئس، جن جو ذڪر هن پنهنجي ليک ۾ ڪيو هو. گوبند مالهيءَ جا ناول مون ۾ پڙهيا هئا. مان اُنهن کان ڏاڍو متاثر ٿيو هوس.

وڏيءَ دل وارو گوبند مالهي

– ناڪُر چاو

اِن کي ڪيئي سال ٿي ويا. ميٽرو سئنيما جي ويجهو
ايراني هوٽل ۾ چانهه جي پيالي پيئڻ وقت، ڪتي ڪتي جون
ڳالهيون نڪري پونديون هيون! جيتوڻيڪ مان ڪنهن جي ٻه
ڳالهه ۾ اچ تائين نه رهيو آهيان. اُن وقت برابر اسين سڀ
ورهاڱي جي لپيٽ ۾ آيل هئاسون ۽ ممبئيءَ جهڙي شهر ۾ هڪ
ٻئي کي سُڃاڻڻُ، گويا هڪ آسرو لڳندو هو.

اُهو وقتُ اَهڙو هو، جو ڪنهن جو به ڪيسو پئسن سان ڀريل
نه هوندو هو، جو پنجن-ڇهن يا اَنن دوستن کي بسڪيٽ يا چانهه
پياري. اُهي واقعي سين لاءِ ڏکيا ڏينهن هئا. ٽيبل چوڌاري
ويهي ويندا هئاسون، مالهي صاحب سان ڳالهيون ۽ ٽيندون
هيون ۽ چانهه پيئندي، سيڪو ڪيسي مان ٻياني ڪڍي ٽيبل تي
رکي ڇڏيندو هو. مان پڻ مالهي صاحب اڳيان پاڻ کي ٻار
سمجهندو هوس. ڪڏهن به ڪنهن ڳالهه تي اسان جو متڀيد نه ٿيو.
جيڪڏهن ڪابه ڳالهه هڪ ٻئي جي سمجهه ۾ نه ايندي هئي، ته
ٿٺ بدران ان کي ٻئي ٽاري ڇڏيندا هئاسين. سنڌي ساهت منڊل
جي يا موتي پرڪاش وٽ ننڍي محفل، ٻيا گڏجندا هئاسون ۽
ڳالهيون ڪندا هئاسون.

مون کي ياد آهي جڏهن ’شعلي‘ مخزن ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو ۽ دادا رام پنجواڻيءَ وٽ سنڌو ريسيٽلمينٽ جي آفيس ۾ گڏجڻ ٿيو هوس، جتي وڪيل مالحي صاحب ۽ ضيا صاحب ويٺل هئا. مان هنن ٻنهي کي نئون نه هوس. تنهن پهرئين مخزن ضرور ڪڍي، جنهن جو نالو ئي رکيو اٿئي ’شعلي‘، اُميد ته اها سونهن ۾ سرس هوندي. اسين تو سان گڏ آهيون.

مالحي صاحب سنڌي ساهت جو ڄاڻو هو. هن ساهت جي هر صنف تي لکيو. هو ترقي-پسند هوندي به سنڌ جي صوفي مت ۾ وشواس رکندڙ هو. ڪيترا پيرا ئي ڪنهن سان سڏو پوڻ بدران وچيون رستو وٺي، اُن متڀيد واري واڻمنڊل مان نڪري ويندو هو.

’وڏي دل وارو گوبند مالحي‘ مون اِن ڪري لکيو آهي، جو هو خود پنهنجي مخزن ’ڪُونج‘ جو سمپادڪ تي رهيو. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ’سپون‘ دير سان پهچندي هئي يا نه پهچندي هئي، ته خاص فون ڪري گهرائيندو هو.

’سنڌي جرنلزم جا ۱۲۵ سال‘ جي سيمينار ۾، سنڌس لکيل مقالي ۾، هن اجهو هيئن لکيو هو:

۱۹۵۴ ۾ ٺاڪر چاولا ’سهڻي‘ جاري ڪئي. ان جو آڪار به وڏو هو، صفحا به وڌيڪ هئا ۽ گيٽ اپ به نالي سان نباهيندڙ هئي. صفحن ۾ مواد سجائڻ ۾ به ڪاريگري هئي. اِن وڏي عمر ڪانه ماڻي، پر جيترو وقت به جي، جيئڻ سڦلو ڪيائين. پرسرام ضيا جي اوچتي ۽ بي-وقتائتي ديهانت بعد هُن جي نِمِت ’شعلي‘ جو پرچو شاندار به هو، يادگار به هو ۽ شخصيات پرچن جي شروعات به ڪندڙ هو. ان بعد وري ٺاڪر چاولا ساڳئي وڏي سائيز ۾ ’سپون‘ مخزن ڪن سالن ڪان ڪڍي آهي، جا رومال ۾ نه سِين ڪان نرالي آهي، پر مال ۾ خوب پريل آهي. مون کي پڪ آهي، ته ٿوري ئي وقت ۾ اِها سپون مخزن سنڌ مان نڪرندڙ ’مهراڻ‘ جون سِڪون لاهيندي.“

ٻيو ڪوبہ ليکڪ هيئڻ لکي تہ ٺيڪ آهي. اُهو هن جو رايو ڪري ڪٿي سگهجي ٿو، پر مالهي صاحب جهڙو اديب ۽ هڪ مخزن جو مالڪ، سمپادڪ هوندي جي هيئڻ لکي، تہ وڏو فرق ته ليکجڻ ۾ اچي.

مالهي صاحب سان گڏ ڪيترين ئي سنستائن پاران ڪن ڪاميٽين تي جج مقرر ڪيل هوندا هئاسين. جڏهن پنهنجي فيصلي ڏيڻ جو وقت ايندو هو، هن جو فون ايندو هو: ٺاڪُر! هن دفعي ڪنهن کي 'نارائڻ شيام اوارڊ' ملڻ کپي؟... اتي ئي مان سندس رايو پڇندو هوس، پر وري بہ هو پهرين منهنجي راءِ ٻڌڻ چاهيندو هو ۽ جڏهن ڪيس مان پنهنجو فيصلو ٻڌائيندو هوس، تہ سائين يارت ۾ هن شاعر کي ۽ سنڌ ۾ هُن شاعر کي... تہ هو يڪدم چوندو هو: 'مان بلڪل سؤ سيڪڙو تنهنجي فيصلي سان همراهِ آهيان' ۽ ائين هر سال پنجن منٽن جي اندر مالهي صاحب جو ۽ منهنجو فيصلو برقرار ٿيندو رهيو.

جيترا بہ اچ تائين آنتر راشٽريہ سيمينار ڪوٺائي چڪو آهيان، انهن سڀن ۾ مالهي صاحب جو، نہ صرف پورو پورو سات رهيو پر هر سيمينار جي سبجيڪٽ تي هن وٽان مقالو لکجندو رهيو. مون کي نٿو ياد اچي تہ ڪڏهن بہ، ڪنهن بہ ڳالهہ لاءِ، هن مجبوري ڏيکاري هجي!

هڪ دفعي ڪنهن سڄڻ، جيڪو سندس چڱو واقف هو، منهنجي سچائيءَ بابت پڇي ورتو. مالهي صاحب جو ڪيس جواب هو: 'مون کي جيڪڏهن ٺاڪر کي ڪنهن ڪارڻ لاءِ پنج لک رپيا بہ ڏيڻا هجن، تہ مان وٽائنس نہ رسيد گهران ۽ نہ ئي وري حساب تہ اُهي هن ڪيئن خرچيا.' اِهو جواب ٻڌي اُهو شخص هر سيمينار ڪوٺائڻ تي نہ صرف هڪ لک رپيا ڏئي ڇڏيندو هو، پر سات سات چيل هو تہ 'ڪڏهن بہ ڪنهن لاءِ بہ رپين جي ضرورت

مهاراشٽر ۾ به راڄيه سنڌي اڪادميءَ جي لحاظ ۾ هڪ ڏکيو دؤر آيو هو. اڪادميءَ جي ميمبرن ۽ ڪلچرل منسٽر جي ميٽنگ ۾ وائيس-چيئرمن لاءِ نالو ڳڻيو ويو، جنهن تي مون مالهي صاحب جو نالو تجويز ڪيو، جو مخالفت کان سواءِ قبول ڪيو ويو.

اڪادمي لحاظ جي پڌرائي وڏي شدمد سان پاڻڪر هال ۾ ڊپٽي چيف منسٽر ۽ ڪلچرل منسٽر جي موجودگيءَ ۾ ڪئي ويئي. اسٽيٽ ڪلچرل منسٽر، مائيڪ تي ان اڪادميءَ جي لحاظ بابت وائيس چيئرمن مالهي صاحب جو نالو ۽ اڪادميءَ جو سيڪريٽري منهنجي نالي جي پڌرائي تاڙين جي ڦڙڪن سان ڪئي هئي، پر پوءِ بي‌جي‌پي وارن راڄنيتڪ هٿيارن جو استعمال ڪري، ميمبر-سيڪريٽري بي‌جي‌پي جو ڪنيو. ان تي صبح ساڻ مالهي صاحب جو فون آيو : ڏاڪٽرا مون اِن پڌرائيءَ کان پوءِ فيصلو ڪيو آهي ته مان اِن راڄنيتي دٻاو ۾ نه اچي، پنهنجي وائيس چيئرمن جي عهدي تان استعفا ڏيان. مون چيو ۽ اِئين نه ڪيو، اسين ته پنهنجو پاڻ ۾ آهيون. هڪ ٻئي جي ڳالهه سمجهي سگهون ٿا. ائين ڪندا ته هنن کي هڪ پيو پنهنجيءَ ئي پارٽيءَ جو وڏيڪ غير-ساهتڪار ٽاڻڻ لاءِ ملي ويندو.

جڏهن ’رائيٽرس آئنڊ آرٽس ويلفيئر فائونڊيشن (Writers' and Artists Welfare Foundation) رجسٽرڊ ٽرسٽ ناهڻ جي پڌرائي ڪئي، ۽ رجسٽريشن نمبر مليو، ته مالهي صاحب فون تي ڏاڍي خوشي ظاهر ڪندي چيو : سالن کان اهڙو ٽرسٽ ناهڻ جو خيال ڪندي ڪيترا رهجي ويا، پر تو وڏي همت وارو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. وقت ايندو جو سچ پچ اِن ٽرسٽ مان گهٽ آمدنيءَ واري ليکڪ/ليکڪا يا ڪلاڪار کي بيماريءَ ۾ وقت سر

مالي مدد ملي ويندي. هڪ ايڪويهه هزارن جو چيڪ پشپ مالهيءَ جي ياد ۾ اِن ٽرسٽ لاءِ مون کان به گهُرائي وٺ.

اِهو گوبند مالهي ٿي هو، جنهن وڏي واڪي، ڪنهن جي به پرواهه نه ڪري، هلندڙ پروگرام ۾ مائيڪ تي چئي ڏنو ته: جيڪي هي سنڌي سيپٽڪ پروگرام ناڪرءَ پارو 'سيتا سنڌو يون' ۾ 'ڏماڪن' جي نالي سان ڪرائين پيا، سي سچ پچ ڏماڪا آهن. هنن پروگرامن جي ڪري ئي اسان جا پِڳهت، سنڌي ڪلاڪارءَ اسان جو آوازي ڪلچر زنده رهي سگهندو. مون اهڙا پروگرامَ پڳونتي ناواڻيءَ سان، سترام روهڙا سان گڏ، سڄي ڀارت جو رٿن ڪندي، ڏنا آهن ءَ انهن پروگرامن کي رٿائتي نموني ڪرڻ ۾ ڪيتري تڪليف ٿيندي آهي، اِها مونکي سُڌِ آهي. پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي به سُڌِ هئي، جيونه هن به اهڙا ديش پر ۾ رٿن ڪيا هئا. ڪلاڪارن کي ڪٺو ڪرڻ، اُنهن مان ڊيڱه سان ڪم وٺڻ لاءِ رمز کپي. مان جڏهن به 'سيتا-سنڌو-يون' ۾ سنڌي پروگرام ۾ شريڪ ٿيندو آهيان، منهنجي ته رڳ رڳ نري پوندي آهي.

'هيلو، مالهي صاحب! اوهان لاءِ خوش خبري آهي. اوهان جي ساهتيه جي چاهڪن، جملي ٨۴ نالن مان چار نالا چونڊيا آهن، جن کي وڌيڪ ووٽ مليا آهن. پڌرائيءَ موجب، انهن چئن جا وڏا رنگين فوٽا، 'سپون' جي ڪَوَر تي ڏنا ويندا. انهن چئن مان اوهان به هڪُ آهيو، يعني پوپٽي هيرانندڻي، هوندراج دکايل، هري دلگيرءَ چوٿون اُوهان. ڪڏهن فوٽوگرافر اوهان جي گهر موڪليان؟' مون سڪ وچان ڪانئُن فون تي پڇيو.

''ٺاڪُر! تون اَلاجي ڪٿان ٿو اَهڙيون رَمزون ڳولهي ڪڍين، جو ٻانڪ في الحال ته اِنهن رمزن ۾، سو به دل سان اَچيو ٿا وڃن! سو مان به 'سپون' جي ڪَوَر(cover) تي ايندس؟''

فوٽن جي آلبم ڪي اُٿائيندي، مالھي صاحب چيو. ستا- سنڌو-پون ۾ ئي، اسان جي فوٽوگرافر جو ڪڍيل فوٽو جت آيو، جنھن کي وڏو ڪرائي ڏنو ۽ 'سپون' جي ڪَور لاءِ موزون لڳو.

جڏھن مالھي صاحب جو فوٽو 'سپون' جي ڪَور تي ڇپيو، اُن وقت ھو صاحب دم جي لپيٽ ۾ اچي ويو ھو ۽ کيس گرو نانڪ ھاسپيٽل ۾ رکيو ويو ھو. اِھا 'سپون' مخزن، ڪور تي سندس فوٽي واري، کيس اِسپتال ۾ پھچايم. ھو خود کي ڏسي مُشڪيو. .... ۽ بس!



گوبِند مالهيِ - سنو ليکڪ، سنو اِنسان

— ريتا شهاڻي

جهڙيءَ طرح پروفيسر ايم.يوُ.ملڪاڻي ۽ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي گذري وڃڻ سان، سنڌي اَدب جي هڪ سونهري يُگ جو اَنت ٿيو هو، اهڙيءَ طرح گوبند مالهيءَ جي ديهانت سان هڪ ٻيو دؤر ختم ٿيو آهي. اَدب جون اعليٰ هستيون هڪ هڪ ڪري اَسان کان جُدائيون پيون وڃن. پر اِهو قدرت جو اَٽل قانون آهي، جنهن کي اِنسان مَٽي نٿو سگهي. اَسان کي هن وقت هڪ وڏي شاهي خال جو احساس ٿي رهيو آهي. اهڙن خالن کي پرڻ لاءِ اَسان وٽ وسيلن جي محدودگي آهي. هن وقت اُيرندڙ نون ليکڪن کي پاڻ کان مٿي نِهارڻ، بزرگ ليکڪن وٽان حوصلہ اَفزائي ۽ پريرڻا پائڻ جا ساڌن گهٽجي رهيا آهن. پر وقت اهڙو ظالم ٿي نٿو سگهي. کهڙا خال پرجندا، کهڙيون نيون هستيون پيدا ٿينديون، اِهو اَسان کي مستقبل ئي ٻڌائيندو.

گوبند مالهيءَ پنهنجي جيون جو طويل عرصو سنڌي ادب، سنڌي ٻولي، سنڌي سنسڪرتي ۽ سنڌي جاتيءَ کي اَرپڻ ڪيو، اِن کي مت-ڀيد ٿي نٿو سگهي. اِن باري ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي ۽ لکيو ويندو. اِن ڪري مان اِنهيءَ ٻالد ۾ نہ وڃي، سندس

شياو جي ڪجھ پهلُن، سندس عوبڻ تي نظرثاني ڪنديس.

ڪيترا سال اڳ، ممبئيءَ جي هڪ ريسٽارنٽ ۾ اديب دوستن سان گڏ، ڪاڏي جي ميز تي رهاڻيون ڪندي، هن هڪ گفتو چيو، ”مان هڪ سُٺو ليکڪ سڏائڻ بدران هڪ سُٺو اِنسان سڏائڻ ۾ وڏيڪ فخر محسوس ڪندُس.“ اُن وقت سندس اِن گفتي ڏانهن منهنجو ايڏو ڌيان ڪونہ ويو هو، پر هن وقت ان تي ڀرپور غور ڪري رهي آهيان ۽ ڪيترا سوال من ۾ اُٿي رهيا آهن. ڇا سُٺي ليکڪ جو سُٺو انسان هُجڻ ضروري آهي؟ وڏي ڳالھ تہ سُٺو انسان ڪير ------ هو؟ سُٺي ۽ بُري جو فيصلو ڪير ڪندو؟

اَسان وٽ مغربي توڙي مشرقي ساهت ۾ اهڙا ڪيترا ئي مثال موجود آهن جڏهن بهترين ليکڪ، جوئاري، شرابي ۽ ڏوهاري پڻ هئا. آميريڪا جو او.هينري ۽ آسڪر وائلڊ جا قصا جڳ پرسڌ آهن، جن جيلن جون سزائون بہ ڀوڳيون هيون، پوءِ بہ ڪُنن شاهڪار رچنائن جو سرجڻ ڪيو هو. ۽ ٻئي پاسي روسي ليکڪ ٽالسٽاءِ ۽ هندي ليکڪ مُنشي پريمچند جهڙا رچناڪار بہ هئا، جيڪي شرافت، نيڪي ۽ قربانيءَ جا جنسي مجسما ليکيا ويندا هئا. ٻنهي قسمن جي ليکڪن جون رچنائون اِنساني منَ-ڇيد واريون پُر اثر، زوردار ۽ شڪتيشالي آهن.

گوبند مالهيءَ جي من ۾ سُٺو اِنسان بڻجڻ جي چاهنا هئي ۽ هوُ ان طرف سجاڳ هو. اِها ڳالھ پنهنجو پاڻ ۾ ڪُن جي شي اِساس هئڻ جي گواهي ڏئي ٿي. هوندئن بہ، سٺو ليکڪ، سٺي انسان کان سواءِ پيو ڪجھ تي نٿو سگهي. پوءِ دنيا ڀل تہ هڪي ڪجھ نہ سمجهي، ڇاڪاڻ تہ ليکڪ هئڻ لاءِ پهريون شرط آهي اِساني من جي تش ۾ وڃي، هن کي سمجهي سگهڻ جي هوند. اسان جي ڪمزورين ۽ طاقتن جي گهراين کي پرکڻ جي سگهہ. سُٺو ليکڪ، نئي جي دک ۽ سُک کي اَنُڀوُ ڪري سگهي ٿو، هوُ سَموينڊ-سيل(sensitive) آهي، جيون جي لاهن-چاڙهن کان واقف

آهي. رواجي واقعن کي جيتي سگهي ٿو ۽ اُنهن جو اظهار عد
سان، ڪلاسڪ ڍنگ سان، پنهنجيءَ قلم دوران ڪري ٿو.

گوبند مالهيءَ ۾ اِهي سڀ خاصيتون جيجيون حيون.
جي ناولن ۽ ڪهاڻين جا ڪردار، جيئرا-جاڳندا ڪردار هئا.
سندن دکن-سکن کي، آشائن-نراشائن کي، ڪمزورين ۽ عن ج
چِڪتاڻ کي سڦلتا سان عوام جي اڳيان پيش ڪري سگهيو
پانڪن اُنهن کي پسند ڪيو. اِها هن جي وڏي ۾ وڏي خاصيت
هئي. هن نه رڳو پنهنجيءَ قلم کان ڪم ورتو، پر منهنجي ذريعي،
ٻُوڻن ۽ شعرن ۾ گهڻي، ٻوليءَ جي زباني-علم کي جنتا تائين
پهچايو.

هوُ هڪ سٺو ڪالمسٽ هو ۽ سالن جا سال سنڌي ٽائيمس
جا ڪالم پڙهندڙ سنڀاليندو رهيو. هوُ سُجاڳ شهري هئو،
پنهنجي آس پاس، ديش-وديش جي حالتن کان هردم باخبر هو.
هوُ سنوَ پتي، سنوَ پت ۽ سنوَ متر هو. پنهنجي شخصي جيون جي
عدمن باوجود هن پنهنجي وجود جون سڀ شڪتيون سنڌي ساڌت ۽
سماج لاءِ سلامت رکي پنهنجي جيون کي سجايو ڪيو.

هوُنهنو، سنيحي ۽ هنو ٻالڪائي وارو، نون اُڀرندڙ ليکڪن
ي حصائڻ وارو، ليکڪن ۾ ٻڌي قائم ڪرڻ وارو - آهڙي
وستاڻي شخصيت جو مالڪ هو، جنهن جي سنڌي جاتي سدائين
رضدار رهندي.

سدا حيات شري گوبند مالهي

— ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي

١٠ فيبروريءَ جي رات، اچانڪ منهنجي فون جي گهنٽي وڳي۽ چوغو ڪٽڻ سان ڪن ۾ پڙلاءُ پيو ته، ”مالهي گذاري ويو.“ ٻڌڻ سان رسيور هٿ مان ڪري پيو ته. اکيون آنسن سان تر ٿي ويون ٿيون. مان ماضيءَ ۾ کوهجي ويو ته. ٻه سال اڳ ٻه اِن ئي قسم جو فون آيو هو. اُهو آرتوار جو ڏينهن هو. منجهند جي وقت فون جي گهنٽي وڳي هئي ۽ ساڳيو ئي جملو ڪنن ٻڌو هو، ”مالهي گذاري ويو.“ احمدآباد ۾ دوستن کي ڄاڻ ڏني. اُن وقت اِن قسم جو دڪدائي نياپو، هڪ نه، ٻن نه، پر ٽن-ٽن شخصن وٽان لڳاتار فون تي مليو هو. ۽ اِن ڳالهه منهنجي ذهن کي وشواس ڏياري ڇڏيو هو ته واقعي مالهي هن دنيا مان چالاڻو ڪري ويو آهي، ۽ مون تي جيڪا جوابداري رکي ويئي آهي، اُن سان مون کي نڀائڻ گهرجي. ڀريل ۽ دکي دل سان فون جي ڊائري کنئين هئم ۽ دوستن، ساٿين کي فون ڪري مالهي صاحب جي گذاري وڃڻ جو سماچار ٻڌايو هئم. نه صرف ايترو، پر آڪاشواڻي، دوردرشن ۽ اخبارن وارن کي اهو دکدائي سماچار ڀنل دل سان ٻڌايو هئم. دوردرشن- آڪاشواڻيءَ وارن مالهي صاحب کي شردانجلي ڏيڻ ۽ هُن جي جيون-رچنائن تي روشني وجهڻ

جي جوابداري مون مٿان هموار ڪئي ۽ مون مالهي صاحب ...
جيون-ڪاريہ تي لکڻ شروع ڪيو هو: ''گوبند مالهي سنڌ...
تحريڪ جو روح روان هو، جنهن جي نس نس ۾ سنڌيت سماي...
هئي.

مالهيءَ، جنهن جو جنم ٥ آگسٽ ١٩٢١ ۾ ٿيو هو، اسڪولي
جيوت کان ونئي، گهر جي ماحول کان متاثر ٿي، نہ صرف سنڌي
ساهت پڙهڻ شروع ڪيو هو، پر اُن وقت لکڻ جي شروعات پڻ
ڪئي هئي. هن جو پِتا ۽ وڏو ڀاءُ ڪتاب پڙهڻ جا ڏاڍا شوقين
هئا ۽ ڪتابن جي دنيا ۾ مگن رهندا هئا. ڪتابن جي سنگ ۾
رهندي-پڙهندي، گوبند مالهيءَ ١٩٣٥ ۾ پنهنجي هڪ اصلوڪي
رچنا - هڪ شعر - لکي ورتو. مالهيءَ جون شروعاتي رچنائون
شعر ئي هئا. بعد ۾ هن ساهت جي ٻين شاخائن طرف منهن
موڙيو. اِن چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ مالهيءَ سنڌي اَدب جي
هر صنف تي قلم آزمائي ڪئي. شروعات ڳڻن سان ڪيائين، پر
بعد ۾ هو رڳو ڪهاڻي نويس، ناٽڪ نويس، مضمون نويس، ناول نويس
اخبارنويس نہ بڻيو، پر هن ڪيترا ناٽڪ ڊائريڪٽ بہ ڪيا تہ
''سنڌوءَ جي ڪناري'' فلم جو هدايتڪار ۽ پروڊيوسر بہ بڻيو. چارڻ
...جي سنڌي موسيقيءَ کي گهر گهر تائين بہ پهچايائين. شري
...هيءَ ئي سنڌيءَ کي وڏ ۾ وڏ اصلوڪا ناول ڏنا جنهن ڪري هن
...سنڌي ناولن جو ابو، ناول سمراٽ ڪري بہ سڏيو وڃي ٿو. مالهيءَ
...ب ناٽڪن جي اڻاٽ کي بہ دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌي
...ڪي ناٽڪن جي ابي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ کانپوءِ وڏ ۾ وڏ
...ڪي ناٽڪ مالهيءَ لکيا. هن جا ڪيترا ناٽڪ منچ تي پڻ

...الهيءَ رچناتمڪ ڪاريہ جي شروعات شاعريءَ سان ڪئي
''شيطان''، ''بي-بقا'' ۽ ''مالهي'' تخلص سان شعر لکيا
...اڳتي هلي هن جو 'مالهي' قلمي نالو ڪافي لوڪ پريہ

۾ بيٺيو ھو اڄُ ڏينهن تائين قائم آھي.

مالهيءَ بين بولين جا ڪيترا شاهڪار ڪتاب ٻہ سنڌيءَ ۾ انواد ڪيا. جن جي ترجمو ڪيل ڪتابن ۾ مکيہ آھن: آخرين سفر (ڪرشن چندر)، تاجمحل (ابراھيم حلبس) نيلم (خواجا احمد عباس)، زندگي (يشپال)، سنيتا (جئنيندرڪمار)، ڌرتي ماتا(تاراشنڪر)، استري ھڪ پرولي (اگيہ) وغيره.

مالهيءَ جي قلم مان جنهن ڪهاڻيءَ پھرين روشني ڏٺي اُھا ھئي ”ھمدرديءَ جو احسان“. مالهيءَ جون ٻيون ڪهاڻيون جن ادبي حلقن جو ڌيان طرف ڌيان ڇڪايو، اُھي آھن: ’ھاري حقدار‘، ’ناناڻي مجلس‘، ’زرد چھرو‘، ’دل جي دنيا‘، ’سڪٽي سپاھي سنڌ‘، ’چمتڪار کي نمسڪار‘، وغيره.

مالهيءَ مضمون پڻ جيجبي انداز ۾ لکيا آھن جيڪي جداجدا مخزنن، اخبارن ۾ وقت بہ وقت شايع ٿيندا پئي رھيا آھن. ڪيترا مضمون/مقالا تنقيدي ۽ کوجنا تمڪ پڻ آھن. مالهيءَ جي اصلوڪن ناولن ۾ مکيہ ناول آھن آنسون، زندگيءَ جي راھ تي، پکيئڙا ولر کان وڇڙيا، چنچل نگاھون، شرم ھوئي، ڏيھي پرڏيھي ٿيا، ديسي سيڻ ڪجن، جن سوري پائين سيج، پرديسي پريتم، پيار جي پياس، پاپي، سونهن جا سوداگر، سمگلر، سنڌوءَ جي ڪناري وغيره. اسين مالهيءَ جي ناولن تي نظر ورايون تہ اُن ۾ مالهيءَ جا ڪجھ ڪالپنڪ، اِتحاسي، سماجڪ ۽ سنڌي لوڪ ڪهاڻين تي ٻڌل ناول آھن تہ خطن جي روپ ۾ آتم ڪهاڻي طرز تي پڻ لکيل آھن. ڪي ناول سکانت آھن تہ ورى ڪي دکانت تہ ورى ڪن ناولن تي مالهيءَ جي نجي جيون جو اثر آھي.

مالهيءَ جا ناول سنڌيت جي جذبي، سنڌ جون ساروڻي سان گڏ و گڏ مارڪسزم جي اثر، رومانوي جذبي، ديش ڀڳتيءَ جو سنديش ڏيندڙ ۽ ڪائنات جي چٽ سان چنيل آھن. اِھا ٻہ ھڪ حقيقت آھي تہ ورھاڱي ڪانپوءِ، سنڌين جي ڪٺمين ۽ ورھاڱي

ڪ

جي درد کي ڪٿي پڇريون ناول مالهيءَ ئي لکيو. ”آنسون“ ناول سنڌين جي ڪئمپ جي زندگيءَ جو حقيقي چٽر آهي. مالهيءَ ”من جو ميت“ ناول ۾ به ڪئمپ جي زندگيءَ ۽ ورهاڱي جي ذلتن جو چٽر چٽي، ان ۾ رنگ ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مالهيءَ جداجدا ناولن ۾ جداجدا موضوع کنيا آهن. هن جو رخ ۽ نظريو سدائين آشاوادي رهيو آهي. ”آنسو“، ”محبت جي راهه تي، ۽ جيون ساٿي ۾ هن پيار جا چٽ چٽيا آهن. مالهي پيار جي شاديءَ جو حمايتي رهيو آهي. بدليل سماج ۾ ڪٽنب ٽٽي رهيا آهن. گڏيل ڪٽنبن جي گرمائش ۽ رشتن جي ٽٽاڻ مالهي صاحب به محسوس ڪئي آهي. اِن حقيقت جي آڌار تي مالهيءَ پنهنجي ناول” زندگيءَ جي راهه تي“ ۾ جدا ڪٽنب جي اهميت ۽ ضرورات تي زور ڏنو آهي. ”پکيئڙا ولر کان وڇڙيا“ مالهيءَ جيبهترين ناولن مان هڪ آهي، جيڪو پڻ لڏپلاڻ جي ماحول تي لکيل آهي؛ مالهي انترجاتي وواهه جو به حمايتي رهيو آهي ۽ اِن وشيه تي هن به ناول ”ديسي سيڻ ڪڄن“ ۽ ”ڏيهي پرڏيهي تيا“ لکيا آهن. ”هڪ اِنسان ۽ سو طوفان“ ۾ مالهيءَ وڏوا وواهه جي حمايت ڪئي آهي. ’پيار جي پياس“ ناول تي مالهيءَ کي ساهتيه اڪاڏمي اوارڊ سان نوازيو ويو. هن ناول ۾ مالهي ناٽڪا کي سرڳ جو مزو ماڻڻ لاءِ آماده ڪيو آهي.

هڪ ڳالهه چوڻ بي جاءِ نه ٿيندي ته مالهي جداجدا ڪردار وشيه، مسئلا ۽ واقعا کڻي ناول رچيا آهن. پر مالهيءَ پنهنجن ناولن، ڪهاڻين ۽ ناٽڪن ۾ سنڌي ماحول پيش ڪري سنڌيت جي وڪاس لاءِ هڪ ساراهه جوڳو ڪاريه ۽ شيوا ڪئي آهي. اسين مالهيءَ کي سنڌي جيوت جي باغ جو سنواريندڙ، سجائيندڙ ۽ اُن جو پاسبان چئي سگهون ٿا.

مالهيءَ کي ناٽڪ نويس، بنگالي فلم ۽ ڊراما ڊائريڪٽر رتوڪ گهٽڪ پڙهيو. جنهن ئي مالهيءَ کي ناٽڪ لکڻ لاءِ آماده ڪيو. مالهيءَ

پالو نہ ٿا ايندڙ جيئي چنڊ اسين حلي سنڌ ۾ ملنداسون! هن کي سنڌ ۽ سنڌ واسين ڏانهن اٿاهه محبت هئي. هن جو اهو اٽوٽ وشواس هو تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ هند-پاڪ ضرور هڪ ٿيندا. هتراڌو سرحدون ضرور ٽٽنديون. سنڌي سدا جڳ وطن نہ رهندا.

لکندي لکندي اچانڪ منهنجو قلم رڪجي وڃي ٿو. ٻڌان ٿو ”توهين هينئن ڪافي وقت کان ڇا لکي رهيا آهيو؟ توهان جي اکين مان آنسون ٻڻ وهي رهيا آهن. توهان جا ڪليل سپ پنا آ! ٿي ويا آهن؟ ڇا ماجرا آهي؟ اهي منهنجي پتنيءَ جا لفظ هئا. مون پتنيءَ طرف نهاريو ۽ پريل دل سان چيم ”مالهي گذاري ويو.“ هوءَ پڻ ٻڌي ڇرڪ پري ڇوب ٿي، ”ڇاچيو، مالهي گذاري ويو. اٿين ٿي نٿو سگهي. اڳئين مهيني ئي تہ اسان کي لونا وا ۾ ڪٺيو هئو.“

مون چيو: هڪ نہ ٻہ ٽي فون اهو دکدائي سماچار ڪٺي آيا آهي.

هن چيو: توهان خود مالهيءَ جي گهر فون ڪري تصديق ڪئي آهي؟ منهنجي دل چوي ٿي مالهي صاحب جيئرو آهي. ڪنهن ڪنهن ٻڌو آهي اُهو افواهہ آهي. توهين ممبئيءَ فون ڪريو.

منهنجي ٿي ڪاش اهو افواهہ ئي هجي ئو مون مالهيءَ [illegible] جوڙيو. مالهيءَ جو فون لڳاتار بزي ملي ٿو. مان [illegible] جي گهر فون جوڙيان ٿو. جواب ملي ٿو [illegible] ويل آهن. مون شري مدن جماڻي، دادي پوپٽي [illegible] ٽيڪچند مست ۽ ٻين کي فون جوڙيا. سڀني [illegible] ملي ٿو: مالهيءَ جي گهر ويل آهن. دل ۾ [illegible] گذاري ويو آهي.

[illegible] آڪرين ٻار ڏڙڪندڙ دل ۽ ڏڏندڙ [illegible] جو فون جوڙيان ٿو. فون ٿئي ٿو ۽ سامهون

”هلو... هلو... مالهيءَ جو آواز ٻڌان ٿو. تصديق ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ٻه ٽي دفعا چهنڊڙيون پايان ٿو. مالهيءَ پشپا سان پريل دل سان ڳالهايان ٿو ۽ سيني کي حقيقت کان واقف ڪريان ٿو. مالهي هڪ زوردار ٽهڪ ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ”توکي مون لاءِ ايتري عزت شرڌا ۽ پيار آهي، اُن لاءِ مان توکي مبارڪون ٿو ڏيان. تو جيڪا منهنجي جيئري منهنجي شرڌانجلي لکي آهي اُها ضرور موڪلي ڏج. مونکي پڙهي خوشي ٿيندي.“

مان اهي لفظ ٻڌڻ سان پاڻي پاڻي ٿي وڃان ٿو. پنهنجي پل ۽ بيوقوفي لاءِ معافيءَ جي طلب ڪريان ٿو ۽ مالهي حيات آهي سماچار بروقت سيني کي فون تي ٻڌايان ٿو.

اچانڪ فون جي گهنٽي وڄي ٿي ۽ مان ماضيءَ مان موٽ کاوان ٿو.

ممبئيءَ مان مدن جو فون هئو : ”مالهي گذاري ويو....“

وري فون اچي ٿو : ”مالهي گذاري ويو......! اڪادميءَ طرفان شوڪ سڀا ڪوٺاءِ ۽ شرڌانجليءَ لاءِ ضروري مواد تيار ڪر.“

رکي رکي فون ايندا رهن ٿا. هڪ ئي شوڪ سماچار آهي:

مالهي گذاري ويو.

پر دل چوي ٿي :

مالهي پنهنجين رچنائن ۾ اسان وٽ اڄ به حيات آهي،

سدا حيات !

/

گوبند ۾ مالهي

— مايا راهي

چوڏهن-پندرهن مهينن جي معصوم ٻار گوبند مٿان وڏاتا ڇڏهن ماءُ جي ٿڌي ڇانوَ ڇڪي ورتي، تہ ڏاڏيءَ، پڦيُن ۽ ڀيڻ دادن جي موهہ ممتا اُن کميءَ کي پوري ڪرڻ ۾ ڪا ڪثر نہ ڇڏي.

اسڪول وڃڻ بدران، نوَلڪي واهہ جي ڪپ تي وڃي، رولُو نينگرن سان گولبون راند ڪرڻ وارو گوبند، سائين عبداللہ کان هڪ ڀائي روز ملڻ جي آس ۾، رُلڻ ڇڏي نيم سان اسڪول وڃڻ شروع ڪيو. اوچتو هڪ ڏينهن سائينءَ جي چوڻ تي تہ ”ٻيءَ کي ڇڏيو، ڀايون خنم ٿيون“، گوبند ڄاتو تہ ڀايون سائينءَ جون نہ پر بابا حون هيون. هن وري سائينءَ کان ڀائي نہ ورتي ۽ اسڪول گسائڻ ڇڏي ڏنو.

ڊاڪٽري پاس ڪري ڳوٺن ۾ غريبن جي شيوا ڪرڻ گوبند جو مقصد هو، پر مئٽرڪ جي ٽرمينل امتحان ۾، فزڪس، ڪيمسٽري وشين ۾ فيل ٿيڻ ڪري، ماسٽر ٿهلباڻيءَ جي ٻن ٽعرن کان بچڻ لاءِ - جي جُن اِنهن وشين ۾ ناپاس ٿيل هر ساگرد کي تي حسون- گوبند ڪبس بڌائو نہ هن وشيہ بدلائي،

فزڪس ڪيمسٽريءَ بدران، فزالاجي-هائيجن ڪٽڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ۽ ائين ماستر جي ٻن ٽڪرن کان ته بچي ويو، پر ڊاڪٽر ٿيڻ جي سپني کي ساڪار نه ڪري سگهيو.

ادڙن-دادڙن راند ڪندي، گوبند ۽ شامي گهوٽ ڪنوار ٿيندا هئا. رات ٿيڻ تي (راند ۾ رات هر هر ۽ جلد ايندي هئي) ٻين ٻارن کان الڳ ٿي، هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي سمهندا هئا. هڪ ڀيري شاميءَ جي اکرن ته ''زال-مڙسَ وچ ۾ شرم ڇاجو؟ مڙس آهين يا مسخرو؟'' ۽ گڏ ڪيل ابهم شاميءَ جي حرڪت هن کي لال پيلو ڪري ڇڏيو! هوُ ڀڳهر ۾ شل ٿي ويو ۽ پتلون ڇڏائي جو وٺي ڀڳو، ته گهر پهچي دم پٽيائين! ان کان پوءِ هن جي 'ادڙن-دادڙن' واري راند هميشه لاءِ بند ٿي ويئي. هن جي آواره گردي پاڙي جون حدون ٽپي ڳوٺ جي گهٽين ۽ ميدانن تائين وڃي پهتي هئي. گوبند کي ڇوڪريءَ ذات کان نفرت ٿي ويئي.

گوبند جي رول پڻ کي گهٽائڻ جو طريقو هن جي پيءُ ڳولهي ڪڍيو. ڇپائينس ته شاهه جي رسالي مان بيت ياد ڪر، هڪ هڪ بيت لاءِ هڪ هڪ پائي ڏيندوسانءِ.

هڪ ڏينهن جڏهن گوبند گُنگُنائي رهيو هو : يا پسڻ پرينءَ جو، يا پرين پچار، ته تاڏل جو گلاس ڪٽي هوءَ هلندي جڏهن گوبند جي سامهون اچي رهي هئي، ته هن جي پايل جي جهنڪار به قدم قدم سان، تال سان تال ملائي رهي هئي. هن کي ڏسندي گوبند جي دل جي ڌڙڪڻ وڌي ويئي ۽ سندس من ۾ سوال اُٿيو : ''هيءَ اچي پئي، نيل قُليل ڪيل جوانڙي ڪٿان آئي؟ ۽ هن جي ڇاتي ائين ڦندي جو پيئي آهي؟ هوُءَ سهڻي هئي، سُڊول هئي، سڀ کان وڌيڪ ڪشش ڪندڙ هئي هن جي ڦنديل ڇاتي. ۽ جڏهن هوءَ مون ڏانهن وڌي آئي، تڏهن اُها اچا به زور سان ڦندڻ ۽ سُسڻ لڳي!'' (پهريون پيار). پٽس کي

سڃي ڄڃي ويٺي. ترت زينت کي سندس گهر اماڻيو ويو، جيئن تہ هن جي پيار جي قيمت ڳري ويئي - ”اسلام قبول ڪري تہ زينت جو نڪاح توسان پڙهايو ويندو.“ سندس بابا جي جواب هئي، ”ڌرم ڇڏڻ نہ چوندو آهي، ڀڳوان چاهي ها تہ توکي مسلمان گهر ۾ پيدا ڪري ها!!“

اليپ چوڏهن سالن جي زينت، پنجاهہ سال پار ڪيل ارباب علي جي حويلي ۾ جوڙايل نئين ڪمري اندر پوُرجي ويئي، منهنجو پهريون پيار هوا جو جهونڪو ٿي ويو. (پهريون پيار).

بابا جي پاڻيءَ جي لالچ، گوبند کي شاهہ جو شيدائي بڻايو تہ سندس وڏو ڀاءُ کيس ساهتڪ ڪتاب پڙهي ٻڌائيندو هو ۽ گهر ۾ موجود ڪتابن جي جهجهي انداز، گوبند کي شروعات ۾ آواره گرديءَ کان پوءِ، باقي بچيل وقت ۾ ڪتابن پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جو شوقين بڻايو.

ڪراچيءَ مان نڪرندڙ ماهواري ’سناتن ڌرم پرچارڪ پتر‘ اخبار سندن گهر ۾ ايندي هئي. اُن جا اڳين سالن جا پرچا، جدا جدا بائينڊ ٿيل هئا. اُهي سڀ پڙهندي گوبند کي لڳو تہ هر جنماشٽمي ۽ ڏياريءَ تي، اُن پتريڪا ۾ جي ليک ۽ شعر ڇپيا هئا، اُن ۾ ڪرشڻ ۽ رام کي درخواست ڪيل هوندي هئي تہ وري جنم وٺو ۽ ديس جو ڪلياڻ ڪيو.

گوبند تيرهن-چوڏهن سالن جي عمر ۾ پهريون شعر لکيو، جنهن ۾ ڪرشڻ کي وري جنم وٺي اچڻ لاءِ پڪار ڪيل هئي. اُهو شعر پرچارڪ پتريڪا جي جنماشٽمي پرچي ۾ ڇپجي آيو ۽ اِن نموني سنڌي ساهت ۾، ”بي-بلا“ جي تخلص سان هڪ نئين شاعر جنم ورتو.

’چوڏس‘ ۽ ’سنسار سماچار‘ ۾ گهٽي پاڻي هن جا شعر ڇپيا شاعريءَ ۾ اصلاح جو هئڻ ضروري آهي. اِهو سوچي هن ... ... ڪالمح ۾ پڙهندڙ نارائڻ ’شيام‘ کي

اصلاح لاءِ لکيو. شيام جو جواب هئو: اصلاح خطن ذريعي نه روبرو سمجهي سگهبو آهي.

ٻئي ترم ۾ گوبند ڪراچي ڪاليج ۾ داخل ٿيو. شيام سان ملڻ ويو ته شيام وٽ ان وقت پرسرام 'ضيا' ويٺو هو. ٻنهي جي ڳالهائڻ مان هن محسوس ڪيو ته اصلاح ڏاڍي ڪا ڏکي چيز آهي.

هڪ ڀيري ڪشنچند 'بيوس' کي ڪي شعر لاڙڪاڻي مُڪائين. بيوس لکيس ته مان ڪراچيءَ اچان ٿو، اُتي اچي مل. شرميلي ۽ نروس سڀاءَ جي ڪري، هو بيوس سان ملڻ وڃي ڪونه سگهيو. اهڙيءَ طرح اصلاح جي پڄاڻي، 'بي-بقا' کي شاعر بڻجڻ نه ڏنو. پر نظير ۾ اڳتي نه وڌي سگهڻ جي مجبوريءَ شاعر کي نثر جي آزاد دنيا ۾ اڳتي وڌڻ جو اُتساھ ڏنو. سندس ترجمو ٿيل رچنائون، ''سنڌو'' ۽ ٻين اخبارن ۾ لڳاتار ڇپجنديون رهيون.

آواره گرديءَ کان جند نه ڇڏائي سگهڻ ڪري، ڪاليج جي هاسٽل ۾ نه رهي، ڪن ڇوڪرن سان ڪاليج جي ڀر ۾ ٽي ڪمرا مسواڙ تي وٺي رهڻ لڳو. وڪالت ۾ داخلا وٺڻ لاءِ ليکو تلسياڻيءَ هن ۾ اُتساھ پيريو ۽ پڇر هوندي به هن سان گڏ الڳ ڪمري ۾ اچي رهڻ قبوليو. ڪجھ وقت کان پوءِ سوڀو گيانچنداڻي به اچي هنن سان مليو. سوڀي ۽ مارڪسواد جي اثر هيٺ، هن جوان 'ڪئٽ انڊيا تحريڪ' ۾ بهرو ورتو ۽ جيل ياترا کان پوءِ آواره گرديءَ کي الوداع ڪئي.

گهر جي ڪُل-برهمڻ، مهراڄ شنڪر جو شاعر 'بي-بقا' کي 'مالهي' بڻائڻ ۾ وڏو هٿ هئو. هن وٽ جاسوسي ڪتاب تمام گهڻا هئا. هن گوبند ۾ جاسوسي ڪتابن پڙهڻ جي چوش وڌي. بابا ۽ ڀائوءَ کان لڪائي گوبند هن سان ڪتابن جي ڏي-وٺ ڪندو هو ۽ شنڪر وري هن جا ڪتاب ٻين کي ڏيئي اُنهن سان ڪتابن جي ادلا-بدلي ڪندو هو.

پرچار پتريڪا ۾ ڪرشڻ کي پڪار ڪندي، 'بي-بقا' جو شعر ڇپجيو هو، تنهن شاعر کي تہ ڏاڍو خوش ڪيو، پر مهراج شنڪر کي اِهو تخلص نہ وڻيو هو. هن کيس چيو، ''مان صلاح ڏيانءِ، 'مالهي' تخلص اپناءِ. سنسڪرت ۾ مالهي معنيٰ خلقيندڙ. ۽ ائين گوبند 'بي-بقا' مان ڦري 'مالهي' ٿيو ۽ سالن جا سال، سنڌي ساهتيہ جي الڳ الڳ شاخائن جا گهڙا پريندو رهيو، رچيندو رهيو.

مالهي جي شاعر نہ ٿي سگهڻو تہ ڇا ٿيو؟ ساهتيہ جي هين کيترن کي هن پنهنجين رچنائن سان روشن ڪيو آهي. ناولن ۾ ناول سمراٽ، ڪهاڻي کيتر ۾ اوچ ڪوٽيءَ جو ڪهاڻيڪار، رنگ منچ تي ناٽڪڪارن- هدايتڪارن-ڪلاڪارن جو رهبر، ديس-پرديس ۾ رهندڙ سنڌين کي سنڌي سنگيت، لاڏن، ڪافين، بيتن ۽ اوراڻن سان، وڇايل سنڌ سڳوڙيءَ جي ياد تازا ڪندڙ پڳونتي ناواڻيءَ جو پريرڪ مالهي، وقت جي اُفق ۾ اوجهل تہ ٿي ويو آهي، پر ايترو سارو خزانو جو هوُ ڏيئي ويو آهي، سو هر وقت ساهتيہ کيتر ۾ سندس اَمر هجڻ جو احساس ڏياريندو رهندو.



ناول نويس گوبندمالهي

- پروفيسر جڳديش لڇاڻي

ناول، اَدب جي هڪ اهم صنف آهي ۽ اَدب آهي ٻوليءِ ذريعي زندگيءِ ۽ جڳت جو اِظهار. زندگيءَ جي اِظهار جي ڇيد ۾ ڪارگر هئڻ سبب، ناول اڄ دنيا جي ادب ۾ بيحد لوڪپريہ ساهتيہ صنف جي روپ ۾ مقبوليت حاصل ڪري چڪو آهي. اِنساني من جي گهرائيءَ کان وٺي، هن وسيع سنسار جا سمورا ڪارناما ناول جي دائري اَندر اچي وڃن ٿا. ائين تہ سنساري حقيقتن جو اظهار شعر ۽ ناٽڪ ۾ بہ ٿيندو آهي، پر ناول ۾ ان جو اظهار وڌيڪ مڪمل ۽ گهرو هوندو آهي. شاعريءَ ۾ گهڻي قدر خيالات ۽ احساسات تي زور هوندو آهي، پر ناول ۾ حقيقي زندگيءَ کي وڏي اهميت آهي. ناول ۾ زندگيءَ جي آزمودن جي اظهار تي وڌيڪ زور هوندو آهي. ناول زندگيءَ جي تمام ننڍين ۽ خسيس حقيقتن جو اظهار بہ تمام چٽائيءَ ۽ صفائيءَ سان ڪري سگهي ٿو. ناول مکيہ طور بہ طرفو ڪم ڪري ٿو ۽ اُنهن ٻنهي جو واسطو زندگيءَ جي حقيقي اظهار سان آهي. هڪ طرف هو ڪردارن جي ٻاهرين جڳت يا سماجي حقيقتن جو اظهار ڪري ٿو ۽ ٻئي طرف اُن ۾ ڪردارن جي من، اُنهن جي سوچ وغيره جو چٽڻ بہ رهي ٿو. اڄ جي ناول ۾ پوئينءَ

ٻالهه تي ئي وڌيڪ توجهه ڏني وڃي ٿي.

ناول نويس بہ ٻين فنڪارن جيان ئي رچناڪار آهي. هو زندگيءَ کي جيئن ڏسي ٿو، اهڙا ئي 'ماڊل' پنهنجي رچنائن ۾ پيش ڪري ٿو. هو پنهنجي آزمودن ۽ پوڳيل سچ کي حقيقي حالتن ۽ ماحول ۾، ڪردارن ذريعي پيش ڪري ٿو. خيالي دنيا کان پرهيز ڪري، اڄ جو ناول نگار، سماجي ۽ شخصي زندگيءَ جائي عڪس چٽڻ لڳو آهي. والٽر ايلن، Reading of Novel ۾ لکي ٿو :

" هر ڪلاڪار جيان ناول نويس بہ رچناڪار آهي. هو انسان جو اُهو ئي عڪس پيش ڪري ٿو، جو هو ڏسي ٿو، اَنيڙ ڪري ٿو. هو پنهنجي تخليق ڪردارن، چٽيل ماحول ۽ واقعن مان اهڙن نتيجن تي پهچي ٿو، جن مان اِنسان جي وهنوار ۽ اُن پٺيان ڪن جي مراد جو عڪس ملي ٿو."

رالف فاڪس بہ The Novel and the People ۾ لڳ ڀڳ ساڳي ٻالهه چئي آهي :

"ناول، رڳو اَفسانوي نثر نہ آهي، پر اُهو زندگيءَ جو نثر آهي. ناول لکڻ جي ڪلا جو اُهو روپ آهي، جنهن ۾ اِنسان جي مڪمل تصوير ملي ٿي ۽ سندس اِظهار ٿئي ٿو. شعر، ناٽڪ، سنيما، چترڪاري ۽ موسيقيءَ وسيلي پيش ڪبل حيون ڀيٽ ڪان، ناول ۾ پيش ڪيل حقيقتن جا پلي اُهي پهلو پيش ڪن، جيڪي ناول جي پهچ کان پري آهن، پر پوءِ بہ ڪنهن هڪ شخصي اِستري يا بار جي مڪمل تصوير چٽڻ ۾، انهن مان ڪابہ ڪلا ايتري ڪارگر ڪانهي، جيتري ناول ڪلا."

يورپي اَدب ۾ ناول جي صنف اٽڪل ٽي صديون پوريون ڪيون آهن. ائين تہ ڀارتي اَدب ۾ باڻ ڀٽ جي "ڪادمبري" (ناول) ٻارهن سؤ ڪن سال اڳہ لکبل آهي ۽ اڄ بہ اُهو چاهہ سان پڙهيو وڃي ٿو. پر صحيح معنيٰ ۾ جديد ناول جي اِبتدا رچرڊسن

جي 'پاميلا' سان ٿي، جو سن ١٧٤٢ع ۾ شايع ٿيو هو.

.... ۽ سنڌي ناول نويسيءَ جي عمر ڪا وڏي ڪانهي. ادب ۾ اِن کي متعارف ٿيندي هڪ صدي مس ٿي آهي. موضوع، ٽيڪنيڪ ۽ ٻولي – اِنهن سيني ڳالهين کان اَسان جو سنڌي ناول انگريزي، فرانسيسي، روسي، بينگالي يا هِندي ناول اڳيان ڪافي پُٺتي پيل آهي، اِهو سچ اَسان کي ايمانداريءَ سان قبول ڪرڻو پوندو! هُنن جي ناولن پنيان لنبو عرصو آهي، ڪامياببون آهن، بالزڪ، زولا، ڊِڪنس، تُرگنيو،دوستووسڪي، روس جو ٽالسٽاءِ (اصلي نالو ٽَلستوءِ)، هِندي ليکڪن ۾ اَگيييہ ۽ جئنيندر جهڙا مهان پُراثر اَديب آهن.

يورپ ۾ ناول جيتوڻيڪ اِنگلنڊ ۾ جنم ورتو، پر اِن صنف ڪماليت دنيا جي ٻين ملڪن، فرانس ۽ رشيا ۾ حاصل ڪئي. رشيا ۾ تہ ناول حيرت انگيز ترقي ڪئي. اِها ڳالهہ اِنگلنڊ جي هڪ نامياري ناول نويس، اي.ايم.فارسٽر، بہ قبول ڪئي آهي.

> " اِنگلنڊ ٽالسٽاءِ جهڙو اعليٰ ناول-نويس اڃا پيدا نہ ڪيو آهي، جنهن انسان جي جاندار تصوير مڪمل روپ ۾ چٽي آهي. ڪنهن بہ انگريز ليکڪ، دوستووسڪيءَ جيان اِنساني من جو چست اِظهار ڪينَ ڪيو آهي."

سنڌيءَ ۾ ناول نوسيءَ جي شروعات يورپي اَدب جي اثر هيٺ ٿي. اَنگريزن جي سنڌ تيٰ حڪومت وارو دور، سنڌي زبان ۽ ادب لاءِ بيحد مُبارڪ ۽ ڪار آمد ثابت ٿيو. سنڌي لپيءَ جي وجود ۾ اَچڻ سان گذريل صديءَ جي پوين ڏهاڪن ۾، سنڌي نثر کي ڪافي اوسر ملي. انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي سماج جي تعليمي ترقيءَ ۾ بہ واڌارو ٿيو. سنڌي ادب، پنهنجي تخليقي اِظهار لاءِ نيون نيون صنفون تلاش ڪرڻ لڳو. اِنهن ضرورتن جي پيش-نظر، مرزا قليچ بيگ (1853-1929ع) سنڌي اَدب جي اوسر ۾ هڪ اُ-وسرندڙ رول اَدا ڪيو. ڪيس، سنڌي زبان کي شاهوڪار بڻائڻ جو جنون هو؛ تنهن

ڪري ھن ڪيترين ٻولين مان ترجما ڪري، سنڌي ساھت کي ڀرپور مالا مال ڪيو. سنڌي ادب ۾ ناول نگاريءَ جو بنياد بہ مرزا قليچ بيگ وڌو ۽ پھريون اصلوڪو ناول، 'زينت' (1890ع) ميدانِ اَدب تي آندو. اُن بعد لالچند اَمرڏِنومل، ڀيرومل مھرچند ۽ ٻين ڪيترن ئي اَديبن، ناول جي صنف تي قلم ھلايو. ويھين صديءَ جي شروعات ۾ ڪيترن ئي ترجمن سان، اِن صنف کي مالامال ڪيو ويو. ديسي-ويديسي ناولن جي ڪردارن ۽ ماحول کي سنڌي ويس پھرائي بہ پيش ڪيو ويو. اَنگريزي، بينگالي، ھندي ۽ اُردو ناول تہ سنڌيءَ ۾ ڌڙاڌڙ اچڻ لڳا. شرتچندر، ٽئگور ۽ مُنشي پريمچند تہ سنڌين ۾ بيحد لوڪپريہ ثابت ٿيا. اَڄ بہ جڏھن اسان سنڌي ساھتيہ ڏانھن نظر ورايون ٿا، تہ شرت، ٽئگور ۽ پريمچند جو اَھڙو ڪوبہ ناول ڏسڻ ۾ نٿو اچي، جنھن جو ترجمو سنڌيءَ ۾ نہ ٿي چڪو ھجي. اِن سان گڏوگڏ ڪجھہ اصلوڪا ناول بہ لکيا ويا. اِن دؤر جا مکيہ ناول نويس ھئا : شيوڪ ڀوڄراج (دادا شيام ۽ آشيرواد)؛ رام پنجواڻي (قيدي ۽ لطيفہ)؛ نارائڻداس ڀمڀاڻي (غريبن جو وارثو، پاپ ۽ پاڪيزگي)؛ آسانند مامتوڙا (شاعر) ۽ گُلي سدارنگاڻي (اتحاد).

اوچتو ھندستان جو ورھاڱو ٿيو. اَسان سنڌين تي ورھاڱي جو تمام خراب اثر پيو. اسان کي سڀ ڪجھہ ڇڏي، پنھنجي وطن کي تياڳي، ڀارت واري حصي ۾ اچڻو پيو. پنھنجي سان پنھنجي پياري وطن سنڌ کي ڇڏڻو پيو. ڀارت ۾ اَچڻ بعد ڪجھہ وقت لاءِ روزي-روٽيءَ جو مسئلو ئي سنڌين کي پريشان ڪندو رھيو. تنھن ڪري ھو پنھنجي ٻوليءَ ۽ ادب کي ڪجھہ وقت لاءِ جڻ وساري ويٺا. پر ڪجھہ وقت بعد، جيئن ئي ھو ٿانئيڪا ٿيا، تہ ادب جو رُڪيل وھڪرو اَنيڪ ڌارائن ۾ ڦُٽي وھي نڪتو. ڀارت ۾ اچڻ بعد سنڌي ساھتڪار ٻين ٻولين جي ويجھو آيا. کين ٻين ڀارتي ڀاشائن جي ابياس ڪرڻ جو موقعو مليو. ڪُجھہ ناول نويس ھو بہ ابياس ڪيو. اِن ڪري ڀارت ۾ سنڌي ناول ڪافي

ترقي ڪئي آهي. سنڌي ناول پنهنجيءَ جنم ڀومي سنڌ ۾ اَڳيرو ٿي نہ سگهيو، ليڪن ڀارت ۾ سنڌي ناول جو پنپڻ ڏکيو رهڻ محال هئو. نہ صرف ترجمن جي ڪيتر ۾، پر اصلوڪن ناولن جي لحاظ کان بہ سنڌي ناول تڪڙي وک وڌائي آهي. اصلوڪن ناولن جي رچنا ڪندي، ليڪن هاڻوڪي تڪنيڪ جو بہ پورو پورو ڌيان رکيو آهي.

هن دؤر ۾ جيڪو پهريون ناول نويس پيدا ٿيو، سو هيو گوبند مالهي، جنهن 'آنسون' (١٩٥٢ع) سان پنهنجي ناول-جيون جي شروعات ڪئي، جنهن ۾ هن سنڌي شرڻارٿي زندگيءَ جي جهلڪ پسائي آهي.

اُن کان پوءِ، موهن ڪلپنا، سُندري اُتمچنداڻي، ڪلاپرڪاش، آنند گولاڻي، لڇمڻ ساٿي، ڪرشن کٽواڻي، لعل پشپ، آنند کيماڻي، شيام جئسنگهاڻي، پوپٽي هيرانداڻي، تارا ميرچنداڻي ۽ پرم ابيچنداڻي وغيره ٿيا آهن، جن ناول جي کيتر ۾ ڪافي نيون ڪوششون ڪيون. هن دؤر ۾ ناول جي روپ ۾ زبردست ڦيرو آيو. ڪردار آهم بڻجي ويا، ناول نويس جو روپ غائب ٿي ويو. ناول وندر ۽ رهسيہ جو وشيہ نہ رهي، ساکيات زندگيءَ جي تصوير بڻجي ويو. هن ۾ زندگي ۽ سماج جا ڀرندڙ مسئلا رنگ ڀرڻ لڳا. اهڙيءَ طرح ناول سطحي وندر جو وسيلو نہ رهي، زندگيءَ جي نڪتہچيني بڻجي پيو.

گوبند مالهي، سنڌي ادب ۾ ڦهڙتاري جيان آيو ۽ ايندي ئي سنڌي ساهت جڳت تي ڇانئجي ويو. مالهيءَ کان اڳ، سنڌي ناول گويا خاموش، بي-جان ۽ چيتنا-هيڻ هئو. پر مالهيءَ جي ايندي ئي اُهو جاڳي اُٿيو، تِڙڪي پيو ۽ مُسڪرائڻ لڳو. ليڪن جي خاموش اِشارن تي ڪنپُتلين جيان آسياويڪ رفتار سان هلندڙ ڪردار، جاندار ۽ سُياويڪ بڻجي عام اِنسانن جيان وهنوار ڪرڻ لڳا.

۾ حن سڀ کان وڌيڪ لوڪپريتا حاصل ڪئي. هن جي اصلوڪن ناولن جو انداز چوويه ڪن آهي. اِن ڪري ڪيس سنڌي ساهت جو 'ناول سمراٽ' ڪري چيو ويندو آهي. سنڌس مشهور ناول آهن : پکيڙٽرا ولر کان وڇڙيا (1953)، عشق ناهي راند (1955)، شرم ٻوٽي (1956)، ڏيهي پرڏيهي ٿيا(1957)،ديسي‌سيٺ ڪچن (1958)، پيار جي پياس (1972) ۽ سندس آخرين ناول 'پاپي'(1995). 'پيار جي پياس' تي 1973ع ۾ ڪيس مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ طرفان اِنعام پڻ عطا ٿيو. 1990ع ۾ وري مهاراشٽر سرڪار ڪيس ''گوُرَو پُرسڪار'' سان نوازيو ۽ هڪ لک رُپيا اِنعام ۾ مليس. مالهيءَ جا ڪي ناول گجراتي، هندي ۽ مليالم ٻولين ۾ پڻ ترجمو ٿي چڪا آهن.

مالهيءَ انيڪ پنگتي مسئلن کي پنهنجن ناولن ۾ کنيو آهي. اَدب جو واسطو زندگيءَ سان آهي، اِهو مڃي هيءُ صاحب پنگتي ناول لکڻ ۾ سڀ کان اڳرو رهيو. زندگيءَ سان تعلق رکندڙ اَنيڪ مسئلن جهڙوڪ ڏيتي-ليتي، پيار جي شادي، ڳڏيل ڪٽنب، وڏوا-وِواهُ، طلاق جو مسئلو، اَمن ۽ وطن-دوستي وغيره موضوعن کي پنهنجن ناولن جو آڌار بڻايو آهي. هن جا مشهور سماجي ناول آهن : آنسون، زندگيءَ جي راهه تي، جيون ساٿي، للڪار، عشق ناهي راند، شرم ٻوٽي ۽ لوڪ آهي ٻوڪ، وغيره. آنسون ۽ جيون ساٿيءَ ۾ پريم-وواهه جو مسئلو آهي، ته 'زندگيءَ جي راهه تي' ۾ هاٺوڪي سماجي حالتن سان ڳڏوڳڏ، ڳڏيل ڪٽنب جي زواليت تي بہ روشني وڌي ويئي آهي. 'للڪار' ۾ سيٺن سماج جي اَندرين اوڻاين، بي-اِنصافين ۽ حقارت ڀريل حالتن جو اظهار ڪيل آهي. 'لوڪ آهي ٻوڪ' ۾ وڏوا-وواهه جو مسئلو آهي ته وري 'ديسي سيٺ ڪچن' ۾ اَنتر-جاتي وِواهه جي مسئلي تي روشني وڌل آهي.

مالهيءَ ڳوٺاڻي زندگيءَ کي تمام ويجهڙائيءَ تان ڏٺو آهي. زندگيءَ جي غير-رواجي تصوير چٽڻ ۾ هن کي بيحد ڪاميابي

ملي آهي. سنڌي زبان ۾ ڳوناٺي زندگيءَ تي لکيل ناولن جي ازحد کوٽ آهي. اِن ڪري به هن ليکڪ وڏيڪ جس لهڻو. ’شرم ٻوٽي‘ ڳوناٺي زندگيءَ تي لکيل سندس هڪ ڪامياب ڪوشش آهي.

ماتر ڀومِيءَ لاءِ پيار آد ڪان وٺي اِنسان جي من ۾ رهندو آيو آهي. سنڌي ليکڪ به پنهنجي پياري سنڌ کي هميشه لاءِ الوداع ڪري، سنڌيس منيون ۽ پياريون يادگيريون جيءَ سان جڙي آيا آهِن. ڀوءِ ڀلا هو ڪيئن ٿا وساري سگهن پنهنجيءَ پياري سنڌ کي؟ سنڌيءَ ۾ ڪي اهڙا ناول به آهِن جن کي پڙهڻ سان ائين لڳندو آهي ڄڻ اسين سنڌ جي گود ۾ وينا آهيون ۽ اسان جي اکين آڏو جنم ڀومِيءَ جا دِل لڀائيندڙ چِتر سئنيما جي پردي وانگر هڪ وار وري ڦريِ ٿا وڃن. سنڌي ناول ۾ جيستائين سنڌ ڇنڻ جو سوال آهي، گوبند مالهي اِن ۾ سڀ کان اڳرو آهي. اِن لِهاظ کان ’پکيئڙا ولر کان وڇڙيا‘ سندس هِڪ بيحد ڪامياب ڪوشش آهي. جنم ڀومِءِ سنڌ جي وڇوڙي ۽ سنڌ جي وڇوڙي ۾ هند ۾ لڏي آيل سنڌين جي وطني حب جو پر اثر چِتر هِن ناول ۾ ملي ٿو. ورهاڱي کان اڳ سنڌ اندر هندو مسلمان ڏاڍي مٺ محبت ۾ رهندا هئا، پر ورهاڱي نفاق ۽ نفرت جا پاوَ ڦهلايا. نتيجي طور لڏ پلاڻ شروع ٿي. پريمي پريمڪائن کان وڇڙڻ لاءِ مجبور ڪيا ويا. هن ناول جو نائڪ سانول به نتيجي طور پنهنجي مسلم پريتما کان الڳ ٿيو.

هِن ناول ۾ سنڌ جي دلفريب وايومنڊل جو جيڪو چِتر چٽيو ويو آهي تنهن ناول ۾ ڪافِي جان بخشِي آهي. ٻولي به ماحول موافق موزون ڪتب آندل آهي. پروفيسر ايم يو ملڪاڻيءَ ’پکيئڙا ولر کان وڇڙيا‘ ناول کي مالهيءَ جو بهترِين ناول ڪري ليکيو هو.

’پيار جي پياس‘ مالهيءَ جو هِڪ منووگيانڪ ناول آهي.

۾ هن سڀ کان وڌيڪ لوڪپريتا حاصل ڪئي. هن جي اسلوڪن ناولن جو انداز ڇوويھ ڪن آهي. اِن ڪري ڪيس سنڌي ساهت جو 'ناول سمراٽ' ڪري ڇيو ويندو آهي. سندس مشهور ناول آهن: پکيئڙا وَلر کان وڇڙيا (1953)، عشق ناهي راند (1955)، شرم ہوئي (1956)، ڏيهي پرڏيهي ٿيا(1957)،ديسي سيڻ ڪجن (1958)، پيار جي پياس (1972) ۽ سندس آخرين ناول 'پاپي'(1995). 'پيار جي پياس' تي 1973ع ۾ ڪيس مرڪزي ساهتيہ اَڪادميءَ طرفان اِنعام پڻ عطا ٿيو. 1990ع ۾ وري مهاراشٽر سرڪار ڪيس ''گوُرَو پُرسڪار'' سان نوازيو ۽ هڪ لک رُپيا اِنعام ۾ مليس. مالهيءَ جا ڪي ناول گجراتي، هندي ۽ مَلَيالم ٻولين ۾ پڻ ترجمو ٿي چُڪا آهن.

مالهيءَ اَنيڪ پنگتي مسئلن کي پنهنجن ناولن ۾ کنيو آهي. اَدب جو واسطو زندگيءَ سان آهي، اِهو مڃي هيءَ صاحب پنگتي ناول لکڻ ۾ سڀ کان اڳرو رهيو. زندگيءَ سان تعلق رکندڙ اَنيڪ مسئلن جهڙوڪ ڏيتي-ليتي، پيار جي شادي، گڏيل ڪٽنب، وِڌوا-وِهانءُ، طلاق جو مسئلو، اَمن ۽ وطن-دوستي وغيره موضوعن کي پنهنجن ناولن جو آڌار بڻايو آهي. هن جا مشهور سماجي ناول آهن : آنسون، زندگيءَ جي راهہ تي، جيون ساٿي، للڪار، عشق ناهي راند، شرم ہوئي، لوڪ آهي ٻوڪ، وغيره. آنسون ۽ جيون ساٿيءَ ۾ پريم-وواهہ جو مسئلو آهي، تہ 'زندگيءَ جي راهہ تي' ۾ هاڻوڪي سماجي حالتن سان گڏوگڏ، گڏيل ڪٽنب جي زواليت تي بہ روشني وڌي ويئي آهي. 'للڪار' ۾ سيٺيہ سماج جي اَندرين اوڻائين، بي-اِنصافين ۽ حقارت ڀريل حالتن جو اظهار ڪيل آهي. 'لوڪ آهي ٻوڪ' ۾ وِڌوا-وواهہ جو مسئلو آهي تہ وري 'ديسي سيڻ ڪجن' ۾ اَنتر-جاتي وواهہ جي مسئلي تي روشني وڌل آهي.

مالهيءَ گوناگوني زندگيءَ کي تمام ويجهڙائيءَ تان ڏٺو آهي. زندگيءَ جي غير-رواجي تصوير چٽڻ ۾ هن کي بيحد ڪامبابي

ملي آهي. سنڌي زبان ۾ ڳوناٺي زندگيءَ تي لکيل ناولن جي
ازحد کوٽ آهي. اِن ڪري به هن ليکڪ وڏيڪ جس لهڻو.
ٻوتي' ڳوناٺي زندگيءَ تي لکيل سنڌس هڪ ڪامياب ڪوشش
آهي.

ماتر ڀومي‌ءَ لاءِ پيار آد ڪان وٺي اِنسان جي من ۾ رهندو آيو
آهي. سنڌي ليکڪ به پنهنجي پياري سنڌ کي هميشه لاءِ الوداع
ڪري، سنڌيس منيون ۽ پياريون يادگيريون جيءَ سان جڙيِ آيا
آهِن. پوءِ ڀلا هو ڪيئن ٿا وساري سگهن پنهنجيءَ پياري سنڌ
کي؟ سنڌيءَ ۾ ڪي اهڙا ناول به آهِن جن کي پڙهڻ سان ائين
لڳندو آهي ڳويا اسين سنڌ جي گود ۾ وينا آهيون ۽ اسان جي
اکين آڏو جنم ڀوميءَ جا دِل لڀائيندڙ چِتر سئنيما جي پردي
وانگر هڪ وار وري قري ٿا وڃن. سنڌي ناول ۾ جيستائين سنڌ
چِتڻ جو سوال آهي، گوبند مالهيِ اِن ۾ سڀ کان اَڳرو آهي. اِن
لِحاظ کان 'پکيئڙا ولر کان وڇڙيا' سندس هِڪ بيحد ڪامياب
ڪوشش آهي. جنم ڀومِءَ سنڌ جي وڇوڙي ۽ سنڌ جي وڇوڙي ۾
هند ۾ لڏي آيل سنڌين جي وطني حب جو پراثر چِتر هِن ناول
ر ملي ٿو. ورهاڱي کان اڳ سنڌ اندر هندو مسلمان ڏاڍي مٺ
محبت ۾ رهندا هئا، پر ورهاڱي نفاق ۽ نفرت جا ڀاوَ ڦهلايا.
نيجي طور لڏ پلاڻ شروع ٿي. پريمي پريمڪائن کان وڇڙڻ لاءِ
جبور ڪيا ويا. هن ناول جو نائڪ سانول به نتيجي طور
هنجي مسلم پريتما کان الڳ ٿيو.

هِن ناول ۾ سنڌ جي دلفريب وايومنڊل جو جيڪو چِتر چٽيو
آهي تنهن ناول ۾ ڪافي جان بخشي آهي. ٻولي به ماحول
ق موزون ڪتب آندل آهي. پروفيسر ايم يو ملڪاڻيءَ
ئڙا ولر کان وڇڙيا' ناول کي مالهيءَ جو بهترين ناول ڪري
و هو.

'پيار جي پياس' مالهيءَ جو هِڪ منووگيانڪ ناول آهي.

هن چرتر پرڌان ناول ۾ لبڪ، مجموعي سماج جي عبوضي، انسان کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي. هن سماجڪ مسئلن يا ڪُرسمن کي سڌو بي-نقاب نہ ڪري، اِشاري (Suggestion) کان ڪم ورتو آهي. هِن ناول جي نائڪا موهني سچي عمر سچي پيار لاءِ تڙپندي ئي رهي. هن جي زندگيءَ ۾ انيڪ پرش اچن ٿا، پر اُهي سڀ سندس جسم جا پوڄاري آهن. هِن ۾ لبڪ ڌرم جي اوٽ ۾ جيڪي پاکنڊ رچائي عورتن کي ڦاسائين ٿا، تن جي بہ اوگهڙ ڪئي آهي.

چرتر نگاريءَ ۽ پر مقصد ناول لکڻ جي خيال کان بہ گوبند مالهي اڳرو رهيو. اِهو سچ آهي تہ ناول جي جوابداريءَ کي جيڪڏهن هن ڪنهن سوَلي روپ ۾ سمجهيو آهي تہ مالهيءَ تنهن سان گڏ هِن ناول نويسيءَ سان نباهڻ جي بہ ڪوشش ڪئي آهي. آتم - تتوَ جي کوج ۽ ستيہ جي تلاش ۾ هن جا ناول ڊڪنس ۽ دوستووسڪيءَ جي برابري پلي نہ ڪن، پر اِنسانن ۽ اُنهن جي ماحول ڏانهن همدرديءَ جي اِظهار ڪرڻ ۽ پراڻين رسمن ۽ رواجن جي گهري ۽ اونهي تهن کي لوڙڻ ۾ اڄ بہ هو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پر اِهو بہ اسان کي ايمانداريءَ سان قبول ڪرڻ گهرجي تہ مَنَ جي اندرين تهن جي ڪول-سول ڪرڻ ۾ شرت مالهيءَ کان ڪافي اڳتي آهي. اِن ڏس ۾ شرت وشو جي مهان ناول نويسن جي صف ۾ اچي وڃي ٿو. شرت جهڙي منوونگيانڪ 'اپروچ' ڪنهن ورلي ئي ناول نگار ۾ هوندي آهي. خود گوبند مالهيءَ بہ اِها ڳالهہ قبول ڪئي آهي:

"ممڪن آهي سنڌيءَ کي ڪو شاهڪار ناول نويس، ڪو شرت يا پريمچند ملي وڃي! شرت يا پريمچند صرف چاهنا جي پيدائش نہ هئا. هنن جي اندر ۾ لڳن هئي، هنن ڪنور ساڌنا ڪئي. آپياس ڪيو. هس وتِ اُپيوی من هو، هردو هو. اسان سنڌي ناول-

نويسن ۾ جڏهن اِهي نهوبيون اينديون، تڏهن اسين
اُهي چِتر چٽيندا سين جي ڪاٺ جا پتلا نہ، پر
چُرندڙ پرندڙ سياويڪ اِنسان لڳندا....“

۽ ٻيو تہ مالهي جڏهن ’ڪلا‘ جي مهان اُديش کي ڀُلجي
ڪنهن پارٽيءَ جي نعري بازيءَ ۾ وڃي پيو آهي، ادب کي
ڪنهن خاص سياسي نظريي جي تبليغ جو ذريعو بڻايو اٿائين،
ڪردارن جي واتان ويو آهي سماجواد جا پاٺ پڙهائيندو، اُتي
هن جي رچنائن جي سونهن ڏنڌلجي ويئي آهي، هن جا ڪردار
پنهنجو اثر وڃائي ٿا ڇڏين. ’زندگيءَ جي راهہ تي‘ ۽ ’جيون
ساٿي‘ ان جا مثال آهن.

هتي اَسان کي اِها ڳالهہ قبول ڪرڻي پوندي تہ سنڌي
ناول، سنڌي ڪهاڻي ۽ سنڌي شعر جيتري ترقي ڪانہ ڪئي
آهي. نت نون تجربن ۽ بيشمار تخليقي قوتن سبب سنڌي
ڪهاڻي ۽ شعر تہ جڳ ڀڻن ٻولين جي ڪهاڻي ۽ شعر سان ڪلهو
ڪلهي سان ملائي هلڻ ۾ قابل آهي، پر اسان جو سنڌي ناول
ڪافي پٺتي رهجي ويو آهي. ناول اِنساني زندگيءَ جي هڪ
وسيع تصوير هئڻ سبب، گهري اُنڀو ۽ تخليقي مشاهدي جي
تقاضا ڪري ٿو. ٻيو تہ ٽيڪنيڪ جا نوان تجربا جيترو جلد
مختصر ادبي صنفن ۾ ممڪن هوندا آهن، اوترو ادب جي وڏن
روپن ۾ نٿا ٿي سگهن. ناول ۾ ليکڪ جو ڏيان زندگيءَ جي الڳ
الڳ حالتن، پهلوئن ۽ آزمودي جي وڪڙن کي سڃاڻڻ ۾ لڳل
هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌي ناولن مان اِها ٿائين
ڪا بہ رچنا ’شاهڪار‘ (Classic) ثابت نہ ٿي سگهي آهي.

ورهاڱي جو درد بہ اسان کي ڪا شاهڪار رچنا ڏيئي نہ
سگهيو. بقول ڪيرت ٻاٻاڻي:

”ڪئمپ جي زندگي سنڌي جيوت جو هڪ تاريخي

ڪرڻ سان اِنساني همت، وشواس ۽ پيڙا تي هڪ ويرچنر ڪٿا (Epic) لکجي سگهي ٿي.''

پر ائين ٿي نه سگهيو. خواجہ اَحمد عباس جا هينئيان لفظ به اِنهيءَ ڳالھ ڏانهن اِشارو ڪن ٿا :-

'' اڄ ڪنهن اَهڙي ساهتڪار جي ضرورت آهي، جو هن ورهاڱي جي "پيانڪ مانڪ" جي اَندر جهاتي پائي، انسان جي هن بي-مثال تاريخي دُرگهٽنا جو چٽر پيش ڪري، اِنساني آتما کي لوڏي ڇڏي.''



لاهوتي لڏي ويا

—اِندرا شبن

سنڌيت کي قائم رکڻ لاءِ، تن-من-ڌن قربان ڪري، هڪ
مست فقير وانگر، مسافريون-مسافريون ڪري، ڳوٺ-ڳوٺ ۾،
شهر-شهر ۾ راڳن وسيلي، سنڌي لوڪ سنسڪرتيءَ کي اَمر ڪرڻ
وارو مالهي به لڏي ويو!

مان ڪافي وقت صدمي ۾ هئس. قلم هلي ئي نه! سمجهه
۾ ئي نه اچي، هن دل ڏوڏائيندڙ سماچار کي ڪيئن قلم بند
ڪيان.....! ها، مان بلڪل ئي گوشه نشين ٿي ويس. مونکي اکر
اُکلن ئي نه پيا.....

دادا گوبند مالهيءَ سان منهنجي ملاقات، سا به بلڪل
چڱيءَ طرح سان، لوناوَلا جي سميلن ۾ ٿي. ڀڳونتيءَ سان گڏ به
ڏينهن اسين بيحد گهرا ٿي وياسين. مون اُن وقت مالهيءَ ۽
ڳونتيءَ جي صحبت کي ماڻيو، سمجهيو ۽ ويجهي - بلڪل
جهي، ٿيس. لوناوَلا جي سيمينار جي ٻن-ٽن ڏينهن کان پوءِ
ونتيءَ چالاڻو ڪيو هو .... پرچاڻي ڏيڻ وقت دادا روئي پيو،
مون کين لنبو خط لکيو هو.

دادا ۾ منهنجي وچ ۾ خطن جو سلسلو وڌندو ويو. اسان خطن ذريعي بلڪل ويجهو ۽ ويجهو ايندا وياسين. مان سندن لاڏلي ڌيءُ ٿي پيس. هُن جون مون ۾ گهڻيون آسون-اُميدون هيون، ته مان سنڌي لوڪ سنگيت کي ڦهلائيندس.

هوُ پنهنجي هر خط ۾ مون کي همٿائيندا هئا. سندن خواب ته اُلهاس نگر ۾ 'سنڌو يوَن' ٺهي، اَڏورو ئي رهجي ويو. گهر-گهر ۾ سنڌي گيت، سنڌي ڇيڄ، ڇڳنڪيون، جن جو هُنن ڦهلاءُ ڪيو، پڳهونتيءَ جي وڄڻ سان گڏ سندن اهو خواب ٽُٽي پيو هو. پر پشپا اڳتي وڌي. هوءَ - جيترو ٿي سگهيس ٿي - ويهن نهن جو زور لڳائي دادا کي ساٿ ڏنائين....

پشپا جهڙي بهادر ڌيءُ تي ڪين ناز هو. هوُ پشپا کي پٽن کان به وڌيڪ، هڪ بهادر پٽ مڃيندا هئا..... سندن ساهتڪ دين، ڪلچرل دين، سنڌين لاءِ لاثاني آهن.

دادا منهنجي هر ڪتاب جو مُهاڳ لکندا هئا. مون لاءِ اُهي آشيرواد هئا. مهاڳ ۾ هو صرف منهنجو ساهت پرکيندا هئا. شبنمي فطرو، عبادت ۽ ملڻ جو شڪ. اِهي ڪهاڻين لکڻ لاءِ هنن مونکي همٿايو. اسان پنهنجي شرط لڳائي ته عورت هڪ بند ڪتاب آهي. آسين ٻئي اُن تي هڪ ڪهاڻي پنهنجي پنهنجي نموني لکنداسين، پوسٽ ڪنداسين ۽ پوءِ بحث ڪنداسين.

۽ ائين منهنجو ڪهاڻين لکڻ جو سلسلو شروع ٿيو ۽ مون ”عبادت“ جون ڪهاڻيون کين موڪليون، جي هنن کي بيحد وڻيون. هڪ-هڪ ڪهاڻيءَ تي هنن رِمارڪ لکيو. تنهنجي قلم ۾ تيزگي آهي، تون ناريءَ جي وشيه کي خوب نڀائين ٿي...

... ڪتاب ڇپاءِ. ۽ ڪهاڻين جو ڪتاب ڇپيو. هنن مون کي ... ڪيٽيڊ (سمرپت) ساهتڪار بڻجڻ لاءِ گهڻ ۾ گهڻ هڪ ... ۾ پڪو ويچاري ڇڏيو. ”اِندرا! ساهت لکڻ لاءِ

هڪ نيم ناهِه. روز هڪ هنڌِ ٻه-ٽي ڪلاڪ ضرور ويهه، پنو ۽ پين کڻي.“ مان هنن سان بحث ڪندي رهيس... ”ويهڻ سان ڇا ٿيندو؟ ڇا انسان مشين آهي؟ ويهبو، ۽ خيال ايندا ۽ لکبو!
سالن تائين مان هُنن جو چيو نہ مڃيو. بس ۾، رنڌڻي ۾، ڪم ڪندي، هلندي-چلندي... ڪوتائون، غزل لکندي رهندي هيس ۽ هوُ مونکي چينبيندا رهندا هئا... ۽ آخر، ڪهاڻيون لکڻ وقت، پنهنجو پاڻ عادت پوندي ويئي... ۽ مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ هنڌِ ويهي لکڻ لڳيس. ۽ هڪ-هڪ ڪهاڻي، چار-پنج دفعا لکڻ لڳيس. مالهي دادا بيحد خوش ٿيا. شاباس! تنهنجي لڳن. هاڻ تون گنڀير ساهتڪار ٿيندي پيئي وڃين.
اڄ جيڪو لکڻ جو منهنجو نيم آهي، سو مالهي دادا جي دبُن ۽ ڇڙٻُن ۽ شاباسيءَ جو نتيجو آهي.
دادا جي ياد کي اَمر بڻائڻ جو اِهو ئي هڪ رستو آهي. سنڌيت کي ڦهلائڻ لاءِ، سنڌي ساهت، ناٽڪ، راڳ، نرتيہ — چوُڏاري گهمي-گهمي، ڪنڊ-ڪڙڇ ۾ ڦهلائجي، سندن اَڌورين خواهشن کي پورو ڪرڻ ۾ ئي سندن آتما کي ترپت ڪرڻ ۽ خوش رکڻ جو اِهو ئي رستو آهي .... ۽ بس!



دادا ۽ منهنجي وچ ۾ خط جو سلسلو وڌندو ويو. اسين خط ذريعي بلڪل ويجهو ۽ ويجهو ايندا وياسين. مان سندن ڳالهين ڏيءَ ٿي پيس. هُن جون مون ۾ ڳُجهيون آسون-اُميدون ڏيون، ته مان سنڌي لوڪ سنگيت کي ڦهلائيندس.

هُو پنهنجي هر خط ۾ مون کي همٿائيندا هئا. سندن خواب ته اُلهاس نگر ۾ 'سنڌوپوَن' ٺهي، اڌورو ٿي رهجي ويو. گهر-گهر ۾ سنڌي گيت، سنڌي ڇيڄ، ڇانڪيون، جن جو هُن ڦهلاءُ ڪيو، پڇاڙيءَ جي وچڙ سان گڏ سندن اهو خواب ٽُٽي پيو هو. پر پشپا اُٽي ورتي. هوءَ - جيترو ٿي سگهيس ٿي - وڃي ننڍي جو زور لڳائي دادا کي ساٿ ڏنائين...

پشپا جهڙي بهادر ڌيءَ تي ڪين ناز هو. هُو پشپا کي پٽن کان به وڌيڪ، هڪ بهادر پٽ مڃيندا هئا..... سندن ساهتڪ ديِن، ڪلچرل ديِن، سنڌين ڏيءَ ۾ ٿائي آهن.

دادا منهنجي هر ڪتاب جو مُهاڳ لکندا هئا. مون ڏيءَ اُهي آشيرواد هئا. مهاڳ ۾ هو صرف منهنجو ساهت پرکيندا هئا. شبنمي قطرو، عبادت ۽ ملڪ جو سُک. اِهي ڪهاڻين لکڻ ڏيءَ هُن موٽڪي همٿايو. اسان ٻنهي شرط لڳائي ته عورت هڪ بند ڪتاب آهي. اسين ٻئي اُن تي هڪ ڪهاڻي پنهنجي پنهنجي نموني لکنداسين، پوسٽ ڪنداسين ۽ پوءِ بحث ڪنداسين.

۽ اُئين منهنجو ڪهاڻين لکڻ جو سلسلو شروع ٿيو ۽ مون "عبادت" جون ڪهاڻيون کين موڪليون، جي هُن کي بيحد وڻيون. هڪ-هڪ ڪهاڻيءَ تي هُن رمارڪ لکيو. تنهنجي قلم ۾ تازگي آهي، تون ناريءَ جي وشيه کي خوب نڀائين ٿي... هلندي ڪتاب ڇپايو ۽ ڪهاڻين جو ڪتاب ڇپيو. هُن مون کي هڪ ديدبڪيليد (شعريت) ساهتڪار بڻجڻ ڏيءَ گُهٽ ۾ گُهٽ هڪ طريقي ته دماغ ۾ پڪو ويهاري ڇڏيو. "اِندرا! ساهت لکڻ ڏيءَ

هڪ نيم ناهي. روز هڪ هنڌِ ٻه-ٽي ڪلاڪ ضرور ويهه، پنو ۽ پين کڻي.'' مان هنن سان بحث ڪندي رهيس ... ''ويهڻ سان ڇا ٿيندو؟ ڇا انسان مشين آهي؟ ويهبو، ۽ خيال ايندا ۽ لِکبو!

سالن تائين مان هُنن جو چيو نہ مڃيو. بس ۾، رنڌڻي ۾، ڪم ڪندي، هلندي-چلندي ... ڪوتائون، غزل لکندي رهندي هيس ۽ هوُ مونکي ڇينڀيندا رهندا هئا ... ۽ آخر، ڪهاڻيون لکڻ وقت، پنهنجو پاڻ عادت پوندي ويئي ... ۽ مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ هنڌِ ويهي لکڻ لڳيس. ۽ هڪ-هڪ ڪهاڻي، چار-پنج دفعا لکڻ لڳيس. مالهي دادا بيحد خوش ٿيا. شاباس! تنهنجي لگن. هاڻ تون گنڀير ساهتڪار ٿيندي پيئي وڃين.

اڄ جيڪو لکڻ جو منهنجو نيم آهي، سو مالهي دادا جي دڀُن ۽ ڇِڙٻُن ۽ شاباسيءَ جو نتيجو آهي.

دادا جي ياد کي اَمر بڻائڻ جو اِهو ئي هڪ رستو آهي. سنڌيت کي ڦهلائڻ لاءِ، سنڌي ساهت، ناٽڪ، راڳ، نرتيہ چوُڌاري گهمي-گهمي، ڪنڊ-ڪڙڇ ۾ ڦهلائجي، سندن اَڌورين خواهشن کي پورو ڪرڻ ۾ ئي سندن آتما کي ترپت ڪرڻ ۽ خوش رکڻ جو اِهو ئي رستو آهي .... ۽ بس!



گوبند مالهي : شخص ۽ اَديب

— ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي

تاريخ ۾ هڪ لِڪل قوّت ٿئي ٿي، جنهن کي برنارڊ شا ”لائيف فورس“ ڪري سڏيو آهي. اُها قوّت پنهنجو پاڻ سوسائٽيءَ کي ڊاهيندي ۽ ٺاهيندي رهي ٿي. تهذيب ۽ سوسائٽي هڪ خاص مقام تي پهچي بيهي رهي ٿي ۽ پوءِ تاريخ جي اُها قوّت کيس ڊاهي وري نئين سِر ٺاهي ٿي. برصغير هند جي آزاديءَ واري جدوجهد ۽ ڀارت جو ورهاڱو، سنڌي هندن لاءِ انتهائي تڪليف‌ده ثابت ٿيو. دلين جون جدايون، محبت ۽ رفاقتن جا ورهاڱا، بي-معنيٰ رتوڇاڻ، ريل گاڏين تي حملا، بي-درديءَ سان قتل خونريزيون، سرحدن تي بکيا ۽ ننگا ليٽيل ۽ ڦرَيل قافلا — ڏسندي ئي ڏسندي اسين صديون پٺتي ڌڪيا وياسون ۽ اسان جا بزرگ ۽ قوم جا واهروُ، تاريخ جي نقشي تي پنهنجا نشان ڳولهيندا، ڀارت جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ ڇڙوڇڙ ٿيندا ويا.

جن سنڌي نوجوانن تاريخ جي ايڏي ڪرب زده مذاق کي للڪار ڪري قبوليو، انهن مان گوبند مالهيءَ جي شخصيت قابلِ ذڪر آهي. ۵ آگسٽ ۱۹۲۱ع تي، ٺاروشاه ۾ جنم وٺندڙ مالهيءَ، اُئي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي ورتي. ٺاروشاه جو ماحول

ڌرم، جاتي، رنگ ۽ نسل جي ڀيد ڀاوَ کان آجو هو. مالهيءَ
شيوا جو پهريون سبق ماستر هوندراج کان ورتو ۽ پوءِ جي
۾ راڳ جي رنگت ۽ ڏوهيڙن جي چٽاڀيتي ڏسڻ سان را
ڏانهن مائل ٿيو. هن جي گهر 'سُندر ساهتيہ' 'رتن' جا شايع ٿيند
ڪتاب ۽ 'جاسوسي سنسار' هر مهيني ايندا هئا، جو تہ مالهي
جي پتا ۽ سندس وڏي ڀاءُ کي ڪتابن پڙهڻ جو بيحد شوق هئو.
مالهيءَ بہ پهرين پنهنجي ڀاءُ کان 'مهاڀارت' ۽ 'رامايڻ' جون
بال ڪهاڻيون ٻڌي آهستہ آهستہ پڙهڻ جو شوق پرايو. اپريل-
ميءَ ۱۹۳۶ع ڌاري، جڏهن اجا نائين درجي جو شاگرد هو، تہ شاه
جو رسالو - گربخشاڻي صاحب جا ٽيئي جلد، پڙهندي پڙهندي
پاڻ بہ شعروشاعري ڪئي، جي 'سناتن ڌرم پرچار پتر' ۾ ڇپيون.
هڪ ۾ شري ڪرشن کي، گيتا ۾ ڪيل سندس وري جنم وٺڻ جو
واعدو نڀاهڻ لاءِ آراڌنا ڪيل هئي، ٻئين ۾ گرونانڪ کي امير
شخص، مَلِڪ ڀاڳوُ جي روٽيءَ مان رتُ ۽ غريب لالوءَ جي روٽيءَ
ان کير ڪڍڻ جي وارتا هئي. ان طرح مالهيءَ پنهنجين
تدائي رچنائن ۾ ئي سچ ۽ انصاف جو آواز بلند ڪيو.

ڪاليجي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پهرين مالهيءَ شڪارپور
داخلا ورتي. پر پهرئين سال جي ٻئين ٽرم کان ئي گهر وارن
صلاح تي، بعد ۾، هن ڪراچيءَ جي ڊي.جي. ڪاليج ۾ داخلا
. هيءُ اُهو دور هئو، جڏهن پوري ڀارت ۾ آزاديءَ جي هلچل
وجي رهيو هيو. مالهي بہ اُن آندولن ۾ ماترڀوميءَ سان
ڌاريندي، گهڙي پيو ۽ اهڙي تحريڪ ۾ ڪيترا ڀيرا جيل
. ڪاچيءَ ۾ رهندي هن اُتان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي
جنرل سيڪريٽري ٿيندي، نہ صرف عوام جي مناسب
آواز اُٿاريو، پر مزدور طبقي جي پڻ نمائندگي ڪندي
لين جو پيار بہ ماڻيو.

مالھيءَ کي ننڍي ئي رت طرفان پيدا ڪيل اميري - غريبيءَ جو تضاد بيحد ڪُڙڪندو ھيو. ھوُ گھر کان وٺي رستن، بازارين ۽ ڪيٽن ۾ وڏو ٿيو ھو ۽ ٿوري به ناانصافي ھن جي برداشت کان ٻاهر ھوندي ھئي. ھوُ سماجي نابرابري ۽ ڪُرسمن تي طنز ڪندي شعر چوڻ سان ميدانِ ادب ۾ داخل ٿيو ۽ پنھنجو تخلص رکيو 'بي-بقا'. ھن ڪجھه رومانوي شعر به چيو، جنھن ۾ وري پاڻ کي 'شيطان' جي تخلص سان سڏيائين. گويا ھن انساني من کي شيطان جي وس سڏيندي، اُن کي انسانيت جي راھ تي آڻڻ لاءِ شرمائڻ تي چاھيو. بعد ۾ پنھنجي گُر براھمڻ مھراج شنڪر جي چوڻ تي، ھن پنھنجين تصنيفن ۾ پاڻ کي 'مالھي' تخلص سان مشھور ڪيو. سنسڪرت ۾ 'مالھي' لفظ جي معنيٰ آھي خلقيندڙ، تہ جيئن ھوُ ادب جو خلقيندڙ بہ رھي ۽ خوديءَ کان بہ خالي رھي.

ھن جا ڪراچيءَ ۾ ھمدرد ۽ رفيق رھيا : سوڀو گيانچنداڻي، جمال الدين بخاري، شيخ اياز ۽ ليکوُ ٽُلسياڻي، وغيره. سوڀو تہ مالھيءَ لاءِ ھميشه قوم جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ آئيڊيل ٿي رھيو. ھن جي دل اَندر لکل ليک بہ سنڌ ۾ ئي جنم ورتو، جڏھن ھن وڪالت پاس ڪئي ۽ تقريبا ۴۲-۱۹۴۳ع واري دؤر ۾ ئي بخاريءَ جي اُتساھ ڏيارڻ تي، ھن ڪرشن چندر، ابراھيم جليس، احمد نديم قاسمي، خواجہ احمد عباس ۽ يشپال جھڙن ليکڪن جي تصنيفن 'آخرين سفر'، 'تاج محل'، 'نيلم'، 'نوراني ديوي'، 'زندگي' ۽ 'آنچل' ڪھاڻين جو ترجمو ڪري پاڻ کي سنڌي ادب سان رؤشناس ڪرايو.

ڊسمبر ۱۹۴۷ع ۾ ورھاڱي جي نتيجي ۾، ڪراچيءَ جون حالتون بدتر ٿينديون ويون. ڌرم ۽ مذھب جي بنياد تي جڏھن نسان، انسان جو بنا گناھ قتل ڪندو رھيو، تڏھن مالھيءَ بہ حالتن سان سمجھوتو ڪيو ۽ پنھنجي ساڻي ملواڻيءَ سان گڏ

پھرين گجرات ۾ ڪرمسو وٽ اچي، پنھنجي بابا ۽ آڪھ سان مليو. ھُن اِھو سوچيو ھو تہ ھيءَ لڏپلاڻ عارضي آھي، پر ٦ جنوري ١٩٤٨ع تي ڪراچيءَ ۾ فسادن ماڻھيءَ جو آڻي باقي ويچار بہ بدلائي ڇڏيو. ھيئنر ھُن ھند ۾ ئي رھي، سنڌيت ۽ سنڌين کي بچائڻ جو ڪم ڪيو. ان سلسلي ۾، ھُن بمبئي، گجرات ۽ راجستان جو رٿن ڪندي آخر بمبئيءَ کي ترجيح ڏيئي، ھيڏانھن ھليو آيو.

تاريخ ڪَروٽَ بدلائي ۽ ماڻھي سنڌيت جي پرچار جو عظيم مقصد سامھون رکي، سنڌي نِرواسين ۾ آسَ پيدا ڪرڻ لاءِ، اُنھن جي پنھنجي زندگيءَ تي ٻڌل اصلوڪا سنڌي ناول ڏڙا-ڏڙ لکندو رھيو. نہ صرف ناول لکيائين، پر ڪجھہ دوستن سان گڏ بمبئيءَ جي ادبي ڪلاس ۾ سرگرم ڀھرو ورتائين، تہ جيئن سنڌي ادب ۾ نئين جان ڦوڪيبي رھي. ڏسندي ئي ڏسندي، آزاديءَ کان صرف ٻن ڏھاڪن اندر، ھن تقريبا ٢٥ کن سنڌي ناول ميدانِ ادب ۾ آندا. نہ صرف ناول-نويسي، افسانہ نويسي يا مضمون نويسي، پر ھن سنڌي رنگ منچ ڏانھن پڻ ڌيان ڏنو ۽ مشھور بينگالي ليکڪ، رِتوِڪ گھٽڪ دا کان آشيرواد وٺي، ڀارت جي ڪُنڊ-ڪُڙڇ ۾ پنھنجي ھِدايتڪاريءَ ھيٺ، ڪيترا ئي سنڌي ناٽڪ اسٽيج تي آندا. ان ئي دور ۾ جڏھن ماڻھي ڏوٻي تلاءَ تي ڪنھن اسڪول ۾ teacher ھو، تہ ھڪ شاگردياڻيءَ جو مڌُر آواز ٻڌي، ھُن من ئي من ۾ سوچيو، تہ ھِن آواز سان سنڌيت کي بچائي سگھجي ٿو. سچ پچ ٿيو بہ ائين! اُن آواز واري ڇوڪري ھئي ڀڳونتي ناواڻي، جنھن کي ساڻ ڪري، ماڻھيءَ ڀارت جي انيڪ شھرن توڙي پرڏيھن ۾ بہ، جتي جتي سنڌي وسن ٿا، اُتي اُتي وڃي ھن بھترين سنڌي پروگرام ڏيئي ڀڳونتيءَ کي لکھا دِلين جو پيارو بڻائي ڇڏيو. تقدير کي ڪجھہ ٻيو ئي منظور ھو. ١٩٨٦ع ۾، ڀڳونتي اوچتو ئي اوچتو،

سنڌي سنگيت جي شُگنتِ ڦهلائمندي ڦهلائبندي، راھ رباني ورتي. ايڏو وڏو صدمو، مالهي کيئن برداشت ڪري ويو، اِن جي لهس بہ ڪن ٻين تائبن ڪانہ اجھ ڏني!

بس، پوءِ تہ هڪ ٻئي پٺيان، رام پنجواڻي، موهن چاهڙيا، سي.لکميچند، سي.ارجن، ٻلوسي.راڻي ۽ ٻيا ڪيترا ئي سنڌي پرسِڌ صاحبان، هن ڌرتيءَ کي الوداع ڪندا رهيا. تڏهن مالهيءَ پاڻ کي اجا بہ وڌيڪ سنڌيت ڏانهن راغب ڪري ڇڏيو. مُرڪ پبليڪيشن جاري ڪري، نہ صرف بهترين ادبي مخزن ڏنائين، پر وقت بہ وقت، بهترين ادبي رچنائون پڻ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪندو رهيو.


ائين مالهيءَ جي رهبريءَ هيٺ، سنڌيت جو اهو قافلو روان دوان هيو، جنهن ۾ هينئر سندس نياڻي پشپا مالهيءَ جو ساٿس بيحد ساٿ رهيو. پر رب الائي کهڙين ڳالهين ۾ راضي آهي! ڏسندي ئي ڏسندي، پُشپا، پنهنجيءَ نوجوانيءَ ۾ ئي، ڪنهن نِڳُريءَ بيماريءَ سان ورهندي ورهندي، آخر مالهي صاحب کي اڪيلو ڇڏيندي، مالڪ ڏانهن رمندي رهي. اِن واقعي، اسانجي بزرگ اديب، سائين گوبند مالهيءَ کي اندر ئي اندر زبردست صدمو رسايو.

پشپا جي جاءِ، مالهيءَ جي ٻين نياڻيءَ شوپا ورتي ۽ مالهي صاحب کي پورو پورو ساٿ ڏنو. پر پشپا کي وئي اجا بہ سال ئي مس گذريا، تہ مالهي صاحب بہ ڪافي ناچاڪ رهڻ لڳو. پوءِ بہ منجهس همت ايڏي هئي جو جنوري ٢٠٠٠ع ۾ هن بيمار رهندي بہ، حيدرآباد ۾ ٿيندڙ ساهتہ اڪادمي سيمينار ۾ ڪنوينر طور شرڪت ڪئي. اُن کان پوءِ، ممبيءَ ۾ هن پشپا جي ياد ۾، سنگيت محفلون مچايون. پر مالهي صاحب کي پهتل اِهو صدمو، اندر ئي اندر کائيندو رهيو.

٢٠٠١ع ايندي ئي، ڏهين فبروريءَ تي، سينيئر اديبن هڪ

ٻئي ڏانهن ٽيليفون ڪري، مالهي صاحب جي حق سان جڪڙ هئڻ جي بدنصيب ڳالھ ٻڌائي. انيڪ شهرن ۾ ڪينٽريون ٺي شوڪ سڀائون ٿيون. وڏين وڏين هستين - رام جيٺملاڻي، اي.ڪي. هنگل، ڀارت جا وڏا وڏا اديب، سنڌ مان آيل نوجوان اديب اياز لطيف پليجو، وغيره ڏک جو اظهار ڪيو. پر تقدير سنڌي ادب کان مالهي صاحب جو جسماني ساٿ کسي ورتو، جيڪا ڳالھ اڃُ سوُڌو وشواس ۾ نہ پيئي اچي.

مالهي صاحب لاءِ سچي شرڌانجلي اِها ٿي ٿيندي تہ وري هن ڏکئي دوُر ۾، اسان مان هر هڪُ، اُن سنڌيت واري هلچل کي، اُن قافلي کي، هينئر اڳتي ۾ اڳتي وٺي هلي، تہ جيئن سنڌي ۽ سنڌيت ڀارت ۾ هميشه هميشه قائم رهي!



پنج مُکي شخصيت: گوبند مالهيءَ جي مڌيه پرديش سان وابستگي

— جهمون ڇُڳاڻي

هڪ هڪ تي سڀ هليا ويا،
جن سان مون دِل لڳائي!

اوڻاسي سال، ڇهه مهينا ۽ پنج ڏينهن ـ هڪ زمينداري ٻار، سنڌ ۾ وڪالت نه به ڪيائين، ته ڀارت ۾ وڪالت ڪري ها ته اڄ شايد رام جيٺملاڻيءَ يا رام امرلعل پنجواڻيءَ وانگر وڪالت جي ڪبتر ۾ به شُنو ناماچار ڪڍي ها. پر هن سنڌيت جي باغ جي مالهيءَ، گوبند مالهيءَ، ڀارت ۾ اچڻ کان پوءِ، هڪ اسڪول ماسٽر بڻجڻ وڌيڪ بهتر سمجهيو ۽ سنڌي ٻولي، سنڌي ساهت کي، ۽ اڳتي هلي سنڌي رنگ منچ ۽ سنڌي سنگيت کي اوج ڏيندي، سنڌي سنگيت جون جڙون ڀارت جي هر هڪ سنڌي ڪئمپ ۾ پختيون ڪرڻ لاءِ واهه جا جوڳ پچايا! جڏهن سنڌي ٻولي، خاص طور سنڌين طرفان برپا ڪيل سنڌي اسڪولن مان الوداع ڪرڻ لڳي، تڏهن به هن سنڌيت جي شيدائيءَ همت نه هاري ۽ اِهو چوندي ته هڪ وار وري آوازي ڪلچر معرفت سنڌي ٻولي، سنڌي ساهت ۽ سنڌي ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ کي ساڳئي اوج تي رسائي

سگهنداسين، سيني کي پيو آٿت ڏيندو هو.

آزاد ڀارت ۾ سنڌي ساهتيڪارن جون گهڻيئي ٽِرمورتيون نهيون — پهرين ٽِمورتي هئي : مالهي-ڪيرت-اُتم جي؛ ٻين هئي گني-لعل پشپ-موهن ڪلپنا جي؛ ۽ ٽين هئي سُندر-لڇمڻ-واسديو جي. پر سڀني ۾ هِند ۽ سنڌ، وينديءَ ولائت جي هرڪ ديس ۾، جتي گُلاب (ڪيرت ٻاباڻي) ۽ موگري (اي.جي.اُتم) جي سنڌيت جي سُرهاڻ جون سُرڪيون پريون وڃن ٿيون.

مالهي صاحب سنڌيت جي نبض کي سُڃو ڄاڻو هو. جڏهن سنڌي ساهتيہ کي اُپنياسن جي ضرورت هئي، تڏهن هُن هڪُ نہ، ٻہ نہ، سڄا سارا ٻہ ڊزن اُپنياس ڏنا. وري جڏهن ڏٺائين تہ ڪهاڻين جي مجموعن جي ضرورت آهي، تہ هڪُ نہ، ٻہ نہ، پر ٽي ڪهاڻي سنگرهہ سنڌي ساهت کي ڏنائين. سنڌس آخري ڪهاڻي سنگرهہ هو ”ترويڻي“ جيڪو پنجهتر سالن جي ڄمار ۾ اسان کي ڏنائين.

مون مالهي صاحب کي نزديڪيءَ سان سڀ کان پهرين ١٩٦١ ۾ ڀوپال ۾ سڏايل 'سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت سڀا' جي پنجين سميلن ۾ ڏٺو. اِهو چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ ڪرشن راهيءَ جي ڏوهيڙن وارو گيت ”سنڌي ۽ سنڌي“ بہ ڀوپال واري سميلن کان پوءِ ٻئي ڏينهن کان وٺي، هر سنڌيءَ جي زبان تي هئو. اِها ڳالهہ بہ مالهي صاحب ور ور ڪري ورجائيندو هئو تہ سترام روهڙا ۽ ڀڳونتي ناواڻيءَ کي پنهنجي آواز جو جادو ڦهلائڻ جو موقعو سڀ کان پهرين ڀوپال ۾ ئي مليو آهي. سميلن ۾ مالهي صاحب جي ڪلچرل پروگرام کان متاثر ٿي، اسان ٻئراگره ۾ سنڌو سماج جي استاپنا ڪوکن جي هڪ ننڍڙي ڪئبن ۾ ڪئي. اڄ انهيءَ سنڌو سماج طرفان هڪ هاير سيڪنڊري اسڪول هلندو آهي ۽ سانسڪرتِڪ ڪاريہ ڪرمن لاءِ هڪ وڏو هال آهي. مالهي صاحب کان پريرڻا حاصل ڪري سنڌو سماج هر سال ڇپيل چنڊ جو ميلو رات

جو لڳائيندو آهي، جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ سنڌي اَچي ڪري سنڌي - گيت - سنگيت جو لطف وٺندا آهن.

مالهي صاحب جي اها خوبي هوندي هئي جو پنهنجي سنگيت جي پروگرام ۾ بِش ڪرڻ وقت، گيتڪار جو نالو ضرور وٺندو هئو ۽ وڏي ڇوڇ سان چوندو هئو تہ ’هاڻي پيش ٿا ڪريون بمبئيءَ جي ميونسپل ڪارپوريشن جي ڊپٽي چيف اِنجنيئر، جناب واسديو نرمل جو جيءَ گيت : آئا مون نٿا وسرن سنڌ جا نظارا.‘

اُلهاسنگر ۾، ڪنهن پڳتِ ۾ هن هڪ گيت ٻڌو :-

منهنجي ماڙن جي، او ڪانگا! لِنو ڪا لاٽ

پَل پَل پريئَن جي، وائي آتم واتِ!

مالهي صاحب کي اِهو گيت اهڙو وڻيو، جو اُنکي هلي پنهنجي هر پروگرام ۾ پڇاڙيءَ کان اِهو گيت ضرور ڳارائيندو هئو. ۽ اتفاق سان، ڀوپال ۾ ئي اِهو گيت پيش ڪندي جڏهن ڇپائين تہ هڪڙا سُندر ٻول لکندڙ گيتڪار جي آسان کي ڪا ڄاڻ نہ پئجي سگهي آهي، تہ قسمت سان سائين ڪيشلداس بيگواڻي ’فاني‘ صاحب بہ اُهو پروگرام ڏسي رهيا هئا. جشام ماڻهن جي وچ مان اُٿي، مالهي صاحب کي ڇپائون تہ ”اِنهيءَ گيت جو لکندڙ جيءُ خاڪسار آهي.“ اهڙيون گهڻيئي ڳالهيون مالهي صاحب ۽ [illegible] پرديش جون آهن. کهڙيون بيان ڪري، کهڙيون ڪريان!

مالهي صاحب کي ١٩٧٣ ۾ ساهت اڪادميءَ جو اعزاز [illegible] ناول ”پيار جي پياس“ تي مليو. ١٩٧٤ ۾ ڪيس هڪ [illegible] ڏيڻو هئو، ۽ اُتان موٽندي وري هڪ پروگرام [illegible] هيس. سنڌي ساهتڪ جڳت ۾، مهامتي پراڻ ناٿ [illegible] جهنيون ڇوپايون، ١٩٧٠ ۾ روشنيءَ ۾ آڻڻ ڪري [illegible] پيش ڪرڻ ڪري، ۽ اُنهن ئي ڏينهن ۾ [illegible] سخت وِروڌ ڪرڻ ڪري ۽ [illegible] جي ناتي، سيني سان سُٺي

ڊيٽ-وينٽ تي ويئي هئي. هيڏانهن بئراڳڙهه ۾ وري سنڌي گرئجوئيٽس ائسوسيئيشن (جنهن جي استاپنا ١٩٦٧ ۾ ڪئي هئيسين) جو جنرل سيڪريٽري هئڻ جي ناتي، ساٿي زوربار آٽڻ لڳا ته مالهي صاحب جي ڀوپال آمد وقت اسين سنڌس آجيان ائسوسيئيشن طرفان ڪريون ۽ مڌيه پرديش شاسن جي ڪنهن ڪئبينيٽ منتريءَ هٿان ڪيس مان-پتر ڏياريون.

وقت بلڪل نه هو. مالهي صاحب سان بمبئي ته ڇڏيو پر اِنڊور ۾ به ڪو سمپرڪ تي نه سگهيو. بس، اِها خبر هئي ته صبح جو اِنڊور مان ڪار رستي نِڪرندو ۽ منجهند ڌاري ڀوپال ۾ پهچندو. اسان سندس پروگرام شام جو ئي رکيو، ڇو جو رات جو ڪيس ڀوپال ۾ سانسڪرتِڪ پروگرام به ڏيڻو هو. ڀوپال واري دوست، جنهن سانسڪرتِڪ ڪاريه ڪرم جو آيوجن ڪيو هو، اُهو مون سان ئي گڏ ريجنل ڪاليج ۾ نوڪري ڪندو هو، تنهن مالهي صاحب کي وٺي اچڻ جي ذميواري پاڻ تي هموار ڪئي.

پروگرام لاءِ جيڪي نيند-پتر ڇپايا هئاسون، اُنهن جون ڪجهه ڪاپيون مالهي صاحب کي ڏيکارڻ لاءِ، ۽ ڀوپال جي دوستن کي شرڪت ڪرڻ لاءِ، ٻڌر چندناٿيءَ کي ڏيئي ڇڏيوسين؛

نيڪ ٽائيم تي مالهي صاحب پهچي ويو. پر منسٽر صاحب ته ڏهه منٽ اڳواٽ ئي اچي ويو. اسانجي عرض کي مالهي صاحب سِنڌيت جو فرض سمجهيو ۽ شرڪت ڪيائين.

پروگرام اُميدن کان وڌيڪ ڪامياب ويو. مالهي صاحب کي منتري مهوديه جي هٿان مان-پتر ڏياريوسون. حالانڪِ ڀڳونتي ناواڻيءَ کي هڪ اڌ گيت ڳائڻو هو، پر درشڪن جي زوردار گهُر سبب، هُن ڇهه-ست گيت ڳائي واهه جي مؤج مچائي. آهڙو هو يارن جو يار ۽ نؤجوانن ۾ اُمنگ ۽ اُتساهه ڦوڪڻ وارو گوبند مالهي.

تنهن کان پوءِ ته دل چوندي هئي ته هن ياروَيس اديب

جي فن ۽ شخصيت تي سنڌس ئي مؤجودگيءَ ۾ هڪ سيمينار ٿئي.

۱۹۸۲ ۾ مائونٽ آبوءَ ۾، سيا طرفان آڪل ڀارت ليڪڪ سيمينار جو آيوجن ڪيو ويو هئو. شام جو Sunset Point ڏسڻ لاءِ سڀئي اديب دوست ٽڪري ڀِڀاسين. مان مالهي صاحب سان گڏ هُئس. ڳالهيون ڪندي ڪندي، دل جي ڳالهه پڇي ورتيمانس ته اسين سنڌي ڪنهن برک سنڌي ساهتڪار جي فن ۽ شخصيت تي سنڌس ئي جيون-ڪال ۾، سنڌس مؤجودگيءَ ۾، ڇونه ٿا اهڙو ڪو سيمينار رکون، ته ڪن کي نه چاڻ پوي ته هو ڪتي بيٺو آهي ۽ ٻيا ساهتڪار هن بابت ڇاٿا چوَن. ته ڪِلندي چيائين: ”جهمون پيارا! سنڌي ساهت اڃا نه ٻاروتن ۾ آهي؛ اڃا ايڏي وڏي اُڏام سنڌي ساهت ڪونه ڀري سگهندو.“

پر منهنجي من ۾ اها ڀاونا گهرُ ڪري ويئي هئي ته ڪڏهن نه ڪڏهن، گوبند مالهيءَ تي سيمينار، ڪنهن نه ڪنهن پليٽفارم تان ڪرائبو ضرور.

۱۹۸۳ ۾ مڌيه پرديش سنڌي ساهت اڪاڊميءَ جو گٺن ٿيو ۽ جيڪا ٻارهن ميمبرن جي ڪاميٽي ٺاهي ويئي هئي، تنهن جو مان به هڪ ميمبر هوس. بس، هاڻي سُپنو ساڪار ٿيندو نظر آيو.

اڪاڊميءَ اڳيان پهرين ته اِهو پرستاوُ آندُم ته ڪنهن پڪي پائي جي زنده سنڌي ساهتڪار جي فن ۽ شخصيت تي سيمينار ڪجي. حالانڪِ اڪاڊميءَ جو سيڪريٽري غير-سنڌي هئو، پر پيشي کان پروفيسر هئڻ جي ناتي، سُٺي ساهتڪ سوجهه ٻوجهه وارو هو. اُهو پرستاو سِڌانت روپ ۾ سويڪار ڪيو ويو. پوءِ مون پهرين سداحيات نارايڻ ’شيام‘ جو نالو سُجهايو، پر سائين ڪيشلداس بيگواڻي ’فانيءَ‘، جو اڪاڊميءَ جو وائيس چيئرمن هئو، اُنهن اِنهيءَ نالي تي ٿوري آناڪاني ڪئي. تنهن تي مون حڏهن گوبند مالهيءَ جو نالو ورتو، نه فقط هريسنگهاڻيءَ نه اِهو

ڇٽي پنيرائي ڪئي تہ 'ها، هيءُ Non-controvertial آهي. ڦاني صاحب بہ حامي ڀري ۽ اها سيمينار ١٩٨٦ جي مارچ مهني ۾ ڪنڊوا ۾ ڪئي ويئي.

پروگرام جي خاص خوبي اِها رهي جو مالهي صاحب جون ٻئي ڪِکيون — شوڀا ۽ پُشپا — شريڪ ٿيون. ڀڳونتي تہ هئي ئي.

ٻنهي ڇوڪرين مالهي صاحب جو سمورو ڇپيل ساهت، مخزنون، فوٽا ۽ ڀِڻن ڀارتيہ ڀاشائن ۾ ترجمو ٿيل مالهيءَ صاحب جو ساهت نمائش ۾ رکيو. منجهند جو، نمائش ۾ رکيل ڪتابن کي ڏسي، مالهي صاحب کي بہ بيحد خوشي ٿي رهي هئي. ٻنهي ڪِکِڻن ۽ ڀڳونتيءَ کي، مون ڏانهن اِشارو ڪندي، ڇيائين تہ اڄُ مون کان بہ وڌيڪ سَرهائي جهمون محسوس ڪري رهيو آهي، ڇو جو سندس سالن جو سنجويل سُپنو اڄُ ساڪار ٿي رهيو آهي.

ڪنڊوا واري سيمينار کي سڦل بڻائڻ ۾ ڪرشن ڪُتواڻي جو وڏو هٿُ هو. هن صاحب پنهنجي خرچ تي نہ رڳو ويڊيو فلم ڪڍڻ لاءِ ويڊيو واري کي اِندور مان گڏ آندو، بلڪ فوٽوگرافر بہ اُتان ٿي وٺي آيو ۽ سيمينار ۾ جن شرڪت ڪئي، اُنهن جا وقتائتا فوٽا، نہ رڳو ڪڍارايا بلڪ پنهنجي خرچ سان اُنهن جون ڪاپيون بہ سڀني دوستن کي موڪليون. ڪنڊوا وارا اڄ بہ اُهو پروگرام ياد ڪندا آهن. مالهي صاحب جي پرلوڪ پڌارڻ تي ڪنڊوا وارن بہ پنهنجي طرفان ڀاو ڀيني شرڌانجلي ڏني — اهڙو سماچار اخبارُن ۾ پڙهي دل روئي ڏنو تہ مالهي صاحب واقعي هڪ اِتهاسڪ يُگ پُرُش هو.

ڪنڊوا واري سيمينار کان ڪجهہ مهنا پوءِ، ڀڳونتي بہ وڃي ساسين سڪالي ٿي. بس، مالهي صاحب ٽٽي پيو. شايد ڊسيمبر ١٩٨٦ جي ڳالهہ آهي. مالهي صاحب هڪُ وڏو خطُ مون کي لکيو تہ دهليءَ وڃي رهيا آهيون، ۽ اُتان فلاڻي تاريخ اِندور

جي فن ۽ شخصيت تي سنڌس ئي موجودگيءَ ۾ هڪ سيمينار ڪئي.

١٩٨٣ ۾ مائونٽ آبوءَ ۾، سيا طرفان آڪل ڀارت ليکڪ سيمينار جو آيوجن ڪيو ويو هئو. شام جو Sunset Point ڏسڻ لاءِ سڀئي اديب دوست لڪري پياسين. مان مالهي صاحب سان گڏ هئس. ڳالهيون ڪندي ڪندي، دل جي ڳالهه پڇي ورتيمانس ته اسين سنڌي ڪنهن برک سنڌي ساهتڪار جي فن ۽ شخصيت تي سنڌس ئي جيون-ڪال ۾، سنڌس موجودگيءَ ۾، چونه ٿا اهڙو ڪو سيمينار رکون، ته ڪن کي نه ڄاڻ پوي ته هو ڪتي بيٺو آهي ۽ ٻيا ساهتڪار هن بابت ڇا ٿا چون. ته کِلندي چيائين: "جهمون پيارا ! سنڌي ساهت اڃا به ٻاروتن ۾ آهي، اڃا ايڏي وڏي اُڏام سنڌي ساهت ڪونه پري سگهندو."

پر منهنجي من ۾ اها ڀاونا گهر ڪري ويئي هئي ته ڪڏهن نه ڪڏهن، گوبند مالهيءَ تي سيمينار، ڪنهن نه ڪنهن پليٽفارم تان ڪرائبو ضرور.

١٩٨٧ ۾ مڌيه پرديش سنڌي ساهت اڪادميءَ جو گٺن ٿيو ۽ جيڪا ٻارهن ميمبرن جي ڪاميٽي ٺاهي ويئي هئي، تنهن جو مان به هڪ ميمبر هوس. بس، هاڻي سپنو ساڪار ٿيندو نظر آيو.

اڪادميءَ اڳيان پهرين ته اهو پرستاءُ آندم ته ڪنهن هڪ ڄاتل سڃاتل زنده سنڌي ساهتڪار جي فن ۽ شخصيت تي سيمينار ڪجي. هاڻوڪي اڪادميءَ جو سيڪريٽري غير-سنڌي هئو، پر پڙهيل ڳڙهيل پروفيسر هئڻ جي ناتي، هُن ساهتڪ سوجهه ٻوجهه وارو هو. اُهو پرستاءُ سڀاڳي روپ ۾ سويڪار ڪيو ويو. پوءِ مون پهرين سنڌي ساهت ۾ 'شيام' جو نالو سُجهايو، پر سائين ڪيڏاڻي سيڪريٽريءَ 'اڪادميءَ'، جو اڪادميءَ جو وائيس چيئرمين هئو، ٻئي ڪنهن ساهتڪار تي ٿيڻ ڪارڻ ڪئي. تنهن تي مون هڪ ٻئي سنڌي ساهتڪار جو نالو ورتو، ته ٿيڪ ساهتڪار ڳالهائيءَ به اهو

چئي پنيرائي ڪئي تہ 'ها، هيءُ Non-controvertial آهي. ڦاني صاحب بہ حامي ڀري ۽ اها سيمينار ١٩٨٦ جي مارچ مهني ۾ ڪندوا ۾ ڪئي ويئي.

پروگرام جي خاص خوبي اِها رهي جو مالهي صاحب جون بئي ڌيئون — شوڀا ۽ پُشپا — شريڪ ٿيون. ڀڳونتي تہ هئي ئي.

بنهي ڇوڪرين مالهي صاحب جو سمورو ڇپيل ساهت، مخزنون، فوٽا ۽ ٻيُن ڀارتيہ ڀاشائن ۾ ترجمو ٿيل مالهيءَ صاحب جو ساهت نمائش ۾ رکيو. منجهند جو، نمائش ۾ رکيل ڪتابن کي ڏسي، مالهي صاحب کي بہ بيحد خوشي ٿي رهي هئي. بنهي ڪِڪيُن ۽ ڀڳونتيءَ کي، مون ڏانهن اِشارو ڪندي، چيائين تہ اڄُ مون کان بہ وڌيڪ سَرهائي جهمون محسوس ڪري رهيو آهي، جو سندس سالن جو سنجويل سُپنو اڄُ ساڪار ٿي رهيو آهي.

ڪندوا واري سيمينار کي سڦل بڻائڻ ۾ ڪرشن ڪنوائيءَ جو وڏو هٿُ هو. هن صاحب پنهنجي خرچ تي نہ رڳو ويڊيو فلم ڪڍڻ لاءِ ويڊيو واري کي اِندور مان گڏ آندو، بلڪ فوٽوگرافر بہ اُتان ئي وٺي آيو ۽ سيمينار ۾ جن شرڪت ڪئي، انهن جا وقتائتا فوٽا، نہ رڳو ڪڍارايا بلڪ پنهنجي خرچ سان انهن جون ڪاپيون بہ سڀني دوستن کي موڪليون. ڪندوا وارا اڄ بہ اُهو پروگرام ياد ڪندا آهن. مالهي صاحب جي پرلوڪ پڌارجڻ تي ڪندوا وارن بہ پنهنجي طرفان ڀاوڀيني شرڌانجلي ڏني — اهڙو سماچار اخبارُن ۾ پڙهي دل روئي ڏنو تہ مالهي صاحب واقعي هڪ اتِهاسڪ يُگ پُرُش هو.

ڪندوا واري سيمينار کان ڪجهہ مهنا پوءِ، ڀڳونتي بہ وڃي ساهرين سڪالي ٿي. بس، مالهي صاحب تنها پيو. شايد ڊسيمبر ١٩٨٧ جي ڳالهہ آهي. مالهي صاحب هڪُ وڏو خطُ مون کي لکيو تہ دهليءَ وڃي رهيا آهيون، ۽ اُتان ڦلاڻي تاريخ اندور

ڪرشن ڪنواڻيءَ وٽ ويندا سين. ڀوپال وڃڻ تي پيئي، سو لڪبائين تہ ’جيئن تہ ترين ڀوپال کان لنگهندي ۽ ويھ منٽ ڪن بيهندي، تون اسٽيشن تي گڏججانءِ ۽ پنهنجن نوجوان دوستن کي بہ وٺي اچجانءِ، جيئن ڪين پڳونتي ناواڻيءَ جو حنم-ڏينهن سنڌي سنگيت جي ڏينهن جي روپ ۾ ملهائڻ لاءِ صلاحون ڪري سگهون.

مان اسٽيشن تي ڪجهہ اُتساهي نوجوان دوستن کي وٺي ويس. ڳنن لاءِ مالهي صاحب سان گڏجڻ، پنهنجو پاڻ ۾ هڪ وڏي حاصلات هئي. مالهي صاحب کان هي دوست ببحد متاثر ٿيا ۽ پهرين فيبروري ١٩٨٧ تي نئشنل فرينڊس ڪلب پاران، آنيلا سُندر جي ڀوپال واري رويندر ڀون ۾ نرتيہ-ناٽڪا پيش ڪئيسون. تنهن کان پوءِ تہ هر سال پڳونتي ناواڻيءَ جي ياد ۾ سنڌي سنگيت ڏينهن، ”سِنڌوءَ“ طرفان ملهائيندا پيا اچون.

هن سال، ٢٦ جنوري ٢٠٠١ تي، گجرات ۾ جيڪو زلزلو آيو هو، تنهن سڀني جو من اُداس ڪري ڇڏيو هئو ۽ لهيل لڪيل پروگرام مهمل ڪرڻو پيو. اِها خبر ڪونہ هئي تہ ١٠ فيبروريءَ تي سنڌي جڳت ۾ بہ هڪ زلزلو اچڻ وارو آهي، جيڪو اسان کان سدا سدا لاءِ گوبند مالهي کسي ويندو.

پنج مُکي شخصيت : گوبند مالهيءَ کي مون پنج-مُکي شخص اِنهيءَ ڪري چيو آهي، جو هوُ ناول نويس بہ هئو تہ سٺو ڪهاڻيڪار پڻ. تنهن سان گڏوگڏ سنو ناٽڪ نويس ۽ مضمون نگار. هن صاحب پنهنجي ساهت سرجڻ جي شروعات شاعريءَ سان ڪئي هئي، پر اڳتي هلي ڪوتا کي ڇڏي ڏنائين.

مالهي صاحب ساهت سرجڻ کان سواءِ، هڪ وڏو ۽ اهم ڪم اِهو بہ ڪيو، جو هن صاحب سنڌي جڳت کي ہ لوڪپريہ آواز ڏنا ـ هڪ تہ ڀڳونتي ناواڻيءَ ۾ اهڙو تہ بي-بها هيرو هن جي هٿ لڳو، جو اُن کي حيئن ئي تراشائين، تہ اُهو سنڌي سنگيت جو ڪوهنور ٿجي پيو؛ ٻيو آوار پُشپا مالهيءَ جو، سنڌي

جڳت کي ڏنائين. پشپا ۽ گوبند مالهي، ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي جا پوُرڪ ۽ سهارا بڻجي پيا. پر هاءِ ڙي قهري ڪال! ڀرين هن ڀڳونتيءَ کي کسيو ۽ پوءِ پشپا کي. ڀڳونتيءَ جي ٻي-وقتائتي الوداع ڪرڻ ڪان پوءِ مامي مالهي نه رهيو. پُشپا جي وڃڻ تي گوبند مالهيءَ جي پيِڙيءَ جي لٺِ به کسجي ويئي. هاڻي مالهي پاڻ کي اڪيلو-اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو.

مالهيءَ جي پرلوڪ پڌارڻ سان، سنڌي ساهت-ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ کي جيڪو ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي، سو ڀرجڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

مالهي صاحب موهن ڪلپنا کي هڪ دفعو چيو هو ته سنڌ ڏسڻ کان اڳ مان پنهنجا پراڻ تياڳڻ وارو نه آهيان. ۽ واقعي، ۱۹۸۹ ۾، سنڌي گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي سڏ تي، نه رُڳو ڪراچي، بلڪ سڄي سنڌ جو به درشن ڪري آيو. سنڌ گهمڻ بعد، پنهنجي جيڪا آتم-ڪٿا (پنجن ڀاڱن ۾) ڏني اٿائين، اُها به هڪ تواريخي دستاويز بڻجي پيئي آهي.

اڃان ته هنن سان گڏ سانجهي ياترا جو به ذڪر ڪرڻو هو، پر سندس ئي شبدن ۾ في الحال — ۽ بس!



گوبند مالهيءَ جي سرجيل ساهتڪ سمپتي

اُپنياس

١.	انقلابي سپاهي –	ترجمو	
٢.	آنسون –	سرگم ساهت،	- ممبئي ١٩٥٢
٣.	زندگيءَ جي راهه تي –	ڪهاڻي ناول مالها	- ممبئي ١٩٥٢
٤.	جيون ساٿي –	ڪهاڻي ناول مالها	- ممبئي ١٩٥٢
٥.	پکيڙا ولڙ ڪان وڇڙيا	ڪهاڻي ناول مالها	- ممبئي ١٩٥٣
٦.	من حو ميت	ڪهاڻي ناول مالها	- ممبئي ١٩٥٣
٧.	للڪار —	ساٿي ساهت	- ممبئي ١٩٥٤
٨.	لوڪ آهي بوڪ —	پارت جيون	- ممبئي ١٩٥٤
٩.	شرم ٻولي —	ساٿي ساهت	- ممبئي ١٩٥٥
١٠	چنچل نگاهون –	پارت جيون	- ممبئي ١٩٥٥
١١	ڏيهي پرڏيهي ٿيا –	پارت جيون	- ممبئي ١٩٥٦
١٢	عشق ناهي راند –	ڪهاڻي ناول مالها	- ممبئي ١٩٥٦
١٣	ديسي سڀ ڪجھ –	ڪهاڻي ناول مالها	- ممبئي ١٩٥٧
١٤	پيار جي شڪست –	ڪهاڻي ناول مالها	- ممبئي ١٩٥٨
١٥	جن سوري پائي سيج	ڪهاڻي ناول مالها	- ممبئي ١٩٥٩
١٦	هڪ انسان، سؤ طوفان	پارت جيون	- ممبئي ١٩٦٣
١٧	پريتم ويو پرديس	پارت جيون	- ممبئي ١٩٦٤
١٨	سمگلر	پرڊ ڦلي	- ممبئي ١٩٦٥
١٩	محبت جي راهه تي	مارئي پبليڪشن	- احمدآباد ١٩٦٩
٢٠	سنڌوءَ جي ڪناري	سنڌيت ڪتاب گهر اُلهاسنگر	١٩٦٩
٢١	پيار جي پياس	ڪونج پبلڪشن	- ممبئي ١٩٧٢
٢٢	سونهن جا سوداگر	پارت جيون	- ممبئي ١٩٧٥
٢٣	تون، مان، هوءَ	پارت جيون	- ممبئي ١٩٧٥

٢٤ مسوُريءَ جي راڻي — پارت جيون - ممبئي ١٩٨٣
٢٥ پاپي — سنڌي ٽائيمس، اُلهاس نگر ١٩٩٥

ڪُل ٢٥ ناول — ٨ ڪهاڻي-ناول مالها طرفان، ٨ پارت جيون جا، ٢ ساٿي ساهت، هڪ هڪ سرگم ساهت، پرھ ڦٽي، مارئي، سنڌيت، ڪونج ۽ سنڌي ٽائيمس طرفان.

مالهيءَ جي پهرئين ناول ''انقلابي سپاهي'' جي ڇاپي وغيره جي ڄاڻ نہ ملي سگهي آهي.

ڪهاڻي سنگرھ

١. هيءَ بہ ڪا آکاڻي آهي سنڌي ٽائيمس، - اُلهاس نگر ١٩٨٤
٢. اڳتي قدم — سنڌي ٽائيمس پبميڪيشن ١٩٨٦
٣. ٽِرويڻي — مُرڪ پبليڪيشن - ممبئي ١٩٩٥
٤. دل ڏي، دل وٺ — مُرڪ پبليڪيشن - ممبئي ١٩٩٩

ناٽڪن جا مجموعا

. گهوٽ ڪُنوار راضي — سنڌيت پبليڪشن اُلهاسنگر ١٩٧٤
. گُستاخي معاف — سنڌي ٽائيمس، اُلهاس نگر ١٩٨٨
. سِنڌوءَ جو سوُگند — مُرڪ پبليڪيشن، ممبئي ١٩٩٦

سفر نامو

سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ (١٩٩٣)؛

مضمون

رهبر منهنجيءَ راھ جا (مُرڪ پبليڪيشن - ١٩٩٦)؛

آتم ڪٿا

۽ اديب- پنج پاڱن ۾، سنڌي ٽائيمس، اُلهاس نگر، ١٩٨٩-١٩٩٢.

ڪي اهم ترجما

...ِ جو دادا ڪامريڊ، زندگي پبليڪيشن، ڪراچي ١٩٤٦؛
...سم گورڪيءَ جو ''ماءُ''، پارت جيون، ممبئي - ١٩٥٠؛
...نڪر بندوپاڌياءِ جو ''ڌرتي ماتا''، سرگم ساهتيہ، ممبئي ١٩٥١؛
...جو ''استري هڪ پرولي'' ڪهاڻي پبليڪيشن، ممبئي ١٩٦٠؛
...يرانند (انگريزيءَ ۾) نئشنل بوڪ ٽرسٽ.

گوبند مالهيءَ کي مليل
ڪن خاص پُرسڪارن جي جهلڪ

١. اکل ڀارت سنڌي ساهت سميلن ۾ ”بهترين اُپنياسڪار“ جو اوارڊ.

٢. پيار جي پياس، ناول تي مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ جو اوارڊ (١٩٧٣)

٣. مهاراشٽر گورو پُرسڪار (هڪ لک رپين جو) ١٩٩٠ ۾.

٤. ڊُبئي جي سنڌين پاران (ڊُبئي ۾) انٽر نئشنل لطيف اوارڊ ١٩٩١ ۾.

٥. ڀارتيہ ڀاشا پريشد، ڪلڪتي طرفان ’ساهتيہ پُرسڪار‘ ١٩٩٣.

٦. مهاراشٽر سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان عمر ڀر جي ساهتڪ يوگدان لاءِ پُرسڪار، ١٩٩٤

٧. ايشوري ٻائي بخشاڻي اوارڊ (سنڌي ڪلچر ۾ ڊنل يوگدان لاءِ) ١٩٩٦

٨. ورلڊ وائيڊ پبليڪيشن طرفان، سنڌي ڪلچر جي ڦهلاءُ لاءِ پُرسڪار.

٩. سنڌي اڪادمي، دهليءَ طرفان، ’حياتيءَ جي حاصلات‘ اوارڊ (٥١،٠٠٠ رپيا)، سال ٢٠٠٠ ۾.

(ترتيب - هيمون ڇگاڻي)

گوبند مالهيءَ جون ڪي ذڪر لائق ڳالهيون

١. جنم : ٥ آگسٽ ١٩٢١
جنم آستان : ڳوٺ ٺاروشاهه (سنڌ)

٢. مئٽرڪ : ١٩٣٩ ع

٣. شادي : ديويءَ سان، ١٩٤١ ع.

٤. سنتان – ٻه ڌيئر : شويا ۽ پُشپا

٥. ١٩٤٢ ع سوتنترتا آندولن (آزاديءَ جي هلچل) ع
جيل وڃڻ – سوتنترتا سيناني بڻجڻ جو شرف.

٦. ايل.ايل.بي. ١٩٤٤ ع

٧. سنڌ کي خيرآباد – ١٩٤٧ ع

٨. ماهوار 'مُرڪ' مخزن جو سمپادڪ بڻجڻ ١٩٨٧ ع ۽ آخرين دم تائين اُن سان جُڙيل.

٩. سنڌي فلم ''سنڌوءَ جي ڪناري'' ڪڍڻ، ١٩٦٨ ع

١٠ وفات – ١٠ فيبروري

(ترتيب – جهمون چڳاڻي)

پيار جي پياس ۽
گوبند مالهي

— نامديو

ساهتيه اڪادميءَ جو هن دفعي جو اِنعام حاصل ڪندڙ ”پيار جي پياس“ شري گوبند مالهيءَ جو ويهون ناول آهي. ٿورا سال اڳ منهنجي ورتل اِنٽرويو موجب، ساهتيڪ-سيٽيڪ پرورتيون ئي هن جو مُکيه ڪاريه ڪيتر هيون آهن. ناٽڪن جي لکڻ ۽ اِسٽيج ڪرڻ پنيان محنت ڪرڻ ڪان پوءِ، هن هڪ سنڌي فلم جو پڻ نرماڻ، ڪهاڻي ۽ ڊائريڪشن جو ڪم ڪيو آهي. ڪيترا سال آڪِل-پارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا جو محامنتري پد به سنڀاليو آهي. حال هو هڪ فلم ۽ سُگم سنگيت جي پروگرامن جي پرتيڪ منڊلي جي سنچالڪ طور وکِيات آهي. ’ڪونج‘ ماهوار جو هن جي سنمان ۾ خاص پرچو پڻ ڪڍيو ويو آهي.

ساهتيه ۾، خاص ڪري ناولن دوارا، ترقي پسند ڌارا کي هن زور وٺايو آهي، مارڪسواد ۽ ويدانت سان هڪ ئي وقت نڀائڻ جو هن جو ارادو پي رهيو آهي.

ليکڪ آلوچيه ڪتاب ۾ محاڳ ۾ لکيو آهي ته هن جي ڪنهن مائٽاڻيءَ جي وڏوا ٿيڻ تي ئي اَنيڪ پرشن جو فقط ’پرشنت‘ ئي مُنڊو رهيو— ملي سگهيو. هن حقيقت جي همدرديءَ جو .

..

نتيجو هي ناول آهي، جنهن جي نائڪا ليکڪ جو آدرش آهي. هوُ لکي ٿو ـــ ”.... منهنجي هن ناول جي نائڪا بہ وڏوا آهي، ذهني وڏوا ....“ ۽ هن پنيان پُرش نالو روپ بدلائي ڦرندو رهيو.

هن ناول جي نائڪا موهني، ٻارهن سالن جي عمر ۾، پهرئين پيري گهر آيل پيٽوئي طرف جيڪا چِڪ ۽ لڳاءُ (attachment) محسوس ڪئي، ليکڪ اُن کي پهريون پيار ڳڻيو آهي. موهني ھُن سان پاڪُر ۾، پيءُ اڳيان پڪڙجي ٿي پوي. اَڳتي هوُءَ پٽس وٽ ايندڙ وشواسپاتر دوست، آنند کي، سنوتِ نہ ڏيڻ ٿي، آنند موهنيءَ جي پيءُ سان سُني رشتي جو اُپيوگ ڪري، پنهنجي مامي جي پٽ، اَڌيڙهيل ۽ ڊور جهڙي هيمن سان، موهنيءَ کي پرڻائڻ ۾ تہ سڦل وڃي ٿو؛ پر ائين ڪري هوُ موهنيءَ کي اڪثر پراپت ڪري سگهندو، اَهڙو ھُن جو انومان هيمن غلط ثابت ڪري ٿو.

پنيءَ جي ـــ شاديءَ کان اڳ توڙي پوءِ ـــ پرَ-اِستري گامي هڻڻ، شديد ۾ مضبوط سُڀاو کان بيحد شنڪاشيل ۽ لڳ ڀڳ آرٿِڪ طور پراڌين رهندي اَچڻ ڪري، ڪجهہ پئدا ڪيل حالتن ۾، موهنيءَ جو پنيءَ کي ريتي پرمانند، دادا، جيوتي آنند، يا گهنشام ماستر جهڙن عمر چڙهيل پُرشن سان ناتو ڳنڍائي، ٿن کي پُرشن لاءِ ڪتا آزمودا ڪرايا آهن ۽ جتي پريم جي نہ، پر واسنا جي ئي ڇايا ڏيکاري آهي. اِن ڪري موهني ”پيار جي پياس“ محسوس ڪندي رهڻ جو وشواس ڏيڻ جو يتن ڪندي ٿي رهي.

موهني پنيءَ جو پرپوُر نِرادر ۽ ڪانئس ڪنارو ڪري ٿي. پوءِ هوُءَ وِدروهي ناري نہ آهي. هوُءَ طلاق وٺي ڪنهن سُني پرش کي حاصل نتي ڪري. [ھُن جا اَهڙا موقعا ۽ همٿ ڪسي وٺڻ ۾ ليکڪ لڳ ڀڳ ڏاڍائي ڪئي آهي]. هوُءَ جوش ۾ اچي پڇي يا ٻُڌي بہ نتي وڃي ۽ آدرش هِندو پتِورتا جيان جيون ساٿِڻ بڻجي پتر پرميشور کي نڀائي بہ نتي سگهي. اينرو ئي نہ، جهنگلي جانور

جهڙي پتيءَ کي ماڻهو ٻڌائي سگهندي، اهڙي هڪ دفعو هن کي ڌل خاطري، هوءَ بلڪل پڪلجي ٿي وڃي ۽ هن جي شخصيت جو ٿورو گهڻو موقعو به ختم ٿي وڃي ٿو.

موهنيءَ جي ڪردار کي ذهني وڌاپڻو ڇڪي به ڪونه ٿو، ڇو جو پتيءَ جي وجود کان هوءَ ڪڏهن انڪار ڪري نه سگهي آهي. هن کي من سان نه قبولي سگهڻ ڪري، هن جو من هڪ قدرتي مونجهه محسوس ڪندو رهي ٿو، جنهن کي واضح ڪرڻ ۾ ليکڪ سڦل نه وڃي سگهيو آهي.

هن ذهني وڌاپڻي جي ڪلپنا بلڪل غير-منو وگيانڪ آهي ۽ تنهن ڪري پرش طرف هن جو من ڊيڪاريل رد عمل پڻ غير منطقي آهي. در حقيقت خود هن جي پيار جي پياس پليان پنهنجو پتنيتوُ نه ماڻي سگهڻ جي پيڙا ئي ٻڌجي ٿي. ايترو ئي نه، پتيءَ کي ڇڏي ٻئي هنڌ پيار جي هن جي ترشنا ئي ڪُمارگي ۽ اِن ڪري غير حقيقي آهي. اهڙي ڪچي ڪٿا کي پيش ڪرڻ لاءِ ليکڪ حقيقتن کان پري پڄنڌڙ واقعا ۽ ڪردار ڪٽي آيو آهي. لڳ ڀڳ سڀ ڪردار شخصيتن کان خالي هئڻ ڪري، ليکڪ جي ئي پاشا ٻولن ٿا، جيڪا خوب ڇالو آهي.

ساهتيه اڪادميءَ کي سنڪارڻ لاءِ ٻيُن آنچلڪ ڀاشائن جي ناولن ۾، جڏهن تکشي شِوشنڪر پلي جو ”مڇوئاري“ (مليالم)، وڀوتي ڀوشڻ جو ”آرڻيڪ“ (بنگالي) يا پنالال پٽيل جو ”مڙيلا جيو“ (گجراتي) ملي سگهن ٿا، تڏهن ئي ساهتيه اڪادميءَ لاءِ هيءُ ناول فقط هڪ سهوليت هجي، اهڙو آنديشو مون کي نه برابر ٿي رهيو آهي.

◻◻

سچ جو سفر هليا .....

— وينا شرنگي

هر انسان جي جيئڻ جا ڍنگ الڳ الڳ آهن. انساني زندگي ڌڻيءَ جي وڏي سؤغات آهي. اِن حسين نعمت کي ماڻڻ، گهارڻ يا سجائي ڪرڻ جي وات، هر اِنسان پنهنجي سوچ آهر چونڊي ٿو؛ ڪي ڪجهه نہ ڪرڻ يا ڇا ڪيان، نہ ڪيان؟ جي چڪرويوهه مان ٻاهر نڪري هر پل، هر گهڙيءَ جو پنهنجي آنداز سان استعمال ڪن ٿا، جا ڳالهه هر انسان جي وس کان ٻاهر آهي. حالات، مجبوريون، مشڪلاتون، ڏک-ڏولاوا، خوشيون ۽ غمَ، ڪاميابي-ناڪاميابي، آشا-نِراشا - زندگيءَ جو هر قدم هر موڙ تي، اڳُ ۽ دڳُ جهليون بيٺي ٿو، ڪي اُن کي اورانگهڻ جي جريت نٿا ڪري سگهن تہ ڪي لڪ لنگهي منزل طرف پهچڻ جي جُستجو ڪن ٿا، جا جستجو زندگيءَ جي ڏور سان جڙيل رهي ٿي. ڪي انسان ان ڏور ۾ اُلجهجي زندگيءَ جي سفر کي طئہ ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي منجهارن ۾ ڦاٿا پيا ٿين ٿا، ڪي اِن زندگيءَ جي منجهيل ڳنڍين کي سليقي سان سُلجهائيندي دنيا کي لڪا پوڻ نٿا ڏين.

وقت، حالتن، حادثن جي وار کي دلشڪستو ڪندي منزل طرف وک وڌائڻ واري شخصيت کي ادبي تاريخ جي ورقن ۾ درج ڪرائڻ جي آنوکي تاريخ قائم ڪرڻ جو نانءُ آهي مالهي. گوبند مالهيءَ جو جنم ۱۹۲۱ع ۾ ٿيو، جڏهن انگريزن جي سُلطنت شاهيءَ خلاف آکنڊ ڀارت جو عوام جنگ جوٽي رهيو هو. جنهن وقت

جھڙي پتيءَ کي ماڻھو بڻائي سگھندي، آھڙي ھڪ دفعو ھن کي تيل ڪاٽري، ھوءَ بلڪل پُلجي ٿي وڃي ۽ ھن جي شخصيت جو تورو گھٽو موقعو بہ ختم ٿي وڃي ٿو.

موھنيءَ جي ڪردار کي ذھني وڏواپڻو چئجي بہ ڪونہ ٿو، ڇو جو پتيءَ جي وجود ڪان ھوءَ ڪڏھن اِنڪار ڪري نہ سگھي آھي. ھن کي من سان نہ قبولي سگھڻ ڪري، ھن جو من ھڪ قدرتي مونجھہ محسوس ڪندو رھي ٿو، جنھن کي واضح ڪرڻ ۾ ليکڪ سڦل نہ وڃي سگھيو آھي.

ھن ذھني وڏواپڻي جي ڪلپنا بلڪل غير-منو وگيانڪ آھي ۽ تنھن ڪري پرش طرف ھن جو من ڊيڪاريل رد عمل پڻ غير منطقي آھي. در حقيقت خود ھن جي پيار جي پياس پليان پنھنجو پتنيتوَ نہ ماڻي سگھڻ جي پيڙا ئي ھڏجي ٿي. ايترو ئي نہ، پتيءَ کي ڇڏي ٻئي ھنڌ پيار جي ھن جي ترشنا ئي ڪُمارگي ۽ اِن ڪري غير حقيقي آھي. آھڙي ڪچي ڪٿا کي پيش ڪرڻ لاءِ ليکڪ حقيقتن ڪان پري پڇندڙ واقعا ۽ ڪردار ڪٽي آيو آھي. لڳ-ڀڳ سڀ ڪردار شخصيتن ڪان خالي ھئڻ ڪري، ليکڪ جي ئي ڀاشا ٻولن ٿا، جيڪا خوب چالو آھي.

ساھتيہ اَڪادميءَ کي ستڪارڻ لاءِ ٻيون آنچلڪ ڀاشائن جي ناولن ۾، جڏھن تڪشي شِوشنڪر پلي جو ''مڇوئاري'' (مليالم)، وِڀوتي ڀُوشڻ جو ''آرڻيڪ'' (بنگالي) يا پنالال پٽيل جو ''مڙيئل جيو'' (گجراتي) ملي سگھن ٿا، تڏھن ۽ تڏھن ئي ساھتيہ اَڪادميءَ لاءِ ھيءَ ناول فقط ھڪ سھوليت ھجي، آھڙو اَنديشو مون کي تہ برابر ٿي رھيو آھي.



سچ سفر هليا .....

— ونيتا شرنگي

هر انسان جي جيئڻ جا ڍنگ الڳ الڳ آهن. انساني زندگي قدرت جي وڏي سوغات آهي. اِن حسين نعمت کي ماڻڻ، گهارڻ يا سجائي ڪرڻ جي وات، هر اِنسان پنهنجي سوچ آهر چوندي ٿو ته ڪي ڪجهه نه ڪرڻ يا ڇا ڪيان، نه ڪيان؟ جي چڪرويوه مان ٻاهر نڪري هر پل، هر گهڙيءَ جو پنهنجي انداز سان استعمال ڪن ٿا، جا ڳالهه هر انسان جي وس کان ٻاهر آهي. حالات، مجبوريون، مشڪلاتون، ڏک-ڏولاوا، خوشيون ۽ غم، ڪاميابي-ناڪاميابي، آشا-نراشا - زندگيءَ جو هر قدم هر موڙ تي، اڳ ۽ ڏڳ جيليون بحي ٿو، ڪي اُن کي اورانگهڻ جي جريت نٿا ڪري سگهن ته ڪي لڪ لنگهي منزل طرف پهچڻ جي جستجو ڪن ٿا، جا جستجو زندگيءَ جي ڏور سان جڙيل رهي ٿي. ڪي انسان ان ڏور ۾ اُلجهي زندگيءَ جي سفر کي طئه ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي منجهارن ۾ مبتلا تين ٿا، ڪي اِن زندگيءَ جي منجهيل ڳنڍين کي سليقي سان سُلجهائيندي دنيا کي لڪا پوڻ نٿا ڏين.

وقت، حالتن، حادثن جي وار کي دلشڪستو ڪندي منزل طرف وک وڌائڻ واري شخصيت کي ادبي تاريخ جي ورقن ۾ درج ڪرائڻ جي آنوکي تاريخ قائم ڪرڻ جو نانءُ آهي مالهي. گوبند مالهيءَ جو جنم ۱۹۲۱ع ۾ ٿيو، جڏهن انگريزن جي سُلطنت شاهيءَ خلاف آکنڊ ڀارت جو عوام جنگ جوٽي رهيو هو. جنهن وقت

استحڪام آندو لن ۾ انهن سنڌي قومي ادارن جي سهپادڪن ڪي مختلف سزائون ڏنيون ويون، اُن عرصي دؤران، سنڌ اندر ناٽڪ منڊليش طرفان منچ تي اسلوڪا ۽ انواد ڪيل ناٽڪ ڪرڻ جو شوق به هو. ۱۹۲۲ع ۾ حيدرآباد ينگ سٽيزن سوسائٽيءَ طرفان شري ليکرام ماڪيجا جو لکيل ناٽڪ، بي-وفا قاتل، منچ تي آندو ويو ۽ ۱۹۲۳ع ۾ حيدرآباد جي ربندرناٿ لٽرنري ائنڊ ڊرامئٽڪ ڪلب طرفان پيش ڪيل ناٽڪ، چترا، جو گرو ربندرناٿ ٽئگور افتتاح ڪيو، جيڪو پروفيسر منگهارام يوُ ملڪاڻيءَ سنڌيءَ ۾ انڊا پٽ ڪيو هو. خانچند درياڻيءَ جو انڊا پٽ ڪيل ناٽڪ، ملڪي مُدبر، به ساڳي ڪلب پيش ڪيو. درياڻيءَ جو موتيءَ جي مڪڙي، حيدرآباد سنڌ جي ڊيٽي-ليٽي ڪاميٽيءَ، آغا حشر جو اُردو ناٽڪ بلوا منگل، نانڪرام ميرچنداڻيءَ آندو، ليکرام ماڪيجا جو لکيل ڪلچگ جا ڪلور، منچ تي آندو ويو. مون اِنهن ناٽڪن ۽ ناٽڪ منڊلين جو ذڪر اِنڪري هتي ڪيو، جو شايد انهن ناٽڪن جي خوشبو ۽ شڪتي گوبند مالهيءَ ڪي جمڻ شرط پئي. ڪي شخصيتون جمندي جام هونديون آهن. هر فن ۾ ماهر ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ناٽڪ نويس، مضمون نگار ۽ ڪالم نگار، مالهي چوويهه ڪن ڪهاڻيون ۽ ويهه ڪن ناول لکيا، پاڪن ۾ سنس ناول پيار جي پياس مقبوليت حاصل ڪئي، جنهن تي کيس ۱۹۷۳ع ۾ مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ طرفان اوارڊ عطا ڪيو ويو. هتي پارت ۾ اچي، ۲۱ ڊسمبر ۱۹۵۸ع تي ڪلاڪار منڊل جي شروعات ڪيائين. آتوبايوگرافي، 'ادب ۽ اديب'، جا پنج والبوم پنهنجي دور جي سماجي حالتن جا نقش چٽبندڙ ۽ اُن دور جو عڪاسي پيش ڪندڙ آهن.

سنڌيت جو شيدائي، ڏبرو جسم، بند گلي سان ڪارو ڪوٽ ۽ ڪارو چشمو پهريندڙ، چهري تي نمايان نظر ايندڙ ڏاڙهي، دبيل انوکو آواز پر برجستي عظم جو مالڪ. مالهيءَ جي باهرين شخصيت جي آثار تي نه، بلڪ اندرين ذات ڏئي، جنهن جي وجود ڪنهن ٽنيي

سھارو نہ ورتو. گوبند مالھي سنڌيت جي ھلچل، آوازي ڪلچر
ٻوليءَ جي تحريڪن جي آبياري جو ڏانءُ ۽ ڏات کي پنھنجي ھٿ
ن ڪري ورتو.

ڏھين فئبروري ۲۰۰۱، ھند سنڌ جي ادبي دنيا لاءِ ڏڏڪو
ساڻيندڙ ھئي، جا تاريخ ايندڙ نسلن کي ڪنھن ادبي تاريخ جي ياد
ڏيارئيندي رھندي. مالھيءَ جي وفات سان ھڪ يُگ جي پڄاڻي
تي، ناول نويسيءَ جي اھم دؤر جي باب جي. سنڌ جي باري ۾ مان
فتويٰ تہ نہ ڏيئي سگھنديس، پر ھند جي باري ۾ اھا دعويٰ ضرور
ڪندس تہ ناول نگاريءَ جي صنف ۾ مالھيءَ جي جاءِ نہ پرجي
سگھندي. گوبند مالھيءَ جي ھن فاني جھان کي الوداع ڪرڻ تي
سندس ھمعصرن جي اکين ۾ آلاڻ ۽ ماضيءَ جي دور جا يادگار،
دلڪش پيار پريا منظر بہ نظر آيا. گوبند مالھيءَ جي زندگيءَ سان
بي-وفائيءَ کي ڏوراپو نٿا ڏيئي سگھون، جو ھن پنھنجي عام
انساني زندگي گھارڻ وارا ورھيہ پنھنجي مرضيءَ موجب،
۽ منزل کي ماڻڻ لاءِ پورا پورا وصول ڪيا. موت اٽل آھي. موت
چائي آھي! ان سچائيءَ کي تسليم ڪرڻو پوندو. سچائيءَ کا
نھن موڙڻ ڪمزوري ٿيندي، جذبات جي وھڪري ۾ وھڻ ٿيند
جذبات ۾ اچي ڪري من بيقابو ٿي وڃي ٿو ۽ بيقابو من حقيق
ي پرکڻ ۽ سمجھڻ جي قوت وڃائي ٿو وھي. مان نہ چاھيندس
جذبات مون کي ڪمزور بڻائي. مان تاريخ جا ورق اندا ڏنڊ وراي
نہ! نہ!! نہ!!! مان من کي ائين ڪرڻ جي اجازت نہ ڏينديس. اد
دانشور ناول نگار، مارڪسواد ۽ صوفيواد کان متاثر، ترقي-
ڌارا سان جڙيل مالھي. ھڪ انسان پاڻ کي ڪيترن پاڻ
ورھايو! پر حيراني اِھا جو ھر حصو پورو، پنھنجو پاڻ ۾ م
ادبي گلشن جي آبياري ڪندڙ مالھيءَ تي، سمجھہ ۾ نٿو ا
سندس ڪنھن پھلو ۽ صنف تي قلم کڻان! ڇا مان نِياءُ ۽ ا
؟ ڇو جو تمام وسيع ڪينوس آھي، اٿاھ ساگ

ان اتاهہ ساگر منجهان مان پنهنجين يادُن جا ڪي موتي، ماضيءَ جي جهروڪي مان ڪي احساس، رد عمل ۽ حقيقتن جي پونجيءَ کي سهيڙي، قلم ذريعي لباس اوڍائي، تحرير جي روپ آڻڻ چاهيو.

گوبند مالهيءَ سان منهنجي پهرين ملاقات ڀڳونتي ناواڻيءَ معرفت ١٩٨٣ع ڌاري، آل-انڊيا ريڊيو جي پرڏيهي نشريات جي حوالي سان ٿي. مالهيءَ طرف ڏيان گهٽ، ڀڳونتيءَ طرف وڌ. راڳ جي راڻي، مڌر آواز جي خالق، ڀڳونتي ناواڻيءَ جي ڇٽري جي مرڪ پرائي پچار ڪان ڪوهان پري. مالهيءَ جو ذڪر نڪري ۽ ڀڳونتيءَ جو نانءُ نه اچي، يا ڀڳونتيءَ جو نالو اچي ۽ مالهيءَ جو ذڪر نه ٿئي، اِها ڳالهه ممڪن نه آهي. سنگيت ذريعي هند جي ڳوٺ-ڳوٺ کان ولائت تائين سنڌيت جو پيغام پهچائڻ جي سندن مسلسل جتن بابت، ٻنهي شخصيتن جا نالا لازمي طور شامل آهن.

ڀڳونتي ناواڻيءَ کي شاهہ جي ڪلام ۽ ڏوهيڙن کي رواني ۽ صحيح تلفظ سان ڳائڻ جو شرف، ان جو اڌ حصو نه ته ڪجهہ حصو مالهيءَ کي ملڻ گهرجي. مالهي نالو آهي رفتار ... وهڪري جو، روانيءَ جو، ڪٿي نه بيهڻ جو، جا ڳالهہ سندس ائڊوينچر مان بخوبي عيان ٿئي ٿي. سنڌي فلم ڪڍڻ زندگيءَ جي داءُ لڳائڻ مثل آهي ...! جيڪو ائڊوينچر ”سنڌوءَ جي ڪناري“ فلم ڪڍڻ جو روپ ۾ اسان جي اڳيان آهي. ١٩٦٨ع ۾ پنهنجي لکيل ۽ هدايتڪاريءَ هيٺ سنڌوءَ جي ڪناري پروڊيوس ڪئي، گوبند مالهيءَ جي مالي حالت کي سوڙهو ڪرڻ لاءِ ان فلم جو به هٿ رهيو. مون کي ياد آهي ته اُن عرصي دوران جن ان پريشانيءَ جو ذڪر ڪندي فلم جي اتڪبل رقم کي حاصل ڪرڻ لاءِ دوردرشن وارن سان سندس ملاقات ڪرائڻ جو بندوبست ڪرڻ جي جوابداري وڌي. مان ۽ مالهي صاحب ڳڏجي ڪري فلم سڪشن وارن کي نه صرف

اداڪاريءَ لاءِ زور ڀريو، پر اُن کي ڪجهه عرصي ڪانپوءِ پراڊيشڪ فلمي چنڪ ۾ هلائڻ لاءِ عرض ڪيو. فلم ''سنڌوءَ جي ڪناري'' ۾ ڀڳونتي ناواڻيءَ جو مکيه مرڪزي ڪردار ادا ڪيل آهي. مون کي ياد ٿو اچي پوني ۾ منعقد ٿيل اُهو سيمينار، جيڪو منهنجو ڀهريون هو، ان ۾ شاعر نارائڻ 'شيام' ۽ لڇمڻ ڪومل سان گڏ شرڪت ڪئي. جتي شري گوبند مالهيءَ ڀڳونتي ناواڻيءَ جي پيڻ سان تعارف ڪرايو، جنهن کي اتي سنگيت جي پروگرام ڏيڻ لاءِ چيو ويو هو. ڀڳونتي ناواڻيءَ جي غيرموجودگيءَ ۾ اهو سنگيت پروگرام بڏنديٰ مون محسوس ڪيو، سنگيت جي تحريڪ جو مالهيءَ سان سات ڀڳونتيءَ جي غيرموجودگيءَ ۾ وقت جي دز سان لتجڻ لڳو. ڀڳونتي ناواڻيءَ جي وڃڻ سان هڪ خال پيدا ٿيو. اها مالهيءَ جي هڪ دور کي الوداع ڪرڻ جي نشاني هئي. ان احساس کي مون ان وقت شدت سان محسوس ڪيو. خود مالهيءَ به دل هي دل ۾ محسوس ڪيو هوندو. جنهن مرڪ کي زنده رکڻ لاءِ اد: مرڪ جو سهارو ورتو. ادب جو ادب تہ مرڪ نيايو، پر سنگيت تحريڪ جي حوالي سان مهڪ جي خوشبو مالهيءَ جو من معطر نہ ڪري سگهي.

آديپور ڪڇ ۾ هڪ سيمينار ۾ ناٽڪ جي مقالن تي مالهي کي صدارت ڪرڻي هئي. مقالي پڙهندڙ ناٽڪ سان وابستہ ڪيترن ليکڪن اداڪارن جي پورهئي جو نہ صرف ذڪر نہ ڪيو، پر اليڪٽرانڪ ميڊيا طرفان ان صنف کي جيڪا هٿي ملي آهي ۽ جيڪا ڪنٽريبيوشن رهي آهي، اُن کي ئي ڳرڪائي ويو. جنهن تي مون صدر صاحب جي ان طرف توجه مرڪوز ڪرائيندي چيو، ''مالهي صاحب، خود اوهان جا ڪيترا لکيل ناٽڪ پرڏيهي نشريات هند ۽ سنڌ جي سامعين تائين پهچائي چڪي آهيان، جن کي ايا منچ تي به نہ آندو ويو آهي. اِن طرح گوورڌن ڀارتي، واسديو نرمل ۽ ٻين ڪيترن جا ناٽڪ آهن، اُنهن کي ڪيئن ٿا توهين نظر انداز

ڪري سگهيو، جلدئي ٿلڪي سان شاملراءِ تسندي مالهي صاحب پنهنجي
مدارتي ٿلڪير ۾ پيپر جي نامڪمل نقطن طرف ڌيان ڇڪائيندي
معلوماتي ۽ اثردار ڄاڻ پيش ڪئي. مالهيءَ جو ناٽڪن سان چاهه
۽ اوچ ڏيڻ واري جذبي جو انوکو آزمودو مون کي رهيو. ڇهويهن
(٢٢) ڊسمبر ١٩٨٥ع تي دهليءَ ۾ مارئي سنستا طرفان ماستر چندر
ميموريل ڪنسرٽ رکيو ويو، جنهن سلسلي ۾ مون کين مارئي سنستا
طرفان عرض ڪيو ته سنگيت آچاريه چندر جي زندگيءَ تي هڪ
ناٽڪ لکي ڏيو. هنن يڪدم ان تي عمل ڪري، چندر ۽ ضيا جي
زندگيءَ تي هڪ ناٽڪ ـــ ”سيڻ، نريا تن جا نيڻ“ ـــ لکيو، جنهن
کي ان وقت جي ثقافتي کاتي جي وزير وسنت ساٺي ۽ ڀارتيه
جنتا پارٽيءَ جي اڳواڻ، شري ٽي. ڪرشڻ آڏوائيءَ ساراهيو.

مکون مالهي ۽ ناٽڪ بنيادي ريت ڪلا آهي ۽ پيغام به
ڪلاتمڪ نموني ڏيڻ گهرجي. سنڌي ٽائيمس جي ١٦ مارچ ١٩٩٠
واري پرچي ۾ ؛ ڪلا ۽ شخصيت. ڪالم ۾ فرمائي ٿو :- جنگل
ناٽڪ جيون جا پنجاهه سال پورا ڪيا آهن. سنه ۾ ١٩٣٩ع ۾ آيو ۽
هارمونيڪا ڪلب ۾ ناٽڪ سان شروع ڪيو. سيٺ جي ناٽڪ اُٿئو هو
اڻ گهاڻو. ناٽڪ ۽ فلم جڳت جي مقبول اداڪار اي.ڪي. جنگل
[illegible] ناٽڪ پوري
[illegible] هيو جهڙس ته
[illegible] سو به هن
[illegible] آهي. [illegible] آهي“

[illegible] ”ناٽڪ بنيادي
[illegible] آهي ۽ [illegible] گهرجي.“ مون
[illegible] وچ
[illegible] ناٽڪ ڏسڻ
[illegible] ناٽڪ چٽا
[illegible]

بار جا نہ ٿا اچن تہ ارمان ٿو ٿئي. سنڌي ناٽڪ جي ترقيءَ تي
اس ٿو اچي.

بہ سال اڳ جئپور ناٽڪ چٽاڀيٽيءَ ۾ ذري گهٽ سيني
ٽڪن جو معيار اُميدن کان گهٽ هو. مون ان طرح جي چٽاڀيٽيءَ
ي وقت ۽ پئسو وڃائڻ بيسود پئي سمجهيو؛ چئجي ڪٽي مون
اٽڪ چٽاڀيٽيءَ کي من ئي من آخرين آزمائش سمجهيو هو.

- باقي هنگل جو آخري سنديش : سنڌيت بہ ناٽڪ معرفت
بچائڻي آهي تہ مهرباني ڪري ڪلاتمڪ نموني بچايو، ڪلا ۽
پرچار جي وچ ۾ فرق سڃاڻو!

ناٽڪ نہ صرف مالهيءَ جي پيدائش هو، پر خون ۾ سمايل
هوس جيڪو سنڌس نياڻي پشپا مالهيءَ جي روپ ۾ منچ تي
اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاري ان کي اَمرتا بخشي رهيو هو. وڏاتا
کي ڪجهہ ٻيو منظور هو، جنهن وقت کان اڳ ئي ان وابستگيءَ کي
هن کان ڦري ورتو.

سنڌين جي سياست ۾ شرڪت جي باري ۾ سنڌي ٽائيمس
جي ١٢ فبروري ١٩٩٠ع واري ڪالم سنڌي ۽ راڄ نيتي عنوان تحت
چون ٿا : سنڌي حقن جي باري ۾ يڪراءِ نہ آهن، آئين ۾ درستي
ڪري سنڌين کي پارليامينٽ ۾ آندو وڃي. سنڌين لاءِ جڳهيون
محفوظ رکيون وڃن.

هر انسان ۾ ڪي ڪمزوريون بہ رهن ٿيون. مالهي انهن کان
آجو نہ هئو. شاعر نارائڻ شيام موجب —

هجي جا کاڻِ خوبين جي، ۽ عيبن کان بنهہ آجي
نہ پنهنجي شاعري اهڙي، نہ پنهنجي زندگي اهڙي

جنهن ڳالهہ تي سنڌس نياڻي پشپا، هڪ وار بيحد نارا
تي، جو مالهي هڪ سنستا جي ويچاردارا سان اتفاق نہ پئي رک
سيني سان يڪراءِ هئڻ جي باوجود، پنهنجي ويچارن کان ڪ
ڪمزوري چئجي يا نرم-دلي، يا مادريہ

ان طرح اڳر ڪو ڪنهن ڳالهه جو حقدار نه هجي پر مالڪيءَ وٽ ڪجهي به بول مٿا چئي، پنهنجو مقصد ماڻي به وٺندو هو. ان طرح جي ڪيترن واقعن ۾ شخصن جي مون کي ڄاڻ آهي؛ هتي ان کان ڪنارو ڪنديس. ساڳئي وقت ڪنهن سچائيءَ کي تسليم ڪرڻ، مالڪيءَ جي اوچي قد ۽ فراخ دليءَ جي نشان ڏيهي ڪري ٿي. مالڪيءَ جي شخصيت تي هڪ ڪتاب ڪنهن اديب وٽان پڙهيو، جنهن ۾ ڪي غلطيون هيون- ڪي سنه غلط هئا، وڏي ڳالهه ته [illegible] شخصيت بيان ڪندي مالڪيءَ جي ڇٽري تي ڪوهن کان [illegible] نظر اينڊڙ ڏاڙهيءَ جو ذڪر ئي لاپتا هو، جنهن سلسلي ۾ [illegible] خط لکيو ته اوهان جهڙي شخصيت جي نظر مان اهي [illegible] رهجي ويون؟ ان طرح پنهنجي سنڌ جي سفرنامي [illegible] ڪي ڳالهيون وقت گذرڻ تي مڪمل نه هيون، [illegible] جي جيپور واري سميلن ۾ ڏيانءُ چڪايو ته [illegible] پنهنجي پتا سان ملڻ وئي هئس، دعوت [illegible] ترست ناهي، ڪوبه سرڪاري ملازم NOC بنا [illegible] ملڪ ۾ نه وڃي سگهي. مان ۱۹۹۸ ۾ [illegible] صاف ڄاڻايل آهي ته ''هن کي سچل [illegible] پاڪستان وڃڻ جي اجازت ڏني ٿي [illegible] آهي، مان سندن حياتيءَ- دوران [illegible] کي تسليم ڪيو. نه صرف [illegible] پنهنجي شخصيت تي نڪتل [illegible] خط لکيو، جنهن کي هتي [illegible]

[illegible] مهرباني.

مون اُن کان اڳ تنهنجي اڳئين خط جو جواب موڪليو هو.
اِن وچ ۾ پهتو هوندءِ.
تنهنجي تازي خط جي جواب ۾ مونکي اِهو ئي چوڻو آهي
ته ...... (هتي اهو نالو نٿي ڏيڻ چاهيان) اِهو ڪتاب منهنجي
چوڻ تي نه لکيو آهي. سچ اِهو آهي ته مون اڄ توڻي اڃان
تائين پڙهيو ڪونه آهي. مان اڪثر پنهنجي باري ۾ پڙهڻ
کان ڪترائيندو آهيان. ها، ساهتيه بابت نڪته چيني ۾
حقيقتن بابت غلطين تي ڌيان ضرور ڏيندو آهيان. صرف
حقيقتن جي جانچ پڙتال لاءِ اِهو ڪتاب پڙهندس ۽ منهنجي
ناولن تي ويچارڳي تنقيد تي غور ڪندس. حقيقتن جون
غلطيون ليکڪ جي ڌيان تي آڻيندس، ۽ ڪتاب جو ٻيون
ڇاپو نه به نڪتو (۽ نڪرندو به ڪونه) ته به اهي درستيون
ڪرڻ لاءِ چوندس. تنهنجي خط بعد، غلطين جون درستيون
پنهنجي سنڌي ٽائيمس جي ڪالم ۾ درست ڪندس. ممڪن
آهي، اِن ۾ ٿورو وقت لڳي. مون اڪادميءَ جي 'ورهاڱي' ۾
تنهنجي يادگار ملاقات پڙهي، مون کي وڻي.

سک سنيه مان،

مالهي

نهن ٻن لفظن مون تي جيڪو تاثر ڇڏيو، اُن جو بيان ڪرڻ مشڪل
آهي.

مالهيءَ جي سڀ کان وڏي خوشقسمتي، ڪاميابي ۽ حاصلا
منهنجي نظر ۾ سنڌ جو دورو رهيو، جيڪو هر ڪنهن کي نصيب
نٿو ٿي سگهي. پنهنجن جهونن ساٿين سان ملاقات، درگاهن
زيارت، علمي-ادبي بئٺڪن ۾ شرڪت، پنهنجي ڳوٺ جو در
اِهي موقعا سچل ڪانگريس دوران ڪيس نصيب ٿيا. سندس چ
۾ اڪين جي چمڪ جي مان چشمديده گواهه رهيس. ۱۹۸۹ع ۾
ڪراچيءَ پهتس، ته مالهي صاحب اڳ ئي پهتل هئو.
سينئي پارٽي ليکڪن جو پئرل ڪانٽيننٽل ۾ رهڻ جو بند

هو جتان ڪانفرنس پوري تيڻ کان پوءِ، سنڌي ادبي سنگت، پريس ۽ سنڌ جي ٻين علائقن ۾ پروگرامن ۾ شرڪت رکيل هئي.

شاهه-سچل-سامي، اسان جي ڳانڍاپي جا مرڪز آهن ۽ سنڌين جي ٻوليءَ کي زنده رکيو آهي. هيءُ ويچار مالهي صاحب ڄاڻايو. پاڪستان، عبرت ۽ ٻين نمائندن سان ڳالهائيندي چيائين. نئين پيڙهيءَ جي ادب ۾ دلچسپيءَ جي باري ۾ چيائون ته هندستان ۾ ادب جا سوحوان لبڪ نه آهن. سنڌ جي باري ۾ اسان هندو تي نه سوچيو آهي، پر اسان ته 'سنڌ جا سنڌي' ۽ 'هند جا سنڌي' سوچيو آهي. ادب تي ويچار ڪندي هن چيو: ادب ونڊُر نه، پر زندگيءَ جي ترجماني ڪرڻ ۽ زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ آهي... شاهه-سچل-سامي، اسان جي ڳانڍاپي جا مرڪز آهن ۽ جن سنڌين جي ٻوليءَ کي زنده رکيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌالاجيءَ ۾ هند ۽ سنڌ جي اديبن جي بحث جي رڪارڊنگ ڪانپوءِ، حيدرآباد ۾ سنڌي اُدبي سنگت طرفان، مرڪزي اُردو بورڊ جي هال ۾، گڏجاڻي رکي ويئي هئي. مهمان اديبن جو تعارف ڪرائيندي چيو ويو: هي اُسان جا اُهي سنڌي ليکڪ آهن، جيڪي تاريخ جي وڏي المئي ۾ اسان کان وڇڙي ويا هئا، اڄ اُهي ويزا سان هتي آيا آهن. اِهو ڪيترو نه وڏو درد آهي، جيڪو اسين محسوس ڪري رهيا آهيون. ادبي سنگت جماعت، تحريڪ نه آهي؛ ۽ مشن آهي، جنهن ادب ۽ ٻوليءَ ۾ ٻاڻ موڪيو آهي. ادبي سنگت، جيڪا ڪراچيءَ تائين محدود هئي، اِها پوريءَ سنڌ ۾ پکڙيل آهي.

سنڌي ادبي سنگت جي پهرئين جنرل سيڪريٽري ۽ سنڌ ۾ ترقي-پسند ادب جو پايو وجهندڙ، گوبند مالهيءَ، پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا. سندس چهري تي خوشي ۽ فخر جا تاثر هئا، اکين ۾ ماضيءَ جي يادين جا آثار ساگر. هن سنڌي ادبي سنگت سان پنهنجي ڊگهي وابستگيءَ جو ذڪر ڪيو. دانشورن، ليکڪن، شاعرن

۾ ڪلاڪارن کي ڏسڻ ۽ ٻُڌڻ جو وڏو انتظار هو. اُن پروگرام ختم ٿيڻ کان ڪجهه دير اڳ، حيدرآباد ۾ ڪرفيوُ لڳي ويو. مالهيءَ جي خوش نصيبي هئي، جو جيڪو هُن ٻوٽو لڳايو هو، تنهن کي وڌي وڻ ٿي ڏسڻ جو سونهري موقعو مليو هئو. هڪ ملاقات ۾ سنڌي ادب تي ويچار ظاهر ڪندي چيائين : سنڌي ادب کي ٻن ملڪن ۾ سرجڻ سبب، جداجدا سمجهڻُ غلط آهي، ڇو ته ٻولي ورهائي نہ ويئي آهي.

مالهيءَ پنهنجي زندگيءَ جو سفر نئين صديءَ ۾ پورو ڪري، وڃي ٻيو جهان وسايو آهي. هڪ نئين سفر جي شروعات. سڄڻ سفر هليا....!

جي پنهنجو نوُر نِچوئي ويا،
۾ تنهنجي جوت جلائي ويا. (اياز)

ويهين صديءَ جي سنڌي ناول سمرات، قلم ذريعي جوت جلائي، هڪ يادگار ادبي تاريخ جو سرمايو پنيان ڇڏيو آهي. جيڪي سان ادبي سفر ۾ ساڻُ هئا، سي خوش قسمت آهن. جن هُن کي ٻُڌو ۽ ڏٺو، تِن ـ مان چونديس ـ ويهين صديءَ جي سنڌيت جي هلچل جي تاريخ جو هڪ حصو ڏٺو. پر جن هُن کي نہ ڏٺو نہ ٻڌو، سي گوبند مالهيءَ جي ادب کي پڙهي پرائي سگهن ٿا. جن اهي ورق نہ ورايا، سي ادبي تاريخ جاڻڻ کان وانجهجي ويا.



سؤ سِج اُپاري وينداسين

— رامر آمرلال پنجواڻي

گوبند مالهيءَ کي مان ڪاليج جي پهرئين سال کان وٺي سڃاڻان. سوڀي گيانچندائيءَ واقفيت ڪرائي هئي. اِن واقفيت وڏي دائما دوستيءَ جو روپ اختيار ڪيو هو، جو آخري دم تائين قائم رهيو.

آخر گوبند مالهيءَ به لاڏاڻو ڪيو! دم جي بيماريءَ ڪري سفر تي اُسهڻ جا سانباها ته ڪجهه عرصي کان هئس، پر آلائي ڇو ان گهڙي ڪارڻ جِت ترسي پيو. ڪا ته مڙوئي ڳالهه هئي جنهن جي اوسيئڙي ڪيس ترسايو هو. ورنه هت سندس هيو ئي ڪير، جو دونهين دُکائي ويهي رهي؟ نه هيس گهر واري، نه مال مڏي. سندس دوست پڳونتي ناواڻي به گذاري ويئي هئي. سندس ڌيءَ پشپا به رخصت وٺي ويئي. باقي گهر ۾ ڇڙڏاري فقط سنڌي ڪتاب ئي ڪتاب، ڪاري مس ۾ ڪاغذ! نيون ۽ پُراڻيون اخبارون ۽ رسالا. جهڙو هٿين خالي جنم ورتو هئائين، اهڙو ئي خالي هٿين هِتِ رهيو ۽ وري ساڳئين سڪٽن هٿن جو ثمر ڪٺي واپس وريو. مون کي نه سُجهي ته سندس مصيبت ۾ يا سندس ناليءَ ۾ ڪا زر يا زمين به هئي. هُو مختاور ۽ ڀاڳ وارو، سنڌي "زي" جي رنجشن جي پڪڙڪڙ کان آجو هو.

ڊي-جي-سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ جي پهرين ٽِئن سالن ۾
سنه ١٩٤١ کان ١٩٤٥ تائين – اسان جي دوستي پڪي پختي
ٿي ويئي. سچو وقت هن جي اَندر ۾ سنڌي ساهت جي تات
لڳي پيئي هوندي هئي. ڪتابن پنيان ڪتاب پڙهڻ، سنڌيءَ
۾ اصلي ڪهاڻيون لکڻ، ڊُڪ ڊوڙ ڪري اُهي ڇپائڻ. حشو
ڪيولراماڻي، سوڀو گيانچنداڻي، رام امرلعل پنجواڻي، شيخ
اياز، سگن آهوجا، ڪيرت ٻاٻاڻي، عبدالرزاق ۽ ٻيا ڪي دوست
پاڻ ۾ گڏجندا هئا. ڪتابن جون ۽ سنڌي ادب جون ۽ وطن جي
آزاديءَ جون ڳالهيون ڪندا هئا. ڪچهريون ٿينديون هيون.
گرم گرم بحث مباحثا ٿيندا هئا. ان جو نتيجو اِهو نڪتو جو
سنڌي ادب ۾ اصلي ڪهاڻين جو ڪتاب، 'ريگستاني ڦُول'،
گوبند مالهيءَ جي محنت سان شايع ٿيو. ڪتاب جي قيمت چار
آنا هئي. پنج سؤ ڪاپيون ڇپيون هيون. مون ميناراَم هاسٽل ۾
ڪاليج ۾ پنجاهه ڪاپيون وڪيون هيون. ڪتاب ۾ ترقي پسند
اديبن جون ڪهاڻيون آهن. پهرين ڪهاڻي ''جعفر بيلدار'' رام
امرلعل پنجواڻيءَ جي آهي.

اِنهيءَ دؤر کان ايڪويهين صديءَ جي شروعات تائين،
گوبند جون اکيون هڪ مقصد تي قائم رهيون – سنڌي ٻولي
ڪيئن زنده رهندي ۽ سنڌي ساهت ڪيئن اُسرندو.

گوبند مالهي اُنهن جهوُنن جوڳيئڙن مان هيو، جن ١٩٤١
کان ١٩٤٥ واري دؤر ۾، ترقي پسند تحريڪ جو پايو وڌو. حشو
ڪيولراماڻي، سوڀو گيانچنداڻي، گوبند پنجابي، سگن آهوجا،
رام امرلعل پنجواڻي، ارجن ميرچنداڻي 'شاد'، اُهڙا شخص
هيا، جن کي زمان ۽ مڪان مات ڪري نه سگهيا. ڪيترن ئي
دورن مان جيئرا جاڳندا، جهُرندا جياڳيندا، اُڪري پار پيا.
ترقي پسند ساهت جو ساٿ ڏيندا رهيا. هو سچ ۽ صداقت جو

گوبند مالهيءَ وقت ڪٿان ڪار سلسلو نه ڪئي. هن دنيا
ن مات نه کاڌي. مالهيءَ جو قلم ڪڏهن ڪمو نه ٿيو. هن
ب لکڻ ۾ تفاوت ڪئي. موجوده بي-انصافيءَ بي بنيل
اح کي بدلائڻ جي آرزو ڪئي. منجهس سنڌين ۾ سانگهڙن لاءِ
شمن ۾ مسرتن جي خواهش ۾ امنگ! انسان ذات لاءِ همدردي.
لاءِ دل ۾ دک جو درشت لڳائڻ، اُن جي ڀلائيءَ بهتريءَ ۾
ٽکاري لاءِ سوچڻ ۾ اُدم ڪرڻ — اهي گوبند مالهيءَ جون
ايان خوبيون هيون. هو لاٽ مان لاٽ ٻاري ويو. سنڌي ادب ۾
ين سج اُڀاري ويو. زندگيءَ جي خوشبن، سرهاين ۾ سکن جو
ڊان ڏئي سنڌي ساهت جي آسمان کي ستارن سان سينگاري
ي.



علحدي شخصيت وارو صاحب
گوبند مالهي

_ گوپال نڪر

گوبند مالهي ناول نويسيءَ جي آفتاب جو باشعور هڪ
آهڙو زوردار حصو هئو، جنهن جي مشاهبت سنڌي ادب ۾ ملڻ
عبث آهي.

مان، ڪيرت باباڻي، گوبند مالهي ۽ واسديو نرمل، سنڌي
ساهت سميلن تان جيپور کان واپس بمبئيءَ وري رهيا هئاسين.
گاڏيءَ ۾، فرصتي لمحن جو فائدو وٺي، گوبند مالهيءَ کان
پڇيم: ''مالهي صاحب! ڪهاڻيءَ کان ڪناري ڪشي ڪري
ڇڏي اٿو - اِن جو ڪارڻ؟'' منهنجي هٿ کي سهلائيندي
جواب ڏنائين: ''ڪارڻ گهڻيئي آهن، گوپال! ائين ته گهڻي
وقت کان ناول به نه ڏيئي سگهيو آهيان. ها، لکڻ اسان جي
زندگي آهي. ننڍا ننڍا وهنواري مضمون - ادب سان، سماج سان
۽ راڄنيتيءَ سان - لکي وندو آهيان.'' (سنڌي ٽائيمس هفتيوار
وغيره لاءِ).

مون وري ڪانئس پڇيو: ''ان ۾ اوهانکي سٽسفئڪ
ملي ويندو آهي؟'' ته مختصر ۾ جوابائين: ''نه.'' ان کا
... ڪي ٻاوَ - هئا. سنڌ جيسمي پسان ...

پوڻجي رهيون هيون. ٽرين جي لوڏن اُن ۾ ساٿ پي ڏنو.

اسٽيج تي، هڏهن نہ سندس ڪنڌن نہ حميداريءَ وارو ناٽڪ پيش ٿيندو هئو، نہ هوُ صاحب ناٽڪ جي شروعات کان اڳُ، مائيڪ تي اچي، ان جي وضاحت ۾ هڪ سهڻي ۽ پُر اثر ڀُومِڪا ٻڌندو هئو ۽ ان کان پوءِ مائيڪ ڇڏي، اسٽيج جي ڏائي ڪُنڊ ۾، گوڏا ڀُنيان موڙي، ناٽڪ جي اَنت تائين ويلو هوندو هئو.

گوبند مالهيءَ جي وجودگي هڪ واحد شخصيت هئي، جا اسان جي دلين ۾ دائما مؤجود رهندي. مالهي صاحب پنهنجي ڏيءَ پشپا جي جُدائيءَ جي درد کان اڃان مٿي اُڀريو ئي ڪين هئو، جو هوُ پاڻ آسان کان جدائي ڪري هليو ويو!



گوبند مالهي : هڪ ياد

— موهن واسواڻي

پراڻي دهليءَ ۾ جيئن ته ڪافي اهڙي سنستا ڪونه هئي، جيڪا ادب ۽ سنسڪرتيءَ جي باري ۾ ڪم ڪري — اهي سيئي ڳالهيون ويچار هيٺ آڻي اتان جي سنڌي رهواسين سان لڏ وَ چڙهه ۾ آيس. پهريائين جيڪو شخص منهنجي سمپرڪ ۾ آيو اُهو هئو شري چيتن ميرچنداڻي ۽ شري ڀڳوان منگلاڻي. مون ڏٺو ته ان پاسي شري سترام ڪلياڻي پڻ سر گرم هئو پر هنجو يوگ دان صرف سنڌي سڪول تائين محدود هئو. هو هڪ سٺو شاعر پڻ هئو پر اتي اسرڻ لاءِ ڪا به حالت ڪونه هئي. هڪ ٻيو شخص پڻ منهنجي سمپرڪ ۾ آيو. اهو هو سيٺ گوبندرام (ڪيلن وارو) اِهي سيئي جڏهن منهنجي سمپرڪ ۾ آيا ته ان علائقي ۾ مون ڏٺو ته ڪجهه منڊيءَ وارا سنڌي جن ۾ گهڻو تڻو ڦل وڪڻڻ وارا هئا، اُهي منڊيءَ جي مارڪيٽ ۾ هڪ هنڌ جوٽ ٻاريندا هئا ۽ لال سائينءَ جا پنجڙا پڻ ڳائيندا هئا ۽ لال سائينءَ جي آرتي پڻ ڪندا هئا. ڪجهه پراڻا سنڌي جيڪي لال جو چاليهو پڻ رکندا هئا روز رات جو ڏونڪن سان راند ڪندا هئا ۽ موج مچائيندا هئا.

منجهنجي دماغ ۾ ويچار اُٿيا ته هو ڪونه اهي ڳالهيون عام ٿي سامهون ڪيون جيئن انهن کي خاطري ملي ته اسانجي قوم به هڪ سسڪرتيءَ واري قوم آهي ۽ اسانکي هڪ الڳ پهچاڻ آهي. اها ڳالهه پهريائين مون شري چمن مرچنداڻيءَ سان ڪئي. شري چيتن داس به ترت ئي اها ڳالهه ڪجهه ساٿين کي سڏائي ڪئي.

پهريائين سيٺ گوبند رام، شري سترام ڪلياڻي (جيڪو سينٽرل بئنڪ ۾ ڪم ڪندو هئو) وغيره سان ملي بهراڻو سرگس جي روپ ۾ ڪڍيو ۽ منڊي جي سڙڪ تائين شرنائي وڄائيندو ڍونڪا هڻندا، پنجڙا ڳائيندا آياسين ۽ انان اُهو بهراڻو جيڪو مٽي تي ڪٽي ڪري جمنا ۾ پرواهه ڪيوسين — انڪانپوءِ ته هر سال بهراڻو نڪرندو رهيو ۽ اڄ هڪ وڏي سرگس جي روپ ۾ بهراڻو نڪرندو آهي ۽ ان ۾ ڪيتريون ئي جهانڪيون هونديون آهن.

ان بهراڻي نڪرڻ ڪري مون ڏٺو ته اتان جي سنڌي رهواسين ۾ وشواس جو سلو نڪتو ۽ مڪاني ماڻهون به ان ۾ شامل ٿيڻ لڳا. هن جو نالو هاڻي وڃي رکيو ويو آهي جهولي لال منڊر.

شروع ۾ مونکي سڏائيندا رهيا پر مان، چاڪاڻ ته مالويه نگر ۾ رهندو هئس انڪري ڪجهه مان به نٿائڻ لڳس ۽ ڪجهه هو به مونکي گهرائي وڃڻ صلاح ولڻ ۾ ڪيپائڻ لڳا. ان ريتا هڪ سنستا جو پراڻي دهليءَ ۾ پايو پيو پر مان اتان پري ٿي ويس.

انڪانپوءِ وري هڪ بي سنستا صدر بازار ۾ ناهي چاڪاڻ ته مان ڌڏهن مئٽرڪ جو امتحان ڏنو ته امد ئي ڪونه هئي ته مان پاس ٿنندس انڪري منجهنجي پاءُ مونکي صدر ۾ هڪ صابڻ جي ڪم واري دڪاندار وٽ نوڪري وٺي ڏني جنهن جو نالو هئو سيٺ سندرداس ۽ بيو هئو انجو پاءُ. مان انهن وٽ ڪم ڪندو

هئس ۽ انهن جي ڪري منهنجي سمپرڪ ۾ صدر جا ڪيترائي سنڌي ننڍي وڏي ڪم ڪرڻ وارا ۽ وڏي ڪم ڪرڻ وارا آيا جنهن جي ڪري منهنجو واقفيت جو دائرو وڌيو ۽ ان دائري ۾ منهنجي سمپرڪ ۾ سيٺ يوڄراج چمنائي، شري لڪنپال ڪوڏوائي (ديپڪ پٽ شيوا رام، سيٺ سندرداس مٽ وارو (جو بابا نيپراج جو پيڪت هئو). سيٺ شيوارام ۽ ٻيا پڻ منهنجي ويجهو آيا. هڪ ڏينهن شري ڪوڏوائي سان چانهه ويني پيتي تہ هن سان مون هڪ سنستا کولڻ جي باري ۾ ڳالهہ ڪئي. هن کي ڳالهہ وڻي ۽ اسان جلد ئي صدر ۾ هڪ نئي سنستا ناهي جنهن جو نالو ”سنڌو سڀا“ رکيوسين. اها سڀا چيٽي چنڊ جي موقعي تي بهرائو ناهيندي هئي ۽ چيچ ۽ ڏونڪن سان راند ڪري بهرائي کي جمنا نديءَ ۾ پروان ڪندي هئي.

هن سنستا ۾ پڻ مونکي چڏي باقي سڀئي مڪاني سنڌي هئا. چاڪاڻ تہ مان مئٽرڪ ۾ پاس ٿي ويو هئس جنهن ڪري مان مالويہ نگر ۾ اچي وڌيڪ پڙهائي ڪرڻ خاطر رهيس ۽ انريت هن سنستا کان بہ پري ٿي ويو هئس.

رکي رکي وري منهنجي من ۾ ويچار اٿندو هئو تہ هيءَ ٻئي سنستائون گهٽ آهن ڪجهہ وڌيڪ ڪجي، انڪري مان اجا اٺين وڌيس ۽ هڪ ٽين سنستا جوانن جي پڻ تيار ڪئي جنهن جو نالو رکيوسين ”سنڌي نوجوان سڀا“ جنهن جو مان صرف صلاحڪار طور رهيس. باقي اتان جا مڪاني رهواسي ڪياسين جنهن جو پريزيڊنٽ هئو شري سريچند ڪشنائي ۽ سيڪريٽري ٽيو روپلال آهوجا ۽ بازاهندو راڄ جا سنڌي ان جا ميمبر ۽ ڪارڪن ٿيا جن مان مکيہ هئا سرو شري پرهلاد ڪندناڻي، جسي مائيجا، ڪرڏاري ۽ ٻيا دولت ڪيسواڻي، شام روحڙا ۽ ٻيا موهن بلواڻي ۽ ٻيا. اتي مان سنڌي ڪلاس پڻ هلائيندو هئس جنهن ۾ ڪيترن سنڌي رهواسين سنڌي سکي. ان علائقي ۾ حالانڪ بہ

سنڌي اسڪول هئا، پر سنڌي لپيءَ اچڻ جي ڪري نارن شو چاهه
جندي بولي سکڻ ۾ وڌڻ لڳو ۽ بک ڪونه متي سگھندي هئي.
سنڌي ڪلاسن ڪان پوءِ مون کي سنڌيءَ ۾ مثالو ملڻ لڳو ۽ هنن
جو چاهه مليو هئو. هن علائقي ۾ شري سترام ڪلباڻي پڻ سر
گرم هئو. انريت سنڌي رهواسين کي سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ
خاطر مان سرگرم رهيس.

اتانجي سنڌي رهواسين هڪ وڏو فنڪشن ڪرڻ چاهيو.
مونکي هنن سنڌ جي ڪوئل ڀڳونتي ناواڻيءَ کي ٻڌڻ جي اچا
ڏيکاري. منهنجو سمپرڪ نه اڳيئي ئي هئو. مونکي ڄاڻ هئي
منهنجا هيءُ ساٿي پئسو خرچ ڪونه ڪرڻ چاهين ٿا. پر ڀڳونتيءَ
کي ٻڌڻ جي چاهه اٿن، مون شري ڪيرت ٻاباڻيءَ کي خط لکي
موڪليو اُنہيءَ مون سڄي ڪهاڻي لکي. ٻاباڻي صاحب يڪدم 'ها'
ڪئي ۽ انريت ڀڳونتيءَ جو پروگرام جيڪو اڳيئي سبزي منڊي ۾
رکيو ويندو هئو اهو هاڻي آزاد مارڪيٽ جي پارڪ ۾ رکيو ويو.

هن پروگرام ۾ شري گوبند مالهي جنهن کي ساهت
اڪادميءَ پاران انعام پڻ مليو هئو ان جي آجيان پڻ ڪئي
وئي. هن موقعي تي شري ڪيرت ٻاباڻيءَ کي وقت جو سپاپتي
ڪيو ويو. هن موقعي تي شري ٻاباڻيءَ اهڙي نه تقرير ڪئي جو
هاڻي پراڻي منڊيءَ وارن کي به ٻاباڻي صاحب کي ٻڌڻ جو
چاهه وڌيو. هن سڄي پروگرام جو سنچالن هيمراج ناگواڻيءَ
ڪيو. ڀڳونتي ناواڻي ۽ انجا ساٿي آيا پر شري ڪيرت ٻاباڻي
پڻ آيا ان ۾ ۾ ميلو مچايائون. سڄي دهليءَ ۾ واهه واهه ٿي
وئي. ان کان پوءِ مالهي صاحب منهنجي اينترو نه ويٺو آيا جو
جو مونکي ڏاڍو پيائڻ لڳا ۽ مونسان هنن جو پيار هڪ پتا ۽ پٽ
وارو ٿي ويو. جي صاحب جڏهن نه دهليءَ ايندا هئا نه مونکي
ٽيليفون ڪري ضرور سڏائيندا هئا ۽ دهليءَ جي سرگرمين باري
۾ اتهاس. ونندا هئا. ڀڳونتي نه هاڻي مونسان ٻاءُ جهڙو ورتاءُ

ڪندي هئي. اسانجي ڪيترن ئي سنڌي مسئلن تي خيالن جي
ڏيوڻ ڏيندي هئي. ڪيترن معوقعن تي مونسان گڏ شري جيون
گرسهاڻي ۽ شري هيمراج ناگواڻي به هوندا هئا.

جڏهن شري مالهي صاحب اکل-ڀارت سنڌي ٻولي ۽
ساهت سڀا جا پريزيڊنٽ ٿيا ۽ مان سيڪريٽري هئس. (مان هن
سڀا جو ويهه سال سيڪريٽري ۽ مئنيجنگ ڪاميٽي ميمبر رهيو
آهيان. انڪانسواءِ هن سنستا جي برپا ٿيڻ وقت (١٩٥٦ ۾) پڻ
هن ۾ شامل هئس. پر ١٩٥٧ ۾ جڏهن هن جون چونڊون ٿيون
مان ميڙ ۾ ڪونه وڃي سگهيو هئس، انڪري بازي ٻيا ماري ويا) پر
اسانجو پهريون پريزيڊنٽ شري جئرام داس دولترام ٿيو ان سان
له وچڙه سني نموني چالو ٿي ويئي. انڪانسواءِ سنڌي سماج
(١٩٥٦) پڻ برپا ڪئي وئي جنهن جو پهريون پريزيڊنٽ هئا
ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي.

هڪ ڀيري مان ۽ شري گوبند مالهي صاحب دهليءَ کان
اجمير Tour تي وڃي رهيا هئاسين ته هن سان سنستا جي باري
۾ ٻيون ڪيتريون ڳالهيون نڪتيون ته هن صاحب چيو ته
”موهن تون اڃا ماڻهن کي سڃاڻڻ ۾ ڀڙ ڪونه ٿيو آهين. سيئي
تو مان فائدو وڏيڪ وٺن ٿا پر توکي ڏيڻ ڪجهه به ڪونه چاهن
ٿا ۽ تون ڀورڙو تي دشمنن جو ڪم ڪرين ٿو. ڪنهن ڏينهن
اهي توکي مارائيندا ۽ تون ڏسندو رهجي ويندين. هي سيئي
ناخلف آهن. هيءُ پنهنجي خاطر ماءُ کي ڪونه ڇڏيندا. هٿن
ملڻ جو موقعو به توکي ڪونه ملندو. هو سيئي توکي ڏاڪو
ناهيندا ۽ تون هڪ پيڙهه جو پٿر ٿي ويندين ۽ آهستي آهستي
هو سيئي مٿي چڙهي ويندا ۽ تون اني جواتي هوندين!“ مون
هنن کي چيو پيڙهه جو پٿر جي مان ٿيندس ته مان پاڻ کي
خوش نصيب سمجهندس ڇاڪاڻ ته سنڌي جاتيءَ جي جيڪ
هاڃي ٿي رهي آهي ان ۾ جي مون مان ڪنهن کي فائدو ٿئي ٿ

تہ مونکي ڪوبہ فرق نٿو پوي. سنڌي ٻولي زنده رکڻ خاطر مان پنهنجي چمڙي بہ لهرائڻ ۾ ڪونہ ڪيٻائيندس.

مالهي صاحب چيو، ''ان مان توکي ڪوبہ فائدو رسڻ وارو ڪونہ آهي ڇاڪاڻ تہ تنهنجا ساٿي توتي لعنت هڻندا رهندا حالانک لعنت جا ڪم پاڻ ڪندا. توکي اُپرڻ ڪونہ ڏيندا. وقت اچڻ تي تنهنجي خلاف ڳالهائيندا، توکي بدنام ڪندا رهندا.''

مون کلي ڪري وراڻيو : 'سائين انهي نہ ڪو نقصان ڪونہ آهي. منهنجا ساٿي چڙهيا تہ سمجهو مان چڙهيس، ڇاڪاڻ تہ هو مونکي ڪٿي تہ مڃيندا، ڪٿي تہ Tribute ڏيندا! ۽ مالهي صاحب مونسان شامل ڪونہ ٿيو. هن وراڻيو نہ تنهنجا ۽ شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جا ساٿي آهن، هو توهان کي مارائي تہ سگهندا پر Tribute ڪڏهن بہ ڪونہ ڏيندا. انهن مان ڪجهہ ساٿين جا نالا مثال طور ٻڌايائين.

مان اڄ بہ مالهي صاحب جي ان چوڻيءَ ۾ سچ ڏسي رهيو آهيان. مان پاڻ ڪونہ مئو آهيان ۽ نہ ئي دشمنن مارايو آهي. مارايو آهي منهنجن ساٿين جيڪي اڄ منهنجي مٿان چڙهي موجون ڪري رهيا آهن ۽ مونکي ريڻڻ خاطر منهنجي خلاف ڳالهائيندا آهن ۽ منهنجي هن سڪبہ حالت تي کلي رهيا آهن.

پر مان اڄ بہ خوش آهيان ڇاڪاڻ تہ مان پيڙه جو پٿر آهيان ۽ هو سيبئي منهنجي ڪري اڄ جي حالت ۾ آهن. منهنجي مٿان رکيل پٿر تي رنگ روغن ٿئي ٿو. هو روز مرن ٿا ۽ نوان ٿين ٿا، پر مان اڇل آهيان، مون ۾ ڪابہ تبديل اچا ڪونہ آئي آهي. وڏي زلزلي ۾ بہ مان اڏول آهيان جڏهن ڪي ئي هميشه پنهنجي پاڇي کان بہ ڀڄندا رهن ٿا ۽ ٿورڙي ڏاڍڻ تي آپگهات ڪرڻ لاءِ پڻ سوچن ٿا.

◘◘

گوبند مالهيءَ ۽ تنظيم

— ڪشور ڀوڄا 'جيون'

گوبند ماليءَ سان منهنجي پهرين ملاقات، ڪراچيءَ ۾، ماهه مئي ۱۹۴۷ ۾ ٿي هئي. اُنوقت مان جيڪب آباد ۾ پرائيمري سنڌي قوَمي اِسڪوُل جو هيڊ ماستر هوس. وئڪيشن ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ سان ملڻ لاءِ ڪراچي آيو هوس. جيڪب آباد کان اُسهڻ کان اڳ ڪامريڊ ڪنل ڳابا مِن ساٿين سان ملاقات ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي سي ها : گوبند مالهي، گوبند پنجابي، موهن سيناڻي ۽ ليڇمڻ راجپال. اُن وقت گوبند مالهي ڪامريڊ بخاريءَ جي ڪميونِسٽ آفيس ۾ ڪم ڪندو هو. چند منٽن جي ملاقات ۾ ئي مون محسوس ڪيو ته مالهيءَ ۾ تنظيمي گُڻ ڪافي اُيريل هو. گوبند مالهيءَ کان اڳ جيڪب آباد ۾ ئي ڪامريڊ ڪنل ڳابا جي آفيس ۾ ڪيرت باباڻي ۽ شيخ اَياز سان ملاقات ٿي هئي ۽ سندن کان اڳ سڀني آهوجا دوست بڻجي ويو هو.

ڪراچيءَ ۾ ٻين ساٿين سان به ملاقات ٿي ليڪن گوبند مالهيءَ سان لهه-وچڙ جو موقعو نه مليو ۽ پارٽ جي ورهاڱي سيني ڪي هڪ ٻئي کان وڇوڙي ڇڏيو. صرف سڀني آهوجا ئي هو، جو سفر ۾ مون سان ساڻ هو ۽ اَسين پهريائين اُديپور شهر ۾ اچي پهتا هئاسين.

مونکي اُمند ئي ڪونہ هئي تہ اِنهن ساٿين سان ڪا ملاقات ٿي سگهندي. پر قدرت سان اُن وقت منهنجو مقام بمبئيءَ ۾ ٿيو ۽ نوڪري بہ ملي. ۽ سڀڻ آهوجا معرفت ئي بمبئيءَ جي ڏوبي تلاءَ ايراضيءَ ۾ ڪوليل سنڌي ساهت منڊل جي زير سايي هلندڙ اَدبي ڪلاس ۾ وڃڻ جو موقعو مليو، ۽ ڪمنرن ليکڪن ليکڪائن سان ملاقات ٿي. جاڻ پيم تہ اَدبي ڪلاس جي باقاعدي هلڻ ۽ منڊل جي پايي وجهڻ ۽ ليکڪن کي گڏ ڪرڻ ۾ پڻ گوبند مالهيءَ جو اَڳرو هٿ هو. اِن اَدبي ڪلاس ۾ ئي مون ڪهاڻي نويسيءَ ۾ پير رکيو ۽ مقبوليت ملي.

بعد ۾ ادبي ڪلاس جيئہ هند ڪاليج هاسٽل، پيڊر روڊ تي بدلي ڪيو ويو، جنهنجو چيئرمين سرگواسي منگهارام ملڪاڻي ۽ سيڪريٽري گوبند مالهي هو. جڏهن ٻئي سال سالياني چونڊون ٿيون تہ مالهي يڪراءِ سيڪريٽري چونڊيو ويو ۽ مونکي جائنٽ سيڪريٽري. مالهيءَ ۾ تنظيمي گڻ تہ هو ئي پر آلوچڪ بہ تمام سٺو هو. اُن وقت هو ڪهاڻيون لکندو هو.

سال ١٩٥١ ۾ جڏهن سنڌي ساهت منڊل جون ساليانيون چونڊيو ٿيون، تڏهن بہ گوبند مالهيءَ کي يڪراءِ سيڪريٽري چونڊيو ويو. جائنٽ سيڪريٽريءَ لاءِ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ۽ اُتم مهنجو نالو ڏنو، پر اوچتو ئي گوبند مالهيءَ پنهنجو اُميدوار ڪرشن هيمراجاڻي کڙو ڪيو. مونکي گهڻو عجب لڳو، جو گذريل سال مون ڪافي سٺو ڪم ڪيو هو ۽ مون کي فڪراءِ چونڊجڻ جي اُميد هئي. پر اُن ئي گوبند مالهيءَ پاڻي ڦيري ڇڏيو. مون پنهنجو نالو واپس وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سڀڻ آهوجا زور ڀريو تہ نالو واپس نہ وٺان، جو ٽيموڙي، يعني گوبند مالهي-ڪيرت-اُتم وچ ۾ شالن جا فرق ٿي پيا آهن ۽ گوبند مالهي ڪين سچو نوائڻ تو چاهي.

گهٽو سمجهائڻ تي بہ مالهي، ڏنل نالو واپس ڪونہ ورتو تہ ووٽنگ ٿي، جنهن ۾ چيئرمن جي ووٽ منهنجي عزت بچائي ورتي تہ سهين، پر منهنجو من ڪتو ٿي پيو. اُهو سال نيائي مون منڊل ۾ وڃڻ ئي بند ڪري ڇڏيو ۽ معلوم ٿيو تہ گوبند مالهيءَ بہ پنهنجو رُخ بدلائي ڪلاڪار منڊل کولڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ لڳي ويو هو. ڏوبي تلاءُ ايراضيءَ ۾ ڪنهن ايراني هوٽل ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پن جي بيڙيءَ مان سوُٽا هڻندو رهندو هو ۽ چانهہ مٿان چانهہ ڏڪ ڏڪ ڪري پيئندو رهندو هو. سندس دماغ هلندو ئي رهندو هو. سوچيندو هو تہ رام پنجواڻيءَ جيان پاڻ بہ ڪلچرل آواز سان سنڌيت جو جذبو جاڳائڻ جي ڪوشش ڪري. نيٺ ڪامياب ويو. ڪلاڪار منڊل نهيو، جنهن ۾ ڀڳونتي ناواڻي، ميراڻي ۽ بولاڪاڻي وغيره جهڙا ڪلاڪار ملي ويا. هن ساري هندستان جو رٽن ڪيو، سنڌيت جو پرچار ڪيو، ۽ پنهنجو شخصي رسوخ وڌايو.

سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻي پيئي. گوبند مالهي اِن ۾ پڻ اڳرو رهيو. سالن جي محنت بعد سنڌي ٻوليءَ کي ١٠ اپريل ١٩٦٧ تي، مڃُنا ملي ۽ ڀارت جي وڏان جي انين شيڊيول ۾ جڳهہ ملي. مالهي نہ صرف ڪهاڻيڪار هو، پر ناول جي کيتر ۾ سنڌي ناولن جو سمراٽ بڻجي ويو. هن ناٽڪ بہ لکيا تہ ڪيئي مضمون پڻ لکيا. ساڳئي وقت هو نہ صرف ڪن سنستائن سان بہ جڙيو رهيو، پر آکل-ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ۾ ڀچاڙيءَ تائين سندس مان- مرتبو ڪافي گهٽو رهيو.

مالهيءَ جي شخصيت اٿين تہ ڀوڳٽي هئي. هن کي عهدا بہ ماڻيا تہ ڪيس انعام بہ مليا. مالهيءَ جي شخصيت وسيع هئي، جنهن کي هرڪو پنهنجي پنهنجي نظر سان ڏسي ۽ پرکي سگهندو.

مالي اڄ اسان جي وچ ۾ سرسري طور ڪونهي، پر سندس ڇڏيل سياسي ڪارنامن سبب ڪنهن وساري به نٿو سگهجي ۽ نه وسارڻ لاءِ گهرجي. ڪنهن ياد رکڻ جو جيڪڏهن اسان مٿان هڪ قسم جو قرض به آهي ته فرض پڻ ؛



گوبند مالهي - سِنڌيت جو سُورْوير سِپاهي

— پروفيسر خوشيرام واسواڻي

ورهاڱي سنڌين لاءِ هڪ مشڪل مصيبت بڻجي آيو. سنڌ ۽ جي مشعال جلندي رهندي يا اُجهامي ويندي؟ اسان جي سنڌيت جي جوت جڳندي رهندي يا وسامي ويندي؟ اسان پنهنجو سنڌيت جو ورثو سنڀالي سگهنداسون يا ڪوهي وڃنداسون؟ سنڌي ٻوليءَ کي ڀارتي ڀاشائن سان گڏ، ڀارت جي وڌان ۾ جوڳي جڳهه نه ڏني ويئي هئي. سنڌين کي ڀارت ۾ هڪ هنڌ نِڪاڻو يا ٽِڪرگهات ڪونه هئو. هوءُ ڇروڇر سڄي هندستان ۾ ٽڙيل پکڙيل، جداجدا، الڳ الڳ هنڌن ۾ هئڻ ڪري، سياويڪ ڏجي رهيا هئا، ته سنڌيت جي ورثي کي سنڀالي سگهندا يا نه! اهو ڊپ، خوف، سنڌين جي دلين کي آزاري رهيو هو. موهن جي دڙي جي سڀيتا جا وارث، سنڌوءَ جي سنسڪرتيءَ جا سياڻا ٻالڪ، هاڻ هندستان ۾ وکريل - پکڙيل، پاڻ کي اَيابَا، ويچارا، يتيم، نبل، شرڻارٿي جاڻي، سنڌيت جي ورثي جي بچاءَ لاءِ مونجهاري ۽ ڳڻتيءَ ۾ هئا. ليڪن همت ڪونه هاريائون، سنڌيت جي ورثي کي قائم رکڻ لاءِ هر ڪوشش ڪيائون، جنگ جوتياڻون، نيت هلچل هلائي سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت

ھي وڏن ۾ تسليم ڪرائي ھوگي ھنڌ ڏياريائون.

ان ھنگ ھونئن ٿا سوروير سپاھي ڪبندا ھئا. سي بٺيا
ساھتڪار، ڪٿڪار، ناٽڪڪار، ڪھاڻي نويس، ناول نويس، جن
پنھنجي جيوت ارپڻ ڪئي، ان ھيء ضروري ڪاريہ ٿيو. انھن ۾
ھڪ سوجھ سوروير سپاھي ھئو گوبندمالھي. سنڌي ساھت جي
ميدان ۾ سيوا ڪندڙ، سنڌيت کي جيئرو رکڻ ٿي اڳرا، سنڌيت
جي ورثي کي سنڀالڻ وارا، ورھاڱي کان اڳ ھئا شري جيٺمل پرسرام،
لالچند امرڏنومل، ڀيرومل مھرچند ۽ انھن کان اڳ ھوا شري
ڪوڙومل چندنمل، ڏيارام گدومل، پرمانند ميورام، مرزا قليچ بيگ
۽ ساڻن گڏ پروفيسر ڊاڪٽر ھوتچند گربخشاڻي. جت ورھاڱي
بعد، پروفيسر رام پنجواڻي، جنھن ٿل سائين جھولي لال-اڏيري ٿال
جي پوڄا دواران، سنڌيت کي سيني سنڌين ۾ يادرکيو. اجي پيار
جي جوت جڳائي رکي ۽ پروفيسر منگھارام ملڪاڻي، پروفيسر
اتواڻي، جن سنڌي ساھت جي تواريخ لکي، ۽ پروفيسر ڪلياڻ
آڏواڻي جنھن شاھ جو رسالو ڇپائي وڏي سيوا ڪئي.

سنڌي ۽ کي تسليم ڪرائڻ جي ڪاريہ ۾، سنڌيت جي ورثي
سنڀالڻ ۾، سنڌي ساھتيہ، ڪلا ۽ سنگيت دواران جن اھم ڀاڱ ورتو ۽
پنھنجي جيوت ارپڻ ڪئي، تن ۾ شامل ھئو گوبند مالھي. ھو
بس تنھن جي مشھور تمورتي - گوبند مالھي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽
آس انچنداڻي - جو مکيہ پاتر ھئو. تنھن ڪشمڪش ڪئي،
لڙائي لڙي، ھلچل ھلائي سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت کي جيوت رکڻ ٿي
سچ ڪئي حڪومت جتي ڪانٿ ڪو ڪائيندا ھئا ۽ دور رھندا ھئا،
پر تنھن ۔ تنھن ڏاد ڏيندا ھئا تہ اُتي ھوڏا تي سنڌي ۽ سنڌيت ٿي
لڙائي، جي ميدان ۾ انھن تنھن ھڪ ضروري، ڪمائتو، [illegible]
اھم [illegible] ورچ ھڪ اھري وقت، [illegible] ڪمرا سنڌي دل
[illegible]

ياسي نيتائون ڏيئي رهيا هوا. کين، جن کي پوءِ ترقي پسند ولي جو خطاب ڏنو ويو، اُن وقت هڪ اهم ڪاريه ڪيو جو سنڌيت جو جهنڊو بلند رکيو وشواس رکيو ۽ ٻين ۾ به جاڳايو ته سنڌي ٻولي ۽ ساهت، سنسڪرتي، سنڌي ورثي کي سلامت رکبو، انهيءَ لاءِ لڙبو، انهيءَ ڪاڻ قرباني ڪرڻ ۾ پٺتي ڪين پئبو. ان ڪاريه ۾ پڻ پوپٽي هيراننداڻي، ٻي ڏيپي مشهور ليکڪا ۽ مشهور ساهتڪار موهن ڪلپنا ساڻن شامل هئا. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، الڳ ويچارڌارا رکڻ وارو، هن ڪاريه ۾ ساڻن شامل رهيو، حمايتي ٿيو. دهليءَ ۾ سنڌو سماج ۽ ٻين هنڌ - اجمير، الهاسنگر، ڪلياڻ جت به سنڌي ڪنهن تعداد ۾ هئا، سنڌي سنستائن ۽ پنچاتن، هن سنڌيت جي هلچل، ٻوليءَ جي تسليم جي تحرڪ کي زور وٺايو. تمورتي سنڌي ليکڪائون جن سنڌي ساهتيه سينگاريو ۽ سنڌيت جي هلچل کي زور وٺايو، سي هيون: پوپٽي هيراننداڻي، سُندري اُتمچنداڻي ۽ ڪلا پرڪاش. تارا ميرچنداڻي، رينا شهاڻي ۽ ماڻ ايشوري جوتواڻي، جا نالا به ڌا انهن گڏ ياد اچن، هن هلچل کي هٿي ڏني ۽ ساهتيه کي سينگاريو، سنڌيءَ جي شعر کي نئين راهه تي نيندڙ ڪوي ڪشنچند بيوس جي ٽن شاگردن - تمورتي رام پنجواڻي، هوندراج دکايل ۽ هري دلگير - جا ته سندن سنڌيت لاءِ لگن ۽ آڻ-ڪٿ پيار ۽ ڪيڏو نه سندن سنڌي ساهتيه ۾ پرپل پنڌارا

گوبند مالهيءَ جي سڀ کان سني پيت هئي پڳونتي ناواڻي کي سنڌيت لاءِ پيار پيدا ڪرڻ لاءِ سندس سنگيت دواران پارت جي جداجدا هنڌ پنهنجي ناٽڪ ۽ سنگيت منڊلي ڪلاڪار منڊلي سان وٺي وڃڻ. ڪيڏو نه اثر انجو ٿيو نه رڳو هند ۾ پر باهر دنيا جي هر هنڌ جتي سنڌي هئا، هانگ ڪانگ، دبئي، سينگاپور، منيلا ۽ ٻين هنڌ، جت گوبند مالهي پڳونتي ناواڻيءَ ۽ پنهنجي ناٽڪ ۽ سنگيت منڊليءَ کي وٺي ويو. پڳونتي ناواڻيءَ پاڻ هڪ انٽرويو ۾ ڪرشن کٽواڻي کي چيو آهي ته گوبند مالهيءَ جي همتائڻ ڪري ئي مان

عام جي اکيان ڳالهه ٿا ڏين، نه ته سلکل نه اچان ها.' آهي سنڌ انهي ايشور جو هٿ، قادر جي ڪرامت جنهن پنهنجي کي گڏ آندو، سنڌيت ۽ پريم پکيڙڻ جي شيٺ ڪاريه ۾ ۽ سچي سپائي حلچل ۾.
گوبند مالهيءَ جي خاص خوبي هيءَ هئي ته هن جاتو ۽ سڃاتو ته جي نئين نسل جي وارن اندر سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ورثي لاءِ جذبو احساس ۽ اُمنگ پيدا ڪرڻو آهي ته اهو آڊيو-وزوئل سنگيت ۽ ناٽڪ دواران ئي اثرائتي نموني ڪري سگهجي ٿو. ڪامياب ساهتڪار، ناول نويس، ڪهاڻي نويس هوندي به گوبند کي اها سرت، اها سمجهه آئي ۽ پوءِ هن جنهن طريقي کي اپنايو ۽ ٻگهونتي ناواڻي جي ايشوري ڏنل سنگيت جي ذات جو آڌار ولي سنڌيت لاءِ پيار ۽ فخر لکن ٻارن ٻچن، ٻڍن جوانن ۽ جوانرين ۾ جاڳايو، جنهن جي ڪري ڀڳونتي ناواڻيءَ سان گڏ سدائين ياد رهندو. جڏهن گوبند مالهي ڀڳونتي ناواڻي جو اُستاد ۽ راکو هو، جنهن کي ڀڳونتي ناواڻيءَ پنهنجو سهايڪ ۽ گرو ڪري مڃيو ۽ سويڪاريو آهي. اها به سنڌي جاتيءَ لاءِ مالڪ جي هڪ مهرباني، ايشور جي ديا ۽ ڪرامت رهي آهي.
الين چوڻ نه واجب ۽ سچو آهي ته گوبند سچ پچ مالهيءَ جي تخلص سان نباهيو، نه فقط جو هن ڀڳونتي ناواڻي، سُندر سنگيت مکري کي گڏبي ٿال ڪري اُپاريو ۽ سنگيت جي راڻي ۽ سنڌ جي لتا ڪري مشهور ڪري سنڌس دواران، سنڌيت لاءِ پيار پکيريو، پر اِن ڪري به جو هن سنڌيت جي باغ جو مالهي ٿي، ٻاڻ کي موڪيا جو ته چانه آهي سنڌي شاندار بيٺ، سنڌي ساهت جي ميدان ۾، رچناڻ جو ڪيڏو نه خزانو هن آندو آهي هڪ ساهتڪار طور. چوويهه ناول لکيا اُٿس، جنهن ڪري جيئن موهن ڪلاڻيءَ پنهنجي پستڪ ”ساهت جا ستارا“ ۾ لکيو آهي، گوبند مالهيءَ کي اُپنياس سمراٽ ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. سنڌس مکيه ناول آهن : پکيڙا ولڙ کان وڇڙيا (۱۹۵۳)، عشق نه آهي راند (۱۹۵۵)، شرم ٻولي (۱۹۵۶)، ٻوڪ آهي بوڪ (۱۹۵۱)، ڏيهي پرڏيهي ٿيا (۱۹۶۱)، ديسي سج

ڪچن (۱۹۷۲) ۽ پيار جي پياس (۱۹۷۲)؛ ڪيس ۱۹۷۳ ۾ سندس ناول ''پيار جي پياس'' لاءِ اکل ڀارت ساهت اڪيڊمي جو انعام عطا ڪيو ويو.

هري موٽواڻيءَ گوبند مالهيءَ جي ناولن بابت لکيو آهي تہ گوبند مالِهيءَ جي ناولن جي خاص خوبي هيءَ رهي آهي تہ منجهن سنڌي جيوتِ جو چٽيل چِٽُ ورهاڱي جي آپداڻُن کان وٺي اَڄُ ڏينهن تائين، سنڌي ڪِردار جن لڪن مان لنگهيو آهي تن جو پورو پردرشن مالهيءَ پنهنجن ناولن ۾ ڪرايو آهي. اِن ڪري سندس ناول گجراتي، هندي ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿي چُڪا آهن ۽ پڻ سندس ڪهاڻي ''اِها بہ ڪا آکاڻي آ'' ڀارت جي پنجن-ڇهن ڀاشائن ۾ ترجمو ٿي آهي. آهڙي تہ اِها پسند پيئي آهي. ترقي پسند ٽولي جو هئڻ ڪري، گوبند مالهيءَ جي ناولن ۽ ڪهاڻين جي وشيہ آهن مسئلا ڏيتي-ليتي ۽ ورهاڱي ڪري ساڻيہ جي سڪ ۽ پنهنجي يومي سنڌ جي ياد ۽ ڇڪ، ڪيئن وساريان وطن کي، وساريان نہ وسرن ٿا آباڻا اسان جا، اي اباڻا، ڳائين ٿا سنڌي مارئي تي سنياريو پنهنجي ملير کي ۽ ڏوراپو ڏنو تي عمر کي تہ ڪڍ بندياڻي بند مان، سنڌين اڃا سنڌ ڪين وساري آهي، جئن سرمور شاعر نارايڻ 'شيام' لکيو آهي.

گوبند مالهيءَ جي ييت سنڌي ساهتيہ جي ايڪانڪي ناٽڪ جي کيتر ۾ بہ جهجهي، قيمتي ۽ مايہ‌دار آهي. هن جي ايڪانڪيون لکيون آهن، سي منچ ۽ ريڊيو لاءِ، ڇوتہ گوبند مالهي اداڪار، هدايتڪار ۽ ناٽڪ نويس پڻ آهي. سندس ايڪانڪ ناٽڪن جو هڪ مجموعو ''گهوٽ ڪنوار راضي'' ڇپيل آهي ۽ سندس ''جُهو جي ڪناري'' ناٽڪ جو ترجمو هنديءَ ۾ ڪيل آهي. 'سنڌي ساهت منڊل' سان شروع ۾ ۽ پوءِ 'سنڌي ڪلاڪار منڊل' سان گوبند مالهي جڙيل هو. هن فلم ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر ٿي بہ ڪم ڪيو ۽

'سنڌوءَ جي ڪناري' فلم ڪئي، جنھن ۾ پڳونس ماولي جمروش ھئي.

سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ گوبند مالھي 'آڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساھت سڀا' جو پڻ جرتاڪرتا رھيو. ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ آسن آلمچندالي ۽ ٻين سان گڏ. ڪجھه وقت ان سڀا جو صدر ھو. ڪجھ وقت سنڌي اڪيڊميءَ جو ڪنوينر ھو.

جن جھڙي سنڌي اڪيڊمي، دھلي وارن کي ھن سن ٢٠٠٠ ۾ صحيح چونڊ ڪري، کيس 51,000 رپين جو Life time Achievement Award ڏيئي، سندس وقتائتي قدرداني ڪئي، اُن کان اڳ، جڏھن ھن جو ايشور وٽ وڃڻ جو وقت آيو.

مگر انعام سمان اھڙن ساھتيہ سنسڪرتي سنڌيت جي سرمور سپاھين ۽ سرڪردن لاءِ ڇا آھن؟ انھن جي آرزو ۽ شان آھي تہ سنڌيت رھي، سنڌيت جو باغ قلندو ڦولندو رھي ۽ سنڌيت جي جوت جڳندي رھي. اھو ئي آھي سندن لاءِ سچو ۽ لائق انعام، جنھنجو شائق ۽ لائق ھو اسان جو پيارو ساھتڪار ۽ سنڌيت جو سورويہ سپاھي، وارث ۽ ورثي کي سنڀالينڊڙ ۽ وڌائيندڙ اسانجي ادب جو سينگاريندڙ ۽ رڪڪ ۽ اُنجو ۽ سنڌيت جو سيچو ۽ پيار پکڙيندڙ، سنڌيت کي جوت اربيندڙ، اسانجو گوبند مالھي! سديو ياد رھندي ھنجي ڀڳتي سنڌي ۽ سنڌيت لاءِ. شل انھان اسين سڀ سنڌي پريرنا پائي سنڌيت کي قائم رکڻ جو پڪو پرڻ ڪريون، انڌءِ سڀ قسم جا يتن ڪندا رھون! جيئي سنڌيت جا آھي سنڌي جاتيءَ جو خزانو، سنڌي جاتيءَ جي امر آتما. جنھنجو گوبند مالھي ترقي پسند ھوندي، انسان گڏ صوفي ھوندي، ٻوجاري جو پولٽڪ ھو، صدقت سان لڙندڙ سوروير سپاھي ھو.

سنڌ جي مٽيءَ مان ٺھيل گوبند مالھي 5 آگسٽ 1921ع ۾ اُري ڪبير ۾ نوابشاھ ضلع جي ناروشاھ ڳوٺ ۾ جنميو، ڪراچي

ڪاليج ۾ وديا ورتائين. Law Degree پڻ حاصل ڪيائين مگر سندس
جي وطن جي خدمت ۽ خلق جي شيوا ۾ ۽ ساهتڪ ڪاريه طرف
ئي. ڪراچيءَ ۾ ئي وديارٿي ترقي پسند هلچل ۾ ڀاڱيدار بڻيو
و. ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ شيخ اياز سان ۽ حشو ڪيولراماڻي ۽ سوڀي
گيانچنداڻيءَ سان. ۱۹۴۲ ۾ قومي هلچل ۾ ٽي مهنا جيل ياترا
ٻه ڪري آيو. گوبند مالهيءَ پنهنجي جيون ياترا پنهنجي پستڪ
آتم ڪٿا ۾ ڇپائي پڌري ڪئي آهي.

ايشور وٽان آخرين سڏ گوبند مالهيءَ کي ممبئيءَ ۾ ۱۰
فيبروري ۲۰۰۱ تي آيو. موت جي گهنٽي وڳي ۽ گوبند مالهي
وڃي موت جي گلي مليو. پر اهڙا شخص مري به سچ پچ جيئن
ٿا. انهن بابت چئبو آهي —

مرڻا اڳي جي مُئا، سي مري نه ٿيا مات،
هوندا سي حيات، جن صبر شمشير سان ڪيو.

ڪيني کي قتلام جيئن ڪيو هو اسانجي گوبند مالهي، جنهن جو
صبر سالم ۽ مشهور هو. هوُ شاهه جي سکيا جو پورو سکيل هو.

هو چوني، تون مَ چو واتون ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي.

ا سکيا هن گرهڻ ڪئي ۽ پنهنجي جيون ۾ اُن تي عمل ڪرڻ
ي ڪوشش ڪئي. اهو گوبند پاڻ لکيو آهي، پنهنجي مشهور
ڪتاب ”آئيني جي اڳيان“ ۾، جتي پنهنجو چتر پاڻ چٽيو اٿس
— سڌو، سنواٽو سچو، پڙهڻ جوڳو آهي. جي گوبند مالهيءَ ج
شخصيت ۽ لياقت جو پورو جائزو وٺو آهي. سندس ئي اکر آه
هيءُ تصوف جو هڪ ورب آهي مون سان، جو پڙوري ورتو اٿم
مزو آهي سمجهڻ ۾ ۽ نه سمائڻ ۾. مچندو آهيان نه پاند ۾ پا
ڪيني وارو ڪينڪي.

''آئيني جي اڳيان'' ۾ گوبند پالي بابت لکيو آهي :
ڪٿي مارڪسوادا ڪٿا تصوف !
مان پنهنجي سان نباهيندو ڦرندو آهيان. خيال ۾ ترقي پسند آهيان مگر لباس، ڪاڏي-پيتي ۽ پين ڳالهين ۾ نه. مارڪسواد مون کي ناستڪ نه بڻائي سگهيو آهي! مان ايڪانت پسند آهيان، جڏهن موقعو ملندو اٿم ته دل کولي روح رهاڻيون ڪندو آهيان.

گوبند مالهي مارڪسوادي هوندي به روح رهاڻيون ڪندو هو، جيئن پالي لکيو آڻائين. اهو سچهائي ته ته سندس سگهه ۽ وشواس، قرباني جيون ارپڻ ڪرڻ جي چاهنا، تن جو سچو اونهو اندرونو راز هو سندس ايشور ۾ وشواس، سنڌيت جي ورثي تصوف ۾ اٽوٽ، اٽل وشواس، جنهن پالي پنهنجي ڪاءِ جنهن شبدن ۾ ''آئيني ۾ اڳيان'' پستڪ ۾ ظاهر ڪيو اٿائين. سنڌيت جي سُورويرِ سپاهي گوبند مالهيءَ کي، سيني سنڌين جا سؤ سؤ سلام !



لاهوتي لڏي ويو

— گوورڌن شرما ''گهايل''

هر ديش ۾، هر ٻوليءَ ۾، ڪي نه ڪي اهڙيون شخصيتون پيدا ٿينديون آهن، جي نه صرف پنهنجو، پر پنهنجيءَ قوم جو، ٻوليءَ جو ۽ پنهنجي ملڪ جو، مان مٿي ڪنديون آهن. اهڙا اعليٰ انسان مرڻ ماري نه سگهندو آهي؛ سي سدا حيات هوندا آهن.

سڀاڳيه سان سنڌي ٻوليءَ ۾ به اهڙين شخصيتن جي کوٽ نه آهي. ويجهڙائيءَ ۾ ڪامريڊ گوبند مالهيءَ جي وفات اهڙن موليوان ماڻڪن جي مال ۾ هڪ ملهائتو موتي جهڙيو ويو آهي.

ڪنهن به مهان ليکڪ يا ڪلاڪار جو شخصي جيون ايترو اهميت ڀريو نه ٿيندو آهي، جيترو ساهتيه ۽ ڪلا جي کيتر ۾ سندس يوڳدان. شري گوبند مالهي، پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ ڪُشل ڪامياب ٿي سگهيا، پبلڪ جيون ۽ ساهتڪ کيتر ۾ به جيڪ پڪا ۽ پختا نشان ڇڏي ويو آهي، اهي ڪيس نه صرف هند ۽ سنڌ پر دنيا ۾ — جتي جتي به سنڌي رهن ٿا، امر بڻائي ڇڏيندا.

زميندار شري پرڀوداس ٺڪر جي گهر، ڳوٺ ناروشاهه، نوابشاهه، سنڌ، ۾ ۲ آگسٽ ۱۹۲۰ع تي. هڪ

ٿيو. ناليج کان جي آزاد طبع نار ۾ پنهنجي پيار طرفان ڪئي
ڪمل آدمي ڪتاب مان ئي ادبي رُجحان پيدا ٿيو. رمبداري
ٿيون ۾ ڪابہ دلچسپي نہ رکندڙ هن هُنرڪار بار ۾ قدرتي
سونهن ۽ سنگيت ڏانهن اُڪير پيدا ٿي. سنگيت سندس دل جي ڌڙڪن
ٿجي، سندس ساهہ ۾ سمائجي ويو. سنگيت يا ڳائڻ وديا جي
ڪابہ دستوري تعليم يا ديکشا وٺڻ کان سواءِ ئي، هن صاحب
اڳتي هلي سنگيت ۽ سو بہ سنڌي سنگيت جي ترقيءَ ۽ واڌاري
جي ڪارج ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا!

ڪاري شيرواني (يا ڪاري صدري)، چوغي، چوڙيدار ۽ ڪاري
چشمي واري، هن ڀڄومڪي شخصيت جي مالڪ ۾ — جو جسماني
طور ننڍي قد-بت وارو ۽ سنهڙو هئو — ڪا اندروني ازغيبي لڪل
طاقت هئي، جنهن سبب هوُ ٽڪڙو-ٽڪڙو وڏيون-وڏيون پرانگهون
پريندو ديس-پرديس ۾ سنڌيت جي ادبي ايلچي طور ڪاميابيءَ
جي شاهراهہ تي اڳتي وڌندو رهيو. ڪوئل-ڪنٺي ڳائڪا ڀڳونتي
ناواڻي ۽ اورج، محنتي ۽ لڪن واري ڪلاڪار ستارام روحڙا ۽ ڪلاڪار
منڊل جي روح روان گوبند مالهيءَ جا نالا سنڌي سنگيت-پرچار جي
تواريخ ۾ امر رهندا، ان ۾ شڪ نہ آهي.

سچ-پچ گوبند مالهي هڪ سنسٿا، هڪ هلچل هئو، گڻن جي
کاڻ هئو. سنڌي سنگيت جي پرچار کان پهرين، مالهي صاحب
ايڪانڪي ناٽڪ دواران سنڌي درشڪن ۾ سنڌي ناٽڪن ڏانهن چاهہ
پيدا ڪيو.

سٺ جي ڏهاڪي ۾، سڙودا جي نيايہ منڊر هال ۾، سنڌو
سماج، سڙودا طرفان "سنڌي-ناٽڪ اُتسوَ" ۾ مالهي صاحب منشي
پريمچند جي ڪهاڻي 'ڪفن' کي سنڌي ايڪانڪي ناٽڪ جي
روپ ۾ پيش ڪيو. نہ صرف ايترو، پر هن بہ-ڪرداري ايڪانڪيءَ
۾، اهم ڪردار پاڻ ساهي ڀتريس اداڪاريءَ جو مثال بہ پيش
ڪيو سائڻي شلسي ۾، سنڌو سماج، سڙودا طرفان، حريڪاٽ جو

مساوي ۾ جنهن هئوسين، ڪيو پيش به ”آهي خالي مڪان“ ٽڪ
پنهنجين صاحب مالهي ته هوس، مان ڪردار جو اميدوار شاعر
ڏنو پڻ داد جي ڪلاڪارن جي بڙودا ڳڻ مان ماڻهن تڪنيڪي
۾ حال-گرهه نگر گانڌي جي بڙودا پڇاڻان، وقت ڪجهه هئو.
هريڪانت ۾، جلسي ساليانيءَ جي اسڪول جي ڪئمپ هاءِ وارشيا آٽوترام
پيش مون ڪري اُنواد ۾ جنديءَ ”جي آسان جيت آخر“ ناٽڪ جو
صاحب مالهي جو اوچتو شام هڪ جلندي رهرسل جي ناٽڪ هئو. ڪيو
– چيائين بعد، ڪڍڻ مان نظر اسڪرپٽ سڄي تيو. مُڪاميلو سان
آهي تفاوت هڪ ها، پڙهان. وينو اُنواد ته لڳيم نٿو اصل ”ائين
۽ هئو، ڪيو ۾ سنڌيءَ ناٽڪ هندي مون ۾ بڙودي ته اِهو اُهو ۽
“.اٿيئي شابس آهين. رهيو ڪري ۾ جنديءَ ناٽڪ سنڌي هاڻي تون
عمل تي جن هيون، ڏنيون به صلاحون ڪارگر ڪجهه صاحب مالهي
...رام پروفيسر دادا هئو مهمان مکيه جو جلسي اُن هوسين. ڪيو
۽ نيري پٽني منهنجي اچي تي منچ صاحب پنجواڻي پنجواڻي.
رول مکيه مان ۾ ناٽڪ اُن “.لڳن تيون ”اصلي چيائين، ڏاءِ مڃُن
جڏهن مون بعد تيڻ پوري جلسي هوس. رهيو ڪري جو سپاهيءَ هڪ
بابت ماڻهن ڪارگر ڏنل جي صاحب مالهي ڪي صاحب پنجواڻي
ليک مقبول ۽ مڪمل هڪ مالهي پچ-سچ ”چيائين، تڏهن ٻڌايو،
“.آهي ڪلاڪار ۽ ڪار ناٽڪ

ڪر ملاقاتون سان صاحب مالهي ۾ ڏهاڪن چئن گذريل
دهلي پوني، گانڌيڌام، بڙودي، مُمبئي، ملير. وجهه اڻيڪ جا
مضمون هڪ ته ڪندس وستار جو ملاقات هڪ هر اگر ۾. دُبئيءَ
مخت جو ملاقاتن ٽن-ٻن فقط هت هوندو. نهي ڪتاب هڪ پر
ذڪر ڪندس.

ساڻيه پولي سنڌي پارت-شرو ۾ باندرا، ڪاليج، نئشنل
پاٺ-ڪويتا ۾ محفل اُن هئو. شملن هڪ طرفان سيا وڪاس
! روڪڙا هتان ڏوڙمراءِ جيرامداس دادا ڪي ...

ڏياريا ويا هئا. ليپي-وواد سبب، هال جي سامهون، رستي جي ٻئي پاسي ڪيترا ئي مقبول ليڪ اِسٽرائيڪ تي ويٺل هئا. هال مان نڪرندي ئي جاتل-سڃاتل اديبن کي ڏسي مان ڄڻ ان طرف وڌي ويس. هري موٽواڻيءَ ”هلو-هلو“ جو جواب ڏنو، موتي پرڪاش به موٽ ۾ مُشڪيو، پين به هٿ لوڏي منهنجن ڀاوناڻن جي موٽ ڏني. مالهي صاحب اُتي گلي مليو ۽ پڇيائين، - ”ڪيتي لٿو آهين، هاڻي ڪيڏانهن ويندين؟“ مون چيو، ”سائين! ڪجهه ڏينهن اڳ پڻ ڪٿا پرڪاش کي چيو هوم ته باندرا-سميلن تي اچڻ چاهيان ٿو، پر بمبئيءَ ۾ رهڻ جو مسئلو آهم، ته يڪدم ورائيو هئائينم - ”ياءِ، اسان جي گهر سانتاڪروز هليو اچجءِ. صبح جو ديوليءَ تي ويندي (تڏهن ڪٿا پرڪاش آر.ڪي.ٽي. اُلهاسنگر ۾ سنڌيءَ جي ليڪچرر هئي) مان توکي نئشنل ڪاليج پرسان ڇڏيندي وينديس.“ پر مالهي صاحب! اڄين نٿي ڪري سگهيس، جو پوني کان اڄ صبح جو ئي هت آيو آهيان، ۽ هاڻي اُلهاسنگر وڃڻ جو ويچار اٿم.“ ان تي لهه پهه مالهي صاحب چيو هو - ”پيارا، ٿڪل پيو لڳين .... اڄ رات مان به ٻاهر پيو وڃان، نه ته جيڪر ٻائي سان ولي هئاسين ها. خير، هڪ دوست کي فون ڪريان ٿو ۽ ڪم ٿي ويندو. اڄ رات هتي ئي رهي، صبح جو هليو وڃج.“

منهنجيون اکيون آڪيو، ”صدقي وڃا اوهان جي قرب تان.“ ايتري ۾ گوپ ڀڳوا اچي پاسي ۾ بيٺو، ڪُلهي تي هٿ رکي چيائين، ”هل يار.“ گوپ کي ٻڌائيم ته مان ور-ور چوندو آهيان ته مت-ڀيد ٿي سگهي ٿو، من-ڀيد نه ٿيڻ گهرجي، ڪٿا پرڪاش ۽ مالهي صاحب ان جو مثال پيش ڪيو آهي! گوپ ڀڳوا چيو، ”مالهي مهان آهي.“

هڪ ٻيري ڏيٺيءَ تي ويس. پوني جي عالمن-اديبن سان هڪ ميٽنگ ميڙ، منهنجي جنم-ڏينهن جي بحاني، دوست ڀڳوان هرواڻيءَ جي شاهه تي رکيو ويو هو. قريب قريب سڀ سڄڻ اچي

ويا هئا. ڪن ٻه-ٻه اکر ڳالهايا ته ڪن گيت يا شعر ٻڌايا، پر
ڇيڙي-ڇوري جي شروعات اَچان ڪانه پئي ٿي. ڀڳوان ڪان پڇيم
ته چيائين- ”ترسُ، بمبئيءَ مان به ڪي دوست اَچي رهيا آهن.“
ٿوريءَ دير بعد، اَدي بلديو ٻُڌرائيءَ اَچي ٻُڌايو ته ”سِيڊو
اسٽيشن تان پيو اَچان، گاڏي به ڪلاڪ ليٽ هئي.“ ڪيترا مِتر
پريان-پريان ڪان آيا هئا، دير ٿي رهي هئي. ڪي دوست پليٽ
ڪائي هٿ ملائي واپس وڃڻ لڳا. آنڪلِ نوين بجي دادا وشنو شماڻي
مٽي آيا ۽ چيائون- ”گوبند مالهي ۽ ٻيا دوست اَچي ويا آهن.“
جُملو پورو ٿيندي ئي مالهي صاحب، ٽيڪچند مست، مِرچو
مِسڪين، هيملَتا سان گڏ ڪمري ۾ داخل ٿيا. سڀ قرب سان
گڏيا. مالهي صاحب چيو- ”گهايل! تنهنجي ڪري آيو آهيان.
پمپري اسٽيشن تي گاڏي بيني ته سڀ چون پيا ته دير ٿي ويئي
آهي، دوست به هليا ويا هوندا. هيٺ لهي ٿا پئون. مون چيومانِ
’نه‘، گهايل ڏُبئيءَ تو وڃي ۽ اَڄُ سندس جنم-ڏينهن جي
آهي، اُتي ضرور هلنداسين.“ مون مالهي صاحب کي ڀاڪر پاتو
۽ اَکيُن کي چيو- ”قربان وڃان اَوهان جي قرب تان.“ چيو
ڇوُرو هلندي، ميزبان ڀڳوانَ، مالهي صاحب کان پڇيو- ”سائين!
جيڪي چئو، چانهه، ڪافي؟“ مالهيءَ مُرڪندي مون ڏانهن
نهاريندي چيو- ”هيءَ به ڪو ٽائيم آهي چانهه يا ڪافيءَ جو؟“
سڀ کلڻ لڳا. مون چيو- ”هيٺ گاڏي تيار بيني آهي، هلو ته
گهر ٿا هلون.“

مالهي محفل جو مور هو، هردل عزيز هو. ٻئي ڏينهن صبح
جو 11-بجي کين پمپريءَ جي جئه هند هاءِ اسڪول جي هال ۾ ه
جلسي ۾ شرڪت ڪرڻي هئي. اُتي وڃي، مُڪاميلو ڪري، ڪانئ
موڪلائي مان ڊبئيءَ هليو ويو هوس.

١٩٩٨ع ۾ منهنجو هڪ ڪتاب ”ميڙي-چونڊي“ (جنهن
ڇن سال سِنڌي ٻولي وڪاس پريشد، بڙودا، وارن، ڇن سال جي بهتر
... ڪيو آهي) ظاهر ٿيو. ڪتاب جي ڪ

ملندي ٿي مالهي صاحب لکيو – ”منهنجي ڪتاب ۾ ته هي صرف پنج ٿي لکان. گذريل چاليهن سالن کان لڳاتار لکندو رهيو آهيان. ان جا ڪا نيت ڳالهه آهي ڇا؟ ڏکي ڪري وڃڻ سان ڪيو.“

شري گوبند مالهي، هن ۱۲ سالن جي عمر ۾ شاعريءَ سان شروعات ڪئي، اڳتي هلي سوين مضمون، ڪيترين ئي ناياب ڪهاڻيون، انيڪ ناٽڪ، ايڪانڪيون لکيون. سندس شاهڪار رچنائون – شرم ٿيو، ڏيسي سيٺ ڪنهن، پکيڙا ولر کان وڇڙيا، آنسون، پيار جي پياس (جنهن تي مرڪزي ساهتيه اڪاڊميءَ جو انعام حاصل ڪيائون) وغيره وغيره – پنجويهه-ڇيهه ناول لکي ’ناول سمراٽ‘ جو خطاب حاصل ڪيو. مالهي صاحب کي مهاراشٽر گورو-پرسڪار هڪ لک رپيه، دبئي جي ”سنڌائين گڏ سنڌي“ طرفان لطيف-اوارڊ گولڊ ميڊل، ۽ انيڪ ميڊل ۽ ٽرافين سان سنمانت ڪيو ويو، پر هن صاحب جي حليمائي، نياز ۽ نوڙت، سادگي ۽ شڪار ڪين ڇڏيو.

سنڌي فلم ”سنڌوءَ جي ڪناري“، آل-پارٽ سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا ۾ الڳ-الڳ عهدن، ٽيڪسٽ بوڪ بيورو، ساهتيه اڪاڊمي، سي.ايڇ.ڊي، سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، مهاراشٽر سنڌي اڪاڊمي وغيره انيڪ ادارن ۽ سنستائن سان مالهي صاحب جي وابستگي يگاني ليکبي. سنڌ ۽ سنڌيت جو شيدائي، مالهي صاحب هڪ ڪهاڻيڪار، ناول-نويس، ناٽڪڪار، هدايتڪار، ڪلاڪار، قلمڪار، مضمون نگار، پترڪار، سنگيت جي سوجهه-ٻوجهه رکندڙ، ڪويتا جو پارکو، سنڌيت جي هلچل جو شڪاني روح روان، فقيرتن، دلبر دوست ۽ سڀ کان وڌيڪ هڪ نيڪ انسان هئو. جنهن سڀني ته ادب جي باغ جو مالهي، هڪ برجستو باغبان، هلي ويو آهي. سنڌي ادب ۾ ٻيا به ڪيترا ئي مشهور، مقبول ۽ قابل قلمڪار آهن، پر هن صاحب جو خال پرڻ ڏاڍو ڏکيو پيو لڳي، بس، هڪ ته هوئي لڏي ويو.

⌂⌂

هوُ جيئرو آ جهان ۾

— پارُو چاولا

اُتي اهڙا لوڪ، سامي ويا سنسار مان،
ڄڻا جن جي هٿ ۾ رڌ-سڌ جهڙا ٿوڪ،
ڪال ڪري ٿو سڀ ڪي، ڦري سمي سان ڦوڪ،
تون ڇو ماري جيوڪ، وينين وساري رام کي! (سامي)

اِها سچن جي ساک، پاڻ ڏنسين ٿريءَ ۾ تورڙي
ڏي تبي لڌ تول، اصلي عين اندر ڏاڪول.

سرير ته فاني آهي. اهو ته اڄ نه سُڀاڻ، خاڪ ۾ ملڻو ئي آهي. پر اُن منش جا ڪيل ڪم سدائين اَمر آهن. هن جي ديش ۽ جاتيءَ لاءِ ڪيل شيوا، ڪڏهن ڪونه مرندي! اهڙا شخص هميشه اَمر آهن، جيئرا آهن، جيڪي جاتيءَ کي ياد آهن.

دادا گوبند مالهي اڄ پنهنجي ساهتيه ذريعي، سنڌي سنگيت، جيڪو هن ڪلاڪار منڊل ذريعي نه رڳو ڀارت ۾ پر دنيا جي ڪيترن شهرن ۾ به، پهچائي ناواڻي ۽ ٻين ڪلاڪارن سان گڏ جنهن ڪٿي ڦهلايو، اهو ڪڏهن وسرڻ جو ناهي، اهو جيئان جڳ

ياد رهندو. پالڪ ۾ سنگيت پڙهندڙ جو ليکڪن جاچي ڪٿاڪارن سان روحاني رشتو جڙيل رهندو آهي. پالڪ سندن رچنائون پڙهي انهن سان روح رهاڻ ڪندو رهندو آهي. منهنجو بہ گوبند مالهيءَ سان اهڙو ئي رشتو پڪو هو. سندس ناول ملي يا ڪهاڻي ملي، ناڪ هجي، پڙهي داد ڏيندي هئس.

پهرين پهرين مون سندس ناول ''آنسون'' پڙهيو هو. ''پکيڙا ولر کان وڇڙيا''، ''ديسي سيڻ ڪجن''، ''عشق ناهي راند'' ۽ ٻيا ڪيترا ناول ـ سيني ناولن ۾ سنڌيت جو جهلڪا آهي. شاهہ صاحب جا ڪي بيت، ڪا لوڪ ڪهاڻي آهي. ڪٿي سسئيءَ آهي، ڪٿي مارئيءَ جو ذڪر تہ ڪٿي ليلا چنيسر، تہ ڪٿي مومل-راڻو. مطلب تہ شاهہ صاحب جون سورميون جن جي حيءَ سان جڙيل هونديون هيون، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن قصي يا ڪهاڻيءَ ۾ ظاهر ٿي پونديون آهن. سنڌي ۽ سنڌين جي جيون ـــ ورهاڱو، لڏپلاڻ، وري وربڇڻ جون ڪوششون ــ اِهي سڀ ذڪر فڪر سندس لکڻين ۾ جتي ڪٿي نمايان آهن. اهڙو سنڌيت جو شيدائي، سنڌين لاءِ سدائين جيئرو آهي.

''متان چئو ويو مري مري، هو جيئرو آ جهان ۾.''

''پاپي'' ناول جڏهن مون پڙهيو، ٿي چار ڏينهن ڏاڍي بي آرام هئس. اوچتو دادا گوبند مالهي جتي ڪن کان پوءِ مليو. مون کين چيو تہ هيءَ توهانجو ناول مونکي ڏاڍو وڻيو آهي، هنديءَ ۾ ترجمو ڪريان؟ چيائون ؛ ڀلي، پر پهرين ڇپائڻ وارو ڳولهہ. مون ٻہ-ٽي صفحا ڪيا بہ، پر هنديءَ ۾ ڪير ڇپائي. ڪو تيار ٿي نہ ٿئي. اسان کي سنڌي ڪتاب ڇپائڻ ۾ ئي دقت ٿي ٿئي، ناڪي هنديءَ لاءِ ڇا چئجي!

مون کان جتي بہ ڳارالمندو جو، تہ مارائڻ 'شيام' جو جيءَ

عمل سا!!انڊ : ٿي جو ڪتاب م پڙهاڪي. تہ هني سنڌ ۾ سنڌ وارن

اِهو ڏيکاري ٿو ته ڪيس ٻوليءَ سان ڪيترو نه پيار هو ۽ اِهو درد ڪيس اَندرئي اندر کائي رهيو هو ته متان ٻولي هٿن مان کسڪي نه وڃي. جيتوڻيڪ سندن نظريو هميشه آشاوادي رهيو، اُميد ۽ آٿت به هوندو هئس ته اسان جي ٻولي هميشه زنده رهندي، ته به حالتون ڏسي اڄ جي سِنڌين جون، اَندر ڪڏهن ڪڏهن ڪاڇي به ٿو وڃي.

سنڌيت جي جوت جڳائڻ وارا هڪ هڪ ٿي هلندا ٿا وڃن. ڪوڙي اُميد رکي ويٺا آهيون ته ڪي جاڳندا. شل انهن ساهتڪارن ۽ سنڌيت جي مستن جي دعا ڪجهه چمتڪار ڪري ڏيکاري، جو ڪي سنڌي ٻوليءَ کي وڌائڻ وارا جوان پيدا ٿين. اهڙي اميد دادا مالهي صاحب جي دل ۾ به هميشه رهندي هئي ۽ اسان کي به آهي. ڪي جاڳندا، ضرور جاڳندا!

سنڌي لاڏن ۽ لوڪ گيتن جو ڪتاب ساهتيه اَڪادميءَ پاران لکڻ لاءِ مليو هو. گوبند مالهيءَ کي فون ڪيائون: اَٿيئي ڪي نوان لاڏا ۽ لوڪ گيت؟ جيڪي مون وٽ هئا، سي ته مون کين بر-وقت ڏنا، ۽ اهڙو ته خفت وٺي ويو مونکي لاڏن ۽ لوڪ گيتن ڳولهڻ جو، جو جيڏانهن به وڃان، وڃي اُهي زالون ڳولهي لهان ۽ انهن کان ڳارائي لکندي وڃان ۽ وري هتي اچي مالهي صاحب کي فون ڪريان. پاڻ ڪانديولِيءَ مان ڪهي ايندا هئا اُهي ڪٽڻ. وري پڙهي، سُر ٻڌي، پوءِ ڪٽي ويندا هئا. الائي اهو ڪتاب ڇپيو آهي، الائي نه! ضرور ڇپجڻ کپي، نه ته مالهي صاحب جي ڪيل محنت اجائي ويندي. هن جي ڪيل جاکوڙ جو قدر ٿيڻ گهرجي.

سنڌي ٽائيمس ايندي آهي. ٽئين صفحي تي مالهيءَ جو ليک نه ڏسي، ڏاڍي کوٽ محسوس ٿي ٿئي – ''بس'' ۽ ائين بس ٿي ويو آهي!

☒☒

...وبرټ برالښي :
...ـک پښتونکي شخصيت

[illegible]

[illegible]

سنڌي ساهت اَڪادمي دهليءَ ۴ آڪٽوبر ۱۹۹۷ع تي، ليکڪ سان ملاقات (Meet the Author) نالي ڪاريہ ڪرم جو آيوجن، جئپور ۾ رکيل ليکڪ سيمينار ۾ ڪيو ويو، جنهن ۾ سدا حيات شري گوبند مالهيءَ جي ساهتڪ يوگدان تي، پارت پر جي ساهتڪارن ۽ نقادن سندس ئي حاضريءَ ۾ بلڪل بي ريائيءَ سان ڳالهايو هو ۽ سندس مڪمل ساهت تي ۽ خاص طور آخري دؤر ۾ شايع ٿيل آتم ڪٿا تي، چٽي روشني وڌي ويئي. اِنهيءَ موقعي تي، سندس جيوني ۽ ساهتڪ يوگدان سان واسطہ هڪ فولڊر ٽائيپ پئمپليٽ روايت موجب ڇپايو ويو هو، جنهن ۾ مالهي صاحب بابت لکيل سٽون هت ڏيان ٿو:

Gobind Malhi is considered a high priest of progressive literature in Sindhi. He is a trend setter in depicting social reality to the core in his works and portrays the emotions and aspirations, the hopes and fears, the inner heavens and hells of the lower middle class society in detail. His works reveal the gloomy side of life.

اهڙي سدابهار ساهتڪار جي اوچتي ديهانت تي هندواسيءَ ۾ شري ڪيرت باباڻيءَ جي لکيل هڪ ليک جو عنوان ئي آهي ''لکن ۾ نہ پر ڪروڙن ۾ هڪ گوبند مالهي.'' اُن سري هيٺ، باباڻي صاحب هڪ عظيم اديب جي وڇوڙي کي چئن آنسن ۾ قلم ٻوڙي لکيو آهي: ''سنڌي ساهت جي آڪاس جو چمڪندڙ ستارو، ٽٽي پيو. سنڌي باغ کي سنواريندڙ مالهي بنا موڪلائي هليو ويو. سنڌي جڳت مان ساهتڪ روشني صفا هلي نہ ويئي آهي، پر اُن ۾ جهڪائي تہ ضرور آئي آهي. مالهي هڪ روشن منار هئو ۽ ساهتڪ عمارت جو وڏو ٿنڀو هئو.''

مون ۱۹۸۴ع ۾ 'سنڌي ساهت جا ستارا' هڪ ڪتاب شايع ڪرايو هو، جنهن ۾ مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ جي انعام وجيتا سنڌي ساهتڪارن جي جيوني ۽ سندن ساهتڪ يوگدان سان واسطہ

مضمون شايع ڪيا هئا. اُن ڪتاب ۾ اسان جي سدا ڪمات گوبند مالحيءَ جو مضمون پڻ موجود آهي. احڙي سنڌو سنسڪرتيءَ جي جوت جاڳائيندڙ ساهتڪار جو جنم سنڌ جي ضلع نوابشاه ۾ لاروشاه ڳوٺ ۾ هڪ زميندار ڪٽنب ۾ پنجين آگسٽ ١٩٢١ع تي ٿيو هئو. اسڪولي تعليم لاروشاه ۾ پرائڻ کان پوءِ اوچي تعليم پهريائين ڪجهه وقت شڪارپور ۽ پوءِ ڪراچيءَ جي ڊي.جي سنڌ ڪاليج ۾ پرايائين. اُتان بي.اي. ڪرڻ کان پوءِ مالحيءَ کي وڪالت ڪرڻ جو ويچار ٿيو ۽ ١٩٤٣ع ۾ ايل.ايل.بي پاس ڪيائين. پڙهڻ جي زبردست شوق ۽ گهرو ماحول، سنڌس ساهت ۾ دلچسپي جاڳائي ۽ اسڪولي جيوت ۾ ئي لکڻ جو شوق پيدا ٿيس.

سنڌ مان لڏپلاڻ ڪري، هندستان جي بمبئي شهر ۾ ڪيمو ڪوڙڻ بعد، سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ ترقيءَ لاءِ جيڪا سنڌيت جي هلچل هلي هئي، تنهن ۾ سنڌي ساهتڪارن جي جيڪا نمورتي اڀري ٿي، تنهن ۾ گوبند مالحي اهم ترين مورتي هئو. حرف موليا هٿڻ ڪري، هن هر ڪلا جي شاخ ۾ اهم رول ادا ڪيو ۽ اوچ ڪوٽيءَ جي ساهتڪار طور پنهنجي جاءِ جوڙي ورتي.

ورهاڱي کان اڳ، مالحي صاحب راجنيتي ڪيتر ۾ به ڪم ڪيو. ١٩٤٥ع جي اسيمبلي چونڊن ۾ ڪانگريس اُميدوار شري نيونڌرام وشنداس جي فائدي ۾ پرچار ڪاريه ڪيائين. اها ڳالهه زميندار طبقي جي سنڌس پتا کي ڪين وڻي. ان ڳالهه تان سنڌن ويچارن ۾ متڀيد ٿيا، پر مالحي پنهنجن ويچارن تي اڏول رهيو. نتيجي طور، پيءُ-پٽ ۾ آلبٽت ٿي ۽ پٽ کي پيءُ جو گهر ڇڏڻو پيو. ١٩٤٢ع جي ڪئٽ انڊيا هلچل ۾ به گوبند مالحيءَ پرجوش نحرو ورتو ۽ ٻين انقلابين سان گڏ گرفتار ٿي، ني محنا ڄمل جو محمان پڻ ٿيو. ڪيس ڪانگريسي ماحول

مان ڪيڻ وارو سنڌس متر سوڀو گيانچندائي هئو، جنهن جي
سنگ ۾ هوُ سماجوادي ويچارن ڏانهن مائل ٿيڻ ڪري، ڪميونسٽ
رائيٽر طور پرسِڌ ٿيو. ڪراچيءَ جي ڪميونسٽ تحرڪ جو
سيڪريٽري پڻ ٿي رهيو. اهو ڏيکاري ٿو ته مالهي صاحب ڪي
هر ڪيتر ۾ عيوضي‌پڻو حاصل ڪرڻ جي چاهنا هئي.

سنڌي سنسڪرتيءَ جي ڦهلاو لاءِ، ١٩٥٩ع ۾ گوبند مالهيءَ
سنڌي ڪلاڪار منڊل برپا ڪيو، جنهن دواران هن جا لکيل ۽
هدايت ڪيل ڪيترائي ناٽڪ پيش ڪيا ويا، ڇاڪاڻ ته مالهي
ڪيترا سال 'اِنڊين پيپلس ٿيئيٽر' سان جڙيل رهيو هو، جتي
رتوڪ گهٽڪ، آر-ايم سنگهه ۽ ٻين نالي وارن اسٽيج ڪلاڪارن
جي لهه وچڙ ۾ آيو. ٿوري ۾ چئجي ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌي
ناٽڪ کي اوسر ڏيڻ ۾ ۽ نئين سر سنڌي رنگ منچ جو وڪاس
ڪرڻ جي شروعاتي دؤر ۾، مالهيءَ جو يوگدان قابلِ ذڪر آهي.
بمبئيءَ ۾ ٻين ناٽڪي سنستائن جي وجود ۾ اچڻ ڪري، مالهي
صاحب ڪلاڪار منڊل کي سنگيت ڪيتر تائين محدود رکيو. هن
ڏس ۾ ڪيس سنڌين جي ڪوئل سدا حيات ڀڳونتي ناواڻي ۽
سُريلي آواز واري سترام روهڙا جو پورو پورو سهڪار مليو. هن
سنستا دواران مالهي صاحب سنڌي سنگيت لاءِ درشڪن ۽ ٻڌندڙن
۾ چاهه پيدا ڪيو. لکين سنڌي خواهه غيرسنڌي درشڪن کي،
سنڌي سنگيت جو رس وتايو. نج سنڌي سنگيت جهڙوڪ لولي،
اوراڻا، لاڏا ۽ سنڌي تهذيب جا مذاقي گيت، سنڌي رنگ منچ تي
پهريون دفعو آڻڻ جو شرف گوبند مالهيءَ کي آهي. هن نه رُڳو
ڀارت جي مختلف شهرن ۾ ناٽڪي انداز ۾ سنگيت پروگرام پيش
ڪيا، پر وديشي ملڪن جي سنڌي باشندن کي به سنڌي گيتن ۽
ڪلامن وسيلي وندرائي، منجهن سنڌي سنگيت ۽ ڪلا لاءِ چاهه
پيدا ڪيو. اِن جي اثر ڪري اڄ سنڌي جڳت ۾ شڀ پرسنگن تي
فلمي گيتن جي بدران ڀڳونتي ناواڻي ۽ ٻين ڳائيندڙ ڪلاڪارن

مضمون شايع ڪيا هئا. اُن ڪتاب ۾ اسان جي سدا حيات گوبند مالهيءَ جو مضمون پڻ موجود آهي. اهڙي سنڌو سنسڪرتيءَ جي جوت جاڳائيندڙ ساهتڪار جو جنم سنڌ جي ضلع نوابشاهه ۾ ناروشاهه ڳوٺ ۾ هڪ زميندار ڪٽنب ۾ پنجين آگسٽ ۱۹۲۱ع تي ٿيو هئو. اسڪولي تعليم ناروشاهه ۾ پرائڻ کان پوءِ اوچي تعليم پراپت ڪرڻ لاءِ هن شڪارپور ۾ پوءِ ڪراچيءَ جي ڊي.جي سنڌ ڪاليج ۾ پرايائين. آتان بي.اي. ڪرڻ کان پوءِ مالهيءَ کي وڪالت ڪرڻ جو ويچار ٿيو ۽ ۱۹۴۳ع ۾ ايل.ايل.بي پاس ڪيائين. پڙهڻ جي زبردست شوق ۽ گهرو ماحول، سنڌس ساهت ۾ دلچسپي جاڳائي ۽ اسڪولي جيوت ۾ ئي لکڻ جو شوق پيدا ٿيس.

سنڌ مان لڏپلاڻ ڪري، هندستان جي بمبئي شهر ۾ ڪيمو ڪوڙڻ بعد، سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ ترقيءَ لاءِ جيڪا سنڌيت جي هلچل هلي هئي، تنهن ۾ سنڌي ساهتڪارن جي جيڪا لمورتي اڀري ٿي، تنهن ۾ گوبند مالهي اهم ترين مورتي هئو. هرفن مولي هئڻ ڪري، هن هر ڪلا جي شاخ ۾ اهم رول ادا ڪيو ۽ اوچ ڪوٽيءَ جي ساهتڪار طور پنهنجي جاءِ جوڙي ورتي.

ورهاڱي کان اڳ، مالهي صاحب راجنيتي ڪيتر ۾ به ڪم ڪيو. ۱۹۴۵ع جي اسيمبلي چونڊن ۾ ڪانگريس اُميدوار شري نيڻوندرام وشنداس جي فائدي ۾ پرچار ڪاريه ڪيائين. اها ڳالهه زميندار طبقي جي سنڌس پتا کي ڪين وڻي. ان ڳالهه تان اڏول رهيو. نتيجي طور، پيءُ-پٽ ۾ اَلبٽ ٿي ۽ پٽ کي پيءُ جو گهر ڇڏڻو پيو. ۱۹۴۲ع جي ڪئٽ اِنڊيا هلچل ۾ به گوبند مالهيءَ پُرجوش نحرو ورتو ۽ بين انقلابين سان گڏ گرفتار ٿي، نه مهنا جيل جو مهمان پڻ ٿيو. ڪيس ڪانگريسي ماحول

مان ڪڍڻ وارو سنڌس مٽر سوڀو گيانچنداڻي هئو، جنهن جي سنگ ۾ هُن سماجوادي ويچارن ڏانهن مائل ٿيڻ ڪري، ڪميونسٽ رائيٽر طور پريس ٿيو. ڪراچيءَ جي ڪميونسٽ تحريڪ جو سيڪريٽري پڻ ٿي رهيو. اهو ڏيکاري ٿو ته مالهي صاحب کي هر کيتر ۾ عيوضي پڻو حاصل ڪرڻ جي چاهنا هئي.

سنڌي سنسڪرتيءَ جي ڦهلاءُ لاءِ، ۱۹۵۹ع ۾ گوبند مالهيءَ سنڌي ڪلاڪار منڊل برپا ڪيو، جنهن دواران هن جا لکيل ۽ هدايت ڪيل ڪيترائي ناٽڪ پيش ڪيا ويا، ڇاڪاڻ ته مالهي ڪيترا سال 'انڊين پيپلس ٿيئيٽر' سان جڙيل رهيو هو، جتي رتوڪ گهٽڪ، آر-ايم سنگهه ۽ ٻين نالي وارن اسٽيج ڪلاڪارن جي لهه وچڙ ۾ آيو. ٿوري ۾ چئجي ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناٽڪ کي اوسر ڏيڻ ۾ ۽ نئين سر سنڌي رنگ منچ جو وڪاس ڪرڻ جي شروعاتي دؤر ۾، مالهيءَ جو يوگدان قابل ذڪر آهي. بمبئيءَ ۾ ٻين ناٽڪي سنستائن جي وجود ۾ اچڻ ڪري، مالهي صاحب ڪلاڪار منڊل کي سنگيت کيتر تائين محدود رکيو. هن ڏس ۾ ڪيس سنڌين جي ڪوئل سدا حيات ڀڳونتي ناواڻي ۽ سُريلي آواز واري سترام روحڙا جو ڀرپور سهڪار مليو. هن سنستا دواران مالهي صاحب سنڌي سنگيت لاءِ درشڪن ۽ ٻڌندڙن ۾ چاهه پيدا ڪيو. لکين سنڌي خواه غيرسنڌي درشڪن کي، سنڌي سنگيت جو رس وٺايو. نج سنڌي سنگيت جهڙوڪ لولي، اوراڻا، ڏڏا ۽ سنڌي تهذيب جا مذاقي گيت، سنڌي رنگ منچ تي پهريون دفعو آڻڻ جو شرف گوبند مالهيءَ کي آهي. هن نه رُڳو ڀارت جي مختلف شهرن ۾ ناٽڪي انداز ۾ سنگيت پروگرام پيش ڪيا، پر ولديشي ملڪن جي سنڌي باشندن کي به سنڌي گيتن ۽ ڪلامن وسيلي وندرائي، منجهن سنڌي سنگيت ۽ ڪلا لاءِ چاهه پيدا ڪيو. ان جي اثر ڪري اڄ سنڌي جڳت ۾ شبي پرسنگن تي قلمي گيتن جي بدران ڀڳونتي ناواڻي ۽ ٻين ڳائيندڙ ڪلاڪارن

ٿا ڇپب ۽ ٽڪا وغيره ڇپجن ۾ ايندا آهن. نگوسي ناوليءَ جي سرگواس ٿيڻ کان پوءِ، ڪٿاڪار منڊل جون مشغوليون بند ٿي ويون. ڀڳونتي ناوليءَ جي ياد ۾ مالڪي صاحب ساهتڪ مخزن شروع ڪئي، جنهن جو عنوان، ڀڳونتي ناوليءَ جي سدائين مرڪندڙ چهري تان، 'مُرڪ' رکيو، جنهن ڪافي شهرت حاصل ڪئي.

سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي وڌان جي الهن اسڪند (شيڊيول) ۾ آڻڻ لاءِ، ترقي پسند دؤر جي ڀمورتي ۽ ڪن ٻين ليکڪن گڏجي تحرڪ هلايو ۽ آخر سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي جوڙجڪ ۾ جوڳي جڳهه ڏياري. اهو سڀ مالڪي صاحب جي اڻٿڪ ڪوشش سان برثواب ٿيو. تنهن کان پوءِ ڪن اديب دوستن گڏجي 'اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا' جو پايو وڌو. هن سنستا جو مقصد هو جدا جدا شهرن ۾ ساهتڪ سمبلن، لبڪ سيمينار ۽ سيمينارڪ ڪاريه ڪرم پيش ڪرڻ ۽ اُنهن دواران سنڌي ساهت ۽ سنڌي سنسڪرتيءَ جي راهه تي ولي وڃڻ. اها پرمپرا اڄ سوڌو چالو آهي. مالڪي صاحب مذڪور سڀا جو ١٩٨٠ کان وٺي ١٩٨٧ تائين، لڳاتار اٺ سال چونڊيل پريزيڊنٽ ٿي رهيو. سندس اياءڪاريءَ ۾ هن سڀا ڪافي پروگرام پيش ڪيا. هن سنستا جو مرڪز چڱي عرصي تائين مُمبئيءَ ۾ رهيو، پر هاڻي موجوده پريزيڊنٽ ڄئپور جو هئڻ ڪري، مرڪز به ڄئپور ۾ رکيو ويو آهي. سنڌي ساهت، ٻولي ۽ ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ جي جوت انهيءَ سنستا دواران ٻلندي رهي ٿي. ان سنستا ۾ مالڪي صاحب جون ڪيل شيوائون وساري نٿيون سگهجن.

مان فخر سان چئي سگهان ٿو ته شري مالڪيءَ جو الڳ الڳ کيترن ۾ يگانو ٿيڻ هئڻ جي باوجود ساهتڪ کيتر ۾ سندس ديـن وسارڻ جي نه آهي. انهيءَ ڪري هُو هڪ عظيم ساهتڪ شخصيت ڪري ليکيو ويندو آهي. مالڪي صاحب ساهت جي هر شاخ ۾ رچي رکندي قلم آزمائي ڪئي ۽ الڪل

چاليهه ڪتاب لکي ورتائين. خاص ڪري ناول، ڪهاڻي، ايڪانڪي ناٽڪ، مضمون، سفرنامه، آتم ڪٿا ۽ تنقيدي ليک لکڻ ۾ چڱي ناموس ڪڍيائين. نقادن جي نظر ۾ سنڌس مهارت ناول نويس ۽ ايڪانڪي ناٽڪ ڪار طور وڌيڪ رهي. ناول نويسيءَ ۾ ته هو پنهنجو مٽ پاڻ هو. شري گوبند مالهيءَ ڪُل ٢٣ ناول لکيا آهن ۽ وڏي ۾ وڏا ناول لکڻ ڪري کيس سنڌي ساهت ۾ ناول سمراٽ جو خطاب عطا ٿيو. کيس 'پيار جي پياس' ناول تي ١٩٨٣ع ۾ مرڪزي ساهت اڪادميءَ جو انعام حاصل ٿيو. مالهي صاحب اٽڪل چاليهه ڪهاڻيون لکيون آهن، جيڪي جدا جدا ڇهن مجموعن ۾ شايع ٿيل آهن. ٣٢ ايڪانڪيون لکيون اٿائين. اُهي پنجن ئي ڳڪن ۾ ڇپيل آهن. 'سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ'، 'دلچسپ سفرناما'، پنهنجي آتم ڪٿا 'ادب ۽ اديب' (پنجن ڀاڱن ۾) لکيائين.

سنڌيت جي باغ جو هيءُ مالهي، ڏسڻ ۾ بلڪل سادو، لباس ۾ شاعراڻي نوع - اڇو چوغو ۽ اڇو پجامو، ڪاري صدري، اکين تي ڪاري فريم واري عينڪ پهريندڙ، انسان-دوست، پنهنجو ۽ خوددار هئو. هيڏو وڏو ساهتڪار هوندي به منجهس اهم-ڀاو جو نالو به ڪونه هو، ننڍي ۾ ننڍي يا نئين ليکڪ سان به هو حُب سان ڳالهائيندو هو، جڏهن ته ڪي وڏا ليکڪ ايگوئسٽ هئڻ ۾ فخر وٺندا آهن. مالهي صاحب وقت جي قيمت ڄاڻندڙ، رٿائتي نموني ڪم ڪندڙ، مارڪسوادي ويچاردارا جو هوندي به صوفي مت کي مڃيندڙ هڪ رچ مڙس هو.

مالهي صاحب کي ڪيترائي انعام مليا. مرڪزي ساهت اڪادميءَ جي پرسڪار بعد، سنڌس ساهتڪ يوگدان جو قدر ڪري، مهاراشٽر راڄيه جي سنڌي ساهت اڪادميءَ ١٩٩٠ ۾ کيس مهاراشٽر گورو پرسڪار ڏنو. ١٩٩١ ۾ کيس انٽرنيشنل لطيف ايوارڊ، دبئيءَ جو عطا ٿيو. نه صرف ايترو، پر ١٩٩٢ ۾ ڪلڪتي جي ڀارتيه ڀاشا پريشد جو انعام پڻ حاصل ٿيو. ١٩٩٣ ۾ هن

صاحب کي سنڌي سنسڪرتيءَ جي شيوا جي عيوض، بخشائي اوارڊ سان نوازيو ويو. اها سنڌي قوم لاءِ فخر جي ڳالهه آهي جو مالهي صاحب کي ورلڊ وائيڊ پبليڪيشن طرفان سنڌي سنسڪرتيءَ جي شيوا بدولت، سونو پلو ڏيئي سندس عزت افزائي ڪئي ويئي، جيڪا مالهي صاحب جي نه، پر سنڌي قوم جي عزت افزائي آهي.

سال ٢٠٠٠ ۾، سنڌي اڪادمي، دهليءَ، هن کي 'سچي زندگيءَ جي خدمتن' لاءِ ايڪونجاهه هزار روپين جي اوارڊ سان نوازيو.

سنڌي ٻولي، ساهت، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ جي پرندڙ مشعال ۾ شري گوبند مالهي جي تصوير صاف ۽ چٽي ڏسي سگهجي ٿي، جو جو هن جو سچو جيون اِنهيءَ ڪيتر ۾ ارپڻ ڪيل هو. اڄ جڏهن ترقي-پسند دؤر جي مؤرتيءَ کي ڏسنداسين، تڏهن اُن ۾ مالهي صاحب کي نه ڏسي، هر سنڌيءَ جي اکين مان گنگاجمنا وهڻ سڀاويڪ آهي. اهڙي مهان ساهتڪار جو ڏکدائي ديهانت، سنڌي قوم ۽ سنڌي ساهتڪ مرڪزن لاءِ هڪ ڪاپاري ڌڪ آهي، اڻوسرندڙ واقعو آهي، جيڪو دل ۾ دهڪو ته پيدا ڪري. شال اهڙي سدا بهار ساهتڪار جي ڪوٽ پوري ٿي سگهي!



سرمور ساهتڪار: گوبند مالهي

— ڪمل پياسي

شري گوبند مالهيءَ سان منهنجي ذاتي ڏيٺ ويٺ ان طرح ٿي، جو ديش جي ورهاڱي کان پوءِ اسين ڄڻ ته ڪراچي ڇڏي گجرات جي آڻند ضلع جي ڪرماد ڳوٺ ۾ آياسين، تہ منهنجا پتا بابا شري ڀوڄومل ڪٽر بہ پنهنجي ڪٽنب سميت ڪرماد ۾ آيو ۽ منهنجا ٻئي فرزند — دادا ٺارومل ڪٽر ۽ گوبند مل ڪٽر — بہ اول اول ڪرماد ۾ آيا، پوءِ تہ روزگار ۽ جيئڻ جي ٻين مشغوليتن ڪارڻ هرڪو وڃي الڳ الڳ ٿانئيڪو ٿيو. ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ، منهنجي پهرين پوسٽنگ راجڪوٽ ۾ ٿي ۽ دادا ٺارومل ڪٽر بہ اُتي اڪائونٽ کاتي ۾ عملداري عهدي تي هو. رشتو گهرو ٿيندو ويو؛ تہ ڳالهہ دادا جي ٻارن سان، پر گوبند مالهيءَ سان بہ، جو تہ هڪ پنهنجي مربي ياءَ وٽ بمبئيءَ مان ٽڪڙو ٽڪڙو ايندو رهندو هو.

اسان جو اُجورو پري ڏيڻ لاءِ گهڻا تڪاڻا ست ساري سگهن ٿا؟“ مالهيءَ مون کان ٿي پڇيو ٿو. ”ڪن تڪاڻن سان، ڪن وڏن ۽ لوڪپريہ سنتن جي ورسين جي سلسلي ۾ رعايت ڪندي بہ، ڪلاڪار منڊل کي مشڪل سان سال ۾ اٺ-ڏهہ اهڙا پروگرام ملندا آهن. سائين وَسڻ شاه جي دربار سان ئي ڪلاڪار منڊل جو ناتو آهي، ڇو تہ اُن دربار منڊ کان وٺي ڪلا ۽ ڪلاڪارن جو قدر ڪيو آهي. سائين سَترامداس، ڀڳت ڪنوررام ۽ ٻيا سڀ ڪلاڪار اِن دربار سان روهڙيءَ کان وٺي وابسطہ رهيا آهن. اُتي صوفيواد ئي مکيہ متو آهي. ڪنهن قسم جي پيدياو ناهي؛ سادي دربار آهي. پئسي وارن جي خوشامد نہ ٿيندي آهي. ۽ اِن دربار پئسي وارا ايندا بہ ٿورا آهن. مان سنڌين جي سنگتن کي ٽوس روپ ڏيڻ چاهيان ٿو. هڪ ديوتا جهوليلال ۽ هڪ دربار وَسڻ ڳهوٽ جي. اُماس تي اُتي هوندڙ بہ سچي رات سنگيت هلندو آهي، ۽ ٻڌندڙ ڪافي تعداد ۾ ڪٺا ٿيندا آهن. مان انهن سامهون ڇڻ نوَن گيتن جي گرئنڊ ريهرسل ڪندو آهيان، ٻڌندڙن تي ان جو اثر جاچڻ لاءِ! مون پنهنجو سنگيت جنتا کي پيش ڪيو آهي. تڪاڻن ۽ مندرن تہ ڇا، خود وسڻ ڳهوٽ دربار دربار کي نذر ڪرڻ جو ويچار ڪونہ آئيم. ها، وسڻ ڳهوٽ دربار سا... ڪري... ...ين آئيم، جو اُها مون وانگر سنڌ تان

ٿو رهن. ڪنهن کي اِها نه خبر ڪانهي ته عمر ڪير هو ۽ ميحار ڪيرا نه ڪنهن ذات-ذونرا ڏنا آهن ۽ نه ڪين ڪهڙن يا ڪاهوڙين جي خبر آهي.“

”سنڌ جي لوڪ ڪٿائن سان واسطو رکندڙ ڪلامن کي مان سنڌين جو ساهه ٿو سمجهان. پر رُڳو اِنهن ڪلامن وارو پروگرام نه اڳ ڏٺو اٿم ۽ نه ڪين بعد ڏيڻ جو اِرادو اٿم. مون مُنڍ کان وٺي پروگرامن کي نهايت گهڻي وسعت بخشي آهي. منهنجي جن ميدان ۾ قدم رکڻ کان اڳ، سنڌي سنگيت ۾ آهڙا رنگ-به رنگي پروگرام نه ٿيندا هئا. لوليءَ کان وٺي مارُوءَ تائين، شاهه جي ڪلامن کان وٺي اڄ جي شاعرن جي رچنائن تائين، سنڌي سنگيت جا جدا جدا نمونا پيش ڪرڻ ڪلاڪار منڊل جو عملي مقصد رهيو آهي. مذاقي خواه ماڊرن ڊنگ وارا گيت به ضرورت آهر پيش ڪندو آهيان. مان اِهو به مڃڻ لاءِ تيار ناهيان ته نئين ٽهي صوفي ڪلامن کان صفا ونءُ ويندڙ آهي. اڪثر ٻڌندڙ، ڪن-رس ۽ من-رس ٻنهي جو سُٺو سنگم پسند ڪن ٿا. ڪن-رس لاءِ مذاقي ۽ ماڊرن گيت ۽ من-رس لاءِ ڪلام پسند ڪيا وڃن ٿا. ها، ايترو ضرور مڃيندس ته صرف گنڀير گيتن سان هزارين ٻڌندڙن کي ٻڌي وهارڻ ممڪن ناهي. زندگي اهڙي تلخ آهي، جو ماڻهو مذاق ۽ کِل خوشيءَ لاءِ ماندا آهن، ٻه گهڙيون کلڻ جا ٻار. ساڳيءَ طرح نئين ٽهيءَ وارا گنڀير گيت پسند نه ته گوارا ضرور ڪن ٿا. منهنجي لاءِ گنڀير ۽ مذاقي گيتن جي وچ ۾ تضاد ناهي، سنگم آهي. ٻنهي قسمن جا گيت، پروگرامن لاءِ ضروري آهن، ۽ جيستائين سنڌ ياد آهي، سنڌيت سلامت آهي، تيستائين جيئونا لوڪ ڪهاڻين وارا ڪلام به زنده رهندا آهن. خود سنڌيت کي سلامت رکڻ لاءِ آهڙا ڪلام ضروري آهن. اها به ڳالهه اڄ جا ٻرک شاعر اِنهن لوڪ ڪٿائن کي متعمر گيتن جو روپ ڏين، ته نئين ٽهي سولائيءَ سان اِنهن

ڪردارن ڪان واقف ٿي سگهي ٿي.''
مالهيءَ سان مختصر ملاقاتن جي دوران ۾ اهڙا انيڪ سوال اُٿندا آهن. هوُ هر سوال جو تفصيلوار جواب ڏيڻ چاهيندو آهي. هڪ ماسٽر وانگر سمجهائيندو آهي، هڪ وڪيل وانگر دليل پيش ڪندو آهي ته به سندس شڪايت آهي ته ڪيس اڪثر غلط فهمين جو شڪار بڻايو ٿو وڃي. تڏو ساهه کڻي چوندو آهي، ''مان چاهيان ٿو ته جي ڪوئي مون کي صحيح نه به سمجهي، ته گهٽ ۾ گهٽ غلط به ته نه سمجهي!'' ويجهڙائيءَ ۾ سندس ساهتيڪار ساٿي شڪايت ڪرڻ لڳا آهن ته هو سميلن ۾ سيا جي ڪمن ۾ پورو سهڪار نٿو ڏئي. پر مالهي چوندو آهي ته ''مان اَسهڪار مان نه ڄاڻان؛ سيا ۾ سميلن به منهنجي سهڪار سان ئي موجوده دؤر ۾ آيا آهن. ها، سيا جي روز مره جي ڪاريه لاءِ نه مونکي فرصت آهي، نه دلچسپي! باقي اَلوَر سميلن کي ڇڏي، مان ويجهڙائيءَ ۾ به هر سميلن يا وڏي پروگرام ۾ شريڪ ٿيو آهيان. ان لاءِ ڪن وقتن تي، پنهنجا سنگيت پروگرام به سهسايا اٿم. ساٿين ڪان ڪيترا پيرا ٽوڪن پيمينٽ (سوُٽي) به ڪانه ورتي آٿم. احمداباد ڪنوينشن ۾ برابر ڪونه ويو هوس، جو بلڪل ساڳين تاريخن تي جئپور ۾ پروگرام ڏيئا هئا. ساڳيءَ طرح شِوَراتريءَ جي پروگرامن سبب، دهليءَ واري بڪ هڙتال ۾ به شريڪ ٿي نه سگهيس. ڇا ڪريان؟ مونکي ٽي-ٽي مهينا يا ڇهه-ڇهه مهينا اڳواٽ پروگرام قبول ڪرڻ پون ٿا. ڇا مان دوستن مان اِها اُميد نه رکان ته هوُ به منهنجيءَ سهوليت جو خيال رکن؟ پروگرام قبول ڪري، پو اُن تي نه پهچڻ جي صلاح نه هوُ مونکي ڏيندا ۽ نه وري اهڙ ڳالهه مان ئي مڃيندس. حقيقت اِها آهي ته جيترو مون دوست سان نِباهيو آهي، اوترو دوستن مون سان نه نباهيو آهي. شڪا شڪايت ڪرڻ ۾ پنهنجي ٿيڻائي سمجهن

آهيان.''

اجمير ۾ مالهي مون وٽ مهمان ٿي رهيو آهي. بمبئيءَ ۾ مان وٽس مهمان ٿي رهيو آهيان. هڪ ٻئي کي ڄاڻڻ-سڃاڻڻ جا ٻيا به موقعا مليا آهئون. هر ڀيري کيس نئين رنگ ۾ ڏسندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن هلچل جي رهبر وانگر، ڪڏهن ساهتيہ ڪار جي روپ ۾، ڪڏهن سنگيت منڊليءَ جي سرڪردي وانگر ته ڪڏهن فلمي چڪر ۾. ڪڏهن خوش، ڪڏهن غمگين، ڪڏهن هيسيل ۽ گهبرايل، ڪڏهن اُتساهه ۽ اُمنگ جو چشمو، ڪڏهن خوش مزاج ۽ خوش حال، ڪڏهن مالي مشڪلاتن سبب منجهيل ۽ مُلوُل، ڪڏهن پاڻ ئي مون سان ملڻ ايندو آهي ته ڪڏهن منهنجي ڪوشش جي باوجود هو ڄاڻي واڻي لنوائي ۽ نٽائي ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سندس ڳالهين ۽ وهنوار ۾ وڏو اُنتر نظر ايندو اٿم، منجهس تضاد جو عجيب ميل نظر ايندو اٿم. هو مارڪسواد جو پوڄاري آهي. ساميواد جا سپنا ڏسندو آهي، پر اَباڻيون زمينداري عادتون منجهانئس ويىيون ڪونهن — آرام سان اُٿندو، چانهه جا چار ڪوپ چاڙهيندو، بيڙيءَ جا سوٽا لڳائيندو، آهستي آهستي ڏاڙهي لاهيندو، وڏيرن وانگر کيس ڪي خادم به گهرجن. ڪو سندس بيڙين جو بنڊل سنڀالي، ڪو پنهنجن نرم نازڪ هٿن سان سندس شيروانيءَ کي برش لڳائي، ڪو رومال ۽ گهرتل شيون سندس کيسي ۾ وجهي، ڪو سندس بئگ سنڀالي ۽ ڪو سندس پئسن ۽ ڪاغذن جو حساب رکي. (پروگرام وقت هوُ ڀين کي سنڀاليندو آهي، پروگرام کان پوءِ ٻيا کيس سنڀاليندا آهن!) مارڪسوادين لاءِ 'ڏرم' آفيم جي گوليءَ مثل آهي، پر مالهي شِو شنڪر ڀولي ناٿ جو شائق آهي! اِهو ڀنگ جو ڪلورو کيس منظور آهي. پاڻ ته ڦِوا؟ پيئندو، پر ڪلاڪارن کي به ڦِوَ جي استُتي ڳائڻ لاءِ همٿائيندو. صوفي-اِزم جو به سواد اَٿس. ڀڄانس، ''مالهي! هڏو اٿم ته تو

صوفي-مارڪسواد جي ڪچٽي تيار ڪئي آهي! يار، ٿوري اسان
کي به چکاءِ.'' وراڻيندو، ''ڇا ٿو چوين؟ مون کي خود خبر ناهي
ته صوفي-مارڪسواد ڇا آهي! مون صرف ائين چيو آهي ته
تصوف ڪالهه جي سچائي آهي ۽ مارڪسواد سڀاڻي جي! مان
ٻنهي سان نِڀاهيندو آهيان. جي تون اِن کي صوفي-مارڪسواد
ٿو چوين، ته پوءِ ٻي ڳالهه آهي. مارڪسواد هوندي به ڊاگمئٽيزم
ناهي. فلسفهءِ حيات آهي، اِن ڪري زمان ۽ مڪان جو مُحتاج
آهي! اڄُ ڪميونسٽ مُلڪ پاڻ ۾ وڙهن ٿا، سلطنت-شاهي
ملڪن سان سمجهوتو ڪن ٿا، پوءِ به مارڪسواد سان نباهڻ جي
دعويٰ ڪن ٿا! مان وري به ڪالهه ۽ سڀان جي هڪجهڙائيءَ
جي حق ۾ رهيو آهيان. تصوف جو بنياد آهي 'هڪجهڙائي' ۽
برادري-ڀاو. اوچ-نيچ ۽ ذات پات جي فرق کي تصوف ۾ جڳهه
ڪانهي. مارڪسواد به وڌيڪ وگيانڪ طريقي سان ساڳي ڳالهه
ڪري ٿو. آوائلي ساميتواد (Premitive Communism) کي به مارڪسواد
نظر انداز نٿو ڪري. اُن کي صاف وگيانڪ روپ ڏيئي، اڄ جي
حالت انوسار بڻائڻ جي تمنا ڪري ٿو، ڪوشش ڪري ٿو. وڄ
واري صوفي-واد کي به گرهڻ ڪرڻ کان مارڪسواد کي نٽائڻ نه
گهرجي، خاص طور اُنهن حصن ۾ جن سان تصوف ڀال ڀلايا آهن.
صرف جڙپدارٿن (material) جي بهتري سڀ ڪجهه ناهي، ۽ هر
وقت هِنسا (violence) ڪارائتي ناهي. اتهاس اِن جي برعڪس
ثابت ڪيو آهي. اڄ خود رشيا ۾ به اِستالن ۽ سندس هِنسڪ
طؤر-طريقن کي تاريخ مان مِٽايو پيو وڃي. ڪڙي ڪَل، سڀاڻي
مائو ۽ مائو-ازم جو به اِهو حال ٿئي! هوندي به هِنسا دائمي ٿي
نٿي سگهي. اِنسان بنيادي طور صلح سانت ۽ ڀائيچاري ۾ رهڻ ٿو
چاهي. خود مارڪسواد جو مقصد آهي: 'آئيندي ۾ سيني جنگين
کي ختم ڪرڻ لاءِ وڏي جنگ جوٽڻ!' مان اِها وڏي جنگ به بلڪل

ڳيت-ڇنسڪ طريقن سان سوشلزم جو دائرو وڌي رهيو آهي. آرٿڪ سمانتا ته منجهي نظر ۾ آڌوري آهي، جي انسان ۾ بنيادي ڦيرو نه آيو آهي ــ دلين جو ڦيرو، نظريي کي عملي روپ ڏيڻ جي طريقن ۾ ڦيرو. ان لاءِ تصوف جو روشن پهلو نظر انداز نٿو ڪري سگهجي، ڪرڻ به نه کپي. Mixed Economy هر هنڌ هلڻ لڳي آهي. مارڪسواد عبر ناهي کهڙن کهڙن مڪاني ۽ ملڪي نظرين کي اپنايو آهي. يارت جهڙي پاشاوادي، ڌرمن، ذات-پات ۽ ٻين مت-ڀيدن واري ملڪ ۾، صوفي-مارڪسواد جي وڏيڪ ضرورت آهي، ۽ اهو ئي سوشلزم جي مقصد کي وڌيڪ ويجهو آڻي سگهي ٿو. اڄ آرٿڪ اُنتيءَ سان گڏ منورتيءَ ۾ انقلابي ڦير جي ضرورت آهي. اڄ پيسي کي حد کان وڌيڪ اهميت، هر هنڌ ۽ هر سطح تي ڀرشٽاچار کي وڌايو آهي. ويدانتي ويچارن جو ڦهلاءُ ۽ عمل، ڀرشٽاچار کي ٻنجو ڏيئي سگهي ٿو. انسان ڏُکُو آنَ تي ته گذر ڪري نٿو سگهي. پيٽ جي آڳ مُکيه سهي، زندگيءَ جو نچوڙ ته ناهي، خاص ڪري اُن ديس ۾، جتي ورت رکڻ ۽ تَنَ کي تسيا ڏيڻ، ڌرم جو ئي نه زندگيءَ جو به مکيه نظريو رهيا آهن.''

مالهي 'مالهي' آهي. سندس جهوليءَ ۾ گُل به آهن ته ڪندا به! خوبين سان گڏ سندس خامين جو به احساس اٿم. پر اِن هوندي به منجهس ڪا بنيادي صداقت آهي، ڪا اندروني ايمانداري آهي، جا مونکي ڪن ڏانهن هميشه ڇڪيندي آهي. سندس ڪلاڪار به مونکي ڪافي ويجهو آهن. شروع ۾ هوُ سندس ڪٺ-پُتليُن وانگر ڪمَ ڪندا هئا؛ پوءِ حالتن جي ڦيري ۽ زماني جي گردش سبب، هنن شڪايت ۽ بغاوت به ڪئي. چيومان، ''ٻل ٻين ڪلاڪارن ۽ پارٽين سان پروگرام ڪري ڏسو، وري نه مالهيءَ جهڙو ماڻهو اوهان کي نه ملندو!''

مالهيءَ پنهنجن ڳُلن کي پاليندي-سنڀاليندي، ڪَنڊن جون چوٽون بہ سَنيون آهن؛ ۽ نہ رُڳو سندس آڱريون، پر ڪڏهن ڪڏهن سندس دِل بہ رتورَت ٿي آهي. پر هوءَ اڄا بہ انهن ڳُلن کي سيني سان لڳائي سانڍيندو اَچي! مالهي ڪلاڪارن تي مڪمل ضابطو رکڻ چاهيندو آهي. بانيڪار بہ ڪڏهن ڪڏهن بغان تي ويندا آهن : ”مالهي مغرور آهي، رُڳو پنهنجي تو هلي، اسان جي ٻُڌي ئي نٿو! پئسا اَسان ڏنا آهن، ڇا اسان جي فرمائش کي ڪا اهميت ڪانهي؟“

۽ ٻُڌندڙن جا ٻوڪَ ....؟ توبه .... توبه....!

”مالهيءَ وٽ نئون ڪجهہ نہ رهيو آهي.“
”پهريون دفعو مالهيءَ جو پروگرام ٻڌڻ سان، جيتري مؤج ملندي آهي، ٻيون دفعو ٻڌڻ سان اوتري ئي نِراسائي نصيب ٿيندي آهي ..... بس، اُهوئي ’من ڪبوتر‘ ۽ اُهوئي ’چِلن جو جوڙو‘ ....!“

سندس سنجيده ڪلاڪارن لاءِ غير-سنجيده رمارڪ بہ ٻڌا اٿم. ها، هڪ تصوير تري ايندي اٿم آکيُن اَڳيان - شاهي ميدان، مڳدِ سنڌي جنتا جو جهومندڙ ساگر، اُتاهين اِستيج تي ڪاري ڪوٽ ۽ ڪاري چشمي سان مائيڪ پنيان ويٺل مالهي. پر ہر سندس تي سُريلا ڪلاڪار. نئين تحيءَ جي ٽِن ٽِسينگَن جي ٽولي، ميدان جي ڇيڙي وٽ ويٺي، رمارڪ ڪشي رهي هئي. انهن جي پنيان آئون بہ ويٺو هوس. اوچتو اِستيج ڏي اِشارو ڪري هُنن ڇيو، ” ڪويل .... ڪبوتر ... ڪُڪڙ .... ۽ ڪانءُ....!“

مون کي ٻڇيلي وٺي ويئي. غصي مان ڇيُم : ”ڏيڏر.... سانڊو... ۽ گدھ ....!“

ڏيڏر مِٽوَن ڦوڪي، اَکيون ڦوٽائي، مون ڏانهن نهاريو.

سانڍي ڇي ڇجڙي جو رنگ بدلجي ويو! گڏھ مونکي اتي ڄٽي
هينگ ڏيني، ''هيءَ بمبئيءَ وارن جو چارتو ڄتي ٻنو آهي، هلو
هلو، پاڻ ته هلي ڪا پڪچر ڏسون!''

آهڙيون اِئون مالهيءَ ڪي نه لڳيون هونديون. آهڙيون
هينگون ڦن جي ڪلاڪارن به ڀڏيون هونديون. آهڙي ٽان-ٽان
ڙڳو تماشبين ڇو، خود مالهيءَ جا جهونا شاگرد (؟) به ڪندا
هئا، خبر ناهي ڦُنڪيءَ ۾ يا خارن ۾، ڪين چوندو ٻڌو آهي،
''مالهي ڇا جاڻي!''

شاباس، منهنجا دوستو! اوهان ڪي شايد اِها به ڄاڻ
ڪانهي، ته اوهان جي 'جاڻ' جو ٻجُ مالهيءَ ئي ڇليو هو.
هاڻي توهين وڏي وڻ تي ويا آهيو نه؟ اَجا به وڏو ويجهو، قلو-
قوُلو، پر اوهان جو مالهي شڪل ڪوڪلو ڦُر ڪونه تي ويو آهي.
مگر اِهو دنيا جو دستور آهي. محنت مالهي ڪندو آهي، پر
سنسار ۾ ساراهه ڦُلن جي سونهن ۽ سُرهاڻ جي ٿيندي آهي! پوءِ
پلا نازنينن جي چوٽن تي چڙهيل گُل، مالهيءَ تي چٽرون
ڪيئن نه ڪندا؟

منهنجي آفيس جي سائيڪل اِسٽئند سان لڳو لڳ، هڪ
تمام سوڙهو رستو آهي. اُن رستي جي وچ ۾ هڪ تمام اُتاهون
ڦُراٽو پپر جو وڻ آهي. جڏهن اُهو سرسبز پپر جو وڻ، هوا ۾
سائئن-سائئن ڪري جهوليندو آهي، تڏهن مون کي سائيڪلن جي
لنبي قطار ۾ هزارين سنگيت پريمي سنڌين جي پيڙ نظر ايندي
آهي. پپر جو وڻ جهوُليندو آهي، ڳائيندو آهي ۽ سائيڪليون
منتر مُگڌ، بنا چُرپُر جي، اُهو سنگيت ٻُڌنديون رهنديون آهن.
صبح جو آفيس جي وقت، سائيڪل سوار اُن سوڙهي رستي تان
اُتاولا ٿي ايندا آهن، ته وچ ۾ پپر جي رُڪاوٽ سبب شڪايتون
ڪندا آهن :

”ڊِن پيپر جي هاٿي جتي کهڙي ضرورت آهي! جيڏونو پُراڻو تي ويو آهي؛ ڪيس ڪيرائڻ يا ڪٽائڻ گهرجي.“

اهو پيپر ڪڏهن سائو سبز هوندو آهي ته ڪڏهن سندس پن ڇڻي ويندا آهن ۽ سندس شُڪل اُگهاڙيون بانهون چڙهي آسمان ۾ هٿوراڙيون هڻنديون آهن ته به اُهو پيپر اُنهن سائڪلين، انهن سوارن ۽ آفيس جي ٻه ماڙ بلڊنگ کان مون کي وڌيڪ اَٽل، اَڏول ۽ اوچو نظر ايندو آهي. لاشڪ، ڪنهن ڏينهن اُهو پراڻو پيپر ڪِري پوندو يا اُن کي ڪاٽيو ويندو! پوءِ ان سوڙهي رستي ۾ ڪابه رُڪاوٽ ڪانه رهندي ۽ اُتاؤلا سائيڪل سوار سَرڙات ڪري پنهنجيون سائيڪليون ڊوڙائيندا. پر مان اُن ڏينهن پنهنجي اَندر ۾ هڪ اونهو ۽ اونداهو خال محسوس ڪندس ۽ يقين اَٿم ته اُهي سائيڪليون به مونکي بيحد اُداس ۽ اُباٽڪيون نظر اينديون ......

(ڪونج جي ٽورن سان)



مالهي ـ ڪير آهي هي؟

— پوپٽي هيراننداڻي



ننڍي بدن سان وڏيون
ڇرانگهون ڀريندڙ، پتلي شرير
مان مظبوط آواز سان ڳالهائيندڙ
سنڌي بيڙي ۽ هندستاني چانهه
پيئندڙ، ڪارو ڪوٽ ۽ اڇي
پتلون پهريندڙ، هلڪن وارن ۽
ڪاري چشمي واري مالهي صاحب
کي ڏسڻ سان بار به سمجهي
ويندو ته هي ٻين کهڻن جهڙو
شخص نه آهي.

ڪير آهي هي؟ ليکڪ، مضمون نويس، ڪهاڻي نويس، ناول نويس، هدايتڪار يا ڪلاڪار؟ هلچل جو باني يا هلچل ۾ ڪم ڪندڙ؟

هي اُن نموني ۽ جي هڪ مورت آهي، جن کي ورهاڱي بعد خود سنڌي ٿيڻ رهڻ ۽ ٻين کي سنڌي بنائي رهڻ جو سوڌائو چڙهيو. جنهن جي ان ارادي، جنهن کان جاچيا نه ڪرايو! واري ۽ پٿر هٽائي ڪنڊا ۽ ڄار پٽي، مٽي ۽ گارو ڍوئي سڙڪ تيار ڪرڻ

۽ اُن بعد سڙڪ جي پر ۾ ڪوهه ڪوٽڻ ۽ درخت پوکڻ تہ ۽ تنغاري ۽
ڪوڏر بہ ڪٽٽي هئي! وقت جي تقاضا ٿئي تہ ترين ۾ وڃي
بہ ڦاول لڪٽو هئو ۽ جي ڪاڻ ڳڻري تہ لڳڻ جو معيار تہ ڇا،
خود لڳڻ جو جنون بہ قربان ڪرڻو هئو!

مالحي اُن ٽِڪُنڊي جي ڪُنڊ هئو، جن جي هستي نهايت
ئي اهم آهي، پوءِ بہ اُهي ''ڪُنڊ نہ'' ئي آهن. هنن کي نہ
هڪ پٺي ڪان الڳ ڪو ڏسي سگهجي ۽ نہ هنن کي گڏي هڪ
ئو ڪري سگهجي. هرهڪ پنهنجي نهي هڪ ڪُنڊ آهي، پوءِ بہ
گڏيل روپ ۾ هيءَ هڪ ٽِڪُنڊو ئي آهي!

دشمن هجي يا دوست سڏائيندڙ، جنهن کي بہ، جنهن
وقت بہ وڻي، هنن ٽنهي تي يڪو وار ڪري سگهي ٿو، هنن مان
هڪ جو سياءُ بين بن تي مڙهي سگهي ٿو ۽ انهن ڪرڻ پنهنجو
جنم جو حق سمجهي سگهي ٿو. هنن جي شخصي ۽ ادبي، سياسي
۽ سماجڪ، نجي پنهنجي ۽ جاتيءَ جي سامراجڪ جيون کي
پنهنجي بحث جو مرڪز بڻائڻ، هر ننڍي-وڏي اديب جو، اڄ
۽ هاڻي، هڪ پيارو شغل بڻي رهيو آهي.

پر پنهنجن سائين جيان مالحيءَ پنهنجو تصور پنهنجو
نظريو ۽ پنهنجو ڪاربہ بدلائڻ جي ڪمزوري ڪڏهن بہ ڪا
ڏيکاري، ڳالهہ وچائڻ جو موقعو هجي يا بحث مباحثي
بندوبست هجي، ماسترن جو ميڙ هجي يا نوجوانن کي گڏ ڪ
هجي، چندا تيار ڪرڻا هجن يا مضمون گڏ ڪرڻيون هجن
باجو آڻڻو هجي يا شاميانو هڻائڻو هجي، مالڪن کي
ڏيڻي هجي يا هال ۾ وهارڻ جو ڪم هجي، ڪلاڪار کي
ڪرڻو هجي يا اسٽيج سينگارڻي هجي، هن سڀني مختلف
عشنايت رکندڙ ڪمن مان نباهيو!

مالحيءَ کي خبر هئي تہ ڪيس سڀ ڪمي وڃي
ٽڪجڻو بہ آهي نہ وڏين وڏين بورائڻون برو هئو تہ

ڳالهائڻو نہ آهي تہ لکڻو نہ آهي، هدايت ڪرڻي آهي نہ بانگ ۾ ٻاڳ بہ ونڻو آهي، پردي پٺيان سڀ اَنائونس نہ ڪرڻو آهي تہ ڪتاب نہ وڪڻڻا آهن؛ ادبي شغل جٽڻو آهي نہ ڪلچرل اِسم نہ پالڻو آهي. سميلن سانگي بئنگلور وڃڻو آهي تہ سنگيت ڦطائڻ لاءِ ڏٻئيءِ اُڏامڻو بہ آهي؛ سياري ۾ مسافري ڪرڻي تہ اونهاري ۾ مانَ ڪري نہ وهڻو آهي؛ ڏينهن جو ريهرسل ڪرائڻي آهي تہ رات جو بہ دير تائين اوجاڳو ڪرڻو آهي.

اَجوائڻي هجي يا ڪلپنا، سيني جي اَچڻ-وڃڻ، ويهڻ-ٻڌڻ، وندرائڻ-بحث ڪرڻ، ڳالهائڻ، رُسڻ ۽ پرچڻ جي ذميواري کڻڻي آهي ۽ سميلن هجي يا سيمينار، سموري لکپڙهہ ۽ ڪارروائي، سڦلتا-اَسڦلتا جي جوابداري سِر مٿي کڻڻي آهي. ميٽنگ هجي يا ميڙ، شروع کان آخر تائين لازمي طرح حاضر رهڻ ۽ ڪارروائي نوٽ ڪرڻ جو ڪم ڪرڻو آهي ۽ پوءِ بہ پنهنجن ۽ پراون جي نقطچيني، ڪَلهہ پٺيان ٺيلن ۽ اَڻ ڄاولن جا ڳالهاءُ ٻڌڻا آهن ۽ ٻڌي مُشڪڻو بہ آهي!

مالهي ۽ سندس ساٿين جي ٻڌايل سڙڪ تان فاتح فتح جي نشي ۾ ڊوڙندا وڃن، پنج هزاري پنا ڳڻيندا رهن، پاچ ڪاڏل پيرن جا ڏڪ هڻندا وڃن، نقطچين لفظ اُڇليندا وڃن ۽ پنا ڪارا ڪري ورهائيندا وڃن؛ پر هي ڪم ڪندا وڃن. اڄ بہ ڪم ۽ سڀاڻ بہ ڪم! سُڄڻي درياهہ جي پرواهہ ۾ وهندي وئي، مالهي ڪم جي وهڪري ۾ وهندو رهيو. سُڄڻيءَ لاءِ لڙ لهرون ۽ لس ليٽ، ۽ ڇڪڻ جي ڇپبت سهڻ بعد ميچار سان وصال، پر مالهي-سُڄڻيءَ لاءِ رُڳو ترڻ ئي ترڻ. جن سسئيءَ لاءِ فقط هئو هلڻ ئي هلڻ! ڄڻ خدا کي چوندو هجي:

ڪنارون سي اي خدا، مُجهي دور هي رکنا،
وهان لي چل جهان سي طوفان اُٺني والا هو!

۱ سڄڻ جي آئنند ناچڻ جي لاءِ، نہ پنهنجيءَ

ڏني ۽ جي صحت قائم رکڻ جو اونو ۽ نہ پنھنجي سُک ۽ آرام جي چنتا!

چون ٿا تہ مالحي ڪمزور ۽ ٻڇڙو ھئو، پر ڪمزور ۽ ٻڇڙي انسان ۾ زندھ رھڻ جي ايڏي تيز ڀاونا نہ ٿيندي آھي، ڪمزور انسان نقطچينيءَ پر ٻڇي، پنھنجي ھمت ۽ پنھنجو حوصلو کوھي وجھندو آھي؛ ٻڇڙو آدمي منزل سامھون نہ ڏسي، راھ کان موٽي ويندو آھي. ھيٺي ماڻھوءَ ۾ قربانيءَ جو معدو گھٽ ٿيندو آھي. مالحيءَ تي سياسي ويچار رکي لکڻ جي تُھمت ھنئي تي ويئي، پر ھِن ڪاريہ سانگي پنھنجي سياست پڻ قربان ڪئي، پنھنجي نِجي جيوَن کي تياڳيو ۽ زندگيءَ جي ھر عيش کي تِلانجلي ڏِني. جتي ٻيا پنھنجي ھر اُمنگ کي پوري ڪرڻ جي آزادي رکن ٿا، تِتي ھي پنھنجيءَ دل جي ھڪ اُڌمي کي پورو ڪرڻ جي مرضي نٿي رکي سگھيو. جتي ٻيا ڪاريہ لاءِ رت-ست ڏيڻ جي ھام ھڻي، سينڻي تي مُکون ھڻڻ جو ڍونگ ڪندا آھن، تِتي ھيءُ پنھنجي متي تي ھٿ ٺُمائي چُپ رھندو ھو. جتي ٻيا پاڻ وڪڻي پنھنجيءَ ايمانداريءَ جي لاف ھڻندا ھئا، اُتي ھيءُ تھڪ ڏيندو رھندو ھو. جتي ٻيا لکڻ ۽ بحث ڪرڻ کي عيش سمجھي، ھِن جي رُکي ۽ اَٿيي جيوَن تي کِلندا ھئا، اُتي ھي اُنھن کي ٻار سمجھي سندن ناداني معاف ڪري ڇڏيندو ھو.

پنھنجين لکڻين مان جھاتي پائيندڙ مالحي-شخص کي ڏسڻو ھُجيوَ، تہ سندس ''ديسي سيڻ ڪجن'' ۾ جيوَڻ کي سُڃاڻڻ جي ڪوشش ڪريو. جيوَڻ، جو ھر ھر شاھ جون ٽُڪون پيو تنواري ۽ نُوريءَ جو جام ٻڌڻ جون سُڏون پيو ڪري.

سنڌي سنگيت ڦھلائيندڙ ھڪُ سِوَدائي-مالحي پسڻو ھُجيوَ تہ ڳاڏيءَ جي ڪنھن ڪُنڊ ۾ ڪُرونڊڙو تي وينل، ٻيڙي ھٿ ۾ جھلي رات رات ٺڏاريندڙ مالحي پسو.

پنهنجي ٻوليءَ کي پيار ڪندڙ ماڻهوءَ سان واقفيت ڪرائي ڇُڏيو ته اسٽيج تي ويٺل ماڻهوءَ کي ڏسو، جو پنهنجن شاعرن جا ناڻا فخر سان پيو وٺندو ۽ ماڻهن ڏانهن مخاطب ٿي چوندو هو: ''هاڻي ٻڌو اسان جي ''وفا'' جا پنهنجڙا!''

هلچل ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهوءَ کي ڏسڻو ڇُڏيو ته ڪوپَ مٿان ڪوپُ چاڙهيندڙ، گهگهي آواز ۾ ڳالهائيندڙ، ٿڪل بدن کي اڳيان ڌڪي ويندڙ هو سمجهوتو ڪندڙ جڪُ جملو اوهان جو ڏيان ڇڪائيندو: ''بابا! اِئين ته ڪرڻو ئي پوندو نه؟ اسان مَري وڃون، ته مرڻ ڏيو پر ڪاريه کي ڌڪُ ته نه جهلڻو آهي نه!''

ناگرائي هجي يا پنجواڻي، ماڻهوءَ جو ڪو ڪٽر دشمن ٿي نه سگهيو، ڇاڪاڻ ته سخت متپيد هوندي به ماڻهو سيني سان دوستاڻي سطح تي ملندو رهيو. هو زور سان ڳالهائيندو، مگر ٿُڪو لفظ نه چوندو هو. واڪو ڪندو هو، مگر ڏکوئيندو ڪينَ هو. بحث ڪندو هو، مگر مڃيندو آخر پنهنجن جي هو. چاهي ڪنهن دوست ٻڌجي ڪيس دغا ڏني هجي، هيءَ اُن جي ڳالهه نه ڪندو هو. چاهي پنهنجي نامَردي لڪائڻ ۾ ڪو ڪس پرچارڪ سڏي ڪَلي، هيءَ اُن جي خوبيءَ يا لياقت کي داد ڏيندو هو. پنجويهن سالن جي اِتهاسَ ۾ هر نئين ۽ پُراڻي ليکڪ، نئين نئين طرز ۾ جهونو راڳ آلاپي، ترقي-پسند ليکڪ تي لکي مخزنن جا پنا ضايع ڪيا آهن، مگر جن ڪڏهين به ڊونگُ رَچي، اِئين نه آکيو ته ''آءٌ ترقي-پسند ناهيان، مان هاڻي صوفي آهيان!''

زمين ۽ آسمان زبانَ کولين ئي ڪين، پوءِ جن جي ڪڙيل هڏن جي ڪهاڻي ڪمر ٽڏائي! هاتي اَسانجي، داد ڏيڻ ۾ نهايت ئي ڪنجوس، پوءِ جنجي ايماندار جذبات جو بهتر ڪمڻ ڇٽجي؟ آلوچڪن جا ماڻ ۽ ماپَ جر ڪمجن ۾ خدا،


ٿي ”وفا“ چوي : ”هيءُ فرق فقيريءَ- اَميريءَ جو، هرگز نہ هڻ اسين ڏينداسين“ تہ اُهو ترقي-پسند ويچارن جو نہ ٿيو؛ ٿر جي مالهي ائين چوي، تہ مُنوا اَسان جا نام-نِهاد آلوچڪَ ٿِس تُهمت ڌرينداا، تہ هن ساهت جي پَوِتر ڪيتر ۾ سياست اندي آهي! پلا قوميت، اِنسانيت ۽ سياست جي باريڪ فرق کي جھرڪيوَن ۽ طوطا ڪيئن بيان ڪندا!

ياد آٿم، ١٩٥٨ ۾ سَروج ريجھسِنگھاڻي (اڄ رامچنداڻي آهي) جي گهر وچي سميلن جي اُدگهاٽن تي سنڌي ڪلام ڳائڻ لاءِ ڪيس عرض ڪيو هئم، تہ ماڻس عجب ۾ پڇي ڇيو هو، ”سنڌي راڳ؟ سنڌي ڪلام چڱي گهر جون ڇوڪريون ٿورئي ڳائينديون آهن؟“

۽ اڄُ ڇوڪريون تہ ڇا، نَوَ وَرنيون بہ نِهايت وڏي فخر سان سنڌي ڪلام پيش ڪنديون آهن ۽ ائين ڪرڻ لاءِ منتظر رهنديون آهن.

ڪير آهن، جن سخت طوفان ۾ بہ سِنڌ ۽ سِنڌيءَ سان لڳاءَ وارو ڏيئو اُجهامڻ نہ ڏنو؟ ڪير آهن، جن جگر جي خون سان جذبات کي پاڻي ڏيئي تازو رکيو؟ ڪير آهن، جن مٽي ۽ پٿر بڻجي اَڏاوت جي هينئان پاڻ کي پوُريو؟

مالهيءَ جي جاڳيل راتين جو داستان ۽ دُکندڙ دِل جو دونهون، ڪانديوَليءَ جي هڪ ننڍڙي مڪان جي ديوارن کان سِواءِ پلا ٻيو ڪنهن ڏنو ۽ ڄاتو آهي؟



(ڪونج جي لورن سان)

گوبند مالهي - ڪجهہ وصفون

ڪمزور بدن، مٺي سا اکيان وار ڪسيل، ڪُليل پيشاني، هميشه شيرونيءَ ۽ سوڙهي پجامي ۾ ملبوس، اِنهن وصفن ڪي جيڪڏهن مِلائبو، تہ مالهي نهي پوندو!

اسان نوَن ليکڪن ۽ شاعرن ۾، ترقي پسند اُدب جو معمار چوائڻ جو حق شايد مالهيءَ کي ئي آهي! نوَن لکندڙن مان مالهي ئي آهي، جنهن کي اُسان جي بزرگ ساهتيڪارن جي صف ۾ جڳهہ نصيب هئي، باقي اسان کي تہ هنن پڇيو بہ ڪونہ! ماڻهو منجهي پوندا آهن، ۽ اِن ڳالهہ ۾ ڪڏهن ڪڏهن شڪ بہ آڻيندا آهن تہ هوُ ڪو سچ پچ مالهي آهي!

بمبئيءَ ۾ اچڻ بعد، مس مس، جدو جهد ڪري وڃي ڪنهن آمدنيءَ جي وسيلي هٿِ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. هاءِ اسڪول فار سنڌيز ۾ ماستري بہ ڪندو آهي ۽ تواريخ ۽ جاگرافي پاڙهڻ سندس دلچسپيءَ جهڙا ڪم آهن. اُدبي ڪلاس جو هوُ هڪ ٽِڪو تنقيد نِگار آهي. هڪ ئي ليک تي جيڪڏهن تنقيد ڪرڻي هوندس، تہ بنا بيهڻ جي چوندو ويندو.

(موتي پرڪاش)

ترقي-پسند تِحرِڪ

ترقي-پسند تحرڪ ۾ مالهي به سال کن ٻنهي ڪان وڌو هو، پر ٻنهي جي ساهت لکڻ ۾ سنڌيت هلچل جي رهبريءَ ۾ يوگدان لڳ ڀڳ هڪ جهڙو ۽ هڪ جيترو آهي. اِن تحرڪ هتي اچڻ بعد ڀارت جي پهرين ۾ مُکيه ساهتڪ سنستا، ''سنڌي ساهت منڊل'' (١٩٤٩) جو باني طور سرگرم ڪم ڪيو جيتوڻيڪ منڊل جو روح روان پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هو، جيڪو ڪلڪتي وڃڻ کان اَڳُ، ١٢-١٣ سال پريزيڊنٽ رهيو هو. اِن منڊل جي هفتيوار اَدبي ڪلاس جي روايت، اڄُ به بمبئي، سنڌو نگر، گانڌي-ڌام، احمدآباد. دبئي وغيره ۾ چالو آهي.

مالهي ٻين ٻن ساٿين وانگر لکڻ سان گڏ، شاگرد هلچل ۾ ڪم ڪيو ڪراچيءَ ۾ جنهن ۾ ڪيرت گڏ هوس؛ اُتم حيدرآباد ۾ اِهو ڪم ڪيو. ٽيئي ١٩٤٢ جي هلچل ۾ جيل ويا. مالهي به ڪميونسٽ هو ۽ ١٩٤٥ ۾ ڪراچيءَ ۾ برڪت علي آزاد جو، ١٩٤٢ ۾ شروع ڪيل 'نئين دنيا ڪتاب گهر' کي، ترقي پسند ڪتاب ڪڍي، اڳتي وڌايو. اِن ترقي پسند ڌارا جي باني گُلي سدارنگاڻي هئي، جنهن ١٩٤١ ۾ 'اتحاد' ناول ۾ اِن ڌارا جي منزل، سماجواد جو ذڪر ڪيو آهي. اَسان جي تحرڪ ۾ ٻيا ليکڪ ١٩٤٢ بعد اِن ترقي-پسند ڌارا جا رهبر بڻيا.

(اي.جي. اُتم)

گوبند مالهيءَ جون

ڪُجهه چونڊ رچنائون

اِتفاق اِهو ٿيو جو اُن ڏينهن ئي اَياز مون کي ڪچهري روڊ تي گڏجي ويو. در حقيقت مون هن کي نه ڏٺو هو، هن جو آواز منهنجي ڪن پيو هو. چيو هئائين، ''مياں، هم ڀي ڪڙي هئين راهون مين ....'' ۽ مان هن جي ويجهو ٿيس نه هجائتي شڪايت ڪيائين : ''شاعرن تنهنجي ڪا ٻلي ماري آهي؟'' مون چيو، ترقي-پسند شاعر آهن ڪٿي؟'' چيائين، ''هڪ ته هيڏو سارو تنهنجي اڳيان بيٺو آهيان....'' ۽ فولڊر مان اٺ-ڏهه شعر — هڪ هڪ الڳ الڳ نوٽ بوڪ واري پني تي لکيل - مون طرف وڌايا.... ۽ سڀ جا سڀ واقعي سُٺا هئا، انقلابي خيالن وارا ۽ سنگيتمبہ. مون مِسليني ٽائيپ مجموعي ''پرهہ ڦٽي'' جي مُنڍ ۾ سڀ جا سڀ ڇپيا. ڪو ڏماڪو مچي ويو ساحتڪ کيتر ۾! هڪ مسلمان شاعر، 'ايڪ هي رانجهوُ لکان دا مت' تي ادبي اُفق تي اُڀريو ۽ ڇانئجي ويو!

شيخ اَياز، ''نظيران'' ۽ ''سفيد وحشي'' جھڙيون ڪامياب ڪهاڻيون به لکيون ۽ ''اڳتي قدم'' مخزن به شروع ڪئي هئي، جو ڀارت جي آزادي ورهاڱي جي لعنت کڻي آئي ۽ شروع ٿي ويئي سنڌ مان هندن جي لڏپلاڻ. ادب ۽ اَياز جي مقام جوڙي ونڻ جي باوجود، هندو اديبن جي هڪ هٽي رهي هئي سنڌ ۾. هندو اديبن جي هڪ ٻئي پنيان لڏڻ وڃڻ تي اَياز دانهن ڪئي : ''اَسان کي ڇورڙو ڪري ڇڏي نه وڃو.''

ورهاڱي جي ڀُوڪنپَ، ادب کي سرحد جي ٻنهي پاسين ڇوڙيو هو، مگر ٻنهي پاسين ادب جي چشمي کي نئين سر جاري ڪرڻ جي مُهِم ڀرين جند ۾ شروع ٿي ۽ پوءِ سنڌ ۾ به سڌ جو پڙاڏو ٿيو. سنڌ ۾ ادبي انقلاب جو علمبردار شيخ اَياز ئي رهيو. هُن جهونن ڳاڻ ڳڻن اديبن کي قلم کڻڻ لاءِ للڪاريو ۽ نَون اُڀرندڙ اديبن کي لکڻ لاءِ اُتساهت ڪيو ۽ همٿايو. ادب جو چشمو سرشار ٿيو، وهندو رهيو ۽ اڳتي وڌندو رهيو. سوني ٽمانچنداڻي ۽

تحريڪي ۽ تخليقي ڪي اياز شيخ جوئي، ابراهيم محمد
ڏنو. ساٿ ممڪن هر ۽ مڪمل ۾ ورگرمين
۽ پڪڙي آڌ جي لطيف شاهه اعظم، شاعر جي سنڌ اياز،
هن بڻايو. سائي پنهنجو ۽ سڪاني جو سڄائيءَ جي سنڌ ڪي هن
ن، ٿي دهرايا وچار جا شاهه چيون، وايون چيا، بيت جيان شاهه
بڻايا. ترجمان جا تقاضا جي وقت
آهي، گذريو تي جوان جنگ جوڙو ڪ جو ٽڙ جسوڻن،
عشقي، الياس نقاد آهي. ب ۾ رسالي جي شاهه ذڪر جو جنهن
شاهه جي اياز آهي. سڏيو ’جسوڻن‘ جو سنڌ پوريءَ ڪي شاهه خود
ته جڏهن لڳو، ائين ڪي ”مون : تو چوي هو تي، پڪڙن آڌ جي
۽ ۾ روح نئين ۾، روپ نئين آيو آهي، تي ماڳ موٽي جسوڻن
۽ ڏؤر نئين هو. اياز شيخ جسوڻن نئون اهو ڪٽي. نياپو نئون
۽ هو سوز هو، جوش ۾ جنهن آواز، آواز. نئون جو سنڌ نئين
جسوڻن اٻوڙي ۾ ڪنن جي ٻڌندڙن هو. پيغام وساريل جو جسوڻن
: آهي ڪيو اعتراف ب پاڻ اياز لڳو. ٻڌڻ پڙاڏو جو
جيئڻ، بيٺس جبلي ڏٺي، پٽ تنهنجي پرسان
ڪي: ساهه منهنجي مٺي ٻوٽ، ٻـ ٻي ڏنئه
پيـ ۾ انداز ٽئي ـ عقيدتمندي ۽، عظمت جي شاهه اياز
آيتون: آهن وٽ تون بيت، موڙيوئي وٽ مون : آهي ڪئي
عنـ پناهگيرن مسلمان بعد، ورهاڱي جي هندن سنڌي
ـ تي حالت اقتصادي جي سنڌ واٽريا، ته ٿي ڏنڌا ۽ گهر
وقت اُن ڪيو! ۾ مـٽ ساهه جو سنڌين پر ڪيو، نه تي
شاهه ڪئي، ريت هن اياز عڪاسي صحيح جي حال صورت
: ـا ـ

ڏيهي پرڏيهي ٿيا، پرڏيهي ڏيهي،
آڳ آيا اوپرا، ٿڪري ويا نيهي،
پراوا پيهي، واڙيَ ويا سنڌڙيءَ!

۽ جڏهن حڪمرانن ۽ مهاجرن ملي عام سنڌين کي ستائڻ شروع ڪيو، تڏهن اياز پٽ ڏٺيءَ کي سڏ ڏنو :

جاڳ ڀٽائي گهوٽ! سنڌڙي ٿي توکي سڏي،
مَرن پيئيون ماڙئيون، ڦاٻو آهن ڪوٽ،
اَڄ نہ تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري وڃون.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جو رايو آهي تہ شاهہ لطيف تواريخ جوڙي ۽ شيخ اياز ان تواريخ جو عظيم ڪردار رهيو. هن ائين بہ چيو، ”اياز vital جگر وارو آهي.“ ۽ اياز جي جگر جي پرک تڏهن ٿي، جڏهن سموري اولهہ پاڪستان کي ون-يونٽ(يڪو پرڳڻو) ڪيو ويو. ان سنڌين جي زندگي تباهي وبال ڪري ڇڏي. صوبن جي خودمختياري، مڪمل ريت اسلام جي نالي ۾ ختم ڪئي ويئي. سنڌ کي پنجاب جي ملٽري ڪالوني بڻايو ويو. آئي باقي گاديءَ جو هنڌ ڪراچيءَ مان بدلائي لاهور ڪيو ويو، هاڻ سنڌ جي رهي ڪهي اهميت بہ ختم ٿي ويئي! اسلام آباد اَجا جوڙيو نہ ويو هو. سنڌي ٻوليءَ کي اُردوءَ جي ويڌيءَ تي سواها ڪيو ويو. ڌرتيءَ جا ڄاوا، ڌرتي ڦبائيندڙن جي رحم ڪرم تي رهڻ لڳا. ١٩٥٨ع ۾ مارشل لا لڳايو ويو ۽ ظلم جي گهوڙي کي ڇيڪ ڇڏيو ويو. اياز جي لفظن ۾ : ”سنڌ جو نالو ڳنهڻ بہ ڪاريهر تي پير رکڻ برابر هو.“ اياز سنڌين کي للڪاريو :

”سنڌو ڪير ميار، او يارا
سنڌڙيءَ کي سر ڪير نہ ڏيندو؟

۽ اِن للڪار جو جواب بہ پاڻ ڏنائين :

جهول جهلي جنھن وقت پلائيءَ،
ڪرندا ڪنڌ ھزار، او يارَ!

۽ سنڌ جي ديش ھجڻ جو اِشارو بہ اَياز ڏنو :

سنڌ ديس جي ڌرتي! تو تي پنھنجو سيس نوايان.

۽ اِن مٽيءَ منجھہ مرڻ تي اَمرتا پائڻ جو وشواس بہ اَياز ئي ڏنو.

اَياز ھڪ ئي 'اِزم' اَپنايو – 'سنڌي-اِزم'، سنڌيپڻو. سنڌ ۽ سنڌ جا ماڻھو، ھن جي ادب جو مکيہ وشيہ بڻجي پيا. ۽ سنڌ جا اُھي ھندو ۽ دنيا پر ۾ ڦھليل ماڻھو، جي پاڻ يا جن جا وڏا اصل سنڌ جا وينل ھئا، اَياز جا پنھنجا رھيا. ھن جو ادب گهر مان شروع ٿيو، پر اُتي پورو نہ ٿيو. ھن جو ادب عالمگير سان جڙيو رھيو. پر پھرين سنڌ، پوءِ دنيا ۽ انسانيت جو جت ڪت بول-بالا، ھن جي ادب جو مقصد اِھو رھيو. اِن ۾ بہ ھن شاھ لطيف جي اَڊِ پڪڙي. جتي شاھ ھڪ ئي مصرع ۾ سنڌ لاءِ 'سُڪار' ۽ عالَم لاءِ 'آبادي' جي دعا پني ھئي، تتي اَياز چيو :

ڌرتي منھنجو ديس مگر،
مان سنڌڙي جندڙي لايان.

انھن لفظن معرفت چئي ڪٽي ھن جنگ خلاف آواز اُٿاريو. پر 'مارشل-لا' ئي حاڪمن کي بھانو ملي ويو اياز کي پڪڙڻ جو. ھوُ جيل اُماڻيو ويو. ۽ اِن طرح اياز جو جيل وڃڻ جو سلسلو جڙي ويو. وَن-يونٽ جي دؤران ۾، ۽ وَن-يونٽ جي ٽٽڻ کان پوءِ بہ، ھن جي لکڻ ۽ چپجڻ جو سلسلو بہ جاري رھندو آيو... ھن کي وشواس رھيو تہ سنڌيت بچائڻ لاءِ سلسلو جڙندو رھندو –

مرنداسين تہ مٽيءَ مان پنھنجي،
جڙندا ڪيئي جام!
نوان نوان متوالا ايندا،
هٽندا ٿين حي هام!

جتي هو شاهه لطيف جو پيروڪار هو، اتي هن جي چاڙهيل ڪُنيءَ جي ڊڪڻ لاهيندڙ سچل سرمست کان بہ متاثر هو. سچل لاءِ هن کي آٿاهه ۽ اَٽوٽ عقيدتمندي هئي :

آءُ درازا هل.
تنھنجا سارا مؤلوي،
منھنجو هڪ سچل.

هڪ مرد جيان سچل چيو، تہ اياز سچ جي وياڪيا هن ريت ڪئي،

ذات وڏي شيءِ ناهي،
پر سچ وڏي شيءِ آهي،
۽ جو سچ مچائي مچ،
سو سچ وڏي شيءِ آهي!

هن لکيو بہ آهي تہ ”مان ڀلائيءَ ۽ درازيءَ جي روايت جو وارث آهيان.“ ۽ سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌين سان بہ هن جو سنبند جُڙيو رهيو :

تون مان دوُر تہ آهيون پيارا!
تو کي مون کي روز ملائي،
سِنڌوءَ جو سپنو.

هن اِهو سنڌوءَ جو سپنو، نؤنھال سنڌيءَ جي آئينده جو، آبن تائين بہ پھچايو، لولين معرفت :

لولي لال، جئين شال! جيئي سنڌ، تنھنجي سنڌ
جيئي جند، تنھنجي جند، لولي لال!
سنڌ تان سِر قربان ڪرڻ جي ڀاونا بہ هن ٻاروتن ۾ پرڻ

...اهي :

شل دولھ ڦِئين! شل دودو ڦِئين!
شل سوُرهيہ ڦِئين! سنڌ تي سِر ڏئين!
لوليون، او اَبا، لوليون لوليون.

محمد ابراهيم جويي، ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“ جي مهاڳ ۾ اَياز جي شاعريءَ بابت لکيو آهي :

آياز جو شعر، وطن جي تسليميءَ، وطن جي بچاءَ ۽ وطن جي آبرو ۽ عظمت جو شعر آهي ۽ ان لاءِ محب وطن نوجوانن، پارن ۽ ٻچن کان اهو هر قسم جي جهد ۽ قربانيءَ جي طلب تو ڪري ۽ ان ۾ وطن دشمنن لاءِ اَجهل نفرت ۽ بي-پناهہ غصو موجود آهي.“

جيلن جي چڪر کان اَياز آجو ٿيو تہ يڪايڪ ٻہ سال خاموش ٿي ويو. پاڻ ٿي چوڻ لڳو : شاعريءَ مون کي هڪ سُريت جيان ٽِلانجلي ڏني آهي.“ اِن قسم جي نراسائيءَ ۽ نِراُتساهہ تيڻ لاءِ ڪو ڪارڻ ڪونہ هو، جتي ”سنڌ“ هلچل زور پڪڙي رهي هئي. هر ميڙ ۾ تقرير ڪرڻ کان اڳ ۽ پوءِ، شيخ اَياز جا نغما ڳايا پئي ويا، پر نغمہ نِگار پاڻ خاموش ۽ گوشہ نشين هو!

اِن وچ ۾ پاڪستان جي سياست ۾ وڏو ڦيرو آيو. اوڀر بنگال پاڪستان کان الڳ ٿي، بنگلاديش بڻيو. باقي بچيل پاڪستان ۾، ذوالفقار علي ڀٽو طاقت ۾ آيو. ۽ هن شيخ اَياز کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلرشِپ آڇي. ڪنهن وقت جيل جي ساٿي هجڻ جي ناتي ۾، ملڪ جي حڪمران هجڻ جو لحاظ رکي، اَياز ڀُٽي جي آڇ قبولي. منهنجي سمجهہ ۾ اِها آياز جي زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي غلطي هئي ۽ اِها غلطي ثابت بہ ٿي جو هو پاڻهن کان ٿي نہ، مفڪرن ۽ همعصرن اديبن کان

نہ ڪنجي ويو. ”جئي سنڌ“ تحريڪ بہ اياز کي ڪافي حيران پريشان ڪيو. جڏهن ضيا لوڪشاهي حڪومت جو پانبو ڪڍي، ملٽري راڄ قائم ڪيو، تڏهن اياز تحائين دماغي ڪشمڪش جو شڪار بڻيو. هن کي ضيا روبرو گهرائي، هنجي دماغ جو جائزو وٺڻ چاهيو، تڏهن اياز ملٽري حڪمران اڳيان جهڪيو ڪونہ، لنوائي ويو. فاني وڏي عرصي تائين، هڪ اديب طور، اياز خاموش رهيو، مونجهاري ۾ رهيو. اِن خاموشيءَ لاءِ اياز اهو ڪارڻ ڏسيو آهي تہ اَڌ سچ چوڻ کان نہ چوڻ بهتر سمجهيم.

۱۹۸۹ع ۾ مون سنڌ ياترا جي دؤران جڏهن هن سان اِن لنبي خاموشيءَ جو ذڪر ڪيو، تہ چيائين : ”اِن دبڙ دؤنس جي زماني ۾، جڏهن پٽنو ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ هو، ملڪ ۾ غير محتمند فضا هئي. مان بهتر فضا جي انتظار ۾ هوس ۽ جئن ئي فضا بدلجڻ لڳي، تيئن منهنجيءَ قلم ۾ شِدت موٽي آئي.“

۱۹۸۲ع کان اياز جي ڪتابن جي اشاعت نئين سر شروع ٿي ۽ انهن جو اَٽوٽ سلسلو بڻيو رهيو. اِج توڻي، ۱۹۸۲ع ۾ شايع ٿيل ”پتڻ ٿو پور ڪري“ ۾ چوي ٿو : ”منهنجي زندگي جا گونگي جيان گذري ويندي؟ مون آڪاٽي چوڻ تہ اَيا هاڻ شروع ڪئي آهي.“

۽ سنڌ ۾ سنڌين جي عيوضي شاعر، شيخ اياز، جڻ نئون جنم ورتو. ”پتڻ ٿو پور ڪري“ جي پبلشر، محمد سليم دائود پوٽي بہ مهاڳ ۾ لکيو آهي .... ”هيءُ ڪتاب نئين نيحن جو نئون نياپو آهي، پرڊ ڦٽيءَ جو پيغام آهي.“

سال ۱۹۸۳ع ۾، اياز جي ڪتابن جو هيجهو فصل لٿو. ان سال اياز جا پنج ڪتاب شايع ٿيا. ”پن ڇڻ پڄاڻا“ جو پبلشر وري بہ محمد سليم دائود پوٽو هو. هن مهاڳ ۾ لکيو : ”هيءُ شخص بنا ڪجهہ وٺڻ جي، سنڌ کي، سنڌي ادب کي ٻُڌو کي

يئي رهيو آهي ــ نئين سوچ، نئون انداز، نئين وات، نئين ت....'' هن وڌيڪ لکيو : ''هن شخص پنهنجي پورهئي مان ۱۹۷٦-۷۹ع جي دوران، ڪجهه ونڻ جي ڪوشش ڪئي (اشارو سندس وائيس چانسلر ٿيڻ طرف آهي) تہ سندس هٿ ڦٽجي پيا، ل ڏار هٽي ويس ۽ هاڻ هجي اُتيس ــ جڻ تہ ھاٿيءَ جي يرن هينان آيو هجي. دل جو دؤرو پيس، اسپتال داخل ٿيو. هرحال، اُهي زخم هوُ اڃا نہ ڇٽائي سگهيو آهي.'' اڃا بہ اڳتي علي هن لکيو : ''آسان وٽ، سنڌ ۾، ماڻهوءَ جي ذات ڦاهيءَ جي ڦندي سان ماپي ويندي آهي (شاه عنايت جيان) يا ان کي گهاڻي مان گذرڻو پوندو آهي (مخدوم بلاول جيان) ... اياز لاءِ چا ڪئين آزمائشون رکيون آهن. پر ايترو يقين آهي تہ هن شاعر جي لائي سچائي ٿيندي.''

۽ مان پاڻ بہ ساک ڀري سگهان ٿو تہ اَياز وچايل لوڪ پريتا وري حاصل ڪري ورتي آهي. ۱۹۸۹ع جي آخر ۾، ڪراچيءَ ۾ سچل ڪانگريس جي دوران، مون روبرو ڏٺو تہ اُن ڪانگريس ۾، مڙن ئي جهونن خواه نون اديبن اَياز کي عقيدتمنديءَ جي نِگاه سان ٿي ڏٺو. هن جي اڳيان خواه هن جي پرٺِ، جتي هو پهتو ٿي، مجلس جو مور اَياز هو.

محمد ابراهيم جويو تہ هن جو رهبر هوندي بہ پرستار پئي لڳو. هو اَياز جو نالو وٺندي خوشيءَ ۽ فخر جو احساس لڪائي نٿي سگهيو. تاجل بيوس هن جو نالو بيحد عزت سان پئي ورتو ۽ آدل سومري جهڙو نئون اَديب تہ هن جي خدمت ۾ حڪيو حاضر پئي رهيو. ماهتاب محبوب ۽ حميد سنڌي، سحر ۽ مداد حسيني، تنوير عباسي ۽ قمر بہ اَياز جي ادبي ڪاوشن کي ساراهيو پئي. سراج الحق، اسان يارت مان ويل اديبن کي،

بہ ڪنجي ويو. ”هئي سنڌ“ تحريڪ نہ اياز کي ڪافي حيران پريشان ڪيو. جڏهن ضيا لوڪشاهي حڪومت جو پاسو ڪڍي، ملٽري راڄ قائم ڪيو، تڏهن اياز تحائين دماغي ڪشمڪش جو شڪار بڻيو. هن کي ضيا روبرو گهرائي، هنجي دماغ جو جائزو وٺڻ چاهيو، تڏهن اياز ملٽري حڪمران اڳيان جهڪيو ڪونہ، لنوائي ويو. قاضي وڏي عرصي تائين، هڪ اديب طور، اياز خاموش رهيو، مونجهاري ۾ رهيو. اِن خاموشيءَ لاءِ اياز اهو ڪارڻ ڏسيو آهي تہ اُڌ سچ چوڻ کان نہ چوڻ بهتر سمجهيم.

۽ ١٩٨٩ع ۾ مون سنڌ ياترا جي دؤران جڏهن هن سان اِن لنبي خاموشيءَ جو ذڪر ڪيو، تہ چيائين : ”اِن دبڙ دؤنس جي زماني ۾، جڏهن پٽو ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ هو، ملڪ ۾ غير صحتمند فضا هئي. مان بهتر فضا جي انتظار ۾ هوس ۽ جڏهن نئين فضا بدلجڻ لڳي، تيئن منهنجيءَ قلم ۾ شدت موٽي آئي.“

١٩٨٢ع کان اياز جي ڪتابن جي اشاعت نئين سر شروع ٿي ۽ انهن جو اَٽوٽ سلسلو ٺهيو رهيو. اُج تُوڙي، ١٩٨٣ع ۾ شايع ٿيل ”پتڻ ٿو پور ڪري“ ۾ چوي ٿو : ”منهنجي زندگي جا گونگي جيان گذري ويندي؟ مون آڪاٽي چوڻ تہ اُجا هاڻ شروع ڪئي آهي.“

۽ سنڌ ۾ سنڌين جي عيوضي شاعر، شيخ اياز، جڻ نئون جنم ورتو. ”پتڻ ٿو پور ڪري“ جي پبلشر، محمد سليم دائود پوٽي بہ مهاڳ ۾ لکيو آهي .... ”هيءَ ڪتاب نئين نيحن جو نئون نياپو آهي، پرهہ ڦٽيءَ جو پيغام آهي.“

سال ١٩٨٣ع ۾، اياز جي ڪتابن جو حيحهو فصل لٿو. اِن سان اياز جا پنج ڪتاب شايع ٿيا. ”پن ڇڻ پڄاڻا“ جو پبلشر وري بہ محمد سليم دائود پوٽو هو. هن مهاڳ ۾ لکيو : ”هيءَ شخص بنا ڪنهن ونڊ جي، سنڌ کي، سنڌي ادب کي گهڻو ڪجي

ڏيئي رهيو آهي ـــ نئين سوچ، نئون انداز، نئين واٽ، نئين ڳالهه...'' هن وڌيڪ لکيو : ''هن شخص پنهنجي پورهئي مان ۱۹۷۶-۷۹ع جي دوران، ڪجهه ونڌ جي ڪوشش ڪئي (اشارو سنڌ وائيس چانسلر ٿيڻ طرف آهي) ته سنڌ هٿ ڦٽجي پيا، دل ڏار هٽي ويس ۽ هاڻ هجي اُتيس ـ جڏهن ته هاڻي جي پيرن هيٺان آيو هجي. دل جو ڏورو پيس، اسپتال داخل ٿيو. بهرحال، اُهي زخم هئُ اڃا نه ڇٽائي سَٽيو آهي.'' اڃا به اڳتي هلي هن لکيو : ''اسان وٽ، سنڌ ۾، ماڻهوءَ جي ذات قاضيءَ جي ڦندي سان ماپي ويندي آهي (شاھ عنايت جيان) يا ان کي ڳاٽي مان ڳذرڻو پوندو آهي (مخدوم بلاول جيان) ... اياز لاءِ اڃا ڪئين آزمائشون رکيون آهن. پر ايترو يقين آهي ته هن شاعر جي لاءِ سچائي ٿيندي.''

عام پاڙ به ساک پري سگهان ٿو ته اياز وشايل لوڪ ۾ پريتا وري حاصل ڪري ورتي آهي. ۱۹۹۹ع جي آخر ۾، ڪراچيءَ ۾ سچل ڪانگريس جي دوران، مون روبرو ڏٺو ته اُن ڪانگريس ۾، مٿن ئي جيون خواھ نون اديبن اياز کي عقيدتمنديءَ جي نگاھ سان ٿي ڏٺو. هن جي اکيان خواھ هن جي پڙهڻ، جتي هو پهتو ٿي، محفل جو مور اياز هو.

محمد ابراهيم جويو نه هن جو رهبر هوندي به پرستار پئي لڳو. هو اياز جو نالو وٺندي خوشيءَ ۽ فخر جو احساس پئي لڳو. تاجل بيوس هن جو نالو بيحد عزت سان لڪائي نٿي سگهيو. تاجل بيوس هن جو نالو بيحد عزت سان هن جي خدمت ۾ پئي ورتو ۽ آدل سومري جهڙو نئون اديب نه هن جي خدمت ۾ حڪيو حاضر پئي رهيو. ماهتاب محبوب ۽ حميد سنڌي، سحر ۽ امداد حسيني، تنوير عباسي ۽ قمر به اياز جي ادبي ڪاوش کي ساراهيو پئي. سراج الحق، اسان ٻاهران وڏا اديبن کي، پنهنجي تيرمانيءَ جي دعوت ني تجرابو. اُن ۾ سڀئي ٻانهنجدائي،

ابراهيم جويو ۽ شيخ اياز ۾ تورا ٻبا دوست هئا. اياز جي پرپٺ سراح مون کي چيو: ”اياز انهن بلنديـن تي موٽي آيو آهي، جن کي اسان وٽ، اسان جي وقت ۾ ٻيو ڪو شاعر اڃا ڇهي نه سگهيو آهي.“

سوڀي چيو: ”اياز جي عظمت کان انڪاري ٿي نٿو سگهجي.“ پوءِ نه ’شعلي‘ مخزن جو خاص ”اياز نمبر“ به نڪتو، جن ۾ الاهي اديبن اياز جي خدمتن ۽ ويچارن بابت عقيدتمنديءَ جو اظهار ڪيو آهي.

۲۸-۲۷-۲٦ آڪٽوبر ۱۹۹۰ع تي، پارت ۾ ”شاهه، سچل ۽ ساميءَ تي سيمينار ۾، عوامي ميڙن، خانگي ڪچهرين ۾، اياز ور ور ڪري چيو ته هو هڪ ئي ازم ۾ وشواس ٿو ڪري - سنڌ ازم. سنڌ، سنڌي ۽ سنڌيت هن جي ادب جا مرڪزي موضوع آهن ۽ البت هو انسانيت جو علمبردار به آهي ته دنيا ڀر جي سنڌين جي خير جو دعاگو به آهي، ته سنڌن آرٿڪ خواه آتمڪ اُنتيءَ جو خواهشمند به آهي.

پڇاڙيءَ جو مان ابراهيم جويو جيان اِها آرزو ٿو رکان ته ”اياز کان سنڌي ادب کي جو ڪجهه مليو آهي، اُن جو آستان اڃا ئي ڪجهه مٿي هوندو ۽ ان جو مُلهه اڃا ئي ڪجهه مٿي هوندو.“ ۽ بس.

□□

ڪهاڻي

سڀ جو مالڪ هڪ

— گوبند مالهي

”آنڪل، اوهان اسلام قبول ڪريو نه.“

منهنجا تاڪ لڳي ويا.

مون پنهنجيون اکيون هن جي چهري تي اٽڪايون، ازخود.

هن جي چهري تي، نه ٺٺولي هئي، نه مذاق. هوءَ سنجيده هئي، هميشه جيان، مون جون اکيون سو بي-اختيار جهڪي ويون. اِن وچ ۾ هن کي دليل ملي ويو، ۽ اُهو زبان تي اچي ويس. چيائين: ”اوهان جيترو اسلام بابت ڄاڻو ٿا، اُهو جيڪر ڪو ديندار به نه ڄاڻي!“ هن اِن دليل کي اڃا به واضح ڪيو: ”ڪو جهڙو تهڙو مؤلوي به شوند اسلام جون وصفون اِن طرح بيان نه ڪري، جئن اوهان ٿا ڪريو.“

منهنجيءَ زبان تي به جواب هڪيو حاضر هو. چيم: ”انسان ڪٺپتلي ئي ته آهي. ڏور ڏاڍي جي وس آهي. هوءَ چاهي ها ته مون کي ڪنهن مسلمان جي گهر پيدا ڪري سگهي ها!“

هوءَ ڪجهه چوي ئي چوي، تنهن کان اڳ هن جي ماءُ چيو: ”ادا! توهان سچ ٿا چئو. الله پاڪ جنهن دين ۾ پيدا ڪيو آهي، اُن تي دائم قائم رهون، اهو ئي ڪافي آهي.“

اسان وٽ ہر، هميشه جيان، گفتگو اُردوءَ ۾ ئي رهي هئي.. رابيع ماءُ، هڪ ڀيري اُردوءَ ۾ ئي مون کان پڇيو هو: ”اوهان جي ٻوليءَ ۾ ’ياءُ‘ ڪي - منهنجو مطلب آهي وڏي ياءُ ڪي - ڇا چئبو آهي؟“

”اَدا“ مون وراڻيو.

۽ هُن اِهو لفظ ٻُڌي بڌي ڇڏيو. مون کي ”ڀائي صاحب“ عيوض ”اَدا“ ڪري سڏڻ لڳي هئي.

هوءَ مون کي اِهو چوڻ لڳي هئي ۽ مجڻ به لڳي هئي! پر مان؟ گذريل رڪڙي ٻنڌڻ ڏينهن تي هڪ قيمتي رڪڙي ڪٽي منهنجي ڪمري ۾ گهري نه، گهُسي آئي. هُن جي آترويلا اينري هئي، جو هوءَ پنهنجي گهر مان منهنجي گهر، منهنجي ڪمري تائين، پنجاهه-سٺ فوٽن جو فاصلو طئي ڪرڻ تي سهڪڻ لڳي هئي. رڪڙي اکيان جهلي چيائين: ”اَوهان هندن ۾ هيءَ رڪڙي ڀاءُ لاءِ ڀيڻ جي رکشا جو ٻنڌڻ ڪٽي ايندي آهي نه؟“

هُن جا هٿ ڏڪي رهيا هئا. ڇاتيءَ تي ٽڪڙو اُتار-چڙهاءُ ۽ هٿن ۾ ڏڪٽي! مون کي کِل اچي ويئي.

”رڪڙي ٻڌائڻ ڪان اڳُ ياءُ کِلندو آهي؟

مان دنگ رهجي ويُس. هيڏيءَ عمر ۾ اينري اَلڇاڻائي!

”توکي رکشا جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ پتي آهي، ٽالي آهي، ٻه ڏيگر آهن.“ چوڻ ’پٽُ‘ به ٿي چاهيُم، پر چيُم ڪونه. هوُ هُن جي وڏيءَ ڀيڻ مان هئو.

”ياءُ ڪونهيم.“ هن جي معصوميت ڪاڻ هنجي لهجي مان جهلڪي رهي هئي.

مون اِهو نه ڄاتو ته معصوميت ۾ هڪ تمنّا سمايل هئي، مان اَواڪ ويٺو رهيُس.

مون هنجي ترڪتڪز ۾ رڪڙي آڻڻ کي هڪ چالاڪي سمجهيو هو، هڪ وفادار عورت طرفان پنهنجي مرد لاءِ ئي محفوظ

رهڻ جو محڪم ارادو ڄڻائڻ ٿي سمجهيو هو؛ مگر هوءَ پاڻ جي
ٻڌڪي هئي، هُن جي ملڻ لاءِ ماندي هئي. اِها خبر پوندي مان
دل ئي دل ۾ نِراس ٿي ويس. عجيب ڪيفيت هئي. هنجي اُميد
۾ منهنجي نااُميدي سمايل هئي.
دل ٻڏي سچ ٻڌايم : ”مان توکي پيئڻ مجي نہ سگهيس.“
مون سمجهيو مون پنهنجي مجبوري اظهاري هئي.
”۽ مان توکي پاڻ کان سواءِ ٻيو ڪي هرگز نہ سمجهنديس.“
مون محسوس ڪيو، هوءَ ڪوئي مان ٻلي ٿي نہ، شينهڻ
بڻجي چُڪي هئي. هُن پنتي ڇال ماريو ۽ هوءَ ٻرانگون
پريندي مونٽي ويئي.
اَچانڪ منهنجي نظر ڪابي هٿ ۾ جهليل منائيءَ جي
باڪس تي پيئي. منهنجيءَ دِل شاهدي پري : ضرور حلوو
هوندو. هن کي خبر پئجي چُڪي آهي تہ مون کي حلوو بيحد
وڻندو آهي.
هوءَ ڪنهن بہ وقت ناراض ٿي وڃي ها تہ مونکي بيحد
ڏک ٿئي ها. ڊوڙي، اکيان ڦري، هن جو رستو روڪي، هن کي چوان
ها : رُس نہ. رُسڻ ڇڏيو. مان اُهو ڪي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان،
جيڪي ڪي تون چاهين ٿي.
پوءِ نہ ويس، نہ ڏک ڪيم. هيڪاري سمجهڻ لڳس، ڪيپ
ڪٽي آئيم.
سچ پچ منهنجيءَ خوشيءَ جو نہ آنت هو، نہ پار. مون
هنجي دل جي ديوار ۾ ڏار وڌي هئي. اِها اڳتي هلي ڏري
بڻجي سگهي ٿي، در بہ! .... ۽ منهنجي جذبات کي پر لڳي ويا؛
اُهي ٽُرت ڪيجي ويا ....
هوءَ وري مونٽي آئي. ساڳي پيتي ۽ ساڳي رکڙي ڪٽي.
هوءَ نہ ڪاوڙيل ٿي لڳي، نہ هنجي چهري مان رنجُ ٿي بکيو.
هنجي اکين ۾ آتم-وشواس جي عجيب روشني هئي. فلڪ سان

چيائين : ”ٻانهن مٿي ڪر.“

مان حيران هئس تہ منهنجيءَ ٻانهن ۾ جو ڇبو ڪيئن مٿي ويئي! مون اُن کي هيٺ ڪيو. هن اُها پنهنجي هٿ ۾ پڪڙي ورتي.

منهنجي من مان بجلي ڦُٽي ويئي. هن رڪڙي ٻڏي ۽ سنجيده آواز ۾ چيو : ”ڏي خرچي.“ هوءَ چوندي رهي : ”مون اِهو بہ ٻڌو آهي تہ اُوهان ۾ ياءُ ٻيڻ کي خرچي ڏيندو آهي.“

منهنجو هٿُ ٻڏتر ۾ پئجي ويو.

هن شجائتي نوءَ ۾ چيو : ” نہ تہ ڪيسي ۾ هٿ وجهي مان سڀ نوٽ ڪڍي وينديسانءِ.“

پوءِ بہ منهنجو هٿ کيسي تائين نہ پهتو.

هنجو سنجيده چهرو گنڀير بڻجي ويو. ”منهنجو چيو مڃ، نہ تہ منهنجي ڇهري تہ جو برقعو ايندو، سو منهنجي مرندي دم تائين تنهنجي اکيان نہ کُلندو.“ هن هڪ هڪ لفظ تي اچا بہ وڏيڪ زور ڏيندي چيو، ”مان ديندار آهيان، وفادار زال، فرض صدقي ڪجهہ بہ ڪري گذرنديس.“

هوءَ شينهڻ جيان گجي نہ رهي هئي، پر هڪ منصف جيان فتويٰ صادر ڪري رهي هئي.

” وچان“ هن حي هڪ لفظ ۾ ڪا للڪار هئي!

مون چيو : ”ويهہ. تو ڪٽيو، مون هارايو.“

هن ٽهڪ ڏنو، گويا پنهنجي سموري دل ان ۾ سمائي ڇڏي هئائين. مون بہ دل ئي دل ۾ شڪر ڪيو، جو عين موقعي تي مون پاڻ کي، آڏ کي ڇڏي سڄي طرف ڊوڙڻ کان روڪي ڇڏيو هو.

مون اِهو بہ شڪر ڪيو هو منهنجي مڙهي ماءُ گهر ۾ نہ هئي، جوءِ پرلوڪ هو لوشو لاهڻ لاءِ، هر روز جيان، تهنجيءَ ڏ ۾ ويئي هئي. هوءَ ضرور شرطائي ها : مون راسخ ٿي

دل ۾ توکان اڳ ئي ليئو پاتو هو، جڏهن ورهيه اڳ!

ها، ورهيه اڳ. مان جوان هوس، اِهو چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو تہ مون جوانيءَ ۾ پهريون قدم رکيو هو. مون پنهنجي پاڙي ۾ رهندڙ سرسوتيءَ تي هرک هاريو هو. هن بہ مون کي منهنجي پيار جي موٽ ڏني هئي .....

مون ماءُ کان پڇيو هو : ”توکي شُڌٽي-سپاجيي ننهن ملي وڃي تہ؟“

”مان خوش ٿينديس.“ هنجي آواز مان سچ پچ خوشي بکي رهي هئي پر اُتي ئي گنڀير ٿي چيو هئائين،”اُهي سُپنا نہ لهہ جي پورا نہ ٿين. نراسائي بيحد دکي ڪندي توکي.“

جذبات، زماني ديدھ آڳيان هار کاڌي، سرسوتي پيءُ جو ناراضپو نہ کٽي مون کان منهن موڙي ويئي.

مان نراس ٿيس مگر سرسوتيءَ کي ڏوھ نہ ڏنم. وڪالت پاس ڪرڻ کان اڳہ هن جي وڪالت ڪرڻ لڳس.” شاهوڪار پيءُ ڏيءُ کي حقيقت پرست بڻائڻ ۾ ڪامياب ويو. ”ڏ ڪوڏ سا پليل، سي اَنگل آرا پورا ٿيندڙ نينگري مفلسيءَ ۾ پليل پريمي جي بهتر آئينده ۾ پورن وشواس ڪري نہ سگهي. زندگيءَ جوئا ۾ داءُ لڳائڻ جي جوکم کان هن پيءُ جي ڳولهيل ٿا شريڪ متر جي ڏنڍي ۾ ڪامياب سپتر سان جيون ڳنڍڻ . سياڻپ کي پيار متان سواه ڪرڻ بهتر سمجهيو تہ ان ۾ هن کهڙو ڏوھ آهي؟“

دماغ وڪالت ڪئي، دل جو زخم زماني پري ڇڏيو. پر ذري گيت پيءَ نينگريءَ سان لاڏون لهڻ لاءِ دل کي مڃائڻ سگهيس. ماءُ منٿون ڪنديءَ منٿون باسيندي مڙهي تي و مان بہ ذري گيتِ وانپرسٿ کي پهتُس پر ڪنهن نينگري ..... آکمہ کي ڏتاريو نہ دل کي ڇڪيو، موجبندو رهيس

دل ئي ته آهي. نه ٿي مڃي ته نه مڃي، هرويرو زندگيءَ ۾ شاديءَ وچ ڪو اَنوٽ يا لازمي ناتو ته نه آهي.“

جڏهن ڪڏهن ماءُ چوندي رهي: منهنجو هڪ پير مساڻ ۾ آهي، پٽ کي هن جهان مان اُٿي وڃڻ ۾ ڪهڙي ويرم لڳندي! هئن ڪا زال مرد بنا هلي نٿي سگهي، تنهن گهٽ ۾ گهٽ پيريءَ ۾ توکي زال جي پيار ۽ سنڀال جي ضرورت پوندي.

مان کلي چوندو رهيس: اول ته پڳوان اهڙو بِرديي نه ٿيندو جو توکي ڳُهرائي مون کي روڄ ۾ رولي، پر جي هن توکي گهرايو ته مان ڪا ڏرم جي ماءُ آڻي ڳُهرائيندس.

”اُها مون جهڙي نه هوندي.“

”مون کي تو جهڙي کپي به ڪانه!“

هوءَ اعتراض ولڻ لاءِ چپ چوريندي مس، ته مان چئي وهندس: ”تو جهڙي ٻي ڪا پيا ٿي سگهي ٿي؟ .... ٻُڌاءِ؟“

هوءَ ٻڌائبندي ڪانه، پر اندر جي تسڪين هن جي چپن تي اچي ويندي هئي، عجيب مشڪ جي روپ ۾.

اِن وچ مان آرٽِڪ اُنتيءَ جي ڏاڪڻ تي ٻنا ٽپا ڏيندو ويس. ڪئمپ مان ڪنهن ننڍي فلئٽ ۾ ۽ پوءِ ڪار جهڙي سائي ستابي suburb ۾ ڪنهن ڪاسماپوليٽن سوسائٽيءَ ۾ وڏي فلئٽ جي ڳولها شروع ڪيم. اِها مُراد به پوري ٿي. مُسلمان پاڙيسري مليو. ٻن وَنِشُن جو وَر هو، پر مساڻ ۾ گهر نه هوس. خوش نصيب هوا ٻن سؤنين جو سڳ جو حقدار هو، ۽ ٻئي ڇڪي ورتيون هئائين. به پيئر، ٻنهي جو نور نظر خاوندا!

جڳهه جي قبضي وٺڻ کان اڳ، اِهو سڀ ٻڌائڻ سان گڏ، ڏلال وڏيڪ چمو هو: ”ڳن جي ڪاميابي گهر اندر اِها به آهي جو ڳن جون زالون پهاجون نه آهن، البت ننڍيءَ سان هن جي وڏيڪ محبائي آهي. هوءَ جوان به آهي ته لائق به آهي. هوءَ ديندار آهي ته ساز سلوڪ جي مجسم صورت به آهي. سچو ٻُڌ

سنيالي وينئي آهي.''

جِئَن جِئَن هُوءَ نَنڍيءَ جي ساراهه ڪري رهيو هو، تِئَن تِئَن منهنجيءَ دل کر موڙڻ شروع ڪيا هئا ۽ ....

مان ڪاسماپوليٽن سوسائٽيءَ جي هاطي اَندر، سامان سان بريل ترڪ جي پهرئين خاني مان لٿس مس، جو پر واري فليٽ جي دريءَ جو پردو ٿورو سرڪيو. هڪ چهرو ۽ ٻه اکيون نمودار ٿيون. منهنجي تن بدن مان ورهين پڄاڻا بجليءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. پهرينءَ نِهار ۾ هوءَ منهنجي هردي تائين پهچي ويئي!

مان پنهنجي فليٽ جي هال ۾ پهرين لٿل ڪرسيءَ تي ويٺي بيو سامان اندر ايندو ڏسي رهيو هوس، جو هوءَ بيڌڙڪ هلي آئي، بُرقعي سان. پر نُوراني چهرو کُليل هوس، گويا بادلن مان چنڊُ پوري نِکار سان نڪري آيو هو. چرڪُ پرجي ويو، هڪ قسم جي ڏڪٽي گهيري ويئي منهنجي تن بدن کي. کِلياڻين ۽ ٽهڪاريائين : ''ڀائي صاحب، ڀلي آيا، خوش آمديد. پاڙي ۾ وسڻ جي .....''

مون کي 'ڀائي صاحب' تي ٿورو جهٽڪو آيو. پوءِ به پهرين ملاقات مبارڪ، سنو سوڻ سمجهيُم. هن بيڌڙڪ ڪوڪوڪولا جي کليل بوتل مون طرف وڌائي ۽ چيائين، ''اِهو مون نه ناهيو آهي ۽ هيءَ بسڪيٽ به هوٽل مان آيا آهن.'' هن ٻئي هٿ ۾ جهليل تسري مون ڏانهن وڌائي.

مون بي-اختيار هڪ هٿ ۾ ڪولا ورتي ۽ ٻئي ۾ تسري. مان اڃا لفظ ڳولهي رهيو هوس ته هن چيو، ''ڪنهن چيز جي ضرورت پويِوَ ته حجاب نه ڪجو.'' ۽ هُن پوئتي موٽ کاڌي، گويا ڪِن پل بعد جلد الوپ ٿي ويئي. مون کان ظاهر ظهور چرڪ نرجي ويو. پوءِ شُڪر ڪيُم ته آمان نه هئي.

هوءَ هسي هئي، پر ڇا ڦسي هئي؟ اِهو سوال هو في الحال، پر مان ڪنهن جي ڳهُڙن طرفان ڳايو هوس، ڪنهن دل

ٿي ڦِدا ٿيو هوس ۽ يقينن ڪنهن جي آواز ٻڌڻ لاءِ آتو هوس...
۽ مون کي ڪو گهڻو انتظار ڪرڻو نه پيو.
ماءُ حال اندر گهري مس ته پنليان جيءُ هلي آئي،
چوندي، ''مان جي، مرحبا!'' هُن جي هٿ ۾ جهليل ٿيلهي جن
ڪان ولي چيائين، ''اوهان جي ننهن، هوءَ چا پنليان ايندي؟''
ظاهر هو، هن امان کي به سانِيءَ دريءَ مان آٽو رڪشا
مان لهندو ڏٺو.
مڙجيءَ ماءُ به ٿڌو ساهه کنيو ۽ چيو، ''اچا ته هوءَ ته صرف
منهنجي چاهنا ۾ آرامي آهي.'' هُن ٽوٽي-ڦوٽي اُردوءَ ۾ سڀ ڪجھ
چا چيو هو، اُهو نه، اُن جو مطلب منهنجي ذهن ۾ انهن لفظن ۾
ڦري آيو.
''دير پيا درست ٿيا.''
هوءَ ماءُ کي گهرُ سجائڻ ۾ مشغول ٿي ويئي. ان ڪرسيءَ
تي جمي وهڻ تي منهنجي ذهن ۾ اِهو جُملو دلاسو ڏيندو
رهيو...
۽ اهو دلاسو ئي ٻٽيو رهيو مون لاءِ. پوءِ به مون آسرو لاٿو
... لاهڻ لاءِ مون کي هڪ اڌ ڪارڻ ملندو رهيو.
... منهنجي پرپٽ ايندي هئي. جي مان ڪيس
... وس، ته هوءَ ڪِسڪڻ لڳندي هئي، پر ويندي ويندي
''پائي صاحب، آداب.''
... تي صاحب' وٺندو هوم نه آداب آئڙندو هو. پر جا
... چپن تي هلي ايندي هئي، اُها تسڪين به ڏيندي
... ڙپائيندي به هئي. مون ڪان ڪنارو ڪرڻ جو يتن،
... من ئي من ۾ آسري کي وجهڻو هٽندو رهندو هو. هڪ
... ائين، ''پائي صاحب، ڪڏهن تا پايي صاحبه کي آڻيو؟''
... جن عمر ۾؟''
... هن جي چپن تي اچي چُڪي هئي، شرارت ۾ اچي اُن

سان ملي وراڻيائين، ”مرد جي شاديءَ جي عمر هميشه جاود
رهندي آهي!“
۾ منهنجو رد عمل لفظن جي صورت وٺي، تنهن کان اڳ هو
وڃي چڪي هئي. الائي ڪيئن منهنجا قدم رنڌڻي طرف وڌيا
”اَمان، هاڻِ بہ تنهنجي آس پڄي، تہ .....؟“
هُن پهريون دفعو مون کي اَڌ ۾ ڪَٽي چيو، ”مون آسرو
لاهي ڇڏيو آهي.“
منهنجي من چيو : مون نہ لاٿو آهي.
”رُڃ پنيان نہ ڊوڙِ، مهرباني ڪري.“
هوءَ مون کي ڇڏي بيڊروم ڏانهن وڃڻ لڳي. پر منهنجي
مرگهہ جي تِرشنا، آزمودي جي اطلاع کي ٻڌو-اَڻٻُڌو ڪرڻ لاءِ
يار تي ويئي. ترشنا ۾ شِدت اَچي ويئي ....
هوءَ فرصت ملندي قران مجيد پڙهندي هئي ڏاڍيان ۾
ڻ سان ائين لڳندو هو تہ پڙهي نہ، ڳائي رهي آهي.
ماءُ جي چتاءَ جو منهنجي من ۾ پڙاڏو ٿيو : ...
ڏو سارو اَپياس ڪڏهن ڪم ايندو؟
مان هونءَ بہ اسلام جي هيڪڙائيءَ ۾ ذات-پات جي ڀيد-
ڪان مٿي هجڻ جو قائل هوس.
هوءَ امان سان روز مره جيان رنڌڻي ۾ رِهاڻِ ڪري،
ي بنا، پنهنجي قُنديل ڇاتيءَ ۾ شرارتي بٽيل موهيندڙ
سان، هال ۾ مون ڏانهن سِڌو نهارڻ بدران، 'ڀائي صاحب!
آهيو' چوندي، اَسان جي مُهڙ واري دروازي طرف وڃڻ
ہ مون چيومانس، ”هڪ ڳالهہ ٻُڌنديءَ؟“
هُن پري بيٺي ئي، منهن مون طرف ڪري چيو، ”اوهان
ڳالهيون ڪرڻ بہ اينديون آهن؟“
منهنجيءَ وڪالت-ماهريت مٿِل تي منهنجو سات ڏنو.
يار ڳالهيون ڪندا نہ، ٻُڌندا آهن.“

هن مذاقي نوع ۾ چيو، ”جناب، پوءِ تہ جاڻي سگهندا هوندا تہ مان ڳالهيون ٻڌندڙ بار نہ آهيان.“ ۽ هن هلڪو ٽهڪ ڏنو ۽ چيو، ”آوهان بہ اچا ڳالهيون ڪندڙ پڌا نہ آهيو!“

وري بہ منهنجي زبان محل تي منهنجي ڪم آئي، ڳالهہ ڳالهہ ڳالهہ جي ڳالهہ تي اچي ويئي : يزيد جو حسن حسين سان ظلم، ڳالهہ نہ آهي. عبرت ناڪ ورق آهن اسلامي تواريخ جا.“

هن جي شرارت ڀري شوخي يڪايڪ غائب ٿي ويئي. موهن جيان رحي ويئي. معذرت واري آواز ۾ چيائين، ”نبيءَ جي ڏوهٽن ڏوهٽن جي شهادت جو قصو ٻڌايو نہ.“

مون دل ئي دل ۾ زبان کي داد ڏنو. منهنجي دل تہ نري ڀڳڙ ٿي پيئي. هوءِ اِن وچهر ويجهو اچي جُڪي هئي. منهنجي اشاري يا آج لاءِ نہ ترسي. صوفا تي ويهي چيائين، ”ٻڌايو نہ اهو مقدس قصو!“

اُن بعد هوءِ مون وٽ جلد جلد اچڻ لڳي. منهنجي هنجي گهر وڃڻ تي بہ هُن آهيان ڪئي. هنجي خاوند جي اکين مان اعتراض اُڀرندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڳالهائڻ سان بہ اشارو ڪندو هو تہ مان هنجي گهر نہ اچان، گهٽي وهڻ تي رابيع کي ڪو نہ ڪو ڪم ڏيندو يا ڏسيندو هو. مگر مان تہ پنهنجيءَ محبت تي ڪيڙن ۾ نہ ماپندو هوس ۽ اُميد هر طرح اندر ئي اندر وڌندي رهندي هئي.

مان هن کي حضرت محمد جي جيونيءَ، فلسفي ۽ حاصلاتن تي، خليفن ۽ اِمامن بابت جاڻ ڏيندو يا دهرائيندو هوس. جنهن اختياريءَ سان ڳالهائيندو هوس، سا مون کي بہ حيرت ۾ وجهندي هئي. شايد هن جي موجودگي يڪ وجوديءَ، چاهہ ۽ اُتساهہ جو سائث هئي! هوءِ سچ پچ دين ۽ ديني ڳالهين لاءِ گهڻو گهڻو ٻڌڻ لاءِ تيار هوندي هئي.

هڪ ڏينهن، جوانيءَ طرف وڌندڙ پنهنجيءَ ڌيءُ ريـ
ڪي مون سان واقفيت ڪرائي چيائين، ”ناناڻن ۾ رهندڙ ڌ
ڪي هت ڀتي مطلب سان گهرايو اٿم : هڪ ته نيشنل ڪاليج اس
جي گهر جي ويجهو آهي، اُتي دنيوي تعليم حاصل ڪندي،
ٻيون ته هن کي ديني تعليم لاءِ اوهان جهڙي ڄاڻوءَ جو فيـ
حاصل ٿيندو.“

ريحانا جوان هئي، تازي تواني هئي. پوءِ به هوءَ منهنجي
دل ۾ گهر جوڙي نه سگهي، منهنجي چاهنا جو مرڪز رابيع ٻڻي
رهي. هوءَ اڪثر ريحانا سان گڏ منهنجي اڳيان وهندي هئي
مان هن جي موجودگيءَ ۾ بهتر مذهبي رهبر ٻڻجي ويندو هوس

اِن اثر جي هيٺ هُن مون کي اسلام ۾ اچڻ جي دعوت ڏني
هئي. هُن کي ته مان پيءُ ڪان ٻُڌل گيان جي آڌار تي انڪار
ڪري سگهيس. رابيع به پنهنجي دين تي قائم رهڻ جي
مصلحت جتائي هئي. پوءِ به منهنجي دل شاهدي پري رهي
هئي ته جي دين بدلائڻ سان رابيع منهنجي شريڪ-حيات ٿئي
ها، ته منهنجو من ضرور ٻڌ-تر ۾ پوي ها.

اَچانڪ مون ڏٺو، ريحانا جو منهنجي ديني ڳالهين ۾ ڌيان
نٿي ڄميو. هوءَ وهندي منهنجي ۽ ماءُ جي اڳيان هئي، پر
وَسندي ٻيو ڪٿي هئي. مون دل ئي دل ۾ چيو : جواني ديواني
پنهنجو اثر ڄمائڻ لڳي آهي. هيءَ ڇا وَهي آهي هن جي
مذهبي دائري ۾ محدود رهڻ جي. يڪايڪ منهنجي من ۾ ويچار
اُٿيو : ڪِٿي ......! پر مون پنهنجيءَ جذبات کي وهلوُر وڃڻ
کان روڪي رکيو.

هڪ صبوح جو آفيس ۾ وڃڻ لاءِ سنيري رهيو هوس، جو
رابيع اَندر ڍوڪي آئي. برقعو به نه ٻاتو هٽائين. مون مذاقي
نوع ۾ چيو، ”اڄ رڪڙي ٻنڌن نه نه آهي؟“

ٿي اسا ـه وڏيڪ گنڀير ٿي چيو، ”اچ رڪريءَ جي لاءِ رکڻ لاءِ تو وٽ آئي آهيان.“

بي اختيار مون پڇيو، ”خير تہ آهي؟“

هن چيو، ”ادا، خير نہ آهي.“

مون چيو، ”ڇا ٿيو آهي؟“

ريحانا رات گهر کان ٻاهر رهي. هوءَ محبت جي جار ۾ ڦاٿي آهي. مان پيءُ کان ڏيءُ جو ڳجهہ لڪائي ڇڏڪي آهيان، پر آهيان تہ ديندار ماءُ نہ.“

”ڪير آهي هوُ.“

”هوُ هندو آهي، پڻس فلم ڊائريڪٽر آهي.“

مان سوچي رهيو هوس: ڪٿي فلم اسٽار بڻجڻ جو ڀوت تہ محبت جو روپ ڌاري هن جي سر تي سوار تہ نہ ٿيو آهي!

دل جي بات دل تائين پهتي، شايد.

رابيع چيو، ”فلمن جي موھ هن کي ڏتاريو نہ هوندو، جوانيءَ ديوانو ڪيو هوندو هن کي!“

مون بي اختيار پڇيو، ”بالغ آهي؟“

”اِها ئي تہ مصيبت آهي. ڪالھ صبوح جو هوءَ آرڙهن ورهين جي ٿي.“

هن هڪ وزٽنگ ڪارڊ مون ڏانهن وڌائي چيو، ”ادا، اوهان ئي هن کي دين تي محڪم رکي سگهو ٿا، احسان ڪريو مون تي. هنجي معذرت منھنجي مٿان ڇاوي پئجي ويئي، مڪمل طرو.

مان آفيس بدران وزٽنگ ڪارڊ ۾ لکيل پتي تي، هڪ بنگلي جي ايوان وٽ پهتس. گيٽ تي پهريدار روڪيو. مان اندر وڃڻ لاءِ ڪو بهانو ڳولهي ئي رهيو هوس، جو عيد جي چند شان ريحانا هلي آهي. زيورن ۽ هار سنگار کان سواءِ هوءَ حُسن لڳي رهي هئي.

چيائين، ''انڪل! مون سمجهيو هو تہ اَمي اوهان کي ئي موڪليندي. ڪيئن آهي اَمي؟''

پهريدار هتي مون کي اَندر گهڙڻ جي جڳهہ ڏني. اَلائي ڪيئن مون پڇيومانس، ''اَبي جو نتي پڇين؟''

قانونَ مون کي اَبي جي رد عمل کان آجو ڪيو آهي. مون کي چنتا اَميءَ جي آهي. ساري اَنڪل، پهرين اوهان اَندر اچو نہ.''

مون هنجي پنيان ويندي چيو، ''تو تہ مون کي اسلام ۾ اچڻ لاءِ تي چيو، ۽ هاڻ!''

هوءَ بيهي رهي. چيائين، ''مان اڃا بہ مذهب تي محڪم آهيان. پهرين اوهان اَندر هلو.''

۽ هوءَ چوندي هلي، ''اَميءَ کي خاطري ڏجو، مان ديندار آهيان.''

اسان چپ چاپ ڪمري اندر پهتاسين.

پهچڻ شرط مان سمجهي ويس، سُهاڳ رات وارو ڪمر اِهو ئي هو.

هڪ قسم جي حسرت اُڀري منهنجي من ۾.

مان پلنگ تي ويهڻ جو ست نہ ساري، ڪرسيءَ تي ويهي رهيُس. ريحانا ٺهڪ ڏنو. مون کان چرڪ نڪري ويو.

هن صوفا تي ويهي چيو، ''هيءُ بہ اوهان جو ڀُش آهي. چيائين : تون پنهنجي مذهب سان نباهج، مان پنهنجي ڌرم تي قائم رهندس.''

هن عين موقعي تي، گويا استيج تي اينٽري وٺي، چوندو آيو، ''شُڌي ۽ توحيد ڪرڻ وارا ڀَل ايشور کان وڌيڪ شڪتيوان سمجهن پاڻ کي، پر هِن جو ربُ مون لاءِ العالمين آهي ۽ منهنجو ايشور هِن لاءِ سَروَ شڪتيمان آهي.....''

هو جهڪي مون کي پيرين پيو. مون چيو، ''جُت، پُٽ.''

ماں پوءِ ريحانا طرف وڌيس. هن جي مٿي تي هٿ رکي چيم، ”خدا تعاليٰ جي رحمت رهندي اوهان وٽان.“
هن چيو، ”پر منهنجي امي....“
مون کلي چيو، ”هوءِ پاڻ جهڙي ڌيءَ ۽ مون جهڙو نالي پائي ڀهال ٿي ويندي.“
گهوٽ ڪنوار جي زبان مان هڪ ئي وقت نڪتو: ”آمين!“

مون کي پڪ هئي ته رابيع ”آمين“ ئي چوندي ۽ هن چيو به. پر ڪهڙيءَ حالت ۾؟
مون رابيع کي پهچڻي گهر اندر ڊرائنگ روم-هال ۾ ڏٺو، پريشان حال. هوءَ جيڪر جوان ها، وڏيڪ خوبصورت ٿي لڳي، در حقيقت بدحال ۾ هئي.
هن روئڻهارڪي آواز ۾ چيو، ”ادا، اڄ کان تنهنجي پناري پيئي آهيان.“
ماں بي اختيار هنجي دل وٺڻ لاءِ، هن ڏانهن وڌيس، پر هن وٽ بيهي هٿن کي روڪي رکيم. هن روئي چيو، ”منهنجو خاوند چوي ٿو، ”جي ڌيءَ ڪافر کي ڏني آهيئي، ته تون به وڃي ڪافر وٽ رهه!“
هوءَ ته ’ڪافر‘ لفظ سان ئي مون کي چڙ هئي، پر هينئر ان تي قابو پئجي چيم، ”تنهنجي ڌيءَ ڪافر وٽ خوش آهي. ’هيءَ ڪافر‘ امين کان ڊرامائي انداز ۾ نڪري ويو! هيءَ ڪافر سه توکي دکي ڪنڻ نه ڏيندو!“
هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيئي چيم، ”رکڙيءَ جي لج اڄ هڪ مومن همايونءَ رکي هئي. اڄ ماں رکندس، ڪافر ئي سهين.“ ’ڪافر‘ لفظ بابت منهنجي چڙ نمايان ٿي.
يڪايڪ هن ڊگهو ساهه کنيو. مون کي اهو سامت جو ساهه

مون پڇيو، ”نيرن نہ ڪئي اَٿيئي؟“ پوءِ ٺلڪو ت…
ڏيئي چيُم، ”مان تہ ڀائي تنهنجيءَ ڏيءُ وٽ نيرڻ ڊيءَ ت…
ڪري آيو آهيان.“
”مان نيرڻ گهر وڃي ڪنديس. ڇونءِ منهنجي آي…
ناهيندي آهي، اڄ مان ناهينديس.“
هوءَ ڪيڏانهن ويئي؟“
هن ٺهڪ ڏنو. مان حيران ٿي هنکي ڏسندو رهيس. پوءِ
هن بلڪل سنجيدگيءَ سان چيو، ”هوءَ منهنجي خاوند سان هلي
ويئي. در حقيقت، هوُ مون کان سِواءِ گهر جي ٻين سڀني ڀاتين
…ڪي ڀيندي بزار واري گهر ۾ وٺي ويو آهي.“
منهنجو وات ڦاٽي ويو. ٻاڻ سنڀالي چيُم، ”تون اَڪيلي
…ندينءَ؟“
”اَڪيلي ڇو هونديس؟“ هن بلڪل خود اعتماديءَ سان
…و، ڏيءُ-ناني ويجها اَٿم، تنهن سِواءِ ڀاءُ بہ پاسي ۾ رهيل
…دو. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ منهنجو خداوند ڪريم مون سان
…هوندو!“
مون هنجي چهري ڏانهن ڏٺو. هنجي دل جي پاڪيزگيءَ
…ڪس چهري مان نُمايان هو.
هن بلڪل گنڀيرتا سان چيو، ”اَدا! مڙيني مذهبن ۾
…لهہ عين-ٻين ساڳي آهي: يقين.“ هن جا لفظ منهنجي
…ونجڻ لڳا: ”مون کي يقين آهي تہ جي اسين ماءُ-ڏيءُ
محڪم آهيون، تہ خدا جا ٻندا اسان جو ڪجهہ بہ
سگهندا.“
…ن بہ مڃيو، ”اَدي، چئين تہ سچ ٿي، وشواس کي وڏي
….“
…ري وڏي طاقت آهي وشواس کي، اِها ڪِلِ ٻئي
… جو پيئم.

مون پنھنجي ھال جي دريءَ کان ھنجي خاوند کي ايوان ۾ گھرندو ڏٺو. مان ھڙ جي در ۾ لڳل آکِ مان جھانڪڻ لڳس. من ئي من ۾ خير گھرندو رھيس : ”شل ڪاسائي بڪريءَ جو خير ڪري!“

ٿوري وقت بعد رابيع اڪيلي نڪتي. منھنجي دل جي ڌرڪڻ ۾ شدت آئي، پر يڪدم مون سامت جو ساھ کنيو. رابيع جي چپن تي مرڪ رقص ڪري رھي ھئي ــ ڪن ھفتن پڄاڻا.

مون دروازو کوليو مس تہ ھوءَ اَند ڊوڪي آئي. چيائين، ”اَدا، مُبارڪون ھُجنيي. منھنجو خاوند چوي ٿو 'ايمان' ھڪ مذھب جي جڪ ھلي نہ آھي.“

مون کي مونجھاري ۾ ڏسي ھڪدم چيائين، ”سامھون واري مڪان ۾ ھن جو ھڪ دوست رھندو آھي. منھنجي خاوند رات ھنجي بالڪنيءَ ۾ ڪاٽي ھئي.“

مان سمجھي ويس، چيم، ”ھُن جاڳي جاسوسي ڪئي ھئي!“

رابيع جا ھٿ بي-اختيار منھنجي پيرن طرف جھُڪي ويا. مون اُھي پڪڙي ورتا. ڪا لرزش منھنجي تن-من ۾ نہ ٿي. اُلٽو منھنجيءَ زبان چيو، ”ايمان جو مڪيہ انگ آھي ايمانداري.“

ھن ھٿ ڇڏائي منھن تي ڦيريا ۽ اکيان جھليا. چيائين، ”الله پاڪ، سؤ شڪرانا تنھنجا.“

ھوءَ مُڙي ۽ تڪڙي تڪڙي ھلي ويئي.

مون دل ئي دل ۾ ھنجي خاوند کي شاباس ڏني. ھو انسانيت جو امتحان ولي ايمان تائين پھتو ھو. مون کي پڪ ٿي ويئي تہ ھو اِنسانيت ۽ ايمان وچ اَنوٽ ناتو ڪڏھن بہ نہ وساريندو.

الائي ڪيئن منھنجي چپن مان نڪتو ”آمين.“

◙◙

گوبند مالهيءَ جي آخري ناول ”پاپي“ جو پهريون باب

”اَنگلي ٻار گهر جي سونهن!“

دائمي ڦرندڙ دنيا ۾ اِها حقيقت دائم قائم آهي. گهر گهر ۾ ٻار جي اَنگلپٽي جي سونهن ۾ خير ڪو ڦيرو آيو آهي.

منهنجي پوٽي به اَنگل ڪيو، ”بابا، اَوهان جو جنم-ڏِڻ ڌام ڌوم سان ملهائيندسين.“

مون اِن ڪيتي جو چرچي ۾ جواب ڏنو، ”مون ڪهڙي ڪيپ ڪتي آهي؟“

”سَتر جا ٿيا آهيو نه!“

”سَتر، پيئي عمر ۾ ڪتَر“ مون کِليو ۽ مون ٽارڻ خاطر چيو: ”اِهو ملهائڻ جو موقعو ڪيئن ٿيو؟“

ڪيتي ضد جي صورت اختيار ڪئي. ”ڪا فلم ستر هفتا هلندي آهي ته اُن جي خاص جُبلي ملهائبي آهي. ڇئبو ڇا اَٿس؟ پنجويهه هفتا سِلوَر جُبلي، پنجاهه هفتا گولڊن جُبلي، سَٺِ، ڊائمنڊ جُبلي ۽ سَتَر....!“ هن حافظي تي زور لڳائي چيو، ”ياد نٿو اچي، خبر اَٿوَ ڇو؟“

”ڇو؟“

اڄ ڪلهه ڪا فلم ستر هفتا ته ڇا، پنجاهه هفتا به نه هلندي آهي. ويڊيو يُگ آهي نه.“

هيڏڙو تڏڙو، ٻارهن سالن جو ننڍڙو، پڙهائيءَ ۾ زيرو، فلمن جو هيرو، نه ته هر هيرو کي دلپسند سمجهندڙ، دشوم دشوم فلمن جون گوليون ۽ ٺڪون ياد رکندڙ.....

مون ٺٺائي چيو،” نه بابا، جنم ڏڻ ملهائڻ جا ڏينهن تنهنجا آهن.“

”اهو ته مان ملهائيندو آهيان نه، هن سال اوهان جو به ملهائبو، ڊامرڊوم سان. سوچيو بابا! هڪ ڪيڪ ۽ اُن تي ستر موم بتيون، اوهان ڦوڪ سان وسائيندا ويندا، مان ڪئمرا سان ٺڪ ٺڪ ڪندو رهندس...“

۽ ننڍڙي انيتا پري کان چوندي آئي،” بابا، رکوس نه اِها نه دل...“

مون ”ها“ نه ڪئي، مگر پوٽي ماڻ کي سچي رضامندي ڪري ورتي. گهر ته چمڪايائين، پيءُ کي چئي منهنجي ماپ جو سلڪ جو نئون ڪڙتو پاجامو به ٺهرائي آيو، شاهي ڪيڪ نه آڇي ويو. پٽ، ننڍڙي، پوٽي، پوٽو ۽ ويجها ٿورا مائٽ ۽ چوڌڙ، گهر جو نوڪر.... هوُ به پيو سُر ۾ سُرُ ملائي - ”هئپي برٿڊي ٽو يوُ...“

پوٽيءَ آچي هٿ ملايو،” ميني هئپي رٽرنس آف دي ڊي.“

پٽ موهن چيو، ” بابا جنم ڏن مبارڪ.“

۽ انيتا مٺو ڏکي، هٿ جوڙي پيرين پئي چيو،” بابا، آسيس ڪريو.“

مون چيو،” سدا ور گهر سان خوش رهين.“

ڏنم جوانيءَ جي پهرئين ڏاکي تي، پري بيٺي منهنجي پوٽي ورشا مرڪي رهي هئي. مون هن جي ويجهو وڃي هن جي مٿي تي هٿ رکيو ۽ چيو،” سکي رهين سدائين.“ ۽ ٻين مٽ مائٽن ۽ چوڌڙ به هٿ جوڙي وڏي عمر جي دعا ڪئي.

پوٽي منيش وٺي ڏياريءَ جي فٽاڪن مان بچائي رکيل

لڙن کي تيلِي ڏني... ٺاٺا...ٺاٺا....
اَڻ منڌائتي ڊياري اَچي ويئي اَسان جي گهر ۾.
جڏهن ڏوم ڏڙاڪو پورو ٿيو تہ پنهنجي ڪمري ۾ زيرو
بلب جي ڌيمي روشنيءَ ۾ يڪايڪ احساس ٿيم تہ عمر روپي
ڏاڪڻ جا ستر ڏاڪا پوري ڪرڻ تي، مٿي ڪي ڏاڪا آهِن نہ
آهِن، اِن غيب جي گدو ڇوي خبر خاوند کي. ۽ اِهو گدو مان
نہ آهيان، پوءِ بہ مان اِهو مڃڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيس تہ
زندگيءَ روپي ڏاڪڻ جي ستر ڏاڪن تي ٿي ڪي نہ ڪي نشان-
اُهڃاڻ ڇڏيندو آيو آهيان، منهنجي زندگي ڪوري ڪاغذ جيان
بہ نہ رهي آهي. هندو وشواس طور آتما اَمر رهي آهي ۽ اُها
جنمن جي ڏاڪڻ تي اَلگ اَلگ جسمن ۾ مٿي، اَچا مٿي
چڙهندي آهي، هيٺ لهندي آهي يا هيٺ مٿي لهندي چڙهندي
آهي....

اوچتو مونکي احساس ٿيو تہ مان جيوت جي چاڙهي هِن
جنم جي ڏاڪڻ تي ٿي اَلائي ڪيترا پُنر-جيون جيئندو رهيو
آهيان!

مونکي پنهنجي پهرئين جيون جي چٽي يادگيري ڪانهي.
س اِهوئي ياد اَٿم تہ منهنجي ماءُ هئي-بندري، سانوري، ڪلٽي
گهر جي گهريتڙي. بندري، سانوري، ۽ ڪلٽي مون پاڻ ڏنو هو
نکي. گهر جي گهريتڙي بين کان ٻڌو هوم، سمجهيو گهڻو پوءِ
وم. ڏاڏي بہ هئي، هن وٽ بيمار مرد ۽ عورتون ايندييون
يون، هوءَ هنن کي ڪجهہ ڪاڙهي پيئاريندي هئي، ڪاڙهو
ندي هئي اُن کي ۽ هو چاڪ چڱا ڀلا ٿي ويندا هئا. جنهن
هن مهل هوءَ چوندي هئي ’شُڪر تنهنجو مالڪ جيئڻ تون
ئين.‘ ڪڏهن گروءَ جي مورت اَڳيان هٿ جوڙي
ندي هئي ۽ بلڪل آهستي چوندي هئي،” گرو بابا، هلنديءَ
جانءِ، ڪنهنجو محتاج نہ ڪجانءِ.“ جڪ ڏيهن رات جو

ڪاڻي پي ھو سمجھي تہ صبوح جو بہ سمجھي ئي رھي. منھنجي بابا ھن کي ھونءَ جيان سويل اُٿندو نہ ڏسي، اُٿارڻ چاھيو. ھو ڪٽ وٽ پھتو تہ رڙ ڪيائين، آڙي گدوءَ ماءُ، آمان نہ رھي.“ اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. رُنو منھنجيءَ ماءُ بہ، مون بہ رُنو. پاڙي مان جيجي گاگن ڏاڏي آئي، ھوءَ روئڻ بہ لڳي ۽ چوڻ بہ لڳي،” سنتياڻي ھئي، ڀڳوان ھن کي توڙ تائين ھلنديءَ ھليو....“

سنتياڻي ڪيئن ھئي؟ مان سمجھان ٿو منھنجي من ۾ پحريون ڀيرو ڪُجھ ڄاڻڻ جي چاھنا اُٿي ھئي. اِھو اِن ڪري ھو جو مون واڌورام جي لڪاڻي جي سنت سُجانداس کي ڳالھي، پوءِ ڀڳم گيڙوءَ رنل ڪپڙن ۾ ڏٺو ھو. پر اِھا چاھنا منھنجي سنت پوري ٿي. گاگن ڏاڏيءَ ئي ھئين ڪي ٺئين ڏينھن چيو،”سنتوءَ ماءُ ھئي سنتياڻي، ڀڳوان جي ڀڳتياڻي ھئي.“

مون سمجھيو، منھنجي پيءُ جو نالو سنتوُ ھو جو سنتياڻيءَ جو پٽ ھو. ھو بہ ھرروز واڌورام جي لڪاڻي ۾ مٿو ٽيڪڻ ويندو ھو، صبوح جو اُٿي جپ صاحب اُچاريندو ھو.

ٿوري وقت کان پوءِ ھن مونکي بہ جپ صاحب جي ھڪ ھڪ پوڙي ياد ڪرائي. مان پنھنج پوڙيون ياد ڪري ويس. چيائين،” اِھي پوڙيون اُچاريندين تہ ڪشٽ تنھنجي ويجھو نہ ايندو.“ اِھي پنھنج، پوءِ ڏھہ ٿيون. ڏھن مان ويھہ ٿيون. مونکي اَڄ بہ ست اٺ پوڙيون برزبان ياد آھن—ايڪو نڪار، ست نام...

مون ڪشٽ ڏٺو؛ سمجھيو گھٽو گھٽو پوءِ. ٻپ ٽن ڏينھين ئي ٿيندو ھو. پيءُ جي مار جو ٻپ، اونده ۾ ڪنھن ڪمري ۾ لڪڻوءَ جو ٻپ، گھٽيءَ کان بزار تائين يا بزار کان گھر تائين اُچڻ ٽي ڪنھن گونڊي جو ٻپ. اِھو ڇو ٿيندو ھو، خبر نہ اَٿم، پر انھن ڏينھن وچ مان اُچارڻ لڳندو ھوس ايڪونڪار ست نام...

”پوءِ اِسڪول ۾ ماستر جي مار جو ٻپ ٿيندو ھو ۔ نہ جپ

صاحب جون پوڙيون منهنجي زبان تي اَچي وينديون هيون. ماستر جي مار جو ڊپ، مونکي اِسڪول ۾ داخل ٿيڻ جي پهرئين ڏينهن کان شروع ٿيو.

اِهو ڏينهن پنجهٺِ سالن بعد بہ اِئين ياد اَٿم، ڄڻ ڪالهوڪو ڏينهن آهي.....

نوان ڪپڙا پاتا هئم، نئون ڪوٽ بوٽ پاتو هوم ۽ نئين جمني پاتي هئم. جمني معنيٰ ٽوپي، منهنجي سرڳي ڏاڏي جو نالو هو ٽوپڻداس. منهنجي ڏاڏي 'ٽوپي ۽' بدران چوندي هئي 'جمني'. منهنجي ماءُ بہ چوڻ لڳي جمني. مون بہ بخمل جي ٽوپي پاتي پر سمجهيم تہ جمني پاتي اَٿم. اِها جمني مونکي ڪافي مهانگي پيئي. ريس ۾ منهنجي ڪچي ٻاراٽي جي همڪلاسيءَ چيو، ''ٽوپي تہ ڏاڏي سُني پاتي اَٿيئي.'' مون چيومانس، ''ٽوپي ناهي، جمني آهي،'' پاسي ۾ ٻڪي ٻاراٽي جو ٽاپر نينگر ويٺو هو. چيائين،'' منهنجي ڀيڻ آهي جمني، اُها تنهنجي مٿي ۾ ڪيئن آئي؟'' مون بہ چيو،'' ڪيئن آئي، وڃي ڀيڻ کان پڇ.'' اُهو نينگر منهنجي ماستر وٽ ويو. چيائينس،'' نئين نينگر منهنجي ڀيڻ کي گار ڏني آهي.'' ماستر منهنجي ويجهو آيو، مون سمجهيو اِجهو ٿو ماري. هن هٿ مٿي ڪنيو بہ. منهنجي زبان تي جپ صاحب جي پوڙي اَچي ويئي. آهي سلوڪ، پر اُن وقت مان اِن کي بہ پوڙي مڃيندو هوس- ايڪو نڪار.... ماستر جو اولاريل هٿُ هيٺ ٿيو. ڊپ ڪجهہ سوڌو هليو مون مان. جپ صاحب جون پوڙيون بہ زبان تي اينديون رهيون آهن، بار بار ڊپ هلندو آيو آهي مون سان - در حقيقت منهنجي سيني پٺرواسن جو ڪامن فئڪٽر رهيو آهي ڊپ.

منهنجو ٻيو جنم تہ ڊپ سان ئي ٿيو. اُها رات منهنجي جنم جي اُٺتينهين اونداهي رهي آهي، حالانڪ حقيقت ۾ هئي

چوڏهينءَ جي رات. اونهاري جي موسم هئي، اسان کٽ تي سمهيا پيا هئاسين. منهنجو پيءُ ۽ ماءُ پاسي وارين کٽن تي ۽ مان اُنهن جي پيراندين جي سڌ ۾ کٽوليءَ تي. اوچتوئي آواز تي جاڳيس، ڏڪي ويس. پاسي واري کٽ ۽ اسانجي کٽ جي وچ واري اولي تي ٻه آدمي بيٺا هئا - هٿن ۾ ڪهاڙيون هئن. مان ڪنبي ويس. دل ئي دل ۾ اُچارڻ شروع ڪيم: ايڪونڪار... مون پاڻ کي کٽوليءَ تان اُٿي ڀڄتيءَ ۾ ڊوڙندو، ڏاڪڻ تان لهندو، هيٺ صفحو لتاڙيندو، اڱڻ پار ڪندو، در کوليندو، گهٽيءَ مان ڊوڙندو سڪندو، چاچي جي گهر ڏي ويندو ڏٺو. چاچي جي محل جو دروازو کٽکائيندي مون پاڻ کي زمين تي ڪرندو ڏٺو....

مون کي هوش آيو ته چاچي جي گهر جي ورانڊي ۾ کٽ تي ليٽيو، ڇت کي تڪيندو رهيو هوس. چاچيءَ ئي مونکي سجاڳ ڏٺو. هوءَ پاڻي کڻي آئي، مونکي اُڌ اُٿاري، مٿو پنهنجي گوڏي جي سهاري ليٽائي پاڻي پياريائين.

ٻڌم، مونکي ڏندڻ پئجي ويا هئا. شام تائين بيهوش هوس. اِن وچ ۾ چورو ٿي ويو هوس. مون پنهنجي ماءُ پيءُ جا ڪهاڙي سان ڪٽيل ۽ رت سان ٻڏل سرير ڪونه ڏٺا. منهنجيءَ چاچيءَ اِن کي ڀڳوان جي اڻ سڌي ڀلائي سمجهيو. هن جي چوڻ موجب مان روئي اَڌ مئو ٿي وڃان ها، مون روئي رڄ پوءِ ٻه ڀريا. مون نه پيءُ ماءُ جي پني پاتي، نه هنن جي گڏيل ڪائيءَ کي ڪلهو ڏنو. پوءِ نه جڏهن هن جا چاچي ۽ ٻين ڪانڌين سنڪ پي ميڙيا، تڏهن نه مون سانده رُنو پئي. چاچي هڪ هٿ منهنجي چوڏاري ڀاڪر ۾ رکيو هو ۽ هڪ هٿ سان سنڪ نه پئي ميڙيا. ڀاڪر کي رکي رکي وڌيڪ پختو ٿي ڪيو ۽ اکين مان آب نه پئي وهايو.

اُن وقت منهنجي عمر ست سال ۽ ڪي مهِنا هئي. گ
پوءِ معلوم ٿيو ته ست سال قانون جي لحاظ کان اُها عمر آ
جا گُناهه لاءِ سزاوار ٿيِ سگهندي آهي يعني سانير جي شروعا
ئيِ نه ٿيندي آهي، بلڪ اُها ڄاڻ کي به ٿاٿيندي سنڀاليندي
آهي، شعور جو هڪ اَٽوٽ سلسلو شروع ٿيِ ويندو آهي اِن عمر
ڪان، مان اڪثر سوچيندو آهيان، مونکي پڇڻ نه کپندو هو ماءُ
پيءُ کي بچائي نٿي سگهيس ته هنن سان گڏ مرڻ کپندو هو ۽
منهنجي چاچي اَڪثر منهنجي اِن ڏپ ۽ منهنجي ليکي گدوءَ
جي گيديپڻي کي رحمت سمجهندي رهي، عمر ڀر. رحمت ۽
زحمت جا ماڻ ماپا به هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا آهن.
ڪنهن لاءِ زهر ڪنهن لاءِ اَمرت ٿيندو آهي. اُنهن بابت شعور
مونکي اَڃا نه آيو هو.

مارڻ وارن کي مارڻو منهنجي پيءُ کي هو، پر منهنجي
ماءُ هڪ پتورت ناريءَ جيان پتيءَ جي ڏال بڻي هئي. ۽ ڇاڪاڻ
ته مارڻ وارا سوُٽي وَٽي چُڪا هئا، بنا مارڻ جي موٽڻ وارا نه
هئا. اَسانجي زمين جي ڪنهن حصي جي ڪنهن پاڙي واري
زميندار کي ضرورت هئي. اَهڙي کهڙي ضرورت هئي جو مارڻ
جي نوبت آئي، اِها خبر نه پيم. ۽ اِهو به نه ڄاڻي سگهيس.
انسان ايترو خودغرض ڇو آهي جو زمين جي ٽڪري لاءِ ڪنهن
انسان جي جان وٺڻ کان به نه ٿو ڪُسي؟

منهنجي پيءُ ماءُ جون شام جو پڳڙيون ٿيون ۽ رات جو
منهنجن ٻن چاچن وچ ۾ مون تان جهيڳڙو ٿيو. وڏو چاچو چوي ته
منهنجي جوابداري کڻڻ جو حق هن کي آهي، پر ننڍو چوي ته
ڇاڪاڻ ته مان هن جي گهر آيو هوس، هوُ مون کي ٻئي ڪنهن جي
حوال ۾ نه ڏيندو. منهنجي ننڍي چاچي، مونکي پاڻ وٽ
رکڻ لاءِ ضد تي هئي. ننڍو چاچو وڏي ڀاءُ جي ڳالهه مڃڻ وارو
نه هئو، جو ننڍيءَ چاچيءَ مون کي ڇڪي ڇاتيءَ سان لڳائي

پنهنجي زال اندر لڪائي ڇڏيو. چيائين: ”مون ڪن کي گود
ڪيو آهي. مان ڪن کي هرگز نه ڏيندس.“ ڪن ننڍي چاچي
کي اوطاق مان گهر اندر گهرائي چيو، ”مان اوهان جو فيصلو به
[illegible] [illegible] ۾ قبول نه ڪندس.“ پوءِ وڏي ڏيرائيءَ ۾
[illegible] جو خيال رکي چيائين، ”ڪنن کي نينگر سان نه،
[illegible] جي ڌن-دولت سان موهه آهي. ڌن-دولت کڻ، نينگر جي
[illegible]“ وڏيءَ چاچيءَ پنهنجي پتيءَ کي چيو، ”جيڪو
[illegible] سو [illegible]“

[illegible] کان پوءِ عمر پڇاڙي تائين نه مال ملڪيت جي لحاظ
کان ڪڏهن [illegible] هوس.

[illegible] منهنجي وڏي چاچي پاڻ هئي، پر گهڻو [illegible]
تي [illegible] جو فرض هن منهنجي ننڍي چاچي مٿان وڌو.
ننڍيءَ چاچيءَ [illegible] پنهنجي پتيءَ کي مونکي [illegible] وٺي
[illegible] لاءِ [illegible]، پوءِ چاچي پاڻ به اسان سان گڏ [illegible] ۾
[illegible].

[illegible] [illegible] کان اڳ ئي، چاچيءَ جي [illegible] تي، [illegible]
’بابي‘ ۽ چاچي کي ’دادا‘ چوڻ شروع ڪيم. ۽ [illegible] [illegible]
[illegible] ٽلحيءَ متاريءَ بنديءَ ۾ دادا سان گڏ [illegible] [illegible]
[illegible] لاءِ چيو، ته پر ۾ [illegible] بابيءَ چيو، ”[illegible]، [illegible]“ پوءِ دادا
ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”[illegible] ته [illegible] [illegible] [illegible].“
مان ننڍو هوس، پوءِ به ڀانئي ورتم ته [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] ته
هوءَ منهنجو نالو به مٽائي ڇڏي ها!

مان سوچڻ لڳس ته مان ڊپ [illegible] [illegible] [illegible] [illegible]
جي گهر ويو هوس، جو ايئو اسانجي گهر کان عرصو [illegible] [illegible]
[illegible] هو. وڏو چاچو اندرئين ڪوٺي واري [illegible] ۾ [illegible]
[illegible] وقت تائين اها به خبر [illegible] نه وڏي [illegible]
[illegible] سان [illegible] وڌيڪ هو. ۽ [illegible] چاچو مون [illegible] [illegible]

کٽي ٻه وڃي ها: نندي ۽ چاچي ۽ جو مون ۾ ايڏو موهه ڇو ٿيو؟
اِن سوال جو جواب مان من ۾ ڳولهڻ لڳس – ايڏي وڏي ٻه ڪانهي جو هن کي پنهنجو پار نه ٿئي. ۽ مت مائٽ ۽ پاڙي وارا هن کي پنهنجو پاڻ ۾ مڳين سمجهندا آهن ۽ هوءُ حيران هئا ته مون ۾ ايڏو ساهه ڇو آتس!

عجيب آهي مُئو مَنُ منهنجو ٻه! جنم-ڏين مُبارڪ منائي، اَڇي جنمن-جنمن جي پوتاميل کي پڪڙيو آئم. ڀر منهنجيءَ زندگيءَ ۾ جنم-جنم جو سلسلو ٻه منهنجيءَ ٻاٻيءَ شروع ڪيو هو نه!

مون کي ماتا نِڪتي، نندي. مون کي ياد آهي، مون ايترو ڪونه ٻوڳيو، ٿوري گرمي محسوس ڪيم بدن ۾. خارش ٻه ٿيڻ لڳي. داڻا معمولي هئا، اُهي ٻه ڇاتيءَ تي. ننڍ ٻاٻيءَ جي ڦِٽني ويئي. سڄو ڏينهن کٽ تي چڙهي ويني اوراڻو ڳائيندي هئي. مونکي چنيءَ ريت ياد آهي :

مان مائيءَ کي اوراڻا، ڀيڄ ڀنيءَ رات ....

هوءَ مونکي ديويءَ کان ڏنواري دئاري ونڻ ۽ ڙڳو ڀرپات جو نه، ڏينهن رات اوراڻا ڳائيندي هئي. منهنجي اُڳباڙي ڇاتيءَ تي رکو وڃبي، هڪ هٿ سان وڃڻو لوڏيندي، ٻئي سان مونکي کنهڻ کان روڪيندي هئي. مون کي ڳهر هئي. سڄو وقتُ جوءِ ڏينهن رات مون سان ٻڌي ويني هئي. سڄو سارو هفتو! اُتيءَ- وينيءَ ۽ هن پنهنجي پاڙيسري نينگر کي ڳُڙائي ورتو هئو. پاڙي واريءَ ڦُن ڏاهيءَ چيس : ”ٻڙي، ڪو پيٽ جائي جو ٻه ايڏو خيال نه ڪري جيڪرا!“ مان هوش ۾ هوس اين وقت، ماتا موٽ ڪائي رهي هئي. ٻاٻيءَ چيُس، ”جيجبي، هيءَ آئين جنم ۾ ٻه منهنجو پيٽ جائو ئي هو، نه ته منهنجو ايترو موهه ڪيئن ٿئي ها جڻ سان! ٻڌاءِ.“

اوڏي مچل تہ ڏاڍي شڪيءَ ڪڍيہ نہ ڇمو، پر ٿي ڏينهن تي پاپيءَ منحنجي لاءِ پت ڪٽڻ رنڍٽي ۾ ويٺي تہ ٿي پرسي ماءُ کي چيو ؛ ”تون نہ اِتي، مان نہ اِتي، پنهنجو پيٽ جائو بار ٿمس تہ هن شو موڊ گهيٽيو ..... “

مان ٻڇي ويٺس. منحنجيءَ زبان تي جيڪ ماضب حون پوڙيون تَري آيون.

اِن مچل تائين مونکي پروسو هو نہ بابي ڪشت ڪٽڻ جو جيڪو مون کي ڏس ڏنو هو، تنحن منحنجو ڪشت نِواريو هو يا نہ، دپ کان چونڪارو ضرور ڏنو هو. هاڻ بہ مان اَڪثر اهي پوڙيون اُچاريندو آهيان ۽ من ۾ هڪ قسم جي شانتي محسوس ڪندو آهيان.

شانتي!

اڙي! منحنحي پاپيءَ جو نالو هو شانتي. سچ تہ جهڙو نالو هوس، تهڙي شانت شياءُ هئي. ڪنحن سان اُچائڻ تہ چا، ڪنحن کي ناراض ڪرڻ بہ نہ چاهيندي هئي. هن جي شانت چت ۾ شانت وهموار ۾ رُخنو پوندو هو نہ منحنجي ڪري. سو بہ پنحنجي من ماني ڪرڻ يا محنجي بدر ڪٽڻ بعد هوءَ ٿوري ئي وقت ۾ اهڙي-سا-تهڙي ٿي ويندي هئي. منحنحي سوال تي پحريں من ماني ڪرڻ بعد، هردوار مان واپس اَچڻ تي، هردوار مان آندل سبسا ۽ اَنگوچو ڏيڻ پحريں پحريں پنحنحي ڏير جي گهر هلي هئي، مون کي ساڻ وٺي. مون پنحنجي ماءُ-پيءُ پيري وار نہ لحرايا هئا. پر هردوار ۾ سجو ڪرياڪرم دادا ڪيو هو، پوءِ بہ پاپيءَ منحنجا وار لحرايا هئا. دادا کي چيائين، ”سرڳين کي ڪائيءَ تي، جن جا وار نہ ملبا. ڪنن جي سنکن کي تہ ملڻ ئي کپن. خود جن کي اِن آخري فرض کان ريڻ نہ کپي.“

مون کي ياد آهي، منحنحيءَ سؤٽ مونکي ڏسي چڙايو ”نوڙهو، پائيءَ پکوڙو.“

اُن زماني مو پاڻيءَ ۾ پڪوڙا ملندا ها، وڏا واڻن ج
پتاتي جا. منهنجي چڙڻ جو ڪارڻ اِهو نه هو جو هن '
بدران، 'ڇڪُ' پڪوڙو ڇيو هو.
مان ڇمني نه، توپي پاڻي ويو هوس. پوءِ ۾ مان چڙي
مامي جو لڳڻ ڪٽي پُنيان پيو هوس. پاپيءَ چيو، ''مِنؤ، نه ن
چرچي ۾ چڙبو نه آهي.''
مِنؤ! ها، هوءَ آخري دم تائين مون کي 'مِنؤ' سڏيندي
هئي. جوانيءَ ۾ اچڻ کان پوءِ، اَجا شادي نه ڪئي هئي،
چيومانس، ''پاپي! ناڻو ۾ چوکينَ متايان؟''
وراڻيائين، ''مِنن مائٽن جو اِهو ئي هڪ يادگار رهجي
ويو آهي. هنن جون آتمائون جي تِر نه تيون هونديون، ته
تنهنجو ناڻو ٻڌندي سنتوش ملندو هوندن.''
هن گنڀير ٿي چيو، ''مِنو، منهنجي ٻي ٻالڪ آهي.
منهنجي لاءِ تنهنجو پُنر-جنم ٿيو آهي. منهنجي لاءِ تون مِنو
ئي آهين، مِنو ئي رهندين. مِنو! ائين سمجهه ته مان توکي
'منومنو' سڏي، ڪنهن لاءِ ٻه ڪؤڙي-ڪساري نه ٿيڻ جي عا
ڏيندي رهندي آهيان.''
هن پاپوهه مان ٻانهون پساري مونکي ياڪُر پاتو ۽ ڳلي
ـگايو.
مون چيو، ''پاپي! مان سمجهندو آهيان ته تون مونکي
نؤ منؤ سڏيندي آهين، ڇاڪاڻ جو تہ طوطي جيان مون کي
ـهنجيءَ پريت جي پڃري ۾ قابو ڪيو آهي.''
هن بي-اختيار منهنجو برڙ چُميو ۽ چيو، ''مِنو، آهين
طوطو سچ پچ! ۽ مان چاهيان ٿي ته طوطي جيان اَهڙو ڪي
۽ ڪر، جو هڪ ٻُڌي اِنسان کي ٻولڻ ۽ ڪرڻ ڪهي.''
مون کي ياد آهي، مونکي شرارت سُجهي. چيم، ''پوءِ ٻڌو
ن ٿڌ نہ طوطو.''

چيائين، ''هر طوو مِنو نہ بوليندو آهي، مِنوءَ! هن ني صحبت جو اثر ٿيندو آهي.'' هوءَ گنڀير ٿي ويئي.
اوڏي محل سڏ ٿيو، ''پائوءَ!''

ڪن ڪي پنهنجو پيٽ ڄائو پٽ ڄائو هو، مونکي گود ولڻ جي بن سالن اندر اندر.
مون کي ڪن جي وڏندڙ پيٽ سان ٿي پرون پيا هئا. مان نت نيم سان جپ ساحب بہ اُچاريندو هوس، پوءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن پريشان ٿي ويندو هوس تہ سچ پچ ڏاهي جبجيءَ جي چوڻ مطابق پاپيءَ جو مون تان موهہ گهٽجي تہ نہ ويندو. جئن وقت گذرندو ويو، تِئن منهنجا انديشا بہ وڌندا رهيا. پاپيءَ کي منهنجي ڏپ جي سُڌِ پئجي ويئي. دل جي ڏپ جون ريکائون منهن تي مِڙي آيون هيون شايد. سان اسڪول مان موٽي، نيم اُنوسار هٿ منهن ڌوئي، ڪپڙا بدلائي کٽ تي لهي جُڙي ويٺس. اُڀئين ڏينهن جي اخبار بہ اڳيان وجائي ڇڏيم. اِهو اِطلاع هو تہ مان منجهند جي ماني کائڻ لاءِ تيار آهيان. پاپي مانيءَ کان سواءِ رنڌڻي مان آئي، منهنجي پرسان اچي ويٺي. مان ڇهائي ڏجي ويس. مان ڪا غلطي ڪندو هوس تہ هوءَ مانيءَ بنا منهنجي پاسي ۾ ويهي چوندي هئي، ''مِنوُ...'' ۽ پوءِ ڪن جو ليڪچر شروع ٿي ويندو هئو، ۽ مان چپ چاپ ٻڌندو هوس، ۽ پوءِ پابوهہ مان پڇندي هئي، ''سمجهيئہ نہ، مِنو؟'' پوءِ مُرڪندي اُٿندي هئي ۽ مُرڪندي منهنجي پُني ٺپري، وڃي ماني کڻي ايندي هئي.... اِن ڏينهن بہ ڪن گنڀير ٿي چيو هو، ''مِنوُ، ناراض آهين؟'' مون پاڻ کي ٻُڏتر ۾ پاتو. مون هن سان ڪڏهن ڪوڙ نہ ڳالهايو هو، ۽ سچ چوڻ جي همت نہ ٿيم. ڪن اخبار پري ڪري منهنجي اڳا ـ ويجهو اچي چيو، ''مِنوءَ!
ـ ـ ڪان اِمتحان جو ولندو آهي؟'' هيءَ ڪهڙو سوال هو؟

مون ماءُ ڪڙڇي جواب جي اُميد تي رکي؟ ماءُ بي-اختيا
سوالي نگاهن سان نهاريومانس. ٿورو مُرڪي، مون ٿورو سامه
جو ساه کنيو. چيائين، ”تون امتحان ڏيندو آهين اهو ڏيکار
ءَ تہ جيڪي پڙهيو آهين، اهو سمجهيو آهين. ۽ امتحان کان
آءُ تياري بہ ڪندو آهين نہ؟ ماءُ بہ امتحان تي ڏيان ...“ جن
جي مُرڪ ويڪري ٿي. منهنجي ڄاڻ جي اُڻ-ٽُڻ وڌي. چيائين،
”ماءُ پاڻ آزمايان ٿي. ماءُ پڪ پاس ٿيندس.“ هوءَ اوچتو اُجا
بہ منهن منهنجي ويجهو ڪئي آئي ۽ منهنجو نرڙ چُميائين.
چيائين، ”تو پڪ ڏاهي جيجيءَ کان ڪجهہ ٻڌو آهي. ماءُ هن
ڪي صحيح ٿيڻ نہ ڏيندس.“ هوءَ اُماڪ اُٿي، اخبار سڌي
ڪري وڇايائين ۽ هلي وئي. اُن ڏينهن هن ڪڙهي چانور ڪيا
هٿا، هونءَ پٽاٽي جا ٽوڪ ڪندي هئي، جو دادا ماڻهن ٽيت
ڪائيندو هو؛ اڄُ ٻوندي ڳُرائي هٿائين. چيائين، ”مڻو، ٻهرين
وات مڻو ڪر تہ دل جي ڪڙاڻ مٽيئي.“ ٿالهي رکي، وري
منهنجو منهن ٻنهي هٿن ۾ جهلي، منهنجين اکين ۾ اکيون
وجهي چيائين، ”تون مڻوُ آهين، پر انهن طوطي جهڙين اکين
سان نہ نهار.“ پوءِ منهن چڙهي ٻوندي کٽي منهنجي وات ۾
ڏائين. ڪٽ جي ٻئي پاسي کان کٽ تي چڙهي، ويٺي وڃڻو
وڏڻ. وڃڻو هوءَ اِن کان اڳُ ٻئي وڃ دادا کي ماني کارائڻ
ت لوڏيندي هئي، منهنجي شادي تي وڃڻ ٿائين .....

شادي! ها، مون شادي ڪئي. ’جڏ تہ لُڏان‘ واري لوڏ-ڏوڏ
يءَ جي ڏنم. پر اُن کان اڳ مجيڻ مُراد آهي تہ هوءَ امتحان
رست ڪلاس ۾ نہ، سؤ سيڪڙو نہ نہ، هوءَ اِن کان بہ وڌيڪ
ڪڙو ڪٽي پاس ٿي.

هينئر ٻايان پيو، اکيون آليون ٿيون آهن. اُجڪيءَ رات
ي! ها، ڪيڪ تي انڪيل مون نتبن کي ڦوڪون ڏيندي بہ

آنسون آيا هئا، اکين ۾. تيڏري پوئي ڏسي ورتو هو. چيائين،
''بابا! اڄوڪي ڏينهن رُئو تا اوهان؟''
مون ڪو جواب نہ ڏنو هو. زبان مان اکر اُکلي ئي نہ
پيو. پٽس چيس، ''گيٽيءَ خوشيءَ تي بہ لُڙڪ وهندا آهن.''
حيءَ آنسون تہ شُڪرگذاريءَ جا آنسون آهن.

ڪي ڏينهن وسرندا ئي نہ آهن. زمانو اُنهن تي دز
وجهي ئي نہ سگهندو آهي. دادا ۽ مان، صفحي ۾ ساڄيءَ ڪٽ
تي ويٺا هئاسين، جو ڪوٺيءَ مان 'اُئان-اُئان' جو آواز آيو.
اَڃان سِجُ نہ اُڀريو هو. مان سمجهان ٿو، مون ڪان ڇرڪُ نڪري
ويو هو. دادا اُٿي ڪڙو ٿيو، مون کي ٻُل تي هلڪي ٿڦڪي هڻي
چيائين، ''گِدو، واڌايون هُجني، ياءُ آيو آٿيئي!'' 'مِلوُ' ڪولڻ
حي ياپيءَ پنهنجي هڪ هلي ٿاهي هئي. دائي رجب ماءُ ٻاهر
آئي. پٽلين در ٻيڪڙي چيائين، ''شامداس، واڌايون هُجني،
ڪيڪو آهي.''

منهنجو منحن هياٽيو يا نہ، دل ٿورو شُست ٿي.
دادا ڪوٺيءَ اندر وڃڻ لڳو تہ رحب ماءُ روڪيس،
چيائينس، ''دم صبر ڪر. گِدوءَ ماءُ پحرين گِدوءَ کي ڪولنو
آهي.'' رجب ماءُ دروازو کولي بيلي، مون کي اَندر وڃڻ جو
اِشارو ڪيائين. اَندر گهڙيس تہ هُن دروازو بمڪڙي ڇڏيو. مان
دروازي وٽ بيٺو رهيس.
پاپيءَ مُرڪي چيو، '' مِلوُ، اوري اَچُ نہ ....''
مان ڪٽ طرف وڌيس. ڪِڪو اَکيُس طرف هو. تازو
جميل بار مون پحريون دفعو ڏٺو هو، ٻاڙهہ سِرو. ننڍڙيِ ننڍڙا
هٿ-پيرَ. ننڍڙيون ننڍڙيون اکيون، پنڪيڙيون!
پاپيءَ مون کي هُن جي اکيُن ۾ نِهاريندو ڏسي چيو،
، ڪُنُو، پر اکيون آٿس طوطي جون.'' مون کي هٽ

سان اچا بہ ويجھو چڪيائين. چيائين، ''پڪڙينس حت، ا
ئي....'' مون ھن جو ساڄو حت پڪڙيو. ڀاڀيءَ چيو، ''ڪاٻ
پڪڙيس.'' پوءِ چيائين، ''مِنو، ھاڻي ڀَل بہ.''

چنيءَ تي ٻيا سڀُ ھيٺِ غاليچي تي ويٺا ھئا - مامو،
مامي، ماروت ۽ دادا. ڀاڀي ليتي پيئي ھئي. پتڪڙي جي
پيرانديءَ کان ڀاڀيءَ مون کي وھاريو ھو ۽ منھنجو حت پنھنجي
حت ۾ پُختو پڪڙي رکيو ھئائين.

محراج چني پڙھي، مامي کي چيو، ''گينشامداس،
ڪُنيءَ راس آتسِ. نالو تہ رکانس گوبند.''

ڀاڀيءَ منھنجي حت کي تورو زور ڏنو ۽ آھستي چيو،
''مِنوُ، پھرئين پيپر ۾ پاس تي آھيان. مالڪ جي محر سان، تہ
جھڙي قسمت سان ڄائو آھي، ڪا وڏيڪ سنت ڪانہ ٿيندس.''

ڏاڍيان وڏي چاچي کي چيائين، ''ڏيرم! آسان ھن جو
نالو رکنداسين گروءَ جي وچن پٽاندڙ.'' پوءِ دادا ڏي نھاري
يائين، ''ٻڌو تا، صبح جو دربار مان وچن ڪڍائي اچجو.'' وري
يائين، ''پھريون لفظ نہ، پوري تُڪَ ياد ڪري اچجو.''

دادا تي جا ڀاڀيءَ جي جمت ھئي، تنھنجي ثبوت طور
بئي ڏينھن صبوح جو سنت سُجانداس کان وچن نھرائي،
اد صاحب وني، وچن جي تُڪ ئي نہ، پڙڙيءَ جو پھريون
ياد ڪري آيو :

ساڌو، گوبند کي گُن گاءِ
مانش جنم اَمولڪ پاپُ
برٿا ڪاھ گنواءِ ......

وچيو، ڀاڀيءَ جي ڀِڳتيءَ ڪري چنيءَ وارو نالو بہ آيو ھو
جي وچن ۾.''

ڀاڀي بيحد خوش. وچن دھرايائين ۽ چيائين، ''مان ٻلھار
روءَ جي نالي تان. ننڍڙي کي نالو ئي نہ مليو آھي،''

نالي جو آرٽ بہ ملبو آهي. جن نندڙي جي ڪاڏيءَ ني آگر رکي،
اکين ۾ اکيون وجهي چيائين، ”چئو ساڏو، رکنديں نہ پنهنجي
نالي جي پتي؟“

دادا ڪٿاهہ پهرين پاپيءَ طرف وڌايو. پاپيءَ چيو،
”پهرين مِلوءَ کي ڏيو.“

ٻي ماءُ ٻار کي ڳالهائڻ سيکارڻ لاءِ چوندي آهي، ”چئہ
بابا، چئہ امان.“ ليڪن هُن پتڪڙي ريڙهيون پائڻ مس شروع
ڪيون، تہ چوڻ لڳس، ”چئہ ’پا‘، چئہ پائو، پا...ئو. پائو-
پائو.“ مٺ وڏو ٿيو تہ هر ڳالهہ لاءِ ’پائو‘. ڪير پائوءَ سان پيٽٽو
آهي، سنان پائوءَ سان ڪرٽو آهي، شمعٽو پائوءَ سان آهي.

گرانٽ وڏو ٿيو تہ وري اهو ئي ڪيئو - ڪپڙا پائو
بدلائي، گهمڻ پائوءَ سان ويندس، آڪاٽي پائوءَ سان گڏ ٻڏندس.

اڄُ پائوءَ جي رت لڳائيندڙ ۽ موجود هو منهنجي جنم ڏِن
اُسٽوَ ۾. شاهي گُلدستو هو هنجي هٿن ۾. اَڇڻ سان بہ پيرين
پيو، وڃڻ سان بہ پيرين پيو. هئپي-برٿ-ڊي جي ڪورس ۾ بہ
شريڪ ٿيو ۽ حڏهن ڪيڪ جي موم بتين کي ڦوڪون ڏيندي
منهنجي اکين ۾ آب اوتيل هو، تڏهن بہ خوشيءَ جا آنسون
لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. منهنجي سامهون پوڻ جي
همت اڄ بہ هن ۾ ڪانهي ۽ هن جي گهر جو وڏو ڪارج هجي
يا ننڍو، منهنجيءَ منظوريءَ ۽ مرضيءَ بنا نہ ٿيندو آهي. هن
جي شڪل هوُبہو پاپيءَ جي آهي. اِن ڪري نصيب وارو آهي.
جهڙا ڪوبہ آهن بہ سٽ ماءُ جي ويندو، يا ڏيءُ پيءُ جي شڪل
تہ ... تہ پاڳ ڪلندو جسم پاپيءَ جو آتس، پر پاپيءَ جي
... نائس منهنجي اِرد-گِرد چڪر ڪاٽيندي آهي.
اِن ڊرائنگ روم واري ڪمري ۾ مان مُرڪندي آواز
۽ مِلو، مان سوال اٿمان جن جي آنما نئي ڪنهن

جسم ۾ واسو نٿي ڪري سگهي، جو پنهنجيءَ رهٽي ڪرڻيءَ ـ
هوءَ ڇوراسيءَ جي چڪر مان نڪري ٿي وڃي. هن جي آءَ
پتڪي نٿي، منهنجي اِنڪ سنڪ جو آهي! هوءَ اچا تائين
منهنجي شڪتي بہ آهي تہ ڀال بہ....

مان سورهن سالن جو هوس، ڇهون درجو پڙهندو هوس،
اڄُ جو ڏهون درجو. دادا جي مرضي تي تہ زمين سنڀالڻ جي
ڪم ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪريان. ڪڻڪ جي ٻنٽيءَ جو وقت
هو. دادا هڪ زمين تي ويو، مون کي ٻيءَ زمين تي موڪليائين،
ميتوڙي گهوڙي تي چاڙهي. جي پاپيءَ منهنجي اَندر اُجارڻ ۾
منهنجي سونهپ پئي ڪئي تہ دادا مون کي ٻاهرين، وهنواري
دنيا ۾ سوپارو ٿيڻ جي سکيا ڏيڻ لڳو. هو چوندو هو: پڙهڻ،
ترڻ، تير هڻڻ، گهوڙين سواري، جو ننڍي هوندي نہ سکيو،
تنهنجي وڏي هوندي خواري. تير هڻڻ بدران هن مونکي
بندوق هلائڻ سيکارڻ شروع ڪئي هئي، ٽن ڏينهين.

مان زمين تي پهتس. هاري هارياڻيون گڏ گڏ. هڪ
گهوڙيءَ جي واڳ ورتي. ٻئي گودڙي پيل واڻ جي کٽ تي
وهاريو. ۽ جانڻ ماءُ کير سان ڀريل جمڻ وٽو کڻي آئي. سيني
جي زوز-بار تي مان اَڌ ڪٽورو خالي ڪيو. وڏيڪ هلي ٿي نہ.
لڳم، پيٽندس، نڪري ايندو سڀ جو سڀ. مون اَڌ موٽايو. پيرَ
مرد پيروءَ چيو، ”اڇي شيءِ نہ اُگهاڙي ڇڏبي آهي نہ هاربي
آهي. هارئي کان پيتو پلو. هُن پُٽ کان وٽو ورتو ۽ ٻيهت
ڪري پي ويو! پاپيءَ جو پيار پريو آواز منهنجيءَ دل ۾ اُڀريو،
مِنو، پيٽڻ کان اَڳ سوچين ها نہ، تہ پير مرد کي تنهنجو
وٽو کير نہ پيٽڻو پوي ها! الڳ خالي ڪٽورو وٺي ها نہ.“
هنجو هٿ سچ پچ ڪن تائين ڪجهي ويو هو.
پير مرد ۽ هن جا بہ پٽ، مون کي کوڙ تائين وٺي هليا.

نالي جو اُرت نہ مليو آهي. هن ننڍڙي جي ڪاڏيءَ تي آڱر رکي، اکين ۾ اکيون وجهي پڇيائين، ”چئو ساڈو، رکندين نہ پنهنجي نالي جي پتِ؟“
دادا ڪٿاهہ پڇرين پاپيءَ طرف وڌايو. پاپيءَ چيو، ”پڇرين مِلوءَ کي ڏيو.“

بي ماءُ پيار کي ڳالهائڻ سيکارڻ لاءِ چوندي آهي، ”چئہ بابا، چئہ اَمان.“ ليڪن هُن پتڪڙي ريڙهيون پائڻ مس شروع ڪيون، تہ چوڻ لڳس، ”چئہ ’پا‘، چئہ پائو، پا...ئوُ، پائو-پائو.“ مُٽ وڏو ٿيو تہ هر ڳالهہ لاءِ ’پائو‘. ڪير پائوءَ سان پيٺو آهي، سنان پائوءَ سان ڪرڻو آهي، سُمهڻو پائوءَ سان آهي.
گرانٽ وڏو ٿيو تہ وري اهو ئي ڪيئو - ڪپڙا پائو بدلائي، گهمڻ پائوءَ سان ويندس، آکاڻي پائوءَ سان گڏ پڙندس،

اڄُ پائوءَ جي رت لڳائيندڙ بہ موجود هو منهنجي جنم ڏِن اُتسوَ ۾. شاهي گُلدستو هو هنجي هٿن ۾. اَڇڻ سان بہ پيرين پيو، وڃڻ سان بہ پيرين پيو. هئپي-برٿ-ڊي جي ڪورس ۾ بہ شريڪ ٿيو ۽ جڏهن ڪيڪ جي موم بتين کي ڦوڪون ڏيندي منهنجي اکين ۾ آب اوتيل هو، تڏهن بہ خوشيءَ جا آنسون لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. منهنجي سامهون پوڻ جي همت اڃ بہ هن ۾ ڪانهي ۽ هن جي گهر جو وڏو ڪارج هجي يا ننڍو، منهنجيءَ منظوريءَ ۽ مرضيءَ بنا نہ ٿيندو آهي. هن جي شڪل جوُ بہ جوُ پاپيءَ تي آهي. اِن ڪري نصيب وارو آهي. چوندا ڪونہ آهن تہ پٽ ماءُ تي ويندو، يا ڌيءُ پيءُ جي شڪل تي ويندي، تہ ڀاڳ کلندو. جسم پاپيءَ جو اَٿس، پر پاپيءَ جي آتما تہ اَجا تائين منهنجي اِرد-گِرد چڪر ڪاٽيندي آهي.
ٽڙِڻ ڪڏهن ڊرائنگ روم واري فوٽي مان مُرڪندي آواز آهي : مِلو، مان توسان آهيان. هن جي آتما بئي ڪنهن

جسم ۾ واسو نٿي ڪري سگهي، جو پنهنجيءَ رهڻي ڪرڻيءَ
هوءَ چوراسيءَ جي چڪر مان نڪري ٿي وڃي. هن جي آ
پتڪي نٿي، منهنجي اِنڪ سنڪ جو آهي! هوءَ اڃا تائين
منهنجي شڪتي بہ آهي تہ ڍال بہ....

مان سورهن سالن جو هوس،
اڄ جو ڏهون درجو. ڇهون درجو پڙهندو هوس،
ڪم ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪريان. دادا جي مرضي تي تہ زمين سنڀالڻ جي
تو. دادا هڪ زمين تي ويو، مون کي ٻيءَ زمين تي موڪليائين،
ميتوڙي گهوڙي تي چاڙهي. جي پاپيءَ منهنجي اندر اُجارڻ ۾
منهنجي سونهپ پئي ڪئي تہ دادا مون کي ٻاهرين، وهنواري
دنيا ۾ سوپارو ٿيڻ جي سکيا ڏيڻ لڳو. هو چوندو هو: پڙهڻ،
ترڻ، تير هڻڻ، چوٿين سواري، جو نٽڻي هوندي نہ سکيو،
تنهنجي وڏي هوندي خواري. تير هڻڻ بدران هن مونکي
بندوق هلائڻ سيکارڻ شروع ڪئي هئي، تن ڏينهن.
مان زمين تي پهتس. هاري هارياڻيون گڏ گڏ.
گهوڙيءَ جي واڳ ورتي. بئي گودڙي پيل واڻ جي کٽ تي
وهاريو. ۽ جاڻڻ ماءُ کير سان ڀريل جمڻ وٺو ڪٽي آئي. سيني
جي زوز-بار تي مان اَڌ ڪٽورو خالي ڪيو. وڏيڪ هلي ٿي نہ.
لڳر، پيئندس، نڪري ايندو سي جو سي. مون اَڌ موٽايو. پير
مرد پيروءَ چيو، ”اِهي شيءِ نہ اُگهاڙي جڏهي آهي نہ هاربي
هي. هارئي کان پيتو پلو. هن پُٽ کان وٺو ورتو ۽ ٻيت
ڪري ٻي ويو! پاپيءَ جو پيار ڀريو آواز منهنجيءَ دل ۾ اُڀريو،
منو، پيئڻ کان اَڳ سوچين ها نہ، تہ پير مرد کي تنهنجو
وٺو کير نہ پيئڻو پوي ها! الڳ خالي ڪٽورو وٺي ها نہ.“
تنهنجو هت سڄ پڇ ڪن تائين ڪجهي ويو هو.
پير مرد ۽ هن جا بہ پٽ، مون کي ڪوڙ تائين وٺي هليا.

أتي نه ڏگ ڪٺڪ جا پيا هئا ـ ڏسڻ ۾ هڪ جهڙا. هي فرق
به هوندن، ته سبز-سوا ڪان متي نه هوندن. پيروءَ چيو، ''شقدار،
چوند ڪر. جيڪو ڏگ ڪٽين، اُهو ڳوٺين ۾ ڀري ڏينداسين.
مون سڄ پڇ داد جي سيڪاريل طوطي واري رَٽَ لڳائي : ''اوهان
جي ڪوڙ مان پنج ڪاسا ٻج جا، اَڍائي ٽويا ٽِڪاڻي جا، اَڍائي
ٽويا مست جا، اَڍائي ٽويا باڻيڻ جا ...'' دادا مونکي خالي
ڳوٺيون سنڀيون هيلان وجهي ڏنيون هيون. مون پڇريئين ڪوڙ وٽ
ٻيهي چيو، ''هي اسان جو ٽيو.''

پيروءَ چيو، ''هلو شقدارا ٽنڌهن اُس ۾ نه ٻيهي، هلي وڻ
هيٺ آرامي ٽيو. منجهند جي ماني ڪائي وڃجو. اِن وچ ۾ اُتَ
اَچي ويندا ۽ منهنجو پٽ خمسو، لڙيءَ منجهند جو اُوهان ڪي
گهر ڇڏي ايندو....''
مون پڇيو، ''ضروري آهي ته مان وهان؟''
پيروءَ وراڻيو، ''مڪياري آهيو، پوتارا وهو، ته آسان جون
اکيون ٺڏيون...''
مون گهر وڃڻ چاهيو. پير مرد پاڻ مون ڪي گهوڙيءَ وٽ
وني هليو، پنهنجي هڪ هٿ ڪي رڪيب ٻڌايائين ۽ ٻئي هٿ
سان مون کي گهوڙيءَ تي چاڙهيائين. واٽر ڪورس جي پنيءَ تائين
لغام جي هڪ واڳ پڪڙي وني آيو ۽ پوءِ چيائين، ''شقدار،
خدا حافظ.''

مون سوچيو : واهه جو حاڪمي آهي!

اوچتو منهنجي من ۾ ويچار آيو : دادا جي حاڪميءَ
جي حد غير نه آهي ڪيتري آهي. منهنجي پيءُ واري به نه
منهنجي هڪي ها.... پهريون دفعو منهنجي من ۾ پاپيءَ جي
فيصلي ڪي غلط سمجهڻ جي ياونا اُٿي. هروڀرو ضروري هو ته
منهنجي ملڪ ڪي منهنجي نڌران داءُ ني لڳائي....!''

ماڻ جو واڙي ۾ نيوڙيءَ کي ڦاٿيڪو ڪري ٽيڙ ۾ ٻيڙيس
تہ پاپيءَ پڇيو، ”منوُ، ڪنهن ماڻ وڙهي آيو آهين؟“
”نہ.“

”ڪنهن ڪجهہ چيو آٿيئي؟“
”نہ.“

”من ۾ ڪو مونجهارو آٿيئي؟“
”ها.“

هوءَ سِرانڀجي ويئي. هن جي من جي چمڪ-دمڪ ٿم ٿي
ويئي.

هوءَ رنڌڻي ۾ صفحي جي وچ واري دروازي وٽ بيٺي
ٿي. ٻنڙي ٻنهي هٿن ۾ منهنجو مٿو پڪڙيائين ۽ ڳلي
لڳائي چيائين، ”هيءَ وهي آهي تنهنجي مونجهاري جي؟“
مون کي ڪٿ طرف وني ويئي. ٻانهن ٻہ ويني ۽ مونکي ٻہ
ٻي ۾ وهاريائين. مُرڪ موٽي آئي هن جي منهن تي. اڄائي
ٺيڻ منهنجيءَ دل ۾ ٻئڊل پڇاڪي جو ٻراڏو ٿيو؛ ٻڪريءَ جي
س جي، ڪاسائيءَ کي ماس جي. ۽ هن چيو، ”منو، ڏسندي
سندي ايڏو وڏو ٿيو آهين جو سمجهڻ نہ لڳو آهين تہ مُنجهڻ
لڳو آهين! چئي ڏي، پڇتا نہ مُنجهڻا.“

منهنجي زبان مان ڏڪڻي آواز ۾ نڪتو، ”پاپي، ضروري
چا تہ منهنجي پيءَ جي ملڪيت مامي کي ڏني وڃي ها.“
يءَ ويني ٿي وري مون کي ڳلي لڳائي چيو، ”وڏين تو تہ
رباني ڪري صحيح راهہ تي وڌ. بس، اها ڳالهہ آهي نہ؟
تائين منهنجو ساهہ ئي ڪٽائي ڇڏيو هوءَ. سولو معاملو
. شام تائين اتين ٿي ڏيندو جيئن تون چاهيندين. ٻهرين
 ڪاڻ. سويل موٽيو آهين. سنيءَ تي نحيل ٻوڙ-ماني ٻہ
ي آيو هوندين؟“

هوءَ اُتي ئي هلي ويئي. هن جي آواز ۾ نه نرمائي هئي، نه نراسائي.

منهنجي من ۾ ٽهائين تيسو اُڀريو. ڪهڙي قسم جي ماءُ آهي! شام ٿائين؟ شام تائين سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿيندو؟ اڙي، ڪٿي مامي ڪان مال ملڪيت وٺي ڏيندي، مون کي هن گهر مان لوڏي ته نه ڪڍندي؟ .... لوڏي ڪيندي، ته ڇا ٿيندو؟ مامو مامي به مون کي گهٽ نه گهُرندا آهن. ۽ هوءَ ماروٽ هاسي، اُها ته منهنجو خاص خيال رکندي آهي ... هيءَ مون کي گهران ڪيئي ڇڏيندي؟ پل ڪيئي ....“ هڪ قسم جو ضد اُڀريو هو. ها، پال هٿ ئي هو اِهو.

هوءَ ماني کڻي آئي. اخبار به کڻي آئي. ٻئي پاسي کان ڪت تي چڙهي وهٽو نه لوڏڻ ويئي. ” ڪاڏي، ڇتي ٻڪ لڳي هوندي!“ هن دستوري پيار پرئي آواز ۾ چيو.

مون ڏنو، منهنجي ٻڪ مري ڇڪي هئي. پوءِ به مون گره کنيو ۽ وات ۾ وڌو.

پاپيءَ ٽڪ ڏنو. چيائين، ”دل تي چوي ته هٿن پلي پالي نموني ڪائين ٿو، تٿن ڳبتون گيتون ڪري ڪاراڻ، پر تي ويو آهين وڌو، هڪ ئي ڏينهن ۾!“ هن وري ٽڪ ڏنو.

مون ڪُڇبو ڪونه. ياد آتم ـ ماڻ اِن ڪري نه رهيُس جو هوءَ ماني ڪائڻ وقت ڳالهائڻ کان منع ڪندي هئي، پر اِن ڪري، جو مونکي لڳو، مان ڳالهائيندس، هوءَ دلداري ڏيندي ۽ مان روئي پوندس. ۽ مون اُن ڏينهن روئڻ نه تي چاهيو. من ۾ هڪ پاؤُ اُٿين تيو هو: پهرين ڏسڻ کپي ته هوءَ شام جو ڪهڙو تي نبيرو ڪري.....

هوءَ نه خاموش وهٽو لوڏيندي رهي. مان اَک ٽيت ڪري هن جي منهن کي ڏسڻ لڳس. هوءَ مُرڪي تي، گنيمر تي تي، براس تي تي، ۽ وري مُرڪي تي، ڳاڙهي تي تي، پيلي تي تي،

ڪاراتجي تي ويئي. اُتي ئي لال، اُتي ئي لال-پيلي.
مون ماني بلڪل ٿوري کاڌي. هن وَرجايو ڪونه. هن وچيرَ
اُتي دستور موجب پاڻيءَ جو گلاس آڻي اِسٽول تي رکيو هو.
مان ٻاهر ڳُرڙي ڪري اِندر گهڙيس. هوءَ ٻاسڻ ڪٽي
رنڌڻي ۾ هلي ويئي هئي. هن مون کان گلاس ورتو. دستوري
آواز ۾ چيائين، ''وڃ، وڃي ٻچيتيءَ ۾ سُمھ.''
منھنجي زبان مان نڪتو، ''ساڏو ڪٿي آهي؟''
عجب سُرهائي آئي هن جي منهن تي.
ساڳئي سنجيدي آواز ۾ چيائين، ''تنھنجي انتظار ۾
جاڳي جاڳي هاڻ ننڊ کجي ويئي اٿس.''
مان مٿي ويُس. ساڏو گهري ننڊ ۾ هو. مان ليٽيُس.
اکيون بند ڪيم. پر ننڊ ڪانه آئي. من ئي من ۾ چوندو
رهيس : ايڪونڪار.....
ننڊ تہ هاڻي بہ مونکي نٿي اَچي. اَکيون هاڻي بہ بند
اَٿم. اُن ڏينھن کو اُلڪو هو منهنجي من ۾. ڪو اوسيڙو هو،
انتظار هو، زندگيءَ جو فيصلو ٿيڻو هو. ءَ اڄ کهڙي باقي
زندگي جيئڻ جو اُلڪو آهي، اوسيڙو آهي. اَڄُ اَلائي ڇو زندگيءَ
جون ڪي گهڙيون وري جيئڻ جي تمنا جاڳي آهي. مستقبل
جي محدودگيءَ وسيع ماضيءَ ۾ نھارڻ لاءِ ننڊ جو تياڳ ڪيو
آهي! اُن ڏينھن تہ پاڻ، وڏيڪ کان وڏيڪ پاڻ جو موھ پيدا
ٿيو هو....

سناٽو هو، هيڏي ساري گهر ۾. اِهو ڪاٽڻ لڳو هو مونکي.
[...]ن ٻچيتيءَ ۾ سامهون واري ديوار تي ٽنگيل گهڙيال جا اَڏ ڪلاڪ
[...]ڪلاڪ جا ٺڪاوَ پئي ٻُڌا. وچ وچيرَ اکيون کولي وقت بہ پئي
[...]و. اُهو بہ ڍلي ڍالي چال سان پئي هليو. پنجن جا ٺڪاوَ لڳا.
[...] ۾ آيم : اُٿان. شام جي شروعات ٿي آهي.....
حيث صفحي ۾ قدمن جي ٺڪي آهٽ ٿي. داد اچي ويو هو
[...]د.

پاپيءَ جو آواز آيو، ”ڪيئن ڪٿي آيا؟“ آواز ۾ اُٿل-لکي ٽڪائي هئي، ڄاڻ ڪيڪر طنز چوان.

اَڄ بلڪل نئون ٿيو هو. هونءَ پاپي دادا جي اَچڻ تي پهرين هن جي مُرڪ سان مرحبا ڪندي هئي. هن کان ڪوٽ وٺندي هئي، اُهو ڪِليءَ تي ٽنگيندي هئي، رنڌڻي ۾ ويندي هئي، پاپڙ ۽ پاڻي آڻيندي هئي ۽ پوءِ پاڻُوءَ جي پرسان وهندي هئي. اِهو سمورو وقت هن جي چپن مان هڪ لفظ به نه نڪرندو هو، صرف مُرڪ ساندهه ناچ نچندي رهندي هئي. پاپي مونکي ۽ ساڏوءَ کي به دادا سان تيستائين ڳالهائڻ کان جهليندي هئي، جيستائين هوُ - ناچران تَتل يا ٿڪو ماندو آيل - پاڻي پي ٿڌو ٿانئيڪو نٿو ٿئي. ۽ اڄُ هوءَ هُن جي گهر ۾ گهڙندي ئي هُن مٿان اُپري آئي هئي.

دادا پڪ ئي پڪ هن جي نئين، اُميد کان اُبتڙ، وهنوار تي حيران-پريشان ٿيو هو. جواب نه سُجهيو هوس.

شانتيءَ اُشانتيءَ جي وڪڙ ۾ اَچي چيو، ”مان چوان پئي، تڪڙ نه ڪريو. اُوهان هر ڳالهه ۾ تڪڙا. منهنجي ڳالهه مڃيو ٿا؟“

دادا وس وارندي پاپيءَ جي هر صلاح ۾ مصلحت ڳوليندو هو. هنن وچم اُٽمٽت تہ ٿيندي ئي ڪانه هئي. ويچارن جو مَت-ڀيد به اِتفاق سان ٿيندو هوس. ۽ هوُ وس وارندي، هڪ ٻئي جي من جو حيت پٽ حيانڪي پائي وٺندا هئا. دادا به ڳالهه جي ڳالهه تي پڇڇي ويو. چيائين، ”ڳڌو گهوڙيءَ تان ڪريو هوندو يا ضابطو وڌائي وينو هوندو! اِها ڳالهه مون کي دل سان نه لڳي. ۽ پيرمرد پيروُ به رچ چڱو مُڙس آهي.“

پاپيءَ جو ٻيو آواز آيو، ”هوُ رچ مڙس آهي، نڌهن ته مِنوءَ جي من ۾ موهه جاڳيو آهي؛ ”الي ڳبر ڪهو آهي!“

دادا چيو، ”مهرباني ڪر، پرولين ۾ نہ ڳالھاءِ. ڪهڙو موڊ جاڳيو آهي ۽ ڪهڙي لالچ پيدا ٿي آهي؟ ڪهڙي ڪمي رهي آهي هن گهر ۾؟“

منهنجا ڪَنَ سرلا ٿي ويا.

پاپيءَ جو آواز آيو. اُن ۾ ڪڙاڻ نہ هئي، سمجهائي هئي. چيائين، ”پيرمرد ۽ هن جي پاتيڻ ننڍي حقدار جي ڪئي هوندي خوشامت ۽ خاطرداري. ننڍ من ۾ آئي هوندي لالچ ۽ هُن سوچڻ شروع ڪيو هوندو. هِڪَ ڪري مان خوش آهيان تہ هن جي دماغ سوچڻ شروع ڪيو آهي، غلط ڪي صحيح. جو اڄ غلط ٿو سوچي، شيائي صحيح بہ سوچيندو....!“

دادا چيو، ”ها، سوچيندي سوچيندي، سوچڻ کي چيڪ چڏيندي، گمراھ بہ وڃي سگهي ٿو.“

”منهنجو منو اُهڙو نہ آهي. اُوهان بہ اهڙي دعا نہ ڪريوس.“

”ڇا ٿو چوي؟“

”منهنجيءَ ملڪيت جي سؤداگيريءِ جو ڪَيتَوَ.“

”اَچا! تہ اِها ڳالھ آهي.“ دادا پنهنجي من جو بار هلڪو محسوس ڪيو ٿي ڏنو. پوءِ گنڀير ٿي چيائين، ”هن جي پيءُ جيتري زميداري تہ مون وٽ ڪانهي. پر ايتري آهي، جو بئي پائر آرام سان کائي سگهن ٿا، عمر ڀر. الڳ ٿيندا، تہ بہ ٻنهي جي ماني ڪتا نہ کائيندا.“

”مان هُن سان ٻي سؤداگري ڪرڻ واري آهيان.“

”ٻي؟ سؤداگري؟“

مان صفحي ۾ ڪليل ڊبل دريءَ جي پرسان پيل ڪرسيءَ تي اچي ويٺس.

پاپيءَ جو آواز آيو، ”چونديسانس، وڏي حوندي ساڏوءَ جو حصو بہ هُن جو رهندو.“

”تنهن کان ائين چوڻ تي چئمنس نہ ڪس سنڌس ملڪيت بہ ڏياريندا سين!“

”مون کي خبر آهي، اوهان جي وڪالت ئي ڏاڍ آهي.“

” مان تہ چاهيان ٿو، مون جيان ڳڏو بہ وڪالت پاس ڪري. وڪالت بہ ڪري ۽ زمينداري بہ ڪري. ساڏوءَ کي مان انجنير بڻائيندس.“

پاپيءَ پڏو-آڏبڏو ڪري چيو، ”ٻوليءَ ۾ چوليي، نہ مان ڪنديس نہ منوءَ کي ڪرڻ ڏينديس.“

مان اِن وچ ۾ ساڏوءَ کي تڪڻ لڳو هوس. هوُ ننڍ ۾ ايڏا بہ معصوم ٿي لڳو، وڏندڙ ٿي لڳو. مونکي ويچار آيو : ڇاڻ اُٿيو ۽ پڇندو، ”پاڻو، مونکي ڇو ڇڏي وئين؟“

اوچتو مونکي ياد آئي پاپيءَ جي بڌايل ڪهاڻيءَ ۾ ڳُر واٽيءَ جو ڳُفتو : حق پرايا ناڪا، اُسي سوئر اُسي ڳاءِ. مان اُٿيس، هيٺ لٿس. مان وڃي پاپيءَ سان لپٽيس - چپ چاپ.

”سو تو اسانجي بات چيت بڌي آهي. منوا تون آڄڙو شيطان ڪيئن ٿِئين؟“ ڳُن منهنجي وارن ۾ هٿ ڦيرڻ شروع ڪيو هو. چيائين، ”مو، مان بيحد خوش آهيان. تون جواڻ جماڻ ٿيو آهين. تن ڪري بہ، من ڪري بہ.“

مون کي روئڻ اچي ويو هو. ڳن پاڪيءَ ۾ وڏيڪ پختو ڪري چيو، ”منو، هاڻ تون منهنجي آنچل ۾ منهن لڪائي روئڻ جي منزل پار ڪري چُڪو آهين.

هن جي آواز مان مون کي نِراسائيءَ جي هلڪي بوءِ آئي.

⊠⊠

— گوبند مالهيءَ جي آتم ڪٿا ”آدب ۽ اديب“ جو هڪ باب

زندگي - هڪ سفر

سنسار مسافرخانو آهي - سنت اِئين چوندا هئا، سڀيئي ائين وسهندا هئا. مگر مان ٿي آهيان شايد، سنڌين ۾، جنهن سچ پچ سنسار کي مسافرخانو ڏٺو آهي، يا ڏسڻ تي مجبور آهيان.

زندگي هڪ سفر آهي - اِئين به سنت ۽ سڀئي ڄاڻندا هئا. مگر سفرن ڀري زندگي منهنجي پلئه پيئي آهي، سنڌي اديبن جي ڀيٽ ۾ گهڻو گهڻو وڌيڪ.

۱۹۴۷ جي ڊسمبر ۾، سنڌ کي عارضي الوداع ڪرڻ کان اڳ، مون سنڌ ذري ڳپت سموري ڏٺي. گهوٽڪيءَ کان ڪراچيءَ تائين ۽ جيڪب آباد کان ننگرپارڪر تائين، ڳوٺ ۽ شهر ڏٺم. پنهنجي ڳوٺ جي چپي چپي کي ور ور ڪري پرڪرما ڏيندي ۽ سنڌڙيءَ جي سر زمين جا چڪر هڻندي، مون جيڪي ڪي ڏٺو، جيڪي ڪي ڄاتو ۽ جيڪي ڪي پاتو، تنهن جي ڦل سروپ مونکي وسيع نظريو، وشال جڙدو ۽ عالمگير احساس مليو. وحدت مان ڪثرت ۽ ڪثرت مان ڪٿا ڪرڻ جو ڪرشمو ڀٽ قادر پاڻ ڪيو هجي، اِنفراديت کان جماعت تائين پهچڻ جو سمر مونکي ڪتابن جي اڀياس ٿي نه، خانه بدوشيءَ به ميسر ڪري ڏنو آهي.

”تُلسي اِس سنسار ۾ ڀانت ڀانت کي لوڪ.“ انهن ڀانت ڀانت جي لوڪن سان رلندي ملندي ۽ گهاريندي، منهنجي ڀٽڪندڙ جيو

طراوت پاتي آهي يا نه. منهنجي من جي گهوڙي کي لغام ضرور ملبو آهي. تصوف ۽ مارڪسواد، ٻنهي سان نباهڻ جو پنن ٻه اِن رول-پيپن جي آزمودن ممڪن ۽ وڌيڪ سهنجو بڻايو ٿو ڏسجي!

در حقيقت، مون هڪ ئي هنڌ، هميشه سائيءَ گهر ۾ ڦانئيڪو ٿي رهڻ پئي چاهيو آهي، مگر منهنجي تضادن ڀرئي جيوَن جو اِهو هڪ وڏو تضاد پئي رهيو آهي ته، نه چاهيندي به ڳوٺ-ڳوٺ ۽ شهر شهر ڦرڻ ۽ ان بنسبت رضا تي راضي رهڻ جو نقاب اوڍڻ ئي زندگي بڻيو رهيو آهي — سالن جا سال. اِن دؤران پڙ پيا آهن سؤڪا ۽ اؤکا سفرَ. البت اؤکن سفرن جو تعداد وڌيڪ ئي رهيو آهي.

۽ پنهنجي گهر ۾ يا ڪٿي ڪي ڏينهن گهارڻ واري هنڌ، جلد جلد ويندڙ گهر يا آفيس ۾، سدائين سائيءَ جاءِ تي وهڻ سان ڦانئيڪي ٿيڻ جو سنديش ملندو آهي؛ ٻيءَ جاءِ تي وهندي مونجهه جو عجيب احساس ٿيندو آهي!

اڪثر خانہ بدوشي يعني در بہ در رُلڻ، بي-مقصد هوندو آهي، خواه جو هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اُن سان آجيوڪا لاءِ يا مترن/مائٽن سان ملڻ جو بهانو/ڪارڻ ملي ويندو آهي؛ منهنجي تضادن ڀري، آڏن-ڦڏن لاهن چاڙهن واري خانہ بدوشي بي-مقصد صرف گهمڻ ڦرڻ لاءِ نہ رهي آهي. سانپر ۾ اچڻ کان ولي، اُن جو ڪو مقصد رهبو آهي يا ڪو مقصد ملي ويندو آهي. اُن کي ننڍو-وڏو، رواجي غير-رواجي، عام طرح اهو مقصد شخصي، انفرادي ٿيندو آهي. منهنجي خانہ بدوشيءَ جو مقصد شخصي نہ، منهنجي مجموعي زندگيءَ سان وابستہ رهبو آهي، گهٽ ۾ گهٽ پارت ۾ اچڻ بعد.

وري اِهو بہ تضاد آهي تہ ننڍپڻ جي رول-پس ۽ وڏي هوندي جي سفرن ۾ مونکي ساٿي ساڻ هوندو آهي. اِتفاق سان

يا ڪنھن لاچاريءَ ڪان، الله جي آسري سفر تي نڪرندو آھيان. آلله پنھنجيءَ جاءِ تي سُکيو وينو ھوندو آھي؛ اڪيلي سفر ۾ ڪو نه ڪو ڊپ يا انديشو، منھنجي من اَندر ڳُجھڙي ڳيڙ ڪري ويندو آھي.

پريا پنجويھ سال، لاڳيتو ”زندگي-ھڪ سفر“ يا سفرن جو اَتوٽ سلسلو بڻي، ڳھڻو تڻو سنڌي ووڪل (آوازي) ڪلچر جي حفاظت ۾ ڦھلاءَ سانگي. ۾ پنجويھن سالن جي اِن ”زندگي-ھڪ سفر“ جي ساندھ ساٿي رھي ڪماري يڳونتي ناواڻي.

ھوءَ اڃا سنڌي ڪوئل نه بڻي ھئي. ھوءَ لتا منگيشڪر سان ڀيٽجڻ نه لڳي ھئي. چئجي ڪٿي، ھوءَ منھنجي ڪلاڪار منڊل جي مُکيه فنڪاره به نه بڻي ھئي، تڏھن ڪان ھوءَ منھنجي ”زندگي-ھڪ سفر“ ۾ ھمسفر بڻي. ھن جي زندگي سفر ھئي يا سفر زندگي؟ خير.....

رتوڪ ڳھٽڪ جي ’آگيا‘ انوسار، اِپٽا IPTA مان ھڪ وقت مون، ايشور ناواڻيءَ، مدن جُماڻيءَ ۾ يڳونتيءَ سنڌي ڪلچرل ڪينٽر ۾ قدم رکيو ھو. ڇاڪاڻ ته ناٽڪ لاءِ ھمراھن ۾ اضافو ٿيندو رھيو، پر سنگيت ۾ لوڪو ھيمراجاڻي ئي ڪيڪيءَ جو ساٿي بڻيو. ڪلاڪار منڊل جا ناٽڪ اَنداز ۾ وڌندا رھيا ته اُنھن جا شوز به ڳھڻا ٿيندا ويا. ٻن ايڪانڪين وچ ۾ به ڪي سنڌي راڳ ماپارائيندا ھئاسين. لوڪوءَ ۾ ڪيڪيءَ جو ھڪ ھڪ سوَلو (solo) گيت ۾ بنھي جو دوگانو؛ پرسرام ضيا جو ”ساجن ۾ سجنيءَ جا خط.“

دھليءَ ۾ بمبئيءَ ۾ آل-پارٽ سنڌي ساھتيه سميلن بعد ٽيون اھڙو سميلن ۱۹۵۹ ۾ ناگپور ۾ منعقد ٿيو. اِن سميلن ۾ ٻن راتين جي ڪلچرل پروگرام ۾ پھريون پروگرام صرف ڊيليگيٽن لاءِ ھو. ڏنوتي ھال ۾ ٻئي ڏينھن جو پروگرام ڊيليگيٽن کان سواءِ آجيان سڀا جي ميمبرن ۾ عام درشڪن

ڪُلل ميدان ۾ خاص حوزيل منچ تي ٿيو. منجهو لکل ۽ هدايت ڪيل ايڪانڪي، ”گستاخي معاف“ پڙهڻ ۽ رات صرف ڊيليگيٽن اڳيان ٿيو. اُن ۾ لنڪ جو ڪردار بمبئيءَ ۽ سنڌو نگر ۾ منچ ڪرڻ وقت موهن ڪلپنا نڀايو هو. ناگپور ۾ هو اسٽيج تي اچڻ جو موڊ ناهي نه سگهيو. عين وقت تي چيائين : اداڪاري منهنجي لاءِ پڪل هئي، مگر مان اداڪاريءَ لاءِ نه آهيان. ساري، مالتي!“

شو مست ٿو آن. اهو ’لنڪ‘ جو ڪردار، مون نڀايو. مڪاني ڪلاڪارن - ڪلياڻي ۽ گروپ - به هڪ ايڪانڪي سائنٽي پروگرام ۾ پيش ڪيو. ناٽڪ طرف رواجي نظريه ۽ نئين نظريه جي فرق جي عملي قل سروپ، منهنجو ايڪانڪي ميدان ماري ويو هو - سيٽنگ، لائيٽنگ، اداڪاريءَ ۽ هدايتڪاريءَ جي نواڻ سان. رتوڪ گهٽڪ جي نظريه لکيو هو ته ”جي ليکڪ ناٽڪ کي جسم ٿو بخشي، ته هدايتڪار اُن ۾ روح ٿو ڦوڪي، ڪڏهن ڪڏهن ليکڪ جي ڊائلاگن ۾ ڦير ڦار ڪرڻ سان.“ مان ’ليکڪ-هدايتڪار‘ طور، جان پريسلليءَ جي اِن قول جو به پيروڪار رهيو آهيان ته ”ناٽڪ ريهرسل جي دؤران مڪمل ٿيندو آهي.“ ۽ انهن نه مڃيو آهي ته سائنٽي ناٽڪ جو نئون نئون منچ ڪرڻ، نئون نئون تجربو ۽ آزمودو آهي. ناگپور ۾ پهرئين ڏينهن درشڪ گهڻو نٿو شعوري هئا. هنن ۾ گهٽا ساهتڪار ۽ ساهت پريمي هئا، ڪيترا تعليمي ڪيتر سان جڙيل هئا ۽ باقي به عام جي پيٽ ۾ شامل هئا.

ٻئي ڏينهن، ڪارپردازن جي رنڌلي ۾ رولو پئجي ويو. روايتي ايڪانڪيءَ جو لنڪ-هدايتڪار، دوارڪاداس ڪلباڻي، آهيان سيا ۾ جلندي-پڇنديءَ وارو شخص هئو. هن جي راءِ ٿئي ته ٻئي ڏينهن جي پروگرام ۾ صرف هڪ ايڪانڪي پيش ڪجي، هن جو ايڪانڪي. ڪيترا ٻيا شخص منهنجي

ايڪانڪيءَ کي به پيش ڪرڻ جي حق ۾ هئا. آجيان سڀا ۾ ـ
ڏريون ٿي پيون. مون کي جو شڪ پيئي ته آجيان سڀا جي
چيئرمين چيتن واسواڻيءَ کي چيئر، ''مون ناٽڪ سان پيار ڪيو
آهي، مگر منهنجو جماعت بنديءَ ۽ اُن جي ايڪتا سان وڌيڪ
موهه آهي. اِن ڪري مان پنهنجو ايڪانڪي، اوهان چوندا ته به
پيش نه ڪندس.''

خير، منهنجو ناٽڪ نه ٿيو. ليڪن ''زندگي - هڪ سفر''
جي شروعات اِتان ٿي ٿي، عجيب نموني.

اِن ٿي، سميلن ۾ 'ايڪل-ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيا سڀا'
جوڙڻ ۽ اُن جي جوڙجڪ رٿڻ لاءِ سميلن جي صدر اين. آر. ملڪاڻيءَ
جي پرڌانپڻي هيٺ هڪ عارضي ڪاميٽي ٺاهي ويئي. سوال
اُٿيو ته اِن جو سيڪريٽري-ڪنوينر ڪير ٿئي. ڪيرت باباڻيءَ
مون کي ٿيڻ لاءِ چيو. مون چيو، ''مان ڪلاڪار منڊل جي وڌندڙ
لوڪ پريتا ڪري ايترو مشغول هوندس جو عارضي ڪاميٽيءَ جو
ڪنوينر-سيڪريٽري اسان جي ٻه-ياريءَ جي ٿي رکن اي.جي.
اُتم کي ڪيو ويو. اُتم ان ڪان ٿورو پوءِ سنڌيت جي ڪاريه
سانگي سرڪاري نوڪريءَ تان استعفا ڏني هئي.

ناگپور سميلن، رهائش ۽ کاڌي جي انتظام ڪري به ياد
رکڻ جهڙو رهيو. اهڙو تسلي بخش بندوبست ڪنهن ٻئي سميلن
۾ اتفاق سان رهيو هوندو. اِن لاءِ جس جو ڀاڱي — روچو ٿانواڻي
چيچن واسواڻي، لڇمڻداس ٻجاج، ايسر ۽ آسن ڪلياڻيءَ کا
سواءِ — ڪاڪو تلوڪچند راڳياڻي به هئو. در حقيقت جو ا
انتظام جي چارج ۾ به هو، ته بين سيني وچم ٻُنڌ به هو. پا
پاڻلي اسڪول جي اسٽاپنا ۾ به ڪاڪي جو چڱو يوگدان
ڏيو ناٿاڻي به اِن سڪول جي پرنسيپال جي حيثيت ۾، تعليم
ڪيتر سان جڙي ويو، عمر ڀر لاءِ.

چيچن ٻجاج، ايسر، آسن ۽ ڇاڇاڻيءَ کي، سميلن
ٻنهي ڏينهن جي پروگرام لاءِ، مڪاني لٽڪ هدايتڪار ڪليا

حي هوڊ راس نہ آئي هئي. مون کان اِها وسري ئي ويئي هئي، پر هنن اِها نہ وساري. سميلن کان ٻہ-ٽي مهنا پوءِ، مونکي ناگپور ۾ سنگيت ناٽڪ جا نہ پروگرام ڏيڻ لاءِ آچ ڪيائون. مون ايشور ۽ مدن سان صلاح ڪري 'ها' ڪئي. مسئلو اُٿيو تہ ڪيڪيءَ جو ساٿي گائڪ ۽ هارمونيم پليئر ڪٿان آڻجي. لوڪوُ هيمراجاڻي شادي ڪرڻ کان ٿورو پوءِ ئي راھ رباني وٺي رمندو رهيو هو. لوڪوُ سنگيتڪار، گائڪ هجڻ کانسواءِ چُست ساهت پريمي بہ هو. هن سرگم ساهت مالا لاءِ ڪي ناول/ڪهاڻيون ترجمو بہ ڪيون هيون. هئو بہ يارويس، پراڻن ڪي پنهنجو ڪرڻ وارو. ڪجھہ وقت ڪانديولي‌ءَ ۾ نہ رهيو هو. هُن ڪيڪيءَ ڪي ڪيترا ڪلام بہ سيکاريا هئا، تہ ساڻس ڪي سال سات بہ ڏنو هو. ڪيڪيءَ جي نئين گائڪ، هارمونيم پليئر جو مسئلو بہ اتفاقن حل ڪري ڏنو. مان پنهنجي ٻڪ اسٽال تي بيٺو هوس تہ هڪُ شخص، قُل سوٽ ۽ ٽاءِ ۾ ملبوُس، اچي لانگهائو ٿيو. مونکي ڏِسي بيٺو ۽ ڪيڪاريائين، ''سؤٽ، ڪر خبر.'' هوُ منهنجو سؤٽ نہ، ڳوٺائي هو. ماسٽر فتحچند. هن ماسٽر چندر جي سفارش سان HMV رڪارڊ بہ ڀريا هئا، پر پارٽ ۾ هوُ آرٽڪ ريٽ وسجڻ جي چڪرويوُھ ۾ ڦاسي ويو هو. هن ناگپور لاءِ ڪيڪيءَ جو ساٿي گائڪ ۽ هارمونيم پليئر ٿيڻ مڃيو. اُن کان اڳ هُن ريهرسل رکائي. ريهرسل جي دؤران، آل انڊيا ريڊيو جي بمبئي اسٽيشن جي پروگرام-ايگزيڪيوٽو تيجواڻيءَ نياپو موڪلي مون کي گهرايو ۽ چيو، ''پندرهن ڏينهن بعد حو ريڊيو-ويڪ ٽيڪو آهي، تنهن لاءِ ايڪانڪيءَ حو ڪانٽرئڪٽ توکي ٿا ڏيون. نئون ناٽڪ پيش ڪجو.'' نہ پڇ ڪانٽرئڪٽ فارم مون طرف وڌائي، مون کان صحي ڪرايائين. مان اُٿڻ لڳس تہ وري وهاري چيائين، ''بي هڪ ڳالھ نہ ٻڌ. مون ٻڌوني ناواڻيءَ کي تحتحي وٺرائڻي پروگرامس ۾ ٻڌو آهي. ٿن لاءِ مان خاص آڊيشن جو بندوبست

ڪندس. پڪ آتمر، پاس ٿيندي B-گريڊ ۾! پوءِ ھن ڪان بہ اِن ريڊيو پروگرام ۾ گيت ڳارائيبو. ھن آڊيشن ۾ وڃڻ لاءِ پڳونتيءَ طرفان مون ڪان 'ھا' وٺي ڇڏي. ڪِڪي بنھي ڳالھين بابت پريشان ٿي ويئي – آڊيشن ۽ ريڊيو پروگرام ۾ خاص دعوتن اڳيان ڳائڻ نِسبت. ھن جون پاپڙيون (ڪنن جون) اسٽيج تي گھڙڻ ڪان اڳ ئي ڳاڙھيون ٿي ويندڀون ھئون. منھنجي 'ھا' ڪري اچڻ بعد ھُن لاءِ منھن موڙڻ جو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. ھن من ئي من ۾ پاڻ کي حڪم جي بندي بڻائي ڇڏيو ھو. مون بنھي آڇن ـــ ايڪانڪي پيش ڪرڻ ۽ ڪڪيءَ جي آڊيشن ۾ پاس ٿيڻ ـــ کي چئلينج ڪري ورتو.

مون ماسٽر فتحچند کي چيو تہ ھُو ڪي گيت ڪِڪيءَ کي سيکاري ۽ نئون ايڪانڪي ''گھوٽ ڪنوار راضي'' لکي ورتم. ايشور، مدن، راجن ۽ گيتا چاولا تہ ريڊيو جا تسليم ٿيل ڪلاڪار ھئا، صرف رميش چاچاڻي آڊيشنڊ آرٽسٽ نہ ھو. مون حجت اُٿاري، جئن تہ ڪانٽرئڪٽ گروپ جي ناليءِ ۾ آھي، مونکي حق آھي تہ گروپ جو اَن-آڊيشنڊ (unauditioned) ڪلاڪار بہ کڻان. تيجواڻيءَ اِھا حجت قبولي. اِن وچ ۾ ڪڪي بہ آڊيشن ۾ پاس ٿي ھئي، B-ڪلاس ۾. تيجواڻيءَ مون ڪان پڇيو، ''پڳونتي ڪو ڪلام پيش ڪندي يا ڪو ھاڻوڪو گيت؟'' مون ڪڪيءَ ڪان پڇڻ ڌاران چيو، ''شاھ جو ڪلام پيش ڪندي.'' گيت اُن وقت وڏيڪ جاتل-سڃاتل ڳائڪا وشني لال جي حوالي ڪيو ويو.

تيجپال ھال جي اسٽيج تان ''گھوٽ ڪنوار راضي'' بيحد پسند ڪيو ويو. ان بعد وشنيءَ گووردن پارتيءَ جو گيت ڳاتو. اُھو بہ حاضرينن کي وڻيو. پوءِ ڪڪيءَ، فتحچند ڪان سکيل آدائي تال تي شاھ جو ڪلام پيش ڪيو : اچ ٻاروچل اچ، تنھنجو وڇوڙو تو ماري. دعوتين سان ڪچاڪچ ڀريل ھال ۾ اُھا

[illegible] ڪري ھا تہ بہ آواز ٿئي ھا! مان

حال ۾ پڇاڙيءَ واري قطار ۾ اچي ويٺو هوس. ڪلاڪ پورو ٿيو ۽ هال تاڙين سان گونجي اٿيو. تاڙين جي گونج شروع ٿيڻ سان ئي مان اسٽيج ڏانهن ڊوڙيس. پهرين قطار ۾ ويٺل پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ مون کان اڳ ئي پهچي، ڪڪيءَ جي پٺي ٺپري چئي رهيو هو، ”شاهه صاحب جي روح کي راحت پهتي هوندي، اڄ!“ ڪڪيءَ جي ماءُ، پاپي، ۽ ڪڪيءَ وٽ پهتي هئي. ملڪاڻي صاحب هن کي چيو، ”اَدي، تنهنجيءَ ڌيءُ، پيءُ-ماءُ جو ئي نه، سنڌي جاتيءَ جو شان وڌائيندي.“ ۽ رامڪرشن راهيءَ هندواسيءَ ۾ ڪڪيءَ لاءِ لکيو ته ”نئين گائڪا جو سنڌي سنگيت-جڳت ۾ پرويش ٿيو آهي.“ هن اڳ ۾ بمبئي پوٽ ڪوارٽر ۾ ڪڪيءَ جي بهري ونڻ جي ساراهه ڪئي هئي.

ڪڪيءَ پنهنجي سنگيت ياترا جو اهم ميل-جو-پٿر اجهو اِن ريت ڪاميابيءَ سان طئه ڪيو.

۽ هن جي سنگيت ياترا جو پهريون سفر شُتت پوءِ ناگپور ڏانهن ٿيو. سفر تن ڏينهن ۾ سهنجو نه هو، جو رزرويشن جي سهوليت اڃا ميسر نه ٿي هئي. جيئن تيئن ڪلاڪارن گهٽا ۽ ڪڪيءَ کي اڌ-پاسيرو ليٽڻ جي جڳهه جوڙي ڏني؛ مونکي ٻه جيوٽا ڪاٺ لاءِ هڪ ڪُنڊ ميسر ڪري ڏني. باقي ويٺا ڳالهائيندا ۽ گهيرٽ ڪائيندا هليا. ريلوي طرفان گاڏيءَ اندر ڪاڌي ڏيڻ جو انتظام به نه هو تن ڏينهن ۾.

ناگپور لاءِ نه مون نئين ايڪانڪيءَ ”مهمان“ ۾ ڪڪيءَ کي نائڪا طور نه ڪنيو. ٻيئي ايڪانڪي — ٻمي؛ **گهوٽ ڪنوار راضي ۽ مهمان** — ڪامياب ويا. ماستر فتحچند، سبڪاريندڙ ۽ ساٿي ڳائيندڙ طور ڪڪيءَ جي چڱي واهه ڪئي. پر هن جو ڪلاڪار منڊل سان ناتو، ناگپور ۾ ئي سواءِ ٿي ويو. نئين ڳالهه ڪنهن ڪاريه جي سدائتا لاءِ ڪيا ويا هئا. مون جنهن ڪرف اوت-موت جو پارو ۽ وات حرج ورتو هو، صرف

...چند لاءِ اُجورو طئہ ڪيو هو. آرگنائيزرن کي فنڊ گڏ ڪرڻ
...ءِ، دان ۾ ٽڪيٽن ڪانسواءِ هڪ ٻيو رستو بہ سجهيو. مُکيہ
آرگنائيزر سيٺ ڪرمچندَ مون کي چيو، ”مان پيگونتي ناواٽيءَ
کي سؤ روپيہ تو ڏيان، انعام طور. اُهو هوءَ اسان جي ڪاريہ کي
دان ڪري. ٻيا ڪي سڄڻ بہ منهنجو مثال وٺي روپيہ انعام طور
ڪيس ڏيندا؛ اُهي بہ دان ڪندي تہ ڪاريہ کي هٿي ملندي.“
مون سندس ڳالھ مڃي. هن سؤ رپيہ انعام ڏنو، ٻن ٻين پنجاھ
پنجاھ روپہ ڏنا. اِنهن ٻن سَوَن جي انعام تي فتحچند
مڇرجي ويو. چي، ”مان ڇاٽُو ڳائڪُ ۾ هيءَ ڪلھ جي ڇوڪري،
سا بہ مون کان سِڪندڙ، اِنعام هِن کي ڇو؟ مون کي ڇو ڪينَ؟
اوهان منهنجي بي عزتي ڪئي آهي.“ مون پڇيومانس، ”تون
انعام واريون رقمون دان ڪرين ها؟“ هن نہ پھ وراڻيو، ”انعام
ڪيئن دان ڪبو؟“ مون چيو، ”ڪڪيءَ ڪيو آهي.“ هن کي
ويسھ ڪونہ آيو. شڪر آهي، اِهو ٻئين ڏينهن جي پروگرام جي
دؤران ٿيو. پروگرام تي گذريا، پر فتحچند جي رنجش نہ
لٿي! هوُ ڪلاڪار جي مالي قدرشناسيءَ جي قحط ڪري ڪنارو
ڪري وري گوشہ نشين تي ويو. ڪاش، هوُ اڄُ تائين ڪلا جي
مَيدان ۾ موجود هجي ها!
ناگپور ۾ ڪن حلقن تي اِهو اثر وينو تہ ڪڪي سُريل
آهي، پر تال تي پوري نہ آهي. اِهو شايد اِن ڪري وينو هو
اسان جيڪو طبلچي وٺي ويا هئاسين، اُهو پروفيشنل نہ
هيڪاٽي ڏکڻ پارت جو هو. منهنجي ڪَنَ تائين ڪا شُڪر
پهچائي، جري‌پتڪا ۾ ڪلاڪ-سوا تائين صرف سنگيت
پروگرام رکيو ويو. جئن تہ فتحچند دل ئي دل ۾ ناراض
گهٽو ٽٽو ڪڪيءَ کي ئي ڳائٽو پيو. طبلچي نام ڪنيو
هو. پروگرام بعد هن ئي مون کي سمورو راز سليو. موٽ
”تون ڪڪيءَ کي بي-تالو تو سمجهين؟“

''نہ، بلڪل نہ. جيمت جڻ جنهن جي گلي ۾ ڦٽ ٿي ويو آهي. کھڙو نہ ٿال، جنهن جي سُر سان جُڙي ويو آهي. باقي اَداڪاري ئي تہ وڏا وڏا گويا بہ ٿال کان نڪري ويندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن. سنڌي لوڪ گيتن جي ادائگيءَ ۾ جهمت جي سهاري، هيءَ ڪڪي ٻڌندڙن کي جنسي جهومائيندي ا.''

ٻئي رانيون جي ناگپور ۾ هئاسين، چيچن واسواڻيءَ ۽ هن جي همراهن، ڌنوٽي هال جي گرين روم ۾ دراکشا سوڊا ائين پيئاري گويا وِسڪي پيئاري رهيا هئا. مهاراشٽر سڄو ڊراءِ هو. مون زندگيءَ ۾ وسڪي اڃا تائين نہ چکي هئي. پارٽ ۾ تہ بيئر بہ اڪئين نہ ڏٺو هو.

اُن سال، يعني ۱۹٦۰ ۾، اکل-ڀارت سنڌي ساهيہ سميلن، گانڌي ڌام ۾ ٿيو. ان ۾ باقاعدي اَکل-ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا جڙي ۽ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي اُن جو پهريون پريزيڊنٽ ۽ اُتم اُن جو پهريون جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. مون اِن سميلن ۾ شرڪت نہ ڪئي. مون اُميد رکي هئي تہ ناگپور سميلن ۾ ڪامياب ناٽڪ پيش ڪرڻ ۽ سنڌي ناٽڪ جڳت ۾ جاءِ جوڙي وٺڻ بعد، مون کي سميلن ۾ ناٽڪ پيش ڪرڻ جي دعوت ملندي. اِن وچ ۾ ڪِڪي ريڊيو سِنگر بہ بڻي هئي تہ لوڪپريتا بہ تيڻ لڳي هئي. مون هن کي بہ دعوت ملڻ جي اُميد رکي هئي. پر سميلن ۾ شرڪت نہ ڪرڻ جو ڪارڻ هرويرو اهي دعوتون 'نہ ملڻ' نہ هو. مون اسڪول مان پروگرامن سانگي گُسايو هو، ويتر مامتورا صاحب آڻ-سِڌيءَ طرح منهنجي وڌيڪ گسائڻ تي پابندي وجهي ڇڏي هئي. ماسترن-ماستريائڻين جي هڪ ميٽنگ ۾ هن چيو، ''پرلمنري امتحان ويجها آهن. پاڻ وٽ ڏڏ وديارٿي آهن، ان ڪري ڀارتين درجي کي پڙهائيندڙ ماسترن ماستريائڻين کي اسڪول کان ٻاهر جي مشغولين کي پاسيرو رکي پان وديارٿين طرف ڌيڻ کپي.'' ۽ اسڪول کان ٻاهر جون

مشغوليون صرف مون کي هيون. سميلن کان چار پنج ڏينهن اول، هري دلگير جي — آجيان سڀا جي جنرل-سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ — تار آئي. ”ڀڳونتي ناواڻيءَ کي سميلن ۾ وٺي اچ.“
اصل ’نہ‘ کان، دير بهتر. جي اها تار هفتو-ڏيڍ اڳ اچي ها، تہ مان مامتورا جو موڊ ڏسي، هن کان ٻن-ٽن ڏينهن جي موڪل منظور ڪرائي ئي وٺان ها.
مان سمجهان ٿو، مان سڀا جي پهرين ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۾ بہ نہ ڪنيو ويو هوس!
”سِنڌو ڌارا“ جي سميلن پرچي ۾، مون پنهنجي ليک ۾ آکل-ڀارت سنڌي ساهتيہ سميلن کان اڳ، پراديشڪ يا مڪاني سطح تي سميلنن ڪوٺائڻ جي تجويز ڏني هئي، جئن ايڪتا جي ڀاونا مڪانيءَ پراديشڪ سطح تي پڪي پختي ٿئيءَ آکل-ڀارت سطح واري سميلن ۾ خيالن جي ڏي-وٺءَ مسئلن جي چنڊ چاڻ بهتر ٿئي. مون اُن ئي ليک ۾ چيٽي چنڊ کي ”سنڌيت ڏينهن“ ڪري ملهائڻ جي ڀلامڻ بہ ڪئي هئي.
گانڌي ڌام سميلن ۾، چيٽي چنڊ ”سنڌيت ڏينهن“ ڪري ملهائڻ جو ذڪر نڪتو، پر اُهڙو نهراءُ سڀا جي باقاعدي نحي وڃڻ بعد، سڀا جي دهليءَ واري ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۾ پاس ڪيو ويو. اِن وچ ۾ ١٩٦١ جو چيٽي چنڊ تي گذريو هو.
ان مهل تائين، چيٽي چنڊ وِڪرم سنبت اُنوسار، نئين سال جو پهريون ڏينهن ڪري ملهائبو هوءَ نئين سال جي شُڀ ڪامنائن جي اوٽ-موٽ ٿيندي هئي. گهڻا سنڌي واپاري اِن ڏينهن کان حساب ڪتاب جا نوان چوپڙا رکندا هئا. سنڌ ۾ ڌرمي لحاظ کان، هندن ۾ مکيہ بہ فرقا هئا — ڏهن گرن کي مڃيندڙ سِکَ ءَ لال سائينءَ جا اُپاسڪ. اِهي لال جا شيوڪ، جند ۾ بہ چيٽي چنڊ کي نئين سال جي پهرئين ڏينهن کان سوا اُڏيري لال جو جنم ڏِن طور بہ وڏو-ڏينهن ڪري ملهائيندا هئا

”نہ، بلڪل نہ. جيمت جڻ ھنجي گلي ۾ ڦِٽ ٿي ويو آھي. ڪھڙو بہ ٿال، ھنجي سُر سان جُڙي ويو آھي. باقي اَدائي ٿي تہ وڏا وڏا گويا بہ ٿال کان نڪري ويندا آھن، ڪڏھن ڪڏھن. سنڌي لوڪ گيتن جي ادائگيءَ ۾ جيمت جي سھاري، ھيءَ ڪڪي ٻڌندڙن کي ھنسي جھُومائيندي.“

ٻئي راتيون جي ناگپور ۾ ھئاسين، چيچن واسواڻيءَ ۽ ھن جي ھمراھن، ڏنوڻي ھال جي گرين روم ۾ دراڪشا سوڊا ائين پيئاري گويا وِسڪي پيئاري رھيا ھئا. مھاراشٽر سڄو دراءِ ھو. مون زندگيءَ ۾ وسڪي اڃا تائين نہ چکي ھئي. پارٽ ۾ تہ بيئر بہ اڪئين نہ ڏٺو ھو.

اُن سال، يعني ۱۹٦۰ ۾، اکِل-ڀارت سنڌي ساھيہ سميلن، گانڌي ڌام ۾ ٿيو. ان ۾ باقاعدي آکِل-ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساھتيہ سڀا جڙي ۽ پروفيسر منگھارام ملڪاڻي اُن جو پھريون پريزيڊنٽ ۽ اُتم اُن جو پھريون جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. مون اِن سميلن ۾ شرڪت نہ ڪئي. مون اُميد رکي ھئي تہ ناگپور سميلن ۾ ڪامياب ناٽڪ پيش ڪرڻ ۽ سنڌي ناٽڪ جڳت ۾ جاءِ جوڙي وٺڻ بعد، مون کي سميلن ۾ ناٽڪ پيش ڪرڻ جي دعوت ملندي. اِن وچ ۾ ڪِڪي ريڊيو سِنگر بہ بڻي ھئي تہ لوڪپريہ بہ ٿيڻ لڳي ھئي. مون ھن کي بہ دعوت ملڻ جي اُميد رکي ھئي. پر سميلن ۾ شرڪت نہ ڪرڻ جو ڪارڻ ھرويرو اھي دعوتون ’نہ ملڻ‘ نہ ھو. مون اسڪول مان پروگرامن سانگي گُسايو ھو، ويتر مامتورا صاحب اَڻ-سِڌيءَ طرح منھنجي وڌيڪ گسائڻ تي پابندي وجھي ڇڏي ھئي. ماسترن-ماسترياڻين جي ھڪ ميٽنگ ۾ ھن چيو، ”پرلمنري امتحان ويجھا آھن. پاڻ وٽ ڏڏ وديارٿي آھن، ان ڪري پارنھين درجي کي پڙھائيندڙ ماسترن ماسترياڻين کي اسڪول کان ٻاھر جي مشغولين کي پاسيرو رکي سمورو ڌيان وديارٿين طرف ڏيڻ کپي.“ ۽ اسڪول کان ٻاھر جون

...غوليون صرف مون کي هيون. سميلن کان چار پنج ڏينهن
...، هري دلگير جي — آجيان سڀا جي جنرل-سيڪريٽريءَ جي
...يثيت ۾ — تار آئي. ''يڳونتي ناواڻيءَ کي سميلن ۾ وٺي اچ.''
اصل 'نه' کان، دير بهتر. جي اها تار هفتو-ڏيڍ اڳ به
...ڳ اچي ها، نه مان مامتورا جو موڊ ڏسي، هن کان ٻن-ٽن
...ڏينهن جي موڪل منظور ڪرائي ٿي وٺان ها.
مان سمجهان ٿو، مان سڀا جي پهرين ڪاروباري ڪاميٽيءَ
...تي به نه ڪنيو ويو هوس!
''سِنڌو ڌارا'' جي سميلن پرچي ۾، مون پنهنجي ليک ۾
...آکِل-ڀارت سنڌي ساهتيه سميلن کان اڳ، پراديشِڪ يا مڪاني
سطح تي سميلنن ڪوٺائڻ جي تجويز ڏني هئي، جئن ايڪتا
...جي ڀاونا مڪاني ۽ پراديشِڪ سطح تي پڪي پختي ٿئي ۽
...ڪِل-ڀارت سطح واري سميلن ۾ خيالن جي ڏي-وٺ ۽ مسئلن
...جي ڇنڊ ڇاڻ بهتر ٿئي. مون اُن ئي ليک ۾ چيٽي چنڊ کي
''سنڌيت ڏينهن'' ڪري ملهائڻ جي ڀلامڻ به ڪئي هئي.
ڳانڌي ڌام سميلن ۾، چيٽي چنڊ ''سنڌيت ڏينهن'' ڪري
ملهائڻ جو ذڪر نڪتو، پر آهڙو نهراءُ سڀا جي باقاعدي نهي
...ڇڻ بعد، سڀا جي دهليءَ واري ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۾ پاس
ڪيو ويو. اِن وچ ۾ ۱۹۶۱ جو چيٽي چنڊ تي گذريو هو.
ان مهل تائين، چيٽي چنڊ وِڪرم سنبت آنوسار، نئين سال
جو پهريون ڏينهن ڪري ملهائبو هو ۽ نئين سال جي شُ...
ڪامنائن جي اوت-موت ٿيندي هئي. گهڻا سنڌي واپاري اِن...
ڏينهن کان حساب ڪتاب جا نوان چوپڙا رکندا هئا. سنڌ...
ڌرمي لحاظ کان، هندن ۾ مکيه ٻه فرقا هئا — ڏهن گرن ک...
مڃيندڙ سِکَ ۽ لال سائينءَ جا اُپاسڪ. اِهي لال جا شيوڪ، ...
۾ به چيٽي چنڊ کي نئين سال جي پهرئين ڏينهن کان...
وڏو-ڏينهن ڪري ملهائيندا...
لال جو جنم ڏِن طور به...

پروفسر رام پنجواڻي، جهولي لال کي سنڌين جو اِشٽ ديو، سنڌين ۾ ايڪتا جو نشان ٻڌايو ۽ هڪ قسم جو منتر-نعرو ڏنو ”جهولي لال، بيڙا ئي پار“. سنڌي سنسڪرتي يعني سنڌين جي سمورين خصوصيتن، ادي جنمل جنهن کي ”سنڌيت“ سڏيو، تنهن جي حفاظت، پرورش ۽ ڦهلاءُ جو نشان، سنڌيت ڏيڻهن، سنڌي ٻولي ۽ ساهت سيا ٻڌايو ۽ مڃايو. سيا جو اِهو وڙ-شرف مڃڻ مراد آهي. چيتي چنڊ جي ميلن جو انداز، مقدار ۽ محتو، اُن بعد ئي وڌيو، اج توڻي وڌندو رهيو آهي.

پنجواڻي صاحب نه صرف جهولي لال جي ميلن کي اوج ڏني، بلڪ ڪنوررام جي ورسيُن کي ساروَجنڪ روپ ڏيڻ ۾ به چڱو يوگدان ڏنو. ڀڳت ڪَنوَر، پنهنجي جيئري ’ڪنور‘ ئي رهيو. نه ڄڻ پاڻ کي ’ڪنور رام‘ سڏايو، نه ڪن کي ڪنهن سڏيو. پارت ۾ به، ساهتيه اڪادمي اسام ڪنندڙ ڪتاب جو عنوان صرف ”ڪنوَر“ آهي، ”ڪنور رام“ نه. ميلن مڃائيندڙن هن کي ’ڪنوررام‘ نه ڪونيو ته اُگهيان ”اَمر شهيد“ ۽ پنيان ”صاحب“ جي صفت به جوڙي. ڪنور، ڪنور ئي آهي ۽ ڀڳت ڪنور ته سڄي صدي سنڌيت جو عيوضي ڪردار آهي. شروع شروع ۾ ڪنور - ڪنور رام جا - به ميلا لڳندا هئا – اجمير ۾ ۽ ناگپور ۾. انهن ميلن جون تاريخون ساڳيون نه، هڪ ٻئي پنيان هيون! ان ڪري پنجواڻي صاحب پنهي ميلن ۾ موڙ مڃائيندو هو، ڪنور رام جيان چير ۽ جامو پائي. ميلن جو اَندار وڌڻ لڳو. جڏهن ته ۱۹۲۹ ۾ ڪنور رام جي شهادت ڏسهڙي ۽ ڏياريءَ وچهر ٿي هئي، ته ورسين جا ميلا به اِن عرصي اندر الڳ الڳ تِٿِيُن- تاريخن تي ٿيڻ لڳا، جيئن مڪيه ڳائڪن ۽ ڀڳتن جي ميلي ۾ شرڪت ممڪن ٿي سگهي. پنجواڻي صاحب کي هر ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ملڻ لڳي. ۽ جڏهن نه پنجواڻي صاحب ’نِهڻ‘ ڪرڻ نه سڪو هو، ’ها‘ ڪرڻ بعد اِن ’ها‘ سان نباهڻ جي

تيڻ لڳو.

كذهن ’ها‘ مان ڦري اڪثر ’ناممڪن‘

جو پنجواڻي

۱۹٦۱ جي ناگپور ورسيءَ ۾ ٻه هفتا پيا هئا،

لاچاري ميلي جي ڪارپردازن تائين پهچائي.

حب پنهنجي واسواڻيءَ تي زوربار آندو

رپرداز پريشان تي ويا. هنن چيچن

هوُ مون کي ميلي ۾ ٻن راتين لاءِ صرف سنگيت ڏيڻ لاءِ

چائي. ۽ چيچن مون تي زوربار آندو ئي. هن جو ٻيو به مقصد

و اِن ۾. ناگپور ميلي ۾ منهنجي گروپ جي ڪاميابي، مون

ي ساري ڀارت ۾ لوڪپريتا جا دروازا کولي ڏيندي. پر ڪاميابي

ُشتري چيز نه هئي. سڄي وِدرڀ جا سنڌي اِن ميلي ۾ شريڪ

تيندا هئا، ۽ ميلو ڏيئن برڻ جي محل کان وٺي سڄ اُڀرڻ

تائين هلندو هو. مکيه ڪلاڪار يا گروپ کي اِهو ميلو ٻارنهين

۽ تي-ٻجي رات وچ ۾ جهلڻو پوندو هو. ڏهن-ٻارنهن هزارن

ٻڌندڙن کي، ٻه ڪلاڪ جهلي وهارڻ ئي مقبوليت جو ثبوت هو!

اُن وقت تائين ٻه ڪلاڪار ئي ميلي ۾ مقبوليت جي چوٽيءَ تي

هئا - هڪ پنجواڻي صاحب ۽ ٻيو غير-سنڌي هندي ڪتاواچڪ

۽ گائڪ، جگن‌ناٿ پهاڙي. ۽ شروعات ۾ مليل ٻُڌندڙن جي انداز

۾ ڪوتاهي، ناڪاميابيءَ جو اُهڃاڻ ليکيو ويندو هو.

انهن حقيقتن جي سُڌِ مون کي پوءِ پيئي. مون کي نه

چيچن جي دعوتي خط ئي منجهائي ڇڏيو هو. ھُن لکيو هو،

”هيءَ مردن جو ميدان آهي. ڪکي ڀڳونتي ناواڻيءَ اَڪيليءَ

جي جاءِ نه آهي. ڪو سٺو-پرو مرد-ڪلاڪار به آڻجو. پوري

تياري ڪري اچجو. پر اچجو ضرور. اسان جي عزت جو سوال

آهي. مون ۽ منهنجي همراهن اوهان طرفان ڪارپردازن کي پڪ

ڏيئي ڇڏي آهي.“

مان خط پڙهي سراپجي ويس. ايشور، مدن، رميش

اڳيان صلاح ڪيم؛ هوُ به چڙکي ويا. جند ڪڍ نه جند

ڪاماب سميلن ڪيو

ساهتيہ ۽ تعليم کي اوچ ڏني هئي ۽ منهنجا خبرخواه هئا —
کي ناراض ڪرڻ ڏکيو هو ۽ اُن کان وڌيڪ ڏکيو هو ڪامياب
پروگرام ڏيڻ.

مان ششوپنج ۾ پئجي ويس، ۽ فيصلو ڏينهن-آڌ ۾
ڪرڻو هو — پنهنجي خواه ڪارپردازن جي لحاظ کان.

ڪيڪيءَ سان ڳالھ نہ ڪيم، پر شڪ هن کي پئجي ئي
ويئي. اڪيلائيءَ ۾ چيائين، ”اوهان جي دوستن اوهان طرفان
پڪ ڏني آهي، هاڻي ڪترائيندا ڇيڻ؟ اوهان للڪار کان لاڻار
ڪرڻ تي جيريل آهيو سڃين؟ مون تي هنن جو ڀروسو آهي ٻہ،
ناهي ٻہ. پر هُنن جو اوهان ۾ تہ پورن ڀروسو آهي. پروگرام
ڪٽڻ کپي. هڪ ڳائڪ ڇوڪري جو ڏس مان تي ڏيانوءِ تازو
ريڊيو تي هنجي ۽ منهنجي رڪارڊنگ گڏ هئي. نالو سترام
روهڙا اٿس. موتي پرڪاش جي اسڪول ۾ پڙهندو آهي. سادو
سُودو مگر هُنٽهار ڳائڪ آهي. ڪريو توڪل، ٿيندا ڀيڙا پار!“ ۽
لوڪپريہ ٿيندڙ مُرڪ مُرڪي چيائين: ”نہ؟“ مون توڪل جو
تُرهو ٻڌو. مدن جُماڻيءَ منهنجو ڪي.سي.موهن (موهن ڇابڙيا)
۽ ڀڳوان چاولا ڏانهن ڌيان ڇڪايو. موهن مڪمل سهڪار جي
خاطري ڏني ۽ هن معرفت ڀڳوان راضي ٿيو. موتيءَ سترام ميسر
ڪري ڏنو. سترام وري پنهنجو دوست رتيشور آندو، هارمونيم
سميت. ڪڪيءَ جي پيٽوئي، ٻگلو (ڀڳوان) ميرچنداڻيءَ چيو،
”مالهي صاحب، هڪ ڊانسر ڇوڪرو کپيوَ؟ آهي ننڍڙو، پر
لچڪ واھ جي اٿس!“ مون چيو ”ماشا الله.“ مشڪل آسان ٿي
ويئي، توڪل جي تُرهي ٻڌڻ سان!

مون اِهو طئہ ڪري ڇڏيو تہ مان سنگيت ڪيتر ۾ گهران
تو تہ اُن مان ڪو مقصد سِڌ ٿيڻ کپي. استيج تي سنگيت
صرف ڀڄنن ۽ ڪلامن تائين محدود ٿيڻ نہ کپي. ان کي ڀِننا ۽
وشالتا ملڻ کپي. زندگي ۽ سنگيت وچم سنڌ واضع ٿيڻ کپي،

وري ڳڻاڳونيت، وئرائٽي !

منهنجي ذهن ۾ ويجيتزائيءَ ۾ ئي گڏريل هڪ ڪلچرل
پروگرام تازو ٿي ويو. نيشنل ڪاليج ۾ ڪماري پوپٽي
هيرانندائيءَ سنگيت روپڪ ''سنڌي شادي'' منچ تي پيش ڪيو
هو. ان جي تياري ڪندي پوپٽيءَ مون کان پڇيو هو، ''پيگونتي
ساکيون ۽ لاڏا ڳائيندي؟'' مون نه پڇ ورائيو هو، ''ڇو ڪين
ڳائيندي؟'' سنڌي شاديءَ جي پس منظر ۾ هن ساکيون پيش
ڪيون هيون. مردانو آواز هن پاڻ ڏنو هو ۽ زنانو ڪيڪيءَ.
ڪيڪيءَ تورا لاڏا به ڳاتا هئا. مون اُهي لاڏا ۽ ساکيون ناگپور
پروگرام ۾ ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو. اهو به طئه ڪري ورتم
ته پروگرام ۾ سولو-گيت ڪلام هوندا، دوڳانا هوندا ۽ ڪورس
گيت هوندا. ڪورس گيت اِپٽا (IPTA) جي طور طريقي تي
هوندا. ناٽڪ کي الوداع ڪرڻ جو ويچار سپني ۾ به مونکي اُن
وقت نه آيو هو. ناٽڪ به تيندا رهندا، پنهنجي سِر؛ يا وئرائٽي
پروگرامن جو حصو بڻجي.

ڪي.جي.ڪلناڻي هاءِ اسڪول، دادر، ۾ ريهرسل شروع ٿي
ويئي. ڪڪيءَ ۽ سترام کي ڪرشن راهيءَ جا ڏوهيڙا ڏنم-
''سنڌ ۽ سنڌي.'' انهن کي بنا تال، سُر ۾ ڳائڻ جو طريقو
راهيءَ پاڻ هنن کي سيکاريو. پڇاڙيءَ واري ڏوهيري کي مون
بنجي واتان ڳارائڻ جي صلاح ڏني. پيگوان چاولا کي مکيه ٽائڪ
ڪري، منکي سان گروپ جي وچ ۾ وهارڻ جو فيصلو به ڪيم،
پيگوان وٽ به اُن وقت جي لحاظ کان چڱو مصالحو هو. سالن جا
سال شيوي رامنائيءَ سان رهيو هو. مون ريهرسل ۾ ساکيون بڌيون
ته چيُم، ''پوئينءَ سٽ جي پوئين اڌ کي تال ڏجي ته جيڪر
ڪيئن لڳي؟'' سچ پچ اهو تال سوني تي سُهاڳو ٿي پيو! موهن
نديڙي ڊانسر نينگر رميش ميرچندانيءَ ''ءِ صلاح ڏني ته هن کي
پيش ڪجي. هن جي لچڪ ڏيڪ به زناني

هئي. موهن هن کي شاهه جي بن ڪلامن ۽ بن لاڏن تي ڊانس ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو. رميش ماماڻيءَ ريهرسل جي دوران ٻڌ چيو، ”مَنَ ڪبوتر شليءَ طرح ٻائي ڄاڻان.“ اُمالڪ منڪو ڪٽي وينو. مون کي ڇَڇيو. سترام ڏکڙ شڻا وڃائيندو هو. ناگپور پروگرامن لاءِ ڏوڪڙي هن کي ڪموسين.

پروگرام ٻن ڏينهن لاءِ قبوليا هئا، تياري ٽن ڏينهن جي پروگرامن جي ڪري وياسين. اِهو به طئہ ڪيوسين تہ اسمن حي چونڊ ۽ پيش ڪرڻ جي محل، مان فيصل ڪندس، ڪامينٽري موهن ڇابڙيا جي رهندي.

اِنڊين پيپلس ٿئيٽر آئسوسيشن (IPTA) جي مطارڻين، آر.ايم. سنگهہ ۽ ڪانوُ گهوش کان پرايل سکيا — ”هر اسٽيج پروگرام کي هوم-وَرڪ، ريهرسل جي ضرورت پوندي آهي، پل تہ ساڳيا ناٽڪ ۽ ساڳيا سنگيت اِسر هجن، ريهرسل اِز اي مَست،“ — تي مان مُنڍ کان ئي محڪم رهيُس. مدن، ايشور ۽ ڪڪيءَ بہ IPTA مان اچڻ ڪري، سنڌي ناٽڪ سنگيت ڪيترن ٻڌ، ريهرسل بابت مون کي ازحد سات ۽ سهڪار ڏنو. موهن ڇابڙيا بہ ريهرسل جي اهميت کي سمجهيو ۽ مڪمل سهڪار ڪيو. پروگرام کان اڳ، اُن جي ريهرسل ڪرڻ جي ريت بہ ناگپور پروگرامن ٻڌ جڙي. ڏينهن جو ريهرسل ۽ رات جو پروگرام، هڪ دستور بڻجي پيو.

مان ڪلاڪارن جو ڪلڪ ساڻ ڪري ناگپور پهتس. ريگيولر ڪلاڪارن مان ناٽڪ ڪلاڪار مدن، راجن ۽ گيتا نہ هليا. اسٽيشن تي لهندي ئي چيچن واسواڻيءَ ڀاسيرو ڪري چيو، ”وَرسيءَ ٻڌ اوهان جو پروگرام رات جو يارنهين کان هڪ تائين آهي، رعايت طور. اُن کان اڳ تہ رواجي سيڪڙائن ڪلاڪار ڳائيندا آهن. ان کان اڳ ڏرمشالا جي ٽيريس تي ڇهن کان الين بجي تائين، سؤ ڏيڍسو اص دعوتين لاءِ اوهانجو پروگرام طئہ ڪيو آهي.“

مان من ئي من ۾ باھوڙجي ويس؛ جيءَ ۾ آيم تہ چئي ڏيانس : اوھان ڪير ٿيندا آھيو اسان مٿان فيصلا مڙھڻ وارا.... ڪڪيءَ منھنجي من جي حالت ڀانپي مونکي چپ رھڻ جو اشارو ڪيو. مان غم کائي ويس. موھن کي ٻڌايم. چيائين، ”مالھي صاحب! ٻنھي پروگرامن کي منھن ڏينداسين.“

موھن محل جو ماڻھو ھو، ھر طرح. اسان انين ٻجي صبوح ڏاري رھائش جي جڳھ، ڇيڄن جي بنگلي تي پھتاسين ۽ ٻارنھين ڪان منجھند جو ٻين ٻجي تائين باجو، طبلا، گھنگھروُ ۽ آواز گونجندا رھيا. مون ٽن ڏينھن لاءِ تيار ڪيل اسمن مان ٻن ڪلاڪن لاءِ چونڊ گوناگون اِسم چونڊيا.

شام جو سوائين ڇھين ٻجي پروگرام شروع ڪيوسين. مون اسمن جي نمبروار لسٽ ناھي موھن جي ھٿ ۾ پھرين ئي ٿمائي ڇڏي ھئي. مان اسٽيج جي پرينءَ ڪُنڊ ۾ ويٺو پھرئين امتحان جو نتيجو جاچڻ لڳس، ڌڙڪندڙ دل سان. ٻہ سؤ کن درشڪ ھئا، آڌ ڪان وڌيڪ اڳ نہ ڏٺل. آڌ ڪلاڪ اندر سامت جو ساھ کنيُم. ڪلاڪارن جي صداقت، محنت، لگن ۽ ٽيم وَرڪ ميدان ماري ورتو ھو. درشڪ ٻن ڪلاڪن جي لاڳيتي پروگرام بعد بہ اُتساھ سان وڌيڪ پروگرام لاءِ ترسيا. مون موھن کي ”جھولي لال“ چوائڻ جو اشارو ڪيو. اِھو اڳ ئي طئہ ڪيو ھئوسين تہ ھر پروگرام پنجواڻي صاحب جي ترانی ”جھولي جھولي جھولي لال“ سان پورو ڪنداسين. اِھو پروگرام جي پوري ٽيڙ جو اُھڃاڻ-چِناءُ ٻڌجي پيو، اڳتي ھلي. ڇيڄن کي ان جي ريھرسل ۾ جاڻ پيئي ھئي. چيائين، ”پروگرام جاري رکو، ناميارا شخص ۽ سندن استريون آھن. اُھي ورسيءَ ۾ ايندا ئي نہ آھن....“ مون چيومانس، ”ميلو متل ڇڏڻ کپي ۽ سنگيت جي اُڇ آڌوري، پوري ٽيڙ کپي. ٽنھن سواءِ مکيہ پروگرام لاءِ ويساھي ۽ ڳلن کي آرام کپي.“

وچ وارا ڪڏڪ وري به ڇبڇن جي ٿهر موٽي آياسين.
اوچتو بوٽل ۾ ٽٽس اچي ويا ڪمري ۾. ڇبڇن مون وٽ آيو،
ڳويا ڪن ۾ چيائين، 'مالڪي صاحب، مردانو مبلو مرداني نموني
نباهڻ ڪيي. ڳوئيا به پي ڪريءَ ڳائيندا آهن. ڇڪڙي تون به وٽ،
ڪڏڪارن کي به ونڊاءِ. ڪڪيءَ کي نه برئنڊي ڏري ڏي. پوءِ
ميدان ۾ ڏلي ڏس رنگيءَ جا رنگ!''

مان رنگيءَ جي رنگن ڏسڻ لاءِ پاڻ کي مجائي تي سگهيس،
پر دارونءَ جا رنگ ڏسڻ لاءِ پاڻ کي مجائڻ چاهيم ٿي ڪونه.
ڏاڍيان چيم، ''سيني کي چانهه جي هڪ هڪ پيالي پيئار. پوءِ
هلي ڏسج چانهه جي اثر جو رنگ. مون پاڻ سان ڳوئيا ڪونه
آندا آهن. آڻيا ها، ته هنن کي به پروگرام کان اڳ پيئڻ نه
ڏيان ها.''

ساڍي ڏهين بجي نئين سر تيار ٿي اچي ميدان ۾
پهتاسين. ٻڌندڙن جي انداز بابت منهنجو اندازو هو ته چار
پنج هزار ٿيندا. ظاهر هو ته ماڻهن جو ڪڏڪار منڊل جي
'ڪنڪ ڪلاڪارن' ۾ 'هڪ' پنجواڻيءَ جهڙو وشواس نه هو.

ڪنور رام جي آدم قد کان به شاهي پتلي اڳيان هڪ ٻئي
پنيان، هٿ جوڙي ٻمندا ڪافي لنبي-چوڙي اسٽيج طرف
وڌياسين. مان منچ جي ٻرينءَ ڪنڊ وٽ ويهي ويس. مون
پروگرام جي ترتيب وارو ڪاغذ موهن کي اڳ ئي ڏيئي ڇڏيو
جو جيترا سارا ڪڏڪار هڪ ئي وقت ناگپور ميلي ۾ اسٽيج تي
پهريون دفعو آيا هئا. ۽ پهريون دفعو ڪو اناؤنسر به آيو هو،
اسم ۽ ڪڏڪار جي، ناٽڪي آندار ۾، واقفيت ڏيڻ ۽ مذاقي
ڳالهه ٻڌائڻ وارو. ڳوان ڇاوا پهريون ڀڄن شروع ڪيو: آيس
ڪج ڇٽڙ داتا ڪورس سان. اُن بعد ڳوئنتيءَ جو سولو (solo)
جو عشڪي تي ''من ڪبوتر'' ۽ سولو/ڪورس ڳوان جو.
پهريون سوپرائيز اسم – رمش مرچنداڻي، زناني

ڊريس ۾ (جن کي آنڌو جنجي رواجي ڊريس ۾ هو، اسٽيج پنيان
ڪناتن جي گرين روم ۾ ڊريس بدلائي وينو هو). موهن ڪڙاڪيدار
بيس (bass) آواز ۾ چيو، ''ڪُماري رموا ميرچندائي، نرتيه ڪندي،
شاهه جي ڪلام تي : پيرين پونديسان، پونديسان. ڪلام پيش
ڪندي ڪماري ڀڳونتي ناواڻي. ته پيش آهي، ڪُماري رموا
ميرچندائي...''

اسٽيج جي هڪ پاسي هارمونيم پليئر، اشوڪ، وچ ۾
ڀڳونتي ۽ پاسي ۾ سترام ڍڪڻ تي، ۽ شاهي اسٽيج تي
نرتڪي. درشڪ ڇهه-ست هزار تي ويا هئا. پنج گيت، هڪ
نرتيه. وچ وچ ۾ ڪامينٽري ۽ ٽوٽڪا. تي اهڙا چڪر ڏنا ته به
ڪلاڪ پورا تي ويا. نه اسان کي سُڌِ پيئي، نه ٻُڌندڙن-ڏسندڙن
ي.

چڙڏاري 'واهه واهه' پئجي ويئي. ناگپور ۾ منهنجا همراهه
ميلي جا ڪارپرداز خوشيءَ وچان ڦوليا نٿي سمايا. سيني کان
ڪ سرهو ڇيڇن هئو، وڏي ڪيپ جو ڪٿي هئائين!
گير پڇندي ڇيڇن چيو، ''هاڻ ته ڪاميابي ڇڪڙيءَ
ملهائڻ کپي.'' داروبنديءَ جي زماني ۾ ڇڪڙيءَ جو
ي اسان مان هڪ به نه هو. ذري گهٽ مون جهڙا هئا، جن
ن چکيو به نه هو. مون ڇيڇن کي چيو، ''بين کي ڇڏي تا
هو پل ماني کائي سمهي پون. رات گاڏيءَ ۾ پوري ننڊ
ن به نه ڪئي آهي. توهان مان تا هڪ ٻئي سان نباهيون.''
اسان اڳئين ڏينهن منجهند جو ناگپور ايڪسپريس ۾ V.T
ڙهيا هئاسين. وينا به سوڙهه-سنگوڙ ۾ هئاسين. رات جو
ڪڪيءَ کي ڪُروندڙو تي سمهڻ جي جڳهه ناهي ڏني
. مان ته رات ڀر هڪ ڪنڊ ۾ وينو هوس ۽ ٻيڙيءَ متان
ڪي هئم ۽ وچ وچ تي جهوٽا کاڌا هئم. باقي ٻيا ته گويا
متان ليٽيا هئا، جڻ!

مان سمجهيان ٿو، ايئور ناواٽيءَ اسان سان داروں پيئڻ ۾ ساٿ ڏنو هو، ٻن ننڍن پيگن سان. مون پهريون ڇوٿو پيگ کوڙي دوا ڪري پيتو. منهنجو اعتبار هجي ها ته اڌ ۾ ڇڏي ڏيان ها. ٻيون پيگ پيئڻ زوريءَ ڏنو : ”شِوَ جي سوائيءَ بنا ڪم نه هلندو“ هن چيو. ڳن پاڻ ڍوَ تي پيتو. حتي ٻن ننڍن پيگن سان منهنجي زبان لڙڪڙائڻ لڳي هئي ۽ متو به ياري-ياري پاسڻ لڳو هو، تني پيئڻ سان ڇيڇن ۾ چستي وڌندي رهي هئي. پنهنجي، همراهن، بانيڪارن ۽ درشڪن لاءِ ڳالهائيندو رهيو، ايڪسپريس گاڏيءَ جي رفتار سان. هڪ ٻي ڳالهه به جاچيم. رواجي طرح ڇيڇن جي زبان ۾ اٽڪ طاهر ٿي ٿي، ڳالهايائين به رکي رکي پئي، جملن ۾ رنڊڪ پئي پيئي. هاڻ ته لس ئي لس، بنا رُڪاوٽ جي پئي ڳالهايائين! مون دل ئي دل ۾ چيو : رنگيءَ جا رنگ واقعي نِرالا آهن!

صبوح جو نوين-ساڍي نوين بجي، مُکيه بانيڪار هليا آيا. صرف مان پئي جاڳيس. هٽ ۾ هون هڪ شاهي هارُ. ان ڪان ننڍا هار ڳنن ميلي هلندي مونکي ۽ ٻين ڪلاڪارن کي رات پاتا هئا. اِهو شاهي هار منهنجي گلي ۾ وجهي هڪ چيو، ”حبولي لال“ ۽ ٻين ورايو ”بيڙا ئي پار“. مکيه ۾ مکيه بانيڪار سڪارام چيو، ”اُوهان کي ٽين رات پروگرام ڏيڻو پوندو. اِهو هار ڪنور رام جي گلي مان لاهي آيا آهيون. اُوهان کي اِن هار جي پتِ رکڻي پوندي.“ اِن وچ اکيون مهٽيندو ڇيڇن به هليو آيو، چوندو آيو، ”مالڪي صاحب! چئو شِوَ! اِها راتوڪي پروگرام جي پڪي ثابتي آٿو. پئنج هن پڙ ني هڪ رات پروگرام وڌائڻ لاءِ صرف پنجواٽيءَ جي رهائش واري جڳهه تي ويندا آهن، ڪنوررام جي گلي جو هار کڻي.“

مان سخت خوش هوس، اگ ٿي. ڪاميابي هڪ شخص جي نه رهي هئي، ساري گروپ جي رهي هئي. ڀڳوان ڀل ٻين

ڪان وڌيڪ ڳاتو هو، اثردار رهيو هو. ڀڳونتيءَ جي آواز ۾ ماڻهن کي موهيو هو، پوءِ ۾ تاثير گروپ جو هو. سڀ هڪ ٻئي ۽ هڪ سڀ لاءِ جي صحيح ۽ صحتمند پاونا جو هو. ننڍڙي رميش جي نرتيه، موهن جي ڪامينٽريءَ ۽ منهنجي چونڊ ۾ سڦلتا ۾ پنهنجو پنهنجو يوگدان ڏنو هو. ٽيمورڪ جو ڪرشمو هو! مونکي جماعت جي ڪرامت وڌيڪ متاثر ڪيو هو.

دال پڪوان ۾ آندا هئاسون. مٺائي ۾ آندي هئاسون ۽ منجهند جي مانيءَ بعد ڪائڻ لاءِ ميوو ۾ آندو هئاسون.

مون پڇيو، ”متڪي مان ڪيترا پيسا نڪتا؟“

سيٺ ڪرمچند، جو ميلي جو پرمک ۾ هو ته خزانچي ۾، تنهن چيو، ”ٻه هزار ٻه سؤ ايڪتيهه.“

هولارام چيو، ”رات چار هزار واهه جا ايندا!“

ڀڳت جيٺانند چيو، ”رات جو خلق ۾ ڀيٽي ايندي.“

سڪارام چيو، ”اڄ رات اوهان کي هڪ بجي رات جو بيهڻو پوندو.“

چيچن اُستاد مان چيو، ”اِها تي نه ڪم جي ڳالهه! جن پڙ تي اِها آهي ڪاميابيءَ جي اصلي ثابتي.“

ڪاميابي هڪ ٻئي پنيان ڪڻناين جو سلسلو جوڙي رهي هئي!

سيٺ ڪرمچند چيو، ”جڳننات پهاڙيءَ جو چوڻ آهي ته مالهي پارٽي ڪامياب رهي آهي، اِن ڪري ميلن جي ريت موجب اُن کي ٻئين ڏينهن منهنجي متان اچڻ کپي.“ پوءِ کلي چيائين، ”رات هن اوهان طرفان ڇڏيل ٻڌندڙن جو اڌ حصو وڃايو آهي.“

ميلي جي ريت!

هر رات پر، حلندڙ ميلي ۾ مکيه ۾ پارٽيون هونديون آهن، پارنهين کان ٽين بجي تائين. اڪثر ۾ ۾ راتيون، اُهي

ٻن ٻن ڪلاڪن جو وقت پاڻ ۾ ادلي بدلي ڪنديون آهن. هنن کان اڳ تَوَل يا ٻيٺ ناميارا ڪلاڪار هوندا آهن ۽ سندن پٺيان ڀڳتن جي ٽولي، جا سڄو اُبرڻ تائين وارو وٺندي آهي. ڀڳتُ اُهو ڪامياب، جو سڄو اُبرڻ بعد به ڀڏندڙن، مڪيه ٽولس کان ٻيٺ ٽي سچن، ڀڳت پڌڻ لاءِ شمع رکي. ميلن جي اِها ريت به پهريون دفعو ناگپور ۾ ٻڌم ۽ سمجهيم. اِن ريت سان نباهڻ جي شروعات نه اِتان شروع ٿي.

’مالحي پارٽي‘ مون کي نه آئڙي. مڪيه ڀڳت يا ڪلاڪار جي نالي پٺيان هلندڙ ٽوليءَ مان مونکي اِنفراديت جي بوءِ آئي. مون نه پهريندي ٿي سنگيت گروپ کي به نانڪ جيان ٽيم-ورڪ، مجموعي ٽولي بڻائڻ جو يتن ڪيو هو. چيم، ”ڪلاڪار منڊل ميلن جي هر ريت سان نباهيندو. البت ٽئين ڏينهن پروگرام جو فيصلو ڪلاڪارن سان صلاح ڪرڻ بعد ڪبو.“

موهن چانڊ جي پيالي سان ڪمري اندر هليو آيو. هن هار به ڏنو، ٽوڪرو نه ڏنو، پٽڙيڪا به ڏنا. بانيڪارن جي سرحائي هن کان ڳجهي نه رهي. چيائين، ”طاهر آهي، راتوڪي پروگرام مان پئنچ پرسن ٿيا آهن!“ هن خالي هٿ پٺيان ڦيرائي پنهنجي پٺي ٺپري، مذاقي موڊ جتائڻ لاءِ.

ٽئين ڏينهن جي پروگرام لاءِ ڀڳوان شروع ۾ راضي نه ٿيو. هو آفيس مان موڪل ٻن ڏينهن جي پروگرام جي لحاظ کان وٺي آيو هو.

هولارام، جو پنجواڻي صاحب جي ميزباني ڪندو هو، چيو . ”اسان ڀڳوان چاولا کي هوائي جهاز ۾ اُماڻينداسين، چوٿين ڏينهن صبح جو.“

ڀڳوان يا موهن ڪي چوي ٿي چوي، مون بي اختيار چئي ڏنو، ”مان ڪنهن نه حڪ يا ٻن ڪلاڪارن کي خاص سهوليت مسر ڪري ڏيڻ جي فائدي ۾ نه آهيان. اسان سڀ آيا به گڏ

آهيون، سڀ واپس بہ گڏ ويندا سين.'' پوءِ جڏهن ڀڳوان تي اثر وجهڻ لاءِ چيُم، ''ناموس ۽ لوڪپريتا هر ڪنهن ڪلاڪار جي پنهنجي پنهنجي يعني شخصي تي سگهي ٿي، اهميت نه ٿي- وڏي ڪلاڪار جي ساڳي هجڻ کپي. سهوليت بہ هر ڪنهن کي هڪ سريکي ملڻ کپي.''

اِن طرح ڪلاڪار منڊل جو پنهنجو اُصولي نظريو بہ پڪريندي، پهرينءَ سنگيت ياترا جي دؤران نهي ويو.

ڀڳوان ڪلاڪ ڀن کان پوءِ ٽئين ڏينهن جي پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ رضامندي ڏني. مون سندس آفيس ۾ تار ڪرائي ڇڏي.

قدرت اِها تي جو ٻيءَ رات، ڏهن هزارن کان وڌيڪ درشڪن ۾، نرتيہ ڪار رميش ميرچندائي وڌيڪ چمڪيو، اِن حقيقت جي باوجود تہ هوُ نازنين نہ، نخريلو نينگر هو. هن جي ناز وَ اَدا درشڪن کي موهي ورتو. اُن رات جو سرپرائيز اِسر رهيو 'راهيءَ جا ڏوهيڙا.' ماڻهو سُن ۾ اچي ويا! عجيب خاموشي ڇانئي رهي ڪا دير. ۽ پوءِ ڪي تاڙيون وڳيون. فرمائشون آيون، پر مون موهن کي ان جي ذڪر ڪرڻ کان بہ منع ڪري ڇڏي. متڪي ۾ بہ ساڍن ڇئن هزارن کان بہ مٿي روپيہ آيا. انهن کان سواءِ چار پنج ڪٽڪ-ڇانورن جون ڳوٽيون، ۽ ٽي وڏا دبا گيهہ (ڊالڊا يا رفائينڊ تيل) جا ڀنڊاري لاءِ ڏيڻ جا اعلان ٿيا.

ڪاميابيءَ جو هڪ وڌيڪ ثبوت مليو ٽئين ڏينهن صبوح جو، وري بہ ڇيڄن جي گهر ۾. چندواڙا جا پئنچ آيا. چيائون، ''ايندڙ گرو نانڪ جنم اُتسوَ تي ٽي راتيون پروگرام ڏيو.'' مون اِن وچ ۾ ناگپور ميلي جي اِها اهميت بہ ڀانپي هئي، تہ ٻين ننڍن ميلن ۾ ورسين لاءِ ڀڳتن/ڪلاڪارن جي چونڊ ۾ ٻولَ بہ اِتي ئي ڪئي ويندي هئي. مون ڪلاڪارن سان صلاح ڪري، ٽن

ڊينٽس لاءِ نہ، بس پروگرامن لاءِ 'ھا' ڪئي ۽ سوءَ ڀلي ساڻوس، شرح ڀلي ائڊوانس ورتو. جيڪو گويا ٻوڏ ۾ اچي ويو. چيائينس، ''مالھي صاحب! مڃو اسان کي. نہ اسين اوھانکي ھت اچڻ لاءِ زور ڀريون ھا، نہ اوھان کي ڪاميابيءَ جا سڀ ثبوت حاصل ٿين ھا.'' مون بہ ڪِلي چيو، ''مڃڻ مُراد آھي.''

ڪاميابيءَ جي قيمت ناگپور ميلي جي بانيڪارن چڪائي ورتي. ٽمنءَ رات حڳنات پھاڙي ھئو ڪوس، يا اُن رات ھن کي آرام ڏنو ويو. آسان جو پروگرام ٻارنھن ڪان ٽين بجي تائين رکيو ويو! مان اِن اُرھ زوراوريءَ تي بہ غصو پي ويس.

جيڪي جو پروگرام ڪان اڳ اِھو ئي ضد : ھر ھڪ ڪلاڪار کي جيڪو جيڪو برئنديءَ جو ضرور ڏي، گلو وڏيڪ ڳلندن.....'' ڪکيءَ تہ صاف اِنڪار ڪيو. ڀڳوان بہ ٽنائي ويو. اشوڪ پيگ-ڊيڊ وسڪيءَ جو بنا پاڻيءَ - نبت - ھڪ ئي ڍُڪ ۾ پي ويو. مان اُن ڊينٽس، نشچنت تي، سازن جي ڏن بعد ''اوم نمه ڀڳوتي....'' سلوڪ جي شورع ٿيڻ سان، منھ ڇڏي درشڪن وچ ھلبو ويس. اوچتو جيڪي ئي منھنجو ڏيان منھ طرف چڪائي چيو، ڪجھ مڙيو ئي غلط آھي!'' مان جو اسٽيج تي پھتس نہ ڀڳوان کي پريشان ڏٺم. اشوڪ پھرئين پچن— آيس تنھنجي دئار داتا .....'' تي ڀڳوان کي ھارمونيم جي متئين پڙدي تي نہ ڇڪي ويو، ھيٺ لھڻ لاءِ سُر ئي ڪِسڪي ويس! ڀڳوان ڳڀرجي ويو ھو. چيائين، ''مالھي صاحب، مون کي ساھي کڻڻ ڏيو.'' ھلندڙ پروگرام ۾ مون کي ٿڏي تي عقل اچي ويو. ڪکيءَ کي اڳيان اچڻ جو اشارو ڪري، مون پاڻ اَنائونسمينٽ ڪئي، ''ڀڳونتي اوھان اڳيان دکايل جو ڪلام پيش ڪري رھي آھي — شڏھن پتوِي ٿا ياد آيا.'' واضع ٿيو تہ ريھرسل رائج نہ ويندي آھي. جونءَ ڪکيءَ ريھرسل اڏ دزن گيتن-ڪلاس جي

ڪندي هئي. سولو ڳائڻ لاءِ. ڳائيندي به مس هئي. اُن ڏينهن هُن ڪلاڪ ساندهه مُهرو جهليو. شڪر آهي، اشوڪ جو اِن وچير نشو ٽٽي پيو ۽ پروگرام اينٽي-ڪلائيمڪس ٿيڻ کان بچيو، نئينءَ، وڏيڪ اثردار ڪلائيمڪس تي پهتو. وري به تيبر ورڪ مهل تي ٿاب پيو. اِنهن ٽن ڪلاڪن جي پروگرام ۾ ”سنڌ ۽ سنڌي“ ڏوهيڙا تي پيرا ڏيڻا پيا، ٻڌندڙن جي هر هر ۽ زوردار فرمائش ڪري. ٻڌندڙ پيري-پيري سان متاثر ٿيا ٿي. ٽيون دفعو اِهي ڏوهيڙا ڳائيندي ڪِڪي اڃي روئڻ ۾ ڇُٽڪي.

مون اُن رات اسٽيج بلڪل نه ڇڏي هئي، بيهڙي ڇِڪڻ جي سانگي به نه. چيومانس، ”تون ڳائڪا ئي نه، اداڪاره به آهين. تنهنجو ڪم آهي درشڪن کي رُئارڻ ۽ نه پاڻ رُئڻ!“ مون کي خبر هئي ته هوءَ اڳيان ويٺل ٻُڌڙن جي سُڏڪا پري رُئڻ تي پنهنجو من روڪي نه سگهي هئي.

تينءَ رات درشڪ ٻارنهن هزارن کان مٿي هئا. ٽئين حصي کان مٿي استريون هيون. بانيڪارن جي چوڻ موجب، اينتريون زالون اڳ ڪڏهن ميلي ۾ شريڪ نه ٿيون هيون. پهريون دفعو لاڏا ۽ ساڪيون منچ تان آيون هيون، لولي به هئي، هڪ، ”انصاف ڪٿي آ“ فلم جي. رميش جي نازو ادا به هئي ته پِڳوان جي لوڏ ڏوڏ به واپس آئي هئي ۽ ڪِڪيءَ به ته ناگپور ۾ حاصلي ڪئي هئي.

اڳي ئي لوڪ پريتا پنڌاري لاءِ جنس به وڏيڪ اُن ڏينهن مٿڪي ۾ روڪ ۽ ... اُن ڏينهن بانيڪارن خاص پلئہ پارائي درشڪن آئي هئي! اُن ڏينهن بانيڪارن خاص پلئہ پارائي درشڪن اڳيان اسان کي پڪو ڪيو ته اسان ايندڙ سال به ميلي ۾ پروگرام ڏينداسين. بانيڪارن ڳلن جي هارن سان ڳڏ پڪرون به پاتيون آسيس طور.

ڪنور رام جي ناگپور مان واپس موٽندي، موهن ۽ منهنجي وچير سمجهوتو ٿيو. اُتر، جلد ٿيندڙ ڀوپال سميلن ۾ ڪلچرل پروگرام

ڏيڻ لاءِ ’ڪلاڪار منڊل‘ ۽ ’لوڪ سُر‘ بنجي کي دعوت ڏني هئي. اسان وچ ۾ طئہ ٿيو تہ چڙهت جي پاونا کي روڪڻ ۽ سهڪار جي عملي راھ کي اوچ ڏيڻ لاءِ سمملن ۾ ڪلاڪار منڊل ناٽڪ ڏيندو جنهن ۾ هو اداڪاري ڪندو. سنگيت پروگرام ’لوڪ سُر‘ جو رهندو، جنهن ۾ ڪڪي-سنرام سات ڏيندا.

سنڌي ساهتڪارن ۽ ساهت پريمين، در حقيقت پارت ۾ ساهتيڪ کيتر جي پهرين سنستا، ’نئون ساهت منڊل‘— جو پوءِ ڦري ’سنڌي ساهت منڊل‘ ٿيو - انڪل ڏھ-ٻارنهن سال ڪافي چست رهيو. ادبي ڪلاس خواھ سمبلن جي روايت هند ۾ ان جاري ڪئي. مشاعرن ۽ سيمينارن سڏائڻ جي شروعات بہ ان ڪئي، سنڌي ٻوليءَ کي ائين شيڊيول ۾ درج ڪرائڻ جي تحريڪ بہ اِن شروع ڪئي. صحيح معنيٰ ۾ اِهو پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي پرڌانپٽي هيٺ سنڌي ساهتڪارن ۽ چُست ساهت پريمين جو سندر مثالي آکيڙو بڻيو رهيو. بزرگ، نؤجوان ۽ اُسرندڙ، ان جي ڇترڇايا ۾ پارت ۾ ساهت جو نُوينرماڻ ڪندا هئا. ڪلچرل کيتر، خاص طور ناٽڪ جي اوچ طرف بہ، ساهت منڊل ئي سنستائي روپ ۾ پهرين متوجھ رهيو. سنڌي ٻولي سيا جي استاپنا اُن جي اهميت تي اثر انداز ٿي. دهلي ڪنوينشن بعد تہ ان جو محتو يڃائين گهٽيو. آخر اُهو وقت بہ آيو، جو اُهو اَديبن جو آکاڙو بڻجي پيو. اَدبي تنقيد جي جڳھ آهستي آهستي شخصي واد-وواد ورتي ۽ ترقي-پسندن — غير-ترقي پسندن وچ ۾ زور آزمائي ٿي. هڪ ووٽ تان اُتم کان لوڪناٿ جيتلي جنرل- سيڪريٽري پد جيني ويو. ماں ڪلاڪار منڊل جي وڌندڙ مشغولين ڪري منڊل ۽ ادبي ڪلاس کان الڳ-ٿلڳ ٿي ويس، اِن ڇڪ تاڻ جي وايو منڊل کان اڳ. پوءِ تہ ٻيا ترقي-پسند بہ منڊل ۽ ادبي ڪلاس کان ڪناروڪشي ڪري ويا!

◻◻



◄ گوبند مالهيءَ جو
سنمان ڪندي رام جواهراڻي

◄ گوبند مالهي ـ
شريمتي لڇونتي آزاد کان
لڇرام آزاد ٽرافي وٺندي





◄ گوبند مالهي ـ ارش
سڪايل جي ڪتاب جو
مهورت ڪندي





گوبند مالهي - هڪ تقريب ۾ ڳالهائيندي ▲

گوبند مالهي - ڀِٽَ تي ڪيل سيمينار ۾ ▼






▲ گوبند مالهي – پروفيسر رام پنجواڻي ۽ پوپٽي هيرانندڻيءَ سان، هڪ سيمينار ۾



▲ گوبند مالهي – ڀڳونتي ناواڻي ۽ ساٿين سان دهليءَ ۾ پروگرام پيش ڪندي



▲ گوبند مالهي، شيخ اياز، ڊاڪٽر چاولا ۽ هشاميش بمبئي – بمبئيءَ ۾ 'شاهه-سچل-سامي سيمينار' وقت



گوبند مالحي - سي.ارٽن
۽ خٻڏبش لجالي ۽ سان



گوبند مالحي - ڪراچيءَ
۾ سچل ڪانفرنس وقت
تنوير عباسي، اياز گل،
وينا شرنگي
۽ ادل سومرو سان



گوبند مالحي - پشپا مالحيءَ
جي لڙائي ولندي
'نه آڪر' ٻالحالي رهيو آهي





گوبند مالهي-
ٻلديو مٽاڻي ۽
رام جواهراڻيءَ سان



گوبند مالهي - مشهو
ليکڪا تارا ميرچندائيءَ
جو سنمان ڪندي







گوبند مالهي - پنهنجي
ڪامريڊ دوست
ڪيرت ٻاٻاڻيءَ سان

▲ گوبند مالهي - تنوير عباسي، هري دلگير، ٺاڪر چاولا، موتيلال جوتواڻي ۽ پارو چاولا سان، ممبئيءَ ۾ ويدانت سيمينار جي موقعي تي



▲ گوبند مالهي- ڪرشن راهي، گنو سامتاڻي ۽ وينا شرنگيءَ سان، آديپور سيمينار ۾



△ گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، رام جواهراڻي ۽ رام ڪرشن راهي

گوبند مالهي- 'سپون' مخزن جو مهورت ڪندي ▽